
پهاڙي آخاڻ
(پهاڙي ٻوليءَ جا پهاڪا ۽ چوڻيون)
انجنيئر عبدالوهاب سهتو

# پهاڙي آخاڻ

(پهاڙي ٻوليءَ جا پهاڪاءِ چوڻيون)

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي
قنبر ـ 2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر جو ڪتاب نمبر 64
© ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي (رجسٽرڊ) قنبر 2020ع

**ڪتاب**: پهاڙي آکاڻ (پهاڙي ٻوليءَ جا پهاڪا ۽ چوڻيون)
**تاليف و تصنيف**: انجنيئر عبدالوهاب سهتو
**پهريون ڇاپو**: آڪٽوبر ٢٠٢٠ع
**ٽائيٽل**: عبدالمهيمن سهتو
**ڇپائيندڙ**: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر
**قيمت**: ٤٠٠ رپيا

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
**2023ع**
**www.sindhsalamat.com**

**"Paharri Aakhan: Proverbs & Sayings of Paharri language"**

**By**: Engr. Abdul Wahab Sahito

**1st Edition**: October 2020 A.D

**Published by**: Dr. Muhabbat Academy®, Kambar

**E-mail**: drmuhabbatacademy@gmail.com

**Rs. 400/-**

هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر جي چيئرمين امتياز احمد مغل، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر، پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو.

# انتساب

هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ ڊاڪٽر محمد صغير خان صاحب جو لکيل ڪتاب ”پهاڙي کهاوتين: آخاڻ“ ۽ محبت حسين اعوان جو ڪتاب ”مري ۽ گليات جي پهاڙين ۾ ڳالهايا ويندڙ آخاڻ: پهاڪا، چوڻيون ۽ محاورا“ گهڻو معاون ۽ مددگار رهيا.

جيڪڏهن اهي ٻئي ڪتاب سامهون نہ هجن ها تہ هوند هيءُ ڪتاب تيار ٿي نہ سگهي ها. جنهنڪري مان پنهنجي هيءَ ننڍڙي محنت ۽ ڪاوش، ٻنهي قابل احترام مصنفن:

١. ڊاڪٽر محمد صغير خان صاحب،

٢. محبت حسين اعوان صاحب

جن ڏانهن منسوب ڪيان ٿو.

- انجنيئر عبدالوهاب سهتو

## سنڌسلامت پاران

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري ليکڪ ۽ محقق انجنيئر عبدالوهاب سهتي جو پهاڙي ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين تي مشتمل ڪتاب ”پهاڙي آکاڻ“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

انجنيئر عبدالوهاب سهتي جِي، سنڌي ادب ۽ تحقيق جي شعبي ۾، بنيادي سڃاڻپ پهاڪن، چوڻين ۽ ورجيسن تي تسلسل سان تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي آهي، جنهن سلسلي هيٺ، سندس ١٧ ڪتاب ڇپجي، مڃتا ماڻي چڪا آهن، جڏهن تہ هُو افسانوي ادب ۾ ڪهاڻيڪار جي سڃاڻپ رکي ٿو ۽ سندس ٽي ڪهاڻين جا مجموعا پڻ ڇپيل آهن. پهاڙي ٻولي، گهڻي ڀاڱي، پاڪستاني پنجاب جي ڪجهہ علائقن سميت، آزاد ڪشمير ۽ ڀارت جي انتظام هيٺ جمون ۽ ڪشمير سوڌو هماچل پرديش ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ ڇڻ تہ ٻن ملڪن ۾ پکڙيل آهي. عبدالوهاب سهتي سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءُ ڪتاب جوڙڻ ۾، ڊاڪٽر محمد صغير خان جي ڪتاب ”پہاڑی کہاوتیں: آکان“ (٢٠٠٢ع) ۽ محبت حسين اعواڻ جي ڪتاب ”مري، گلیات ني پہاڑي بولي چ 'آکان' متان، تحکراں طہ سیانٹیان“ (٢٠٠٩ع) تان مدد ورتي آهي.

**هي ڪتاب ڊاڪٽر محبت ٻرڙو اڪيڊمي، قنبر پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون رياضت ٻرڙي ۽ انجنيئر عبدالوهاب سهتي جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.**

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


پيش لفظ ........................................................ ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو 8

رياست جمون ۽ ڪشمير جي پهاڙي ٻولي .... مهر افتخار وينس 12

سادا اکر ............................................... انجنيئر عبدالوهاب سهتو 20

**متن: پهاڙي ٻوليءَ جا پهاڪا ۽ چوڻيون**

| نمبر | داخلا | صفحو | نمبر | داخلا | صفحو | نمبر | داخلا | صفحو |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | آ | 37 | ١۴ | ح | 156 | ٢٧ | غ | 203 |
| ٢ | ا | 40 | ١۵ | خ | 158 | ٢٨ | ف | 203 |
| ٣ | ب | 65 | ١٦ | د | 160 | ٢٩ | ق | 204 |
| ۴ | بھ | 93 | ١٧ | ڈ | 169 | ٣٠ | ک | 206 |
| ۵ | پ | 93 | ١٨ | ذ | 172 | ٣١ | کھ | 226 |
| ٦ | پھ | 107 | ١٩ | ر | 172 | ٣٢ | گ | 231 |
| ٧ | ت | 109 | ٢٠ | ز | 179 | ٣٣ | گھ | 234 |
| ٨ | تھ | 117 | ٢١ | ژ | 180 | ٣۴ | ل | 234 |
| ٩ | ٹ | 119 | ٢٢ | س | 180 | ٣۵ | م | 240 |
| ١٠ | ٹھ | 122 | ٢٣ | ش | 198 | ٣٦ | ن | 252 |
| ١١ | ج | 122 | ٢۴ | ص | 200 | ٣٧ | و | 258 |
| ١٢ | چ | 147 | ٢۵ | ظ | 201 | ٣٨ | ھ | 260 |
| ١٣ | چھ | 154 | ٢٦ | ع | 202 | ٣٩ | ی | 268 |

- ڏسٽي 269

# پيش لفظ

دنيا جي سندرتا ۾ فطرت ڪيئن نہ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي! هيٺ: ميدانَ، ڏونگرَ، صحرا، جهنگَ، برپٽ، ساوڪ، سمنڊ، نديون، درياهہ ڍنڍيون وغيره، ۽ مَٿي: سج، چنڊ، تارا، کير-ڌارا، ڪهڪشائون وغيره. سڀ جي سونهن نرالي! ۽ ان سهڻي فطرت ۾، اجا سهڻو واڌارو ڪندڙ، جاندارن جي آوازن ۽ پکين جي لاتين سان گڏ، ماڻهن جون هزارين ٻوليون، ۽ انهن ٻولين جا گفتا، قصا، ڪهاڻيون، پهاڪا، چوڻيون، گيتَ ۽ گونجارون!

ميداني ۽ درياهي علائقن جي ٻولين جا مزاج پنهنجا، تہ صحرا، ڪاڇي ۽ ڪوهہ جي ٻولين جا ماڻڪ موتي ئي جدارا! ڪٿي ساڳيائپ ۾ بہ تفاوت ۽ تفرقا، تہ ڪٿي فرقن ۾ بہ هڪجهڙائيون ۽ ويجهائيون! تہ ڪٿي وري ٿورڙي مٽ سٽ سان ڳالهہ ساڳي! پر هڪ ڳالهہ يقيني، تہ دنيا جي هر ٻوليءَ جي حسناڪي پنهنجي! ان جو لب ۽ لهجو نرالو! ان جو اچار ۽ آهنگ انوکو! ان جو اقرار ۽ انڪار اثرائتو!

اسان جو ملڪ، پاڪستانُ، ٻولين جي معاملي ۾ زرخيز آهي. هِتي نہ صرف سنڌي، سرائڪي، پنجابي، پشتو، بلوچي ۽ براهوڪي جهڙيون، ملڪ جي پکيڙ ۾ ڳالهايون ويندڙ آڳاٽيون زميني ٻوليون آهن، پر هندڪو، پهاڙي، پونوهاري، بروشسڪي، ڪشميري، بَلتي، هزارگي، ڪوهستاني، گوجري، کُوار (Khowar)، شِينا، وَکِي (Wakhi)، لداخي، پوريگي، مڪراني وغيره سميت ڪيئي پياريون ٻوليون، پنهنجن علائقن ۾ وڏين ڏکيائين سان جِي رهيون آهن. انهن سيني ٻولين کي پڻ اردوءَ وانگر واڌ ويجهہ جا بهتر موقعا ملڻ گهرجن، جڏهن تہ اولين قدم طور سنڌيءَ، سرائڪيءَ، پنجابيءَ، پشتو ۽ بلوچيءَ کي قومي ٻولين جي حيثيت پڻ ملڻ گهرجي. اها سني ڳالهہ آهي تہ انهن ٻولين مان گهٽين

ئي ٻولين ۾ روين، مزاجن، لفظن، آوازن ۽ اکرن جي هڪجهڙائي آهي ۽ اهي هڪٻئي ڏانهن پنهنجائپ وارو رويو رکن ٿيون. حقيقت ۾، ان پنهنجائپ جي رويي ۾ اديب ۽ محقق ئي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن. خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا اديب ۽ محقق پاڪستان ۾ ڳالهاين ويندڙ ٻولين ڏانهن پنهنجائپ ۽ دوستيءَ جو ناتو رکن ٿا. اهڙي ناتي کي، پهاڪن ۽ چوڻين جي حوالي سان پَڪو پختو ڪرڻ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ناميارا محقق انجنيئر عبدالوهاب سهتي جو پڻ واکاڻ جوڳو ۽ اهم ڪردار آهي.

انجنيئر عبدالوهاب سهتي جِي، سنڌي ادب ۽ تحقيق جي شعبي ۾، بنيادي سڃاڻپ پهاڪن، چوڻين ۽ ورجيسن تي تسلسل سان تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي آهي، جنهن سلسلي هيٺ، سندس ١٧ ڪتاب ڇپجي، مڃتا ماڻي چڪا آهن، جڏهن تہ هُو افسانوي ادب ۾ ڪهاڻيڪار جي سڃاڻپ رکي ٿو ۽ سندس ٽي ڪهاڻين جا مجموعا پڻ ڇپيل آهن.

سهتي صاحب ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين تي تحقيق ۽ پيشڪش سان گڏ، ٻين ڏيهي ٻولين جي پهاڪن ۽ چوڻين کي پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪري. ان سلسلي هيٺ، سندس هڪ ڪتاب "**گهاگهر منجھ ساگر**" اڳ ۾ ڇپجي چڪو آهي، جنهن ۾ هندڪو ٻوليءَ جا پهاڪا ۽ چوڻيون، سولي سنڌيءَ ۾، سهيڙيل ۽ سمجهايل آهن. هاڻ ان سلسلي کي اڳتي وڌائيندي، هُن پهاڙي ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين تي تحقيقي ڪم ڪيو آهي، جيڪو موجوده ڪتاب "**پهاڙي آکاڻ**" ۾ پيش ڪيو پيو وڃي.

پهاڙي ٻولي، گهٽي ياڳي، پاڪستاني پنجاب جي ڪجھ علائقن سميت، آزاد ڪشمير ۽ انڊيا جي انتظام هيٺ جمون ۽ ڪشمير سوڌو هماچل پرديش ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ۽ جڻ تہ ٻن ملڪن ۾ پکڙيل آهي. ڊاڪٽر محمد صغير خان جي ڪتاب "پہاڑی کہاوتیں: آخان" (٢٠٠٢ع) ۾، گوجري ۽ پهاڙي ٻولين جي حوالي سان، باباءِ گوجرِي رانا فضل حسين لکي ٿو: "یہ دونوں زبانیں ریاست جموں و کشمیر کے دونوں حصوں کے علاوہ

پاکستان، بھارت، افغانستان اور برطانیه میں بھی اپنی بین الاقوامی حیثیت کا جواز پیدا کرتی هیں۔“

ڊاڪٽر محمد صغير خان، ساڳئي ڪتاب ۾، پنهنجي پاران لکيل ”اعتراف“ ۾ لکي ٿو: ” پهاڑی آخان بڑے تهدار اور ہمه پہلو ہوتے هیں، ان کو اردو یا کسی دوسری زبان میں پورے طور پر منتقل کرنا اگر ناممکن نهیں تو مشکل ضرور هے۔“ ان تناظر ۾، جيڪڏهن اسان انجنيئر عبدالوهاب سهتي جي ڪيل ڪم تي تنقيدي نظر وجهون ٿا، ته سُڌ پوي ٿي، ته سهتي صاحب، پهاڙي ٻوليءَ جي هنن پهاڪن ۽ چوڻين تي پڻ ان ريت ئي محنت ڪئي آهي، جيئن هو سنڌي ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين تي ڪندو آهي يعني هُن نه رڳو پهاڪن ۽ چوڻين جون سوليون سمجهاڻيون، تشريحون يا وضاحتون لکيون آهن، پر پهاڙي ٻوليءَ جي لفظن جي ضروري لغت پڻ ڏني آهي، گڏوگڏ هن پهاڙي پهاڪن ۽ چوڻين جا سنڌيءَ ۾ تُز ترجما ڏيڻ سميت، لفظن جي ٺوري مَٺ سَٺ سان مستعمل ساڳئي مفهوم وارا پهاڪا ۽ چوڻيون پڻ درج ڪيون آهن، ته جيئن پهاڪن ۽ چوڻين جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائجندڙ روپن کي پڻ لکت ۾ قلمبند ڪري ڇڏجي. ان لحاظ کان سهتي صاحب، ڊاڪٽر صغير جي لفظن موجب، هڪ مشڪل ڪم کي سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪيو آهي. ان سان سنڌي ٻوليءَ جي سگهه جي ڪَٿ به ٿئي ٿي.

عبدالوهاب سهتي صاحبَ سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءُ ڪتاب جوڙڻ ۾، ڊاڪٽر محمد صغير خان جي ڪتاب ”پهاڑی کهاوتیں: آخان“ (۲۰۰۲ع) ۽ محبت حسين اعواڻ جي ڪتاب ”مری، گلیات نی پهاڑی بولی چ ’آخان‘ متان، ٹچکراں طه سیاننیاں“ (۲۰۰۹ع) تان مدد ورتي آهي. انهن ڪتابن ۾، پهاڪن ۽ چوڻين سميت محاورا، اصطلاح، تشبيهون، قول، مترادف ۽ ٽوٽڪا به آندل آهن ڇاڪاڻ ته پهاڙي ٻوليءَ ۾ انهن سيني لاءِ هڪ ئي جامع لفظ ”آخاڻ“ ڪتب آندو ويندو آهي، پر سهتي صاحب صرف پهاڪن ۽ چوڻين کي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي، ته جيئن موضوع جي وحدت برقرار رهي.

مون کي پڪ آهي، تہ انجنيئر عبدالوهاب سهتي جو، پهاڙي ٻوليءَ جي ۴۰۷ عدد پهاڪن ۽ چوڻين تي مشتمل هيءُ ڪتاب ”پهاڙي آخاڻ“ پسند ڪيو ويندو. اها پڪ بہ اٿم، تہ هيءُ ڪتاب ٻيٽاپيٽي (تقابلي) لسانيات ۽ پهاڙي ٻوليءَ جي لغت سان دلچسپي رکندڙن جي دلچسپيءَ وٽان پڻ ثابت ٿيندو.

سدائين گڏ.

**ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو**

ڊائريڪٽر (اعزازي)

ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر

۱۲- سيپٽمبر ۲۰۲۰ع

مهاڳ:

# رياست جمون ۽ ڪشمير جي پهاڙي ٻولي

رياست جمون ۽ ڪشمير، بر اعظم ايشيا جي وچ واري ڌرتي آهي. پاڪستان ۽ هندستان جي بلڪل سر اتر ۾ موجود هيءَ رياست، ٣٢-٠٥ ڊگهائي ڦاڪ ۽ ٣٥-٢٧ کان ٢٠-٨٣ ويڪرائي ڦاڪ جي وچ وارو حصو آهي. جيڪو پنجاهه هزار چورس ميلن ۾ پکڙيل آهي. اتر ۾ تاجڪستان ۽ چيني ترڪستان (سنڪيانگ) جو علائقو اٿس. اتر-اولهه ۾ افغانستان ۽ خيبر پختون خواهه (پاڪستاني)، اوير ۾ تبت (چيني)، ڏکڻ ۾ ڀارت ۽ پاڪستان اٿس. پنجن ملڪن: چين، پاڪستان، هندستان، افغانستان ۽ تاجڪستان سان رياست جمون ۽ ڪشمير جون سرحدون ملن ٿيون. سرڪاري پيمائشي رڪارڊ موجب، جمون ۽ ڪشمير جي ايراضي ٢٢٢٢٣٦ چورس ڪلوميٽر آهي. ايراضيءَ جي لحاظ کان، دنيا جي ١١٥ رياستن کان وڏي رياست آهي. جمون ۽ ڪشمير جو علائقو، گهڻو تڻو پهاڙي آهي. رياست جمون ۽ ڪشمير پنجن اڪاين (يونٽن) تي مشتمل آهي: ١. آزاد ڪشمير (زير انتظام پاڪستان) ٢. جمون ۽ ڪشمير (مقبوضہ ڀارت) ٣. حلقه اقصائي چن (چين جي ڪنٽرول هيٺ) ۴. ناردرن ٽيريٽريز (هاڻي) گلگت-بلتستان. ۵. لداخ (ڀارت جي قبضي هيٺ). آزاد ڪشمير جا ڏهه ضلعا آهن. ڀارت جي قبضي ۾ ڪشمير جا ڇهه ۽ جمون جا ڇهه ضلعا ملائي ٻارهن ضلعا آهن.

جمون ۽ ڪشمير جي طبعي ۽ لساني تقسيم هينئن طرح آهي:

١. ٻاهريون ميداني علائقو: ڪٺوعہ، ميويلي، رنبيرسنگهه پوره، جمون، اکنور، سانيا ۽ نوشهره.

٢. ٻاهريون پهاڙي علائقو: راوي، چناب، لوي درياهن وارا علائقا بسويلي، رام، اڌم پور (مقبوضہ ڀارت) ۽ ميرپور (آزاد ڪشمير).

٣. وچون پهاڙي علائقو: ڪشمير ويلي، ڪشتواڙ، ڀدرواهه، رياسي، راجوري، رام بن ۽ ڊوڊه بارڊر جا علائقا اچن ٿا، جيڪي ڀارت جي قبضي

هيٺ آهن. ڪشمير ويلي، ڪشتواڙ، پدرواه، ڊوڊه ۽ رام بن ۾ اڪثريت جي ٻولي ڪشميري آهي. ليڪن ڊوڊه، پدرواه، ڪشتواڙ، راجوري ۽ رياسي ۾ پهاڙي ٻولي ۽ گوجري ٻولي پڻ ڳالهايون وجن ٿيون.

۴. واديءِ ڪشمير ۾ ضلع باره مولا جي علائقي سيري ڊوڊه، چڪ فيروزپور، چڪ ترين، ضلع سرينگر جي علائقي ولي ناڙ، ڪهگن، دره ڪاريل، ضلع پلوامہ ۾ ڪريوه، مانڪوزوڙه، چڪ شهيدپور ۽ اننتناگ پهاڙي علائقن ۾ پهاڙي، ڪشميري ۽ گوجري ٻوليون ڳالهايون وجن ٿيون.

۵. اندريون پهاڙي علائقو: اوپر طرف ۾ زانڪار ڪان شروع ٿي اتر طرف ۾ قراقرم ۽ هندوڪش جا پهاڙي سلسلا بہ انهيءَ علائقي ۾ واقع آهن. دنيا جون بلند ترين چوٽيون ڪي-ٽو، نانگا پربت، راڪا پوشي، گوڊون آسٽن سان اهو علائقو گهيريو پيو آهي.[1]

**پهاڙي ٻوليءَ جي نالي جو سبب:**

ڪتابن ۾ ۽ ٻولي ڳالهائيندڙ، پڙهيل توڙي اڻ-پڙهيل ماڻهو، سيني بہ سيني، اها روايت پڪي ڪيون تا اچن تہ: پهاڙي ٻوليءَ تي نالو پهاڙن جي ڪري پيو آهي. ليڪن مستند محقق ڊاڪٽر نصرالله خان ناصر جي مقالي (رياست جمون اور ڪشمير ڪي پهاڙي زبان اور اردو ڪي لساني روابط) ۾ نالي جي انهيءَ سبب ڪي رد ڪيو ويو آهي. هيءُ مقالو (Thesis) مجيل مقالو آهي. اجا تائين ڪو ٻيو نظريو يا نالي جو سبب اڳيان بہ نہ آيو آهي. ڊاڪٽر سهيل بخاري پنهنجي ڪتاب 'اردو ڪهاني' ۾ لکي ٿو:

"پاليءَ ڪي ڪي ماڻهو پنگت (قطار) جي معنيٰ ڏين ٿا. منهنجي سمجھ مطابق، پاليءَ جو روپ پاڙي/ پهاڙيءَ مان جڙيو آهي ۽ پهاڙي اها ٻولي آهي جيڪا پونوهار جي ويجهو ڳالهائجي ٿي."

معروف محقق، جناب عين الحق فريدڪوٽي، پنهنجي ڪتاب 'قديم اردو' ۾ لکي ٿو تہ:

---

[1]ناصر، نصرالله خان، ڊاڪٽر: ڪتاب "آزاد ڪشمير ڪي پچاس سال".

”روس جي هڪ ماهر شرقيات، مسٽر جوزف اورانسڪيءَ (Josef Oraunisky) وچ ايشيا ۾ آباد، چند اهڙن قبيلن کي ڳولي لڌو آهي، جيڪي اڄ به اهڙي ٻولي ڳالهائين ٿا، جنهن جو پنجاب جي مختلف ٻولين سان گهرو تعلق آهي.“

ڊاڪٽر نصرالله خان ناصر صاحب لکي ٿو ته: ”پهاڙي، گوجري، هندڪو، سرائيڪي، پنجابي، سنڌي، پشتو، ڪشميري، پونوهاري ٻولين جا گهڻا ٽٽا لفظ هڪجهڙا آهن. گوجري ۽ پهاڙي ۽ هندڪو جا ته ۹۰ سيڪڙو لفظ مشترڪ/سانجهه آهن. ائين ئي گوجري ۽ هندڪو کي يا پنجابيءَ کي پهاڙي چو نه ٿا چون.“ ڊاڪٽر نصرالله خان ناصر، هزارين لفظن تي مشتمل پنهنجي ڪتاب ’پهاڙي زبان کي ملفوظي اعتراضات و نوادرات‘ ۾ لکيو آهي ته: ”انگريزي، جرمن، سنسڪرت، يوناني، چيني، اسڪينڊينيوين ۽ برصغير پاڪ و هند جي گهڻين زبانن جا لفظ، پهاڙي لفظ آهن.“ هيءَ پهاڙن جي پيداوار ناهي، البته انهن پهاڙن جي اڃا تائين اها ٻولي، جيڪا پالي ٻوليءَ جو هڪڙو روپ آهي، محفوظ آهي. اها ڪاشا قبيلن جي ٻولي آهي.

گلگت-بلتستان سميت، بشمول آزاد ڪشمير، رياست جمون ۽ ڪشمير (مقبوضه پارت) ۾ ست معروف ۽ اهم ٻوليون موجود آهن. جيڪي پهاڙي، ڪشميري، ڊوگري، بلتي، دردي، پنجابي ۽ لداخي جي نالن سان مشهور آهن. انهن ٻولين کي جمون ۽ ڪشمير جي آئين ۾ تحفظ حاصل آهي.

گوجري به رياست جمون ۽ ڪشمير جي اهم ٻولي آهي. جيڪا ڀراڙين ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. اترين علائقن ۾ بروشسڪي، شينا، بلتي ۽ ڳُوار ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.

اتر قبائلي علائقن (ناردرن ٽرائيبل ايرياز) منجهه نرانڪا، لداخ جو پورو علائقو، اسڪردو، ڪارگل، دراس، گلگت، هنزه، سرينگر، پونيال، اشڪون ۽ بلتستان جا علائقا شامل آهن. لداخ، آرين ۽ منگولن جي گڏيل نسل کان علاوه، ٻين آباد ٽيلن سميت، جملي ۳۵ هزار چورس ميلن تي مشتمل حلقو آهي. پوريگ کي ڇڏي، سڄي حلقي جي ٻولي لداخي آهي. پوريگ، ڪارگل جي ڏکڻ ۾ وادي ڪشمير جي سرحدن تائين ڦهليل آهي. هتي پوريگي

ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. باقي اترين علائقن جي حلقن کي ماهرن دردستان جو نالو ڏنو آهي. وري دردي ٻوليءَ کان علاوه، بشاچه گروهه پڻ ڳولي لڌو ويو آهي. اتي شينا، بروشسڪي ۽ کوار ٻولين جو واهپو آهي. ڪشمير جي اساس، بروشسڪي ٻڌائي وڃي ٿي. کوار، آڳاٽي ٻولي شمار ٿئي ٿي. اهي ئي اهي دردي ٻوليون آهن، جن جي باقيات (ڪمبشا ٻولي) وادي جهلم (جهلم دريا جي ڪاٻي ڪناري) دريافت ڪئي وئي آهي. اها ئي پشاچي پراڪرت آهي، جنهن جا اثر وادي سنڌ، خاص طور لهندا جي ٻولين، هندڪو، ڏني، سنتاني، سرائيڪيءَ کان علاوه اولهه پنجابيءَ ۽ پونوهاريءَ ۾ به ملن ٿا. ڪن لسانيات جي ماهرن، پهاڙيءَ کي پشاچي گروهه جي ٻولي شمار ڪيو آهي.[1]

رياست ڄمون-ڪشمير جي، ١٩٤١ع جي آدمشماريءَ ۾، ڪل آبادي ٤٠٢١٦١٦ هئي. ان آباديءَ ۾ وڏن لساني گروهن (Major Linguistic Groups) جو تعداد هيٺ ڏجي ٿو.[2]

| ٻولي | ڄمون-ڪشمير | صوبو ڪشمير | صوبو ڄمون | لداخ/ گلگت ايجنسي | گلگت ايجنسي/ استور وغيره |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪشميري | ١٥٤٨٤٦٠ | ١٣٦٩٥٣٧ | ١٧٨٣٩٠ | ١١٧٤ | ٣٢٣٣٣٦٩ |
| ڊوگري/پنجابي | ١٠٧٥٢٧٣ | ٧٣٤٧٣ | ١٠٠٠٠١٨ | ٤٥٣ | ١٣٢٩ |
| راجستاني/گوجري | ٢٠٣٧٤٠ | ٩٢٣٩٢ | ١٨٧٩٠٠ | | ٣٣٦٩ |
| پهاڙي | ٥٣١٣١٩ | ١٧٠٤٣٢ | ٣٠٠٨٧٠ | ٥ | ٤٢ |
| اردو/ هندي | ١٧٨٥٢٨ | ١٠٦٣١ | ١٦٧٣٦٨ | ٢٢ | ٥٠٧ |
| لهندا/پونوهاري | ٨٢٩٩٣ | ٨ | ٩٢٩٧٥ | ٥ | ٥ |
| بلتي | ١٣٤٠١٢ | ٣٥٢ | ١٨٤ | ١٣٣١٦٣ | ٣١٣ |
| لداخي | ٤٦٩٥٣ | ٢٣٠ | ٢٩٩ | ٤٦٤٢٠ | ٤ |
| شينا | ٨٤٦٠٤ | ٧٨٨٨ | ١١٤ | ١٣٥٦٢ | ٦٣٠٤٠ |
| بروشسڪي | ٣٣١٣٢ | ٠٣ | | ٢٤٤ | ٣٢٨٨٥ |

١٩٤١ع جي آدمشماريءَ ۾ (١) ڪشتواڙي ٻولي ڳالهائڻ وارا ١١١٧٠، (٢) سراجي ١٧٦١، (٣) رام بني ١٢٠٢، (٤) پولڪي ٥٨١٢، (٥) بنجوائي، ٤٧.

---

[1] ناصر، نصرالله خان، ڊاڪٽر: رياست جمون ڪشمير کي پهاڙي زبان اور اردو کي لساني روابط.

[2] PN Pushup - KWarko; Linguistic Predicament of Jammu and Kashmir Ladakh

جملي ٣٦٥٤٨ ڄڻن کي ڪشمير ۾ شمار ڪيو ويو تي. انهيءَ سينسس ۾ ڊوگريءَ کي پنجابيءَ جي ماتحت رکندي، پنجابي ٤٤١٣٧٥٣ ڄڻا، اهي شمار ٿيا جيڪي ميرپور ۾ وسيل هيا. جيتوڻيڪ ميرپوري ٻولي، پنجابيءَ جي اثر ۾ ضرور آهي، پر نج پنجابي ڳالهائڻ وارن منجهان مظفر آباد (آزاد ڪشمير) ۾ ٤٨١٥٣ افراد ڄاڻايا ويا آهن. اهڙيءَ طرح راجستاني گروپ ۾ ئي گوجرن کي درج ڪيو ويو آهي. هندستاني اردو، هندي ڳٽپ ۾ مظفرآباد ۾ ١٥٥٥٩٥، ڄڻن کي هندستاني (اردو، هندي) ڳالهائڻ وارا شمار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اهي پهاڙي ڳالهائڻ وارا ماڻهو آهن. آڳاٽن، منظوم ڪتابن منجهه پهاڙي ٻوليءَ جي شعرن کي (اشعار بزبان هندستاني) لکيو ويو آهي. انهيءَ رستي ١٥٥٩٩٣ پهاڙي ٻولي ڳالهائيندڙن کي هندستاني ٻولي ڳالهائيندڙ شمار ڪيو ويو آهي.

١٩٤١ع جي آدمشماري ۾ ٨٢٩٩٣ ڄڻن کي لهندا (Luhanda) ڳالهائڻ وارن ۾ شمار ڪيو ويو آهي. جن منجهان ٨٢٨٨٧، ميرپور (آزاد ڪشمير) ۾ ظاهر ڪيا ويا آهن. جڏهن ته اهي پهاڙي ٻولي ڳالهائڻ وارا فرد آهن. دراصل پهاڙي، پونوهاري، هندڪو، لهندا، سرائيڪي ۽ پنجابي پاڻ ۾ ملندڙ جلندڙ ٻوليون آهن. هندڪو-پنجابي، سرائيڪي ۽ پنجابي پاڻ ۾ ملندڙ جلندڙ ٻوليون آهن. هندڪو، پنجابي، سرائيڪي ۽ پونوهاريءَ کان پهاڙي آڳاٽي ٻولي آهي. شينا ٻولي، گهٽو ٽٺو گلگت جي علائقي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي ۽ بروشسڪي، ياسين، هنزه ۽ نگر ۾ رائج آهن. هندستان جي اهتمام هيٺ ١٩٧١ع ۽ ١٩٨١ع جي آدمشماريءَ ۾ لنگئسٽڪ پاپوليشن (Linguistic Papulation) گروهن (Groups) جي تحت گوجريءَ کي هندڪو ۾ شمار ڪيو ويو آهي ۽ پهاڙيءَ کي لهندا، پونوهاري، پنجابي، ڊوگريءَ ۾ شامل ڪري شمار ڪيو ويو آهي. همالين ريسرچ ائنڊ فائونڊيشن (انڊيا)، تحقيقي ڪتاب جمون-ڪشمير ائنڊ لداخ لنگئسٽڪ پريڊڪامينٽ (Linguistic Predicament) ۾ آڳاٽن ۽ تازن مستند حوالن خاص طور تي IBID 307-8PP جي حوالي سان لکيل آهي:

Gujari, the language of Gujars and Bakarwals (now declared as Scheduled Tribes) was included as a dialect under Rajasthani due to its close affinities with that language. Gut Pahari, which is closely connected with Gujari and continues to be spoken in much the same areas, was enumerated separately. Thus i.e. have 283741 Gujari speakers and 531319 western Pahari speakers, Reasi, Jammu, Poonch, Haveli, Mahndar, Baramula, Anantnag and Muzaffarabad districts were shown as the main concentration points of Gujari and western Pahari speakers. The 9161 Census, which does not mix up Hindi with Gujari points the number of Gujari speakers at 209327 and that of Hindi speakers at 22323. Urdu is placed next with only 12445 persons claiming it their mother tongue. [1]

(نوٽ: ڊوگري ٻوليءَ کي الڳ ڳڻيو ويو آهي. ڊوگري ڪرناهي، پونڇي، ميرپوري، دواربدوي ٻوليون، ٻين ٻولين جي ويجهڙائيءَ سبب، مختلف لهجن جي حامل پهاڙي زبان آهن.)[2]

هندستاني مقبوضہ ڪشمير اندر ١٩٤٤ع ۾ نيو ڪشمير پروگرام (شيخ عبدالله مرحوم جي قيادت هيٺ) جي تحت ڪشميري، ڊوگري، بلتي، دردي، پنجابي، هندي ۽ اردوءَ کي قومي ٻوليون تسليم ڪندي ڪشميري، ڊوگري، بلتي، دردي، پنجابي، پهاڙي ۽ لداخي ٻولين کي علائقائي ٻولين جو درجو ڏنو ويو ۽ اردوءَ کي رياست جي دفتري ٻولي تسليم ويو. ڀارت جي مرڪزي حڪومت، ١٩ اپريل ١٩٩١ع تي گوجرن کي شيڊولڊ قبائلي سٽيٽس (Scheduled Tribe Status) ڏيندي، ڪين رياست جي ٽين وڏي آباد قرار ڏنو.

انهيءَ تي پهاڙي ٻوليءَ وارن احتجاج ڪيو تہ ڪين گوجري قبائل ۾ ڳڻيو وڃي، پر ڪين ان رعايت کان محروم رکيو ويو. رياستي گورنر، انهن پهاڙي ٻولي ڳالهائيندڙ قبيلن جي ڀوڙهن اگهڻ واسطي ١٧ مئي ١٩٩٢ع تي پهاڙي بورڊ قائم ڪيو. ڄمون-ڪشمير اڪيڊمي آف آرٽ ائنڊ ڪلچر

[1] PN Pushup - KWarko; Linguistic Predicament of Jammu and Kashmir Ladakh

[2] PN Pushup - KWarko; Linguistic Predicament of Jammu and Kashmir Ladakh

(سرينگر) جي اهتمام هيٺ اردو، انگريزي، هنديءَ کان سواءِ علائقائي ٻولين جي لوڪ ادب ۽ تخليقي ادب کي باضابطہ ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ اجا باقي ڪم ڪرڻو آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ جديد سائنسي بنيادن تي لسانياتي تحقيق جو اهتمام ۽ هڪ لنگئسٽڪ ليبارٽري پڻ موجود آهي. ڊاڪٽر ابواللّيث صديقي مرحوم، ڊائريڪٽر جنرل ريسرچ کان پوءِ ڊاڪٽر يونس حسني جي نگرانيءَ ۾ ”رياست جمون-ڪشمير کي پهاڙي زبان اور اردو کي لساني روابط“ جهڙي اهم موضوع تي ريسرچ کان پوءِ ۹۵-۱۹۹۴ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ پي ايچ ڊي (Ph D) جي ڊگري، پروفيسر نصرالله خان ناصر کي الاٽ ڪئي آهي، جنهن ۾ جمون-ڪشمير جي مختصر پر جامع جاگرافي ۽ تاريخ موجود آهي. پاڪستان ۾ شايع ٿيڻ وارن هندڪو، پنجابي، سرائيڪي ۽ پوٺوهاري ٻولين جي جرنلن ۾ آزاد ڪشمير جي اهل قلم محققن ۽ شاعرن جي قلمي پورهيي جي اشاعت ٿيندي رهندي آهي. اردو آزاد ڪشمير جي مختلف قبيلن جي وچ ۾ ”لنگو-فرانڪا“ (Lingua franca) جي حيثيت رکي ٿي. آزاد ڪشمير جي محققن انگريزي، اردو، عربي ۽ فارسيءَ ۾ مختلف موضوعن تي تحقيقي ۽ تخليقي ڪتاب لکي شايع ڪرائڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي. انهن علائقائي ٻولين ۽ اردو ٻولي جي ادب ۾ علم و ادب، تاريخ، سائنس، سياست، انتظاميہ، عدليہ، رزم بزم ۽ تعمير و ترقيءَ جي باري ۾، آزاد ڪشمير ريڊيو مظفر آباد ۽ تراڙکل تان مختلف پروگرام نشر ٿين ٿا، جيڪي وڏي آباديءَ ۾ مقبول آهن. ڪن ڪاليجن جي مئگزينن ۾، مٿي ڄاڻايل ٻولين جو ادب، شايع ٿيندو رهي ٿو. آزاد ڪشمير جي يونيورسٽي اندر قائم شعبي ”ڪشمير اسٽڊيز“ منجهہ رياست جمون-ڪشمير سان وابستہ اهم موضوعن تي تحقيق، تحرير ۽ اشاعت جو اهتمام موجود آهي. (ماخوذ)[1]

پهاڙي ٻولي دراصل، انهن قبيلن جي ٻولي آهي، جيڪي وچ ايشيا کان نڪري، پوري دنيا ۾ پکڙيون آهن. اهو ئي سبب آهي جو سڄيءَ دنيا جي

[1] محمود احمد خان، رپورٽ: آزاد جمون و ڪشمير ريڊيو مسودات، ريڊيو مظفر آباد.

ٻولين جا لفظ، خاص ڪري جڳهين جا نالا، اڳاٽي ۾ جهوني پهاڙيءَ منجهه موجود آهن، جن کي ڊاڪٽر نصرالله خان ناصر پنهنجي ڪتاب اندر ظاهر ڪيو آهي. ڪاشا قبيلا، ڪنهن دور ۾ ڪشمير، ڪاشغر، چترال (ڪاشغر) جا حاڪم هيا. مظفر آباد، آزاد ڪشمير ۾ اهم مقام آهي، جيڪو ٻڌ درسگاهه جي طور تي رهيو. ان کي پوءِ ٻڌ يونيورسٽي ڀ سڏيو ويو. ٻڌ ڀڪشو، هتان تبليغ لاءِ نڪرندا هيا ۽ پنهنجي ٻوليءَ، جيڪا پوءِ پهاڙي سڏي وئي، ۾ مذهب جو پرچار ڪندا هيا. ائين ٻولي پکڙجندي رهي آهي. ٻڌ، پنهنجي تبليغ پالي ٻوليءَ ۾ ڪندا هيا، جيڪا پوءِ پهاڙي سڏي وئي. جنهن جنهن علائقي سان رياست جمون-ڪشمير جو علائقو لڳو پئي، اتي ان ٻوليءَ جو اثر موجود آهي. مظفر آباد جي پهاڙي ٻوليءَ تي ساڙس لڳندڙ علائقي هزاره جي هندڪو جو اثر آهي. پونڇ، مري ۽ پوٺوهاريءَ جو پڻ اثر آهي. ميرپوري پهاڙيءَ تي پنجابيءَ جو اثر آهي، پر پهاڙي هڪ مڪمل ۽ ادبي ٻولي آهي.

**مهر افتخار وينس**

چيئرمين

رچناوي ادبي بورڊ (رجسٽرڊ)

جهنگ

# ساداڪر

هر ٻوليءَ منجهه ڳالهائيندڙن جي تقاضا ۽ گهرج آهر، پهاڪا ۽ چوڻيون جڙندا رهن ٿا. ڪي پاڻمرادو واقعن منجهان وجود وٺن ٿا ته ڪي وري ٻين ٻولين جي اثرن يا مطالعن پڄاڻان، ٻولين منجهه داخل ٿي پنهنجي جاءِ والارين ٿا. جنهن ٻولي ڳالهائيندڙن جو ڳاڻيٽو لاتعداد آهي، سا اهميت جي حامل هوندي آ. منجهس پنهنجي خوبصورتي جڙندي ويندي آهي. اصطلاحن ۽ ورجيسن، پهاڪن ۽ چوڻين، لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ قصن، لوڪ داستانن ۽ لوڪ راڳن ذريعي، ڦڙو ڦڙو ٿي ڪري ٻوليءَ جي محاوراتي ضخامت ۾ واڌارو پيو ايندو آهي. اهڙين ٻولين منجهان پهاڙي ٻولي پڻ آهي.

پهاڙي: پهاڙن واري، هند-آريائي ٻولي، هماليه پهاڙن جي هيٺانهينءَ وارن خطن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جمون ۽ ڪشمير جي خطي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڳالهائي ويندڙ ٻولي پهاڙي آهي، جيڪا مختلف لهجن سان ان خطي اندر ڳالهائي وڃي ٿي. منجهس ڪيترا ئي شاعر ۽ اديب، حڪمران ۽ قلمڪار پيدا ٿيا آهن. سندس ڳالهائيندڙ ڪيترن ئي حڪمرانن، برصغير جي مٿان حڪومت پڻ ڪئي آهي. مثال طور: اشوڪ ۽ راجه پورس جي درٻارن جي زبان پهاڙي رهي آهي. ان کان علاوه ڪشمير تي جن بادشاهن حڪمراني ڪئي آهي، منجهانئن سلطان مظفر خان، هيبت خان، محمود خان، حسين خان، زبردست خان ۽ شير احمد خان جي دور جي سرڪاري توڙي درٻاري ٻولي، پهاڙي رهي آهي.

سرحدي لڪيرن يا ونڊ وراهه کي پاسي تي رکي ڏٺو وڃي ته پير پنجال جي هيٺين علائقن (جن ۾ آزاد ڪشمير، جهلم، هزاره ۽ مريءَ جا علائقا اچي ٿا وڃن) کان وٺي هماچل پرديش جي مٿانهن علائقن، اترکنڊ جي گڙهوال ۽ نيپال تائين جي وسيع خطي ۾ پهاڙي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي.

پهاڙي زبان کي ٽن شاخن: مشرقي پهاڙي، وسطي پهاڙي ۽ مغربي پهاڙي منجهه ورهايو ويو آهي. مشرقي پهاڙي، نيپال منجهه ڳالهائي وڃي ٿي، جتي

مقامي ماڻهو ان کي ”خشورهہ“ ٻولي سڏين ٿا. وسطي پهاڙي اترکنڊ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جتي ان کي ”گڙوالي“ يا ”ڪمائوني“ سڏيو وڃي ٿو. مغربي پهاڙي پارت جي رياست هماچل پرديش، ڄمون ڊويزن، آزاد ڪشمير، پونوهار، مري، هزارهہ ۽ پشاور منجهہ مختلف لهجن جي فرق سان، ڳالهائي وڃي ٿي.

پهاڙي زبان جي قدامت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اتر هندستان ۾ تحرير ٿيل پهريون ڪتاب ”پرت ڪتا“ پهاڙي ٻوليءَ منجهہ لکيو ويو هيو. موجودهہ تحقيق مطابق: پهاڙي، برصغير جي ٻولين منجهان آڳاٽي زبان آهي، جنهن جي پيدائش جو هنڌ، گنڌارا جي سرزمين آهي، جنهن کي دردستان پڻ سڏيو ويو آهي. اهو خطو، درياءِ سنڌ کان جهلم تائين ڦهليل آهي. انهيءَ خطي ۾ لهجن جي فرقن سان، سدائين پهاڙي ٻولي ئي ڳالهائي وئي آهي، جنهن کي اڄ ڪيترن ئي ٻين نالن سان سڏيو وڃي ٿو. جهڙوڪ: پارمي، هندڪو، ڊوگري ۽ پونوهاري وغيرهہ.

صدين کان انسانن جي رابطي جو وسيلو رهڻ واري هن ٻوليءَ ۾ اڄ سنسڪرت، هندي، اردو، فارسي، ترڪي، راجستاني، هرياڻوي، گجراتي ۽ ڪشميري ٻولين جا لفظ شامل ٿي چڪا آهن. جيستائين رسم الخط جو تعلق آهي تہ مختلف خطن ۾، مختلف رائج رسم الخط ۾ لکي وڃي ٿي. جهڙوڪ: ٽاڪري، ديوناگري ۽ شاردا لپي کان علاوهہ شاهہ-مکي ۽ گرو-مکي لپين منجهہ لکي وڃي ٿي.

هماچل پرديش ۽ ڄمونءَ جا هندو، ان کي ديوناگري لپيءَ ۾ لکن ٿا. هماچل پرديش جي هيٺين علائقن جا سک، ان کي گرو-مکي رسم الخط، جڏهن تہ ڄمون، پيرپنجال ۽ پاڪستان ۾ رهڻ وارا مسلمان، ان کي عربي/ فارسي رسم الخط ۾ لکن ٿا.

هماچل پرديش ۾ ڳالهائي ويندڙ پهاڙي کي ”مهاشو پهاڙي“، جڏهن تہ ڄمون جي هندن واري علائقن ۾ ڳالهائي ويندڙ پهاڙي کي ”گوجري“ سڏين ٿا. اڄ آزاد ڪشمير جي ٩٦ سيڪڙي حصي، والاريل ڪشمير جي ٢٦ لک انسانن

کان علاوه پوٺوهار ۽ مريءَ جي اندر وسندڙ لکين ماڻهن جي مادري ٻولي، پهاڙي آهي.

پهاڙي ٻولي جتي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ذريعو آهي، اتي تخليقي صلاحيتون رکندڙ پڻ آهي. منجهس لوڪ ادب جو ڪافي ذخيرو موجود آهي، جنهن ۾ لوڪ گيت، لوڪ ڪهاڻيون، اکاڻ (قول)، متان (پهاڪا)، چٽڪران (چوڻيون)، سيانڻان (ورجيسون/ محاورا)، پهيليون (ڳجهارتون) ۽ لوڪ داستان موجود آهن.

جڏهن ته هندستان واري ڪشمير اندر، قرآن مجيد جو ترجمو به ان زبان ۾ ٿي چڪو آهي. زبان جي وسعت جو اندازو، ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته شاعريءَ جون جملي صنفون، منجهس موجود آهن.

پهاڙي زبان منجهه پهاڪن ۽ چوڻين کان علاوه ورجيسن / تلميحن جو پڻ چڱو خاصو ذخيرو آهي. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي پهاڪن چوڻين سان ملندڙ ڪوڙ ساتريون چوڻيون يا پهاڪا پهاڙيءَ ۾ پڻ موجود آهن. اهڙيون ورجيسون يا چوڻيون، جيڪي اڳوات سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود يا مروج آهن، سي نموني جي طور هيٺ ڏجن ٿيون.

| پهاڙي تلميح/ محاوره | سنڌي ورجيس/ اصطلاح |
| --- | --- |
| اپنا نی ریا ککھ، کسے ناں نی چھوڑنا تیلا۔ | منهنجو ڪک نه بچيو، ٻئي جو تيلو به نه بچي. |
| اتے بکریاں نی چر، اتے سہیہ ناں کہر۔ | اتي ئي ٻڪرين جو چراگاهه، اتي ئي شينهن جو گهر. |
| اس پار ژاں اس پار۔ | يا هن پار، يا هُن پار. |
| اس طرحے بیٹھے وے، جیاں انھے نی ماء مسیتی چ پہیالی گشنی۔ | ائين وينو آهي، جيئن انڌي-ماءُ، ٻارن کي مسيت ۾ ويهاري وڃي. |
| اس ناں سر، اسے نیاں جتیاں | پنهنجو منهن، پنهنجو موچڙو. |
| اساں نی بلی، اساں کی ژے میاو۔ | اسان جي ٻلي، اسان سان مياؤ. |
| اساں نیں کہر ایسو، کئہ آنسو؟ اس تساں نیں کہر اچھاں طہ کئہ دیسو؟ | اسان ڏي ايندئو ته ڇا آڻيندئو؟ اسان اچون ته ڇا ڏيندئو؟ |

| | |
|---|---|
| اسے کہواڑیا دستا لانا۔ | ساڳي ڪهاڙي، ساڳيو ڳن. |
| اکھاں تھیں انھی، ناں نور پھری۔ | اکين ڪان انڌي، نالو: نورپري. |
| اگ منگن آئی، کہرے نی مالکن بنی بیٹھی۔ | آئي ٽانڊي کي، بورچياڻي ٿي ويٺي. |
| اگاں چاں طہ ٹہڈہ ننگا، پچھاں چاں طہ کنڈھ ننگی۔ | آڳو ڪڄ تہ پيٽ ننگو، پيچو ڪڄ تہ پٺ ننگي.<br>۲. آڳو ڪڄ تہ آڳو پاري، پيچو ڪڄ تہ پيچو پاري. |
| اٹے ہودر، کڑ کڑ ہودر | آنا هڪڙي هنڌ، ڪڙ ڪڙ ٻئي هنڌ. |
| اندر نیئں پھکی، اماں گئی نی چکی۔ | گهر ۾ ٻڪي نہ ليي، امان وئي آ پنبڻ پيهڻ. |
| انگلی دیئے تہ بہاہ وی رڑکیا لوڑنا۔ | آڱر ڏينس تہ ٻانهن بہ رڙڪي وجي. |
| انگلیا پچھے دیہوں چھوانا۔ | آڱر پويان سج لڪائڻ. (تريءَ هينان سج لڪي نہ سگهندو.) |
| انہاں تلاں وچ تیل نا | انهن ترن منجھ تيل ڪونهي. |
| انی نگری، بے دالتا راجا۔ | انڌير نگري، بي عدالتيو راجا. |
| انھیر نگری، چوپٹ راج۔<br>انھی نگری، کانا راجا | انڌير نگري، چوپٽ راڄ،<br>انڌير نگري، ڪاڻو راجا. |
| اوتھڑا ڈبا جداں کہوڑی چڑھیا کبا۔ | ائين ٻڏو، جڏهن گهوڙيءَ چڙهيو ڪُٻو. |
| اوٹھے تہ گٹھ، بیجے تہ مٹھ۔ | اٿي تہ ڳراٽ، ويهي تہ مٺ. |
| اوٹھے نیں گلے چ بلی | اٺ جي ڳچيءَ ۾ ٻلي. |
| اوٹھے نیں موئیں چ جیرہ | اٺ جي وات ۾ جيرو/ زيرو. |
| اوہے سوئی تہ اوہے پہروٹی۔ | اها ئي سوٽي، اها ئي پروٽي. |
| ایتھیں بہوں کلغیں والے مرے اے،<br>اکبر بادشاہے ناں کہ دا۔ | وڏا وڏا ڪلنگي خان هليا ويا،<br>اڪبر بادشاهہ نانءُ ڪهڙو؟ |
| ایس طرح ڈرناں، جس طرح کاغ گلیلے کولا ڈرنا | ائين ونءُ وڃڻ، جيئن ڪانءُ گليل/ڪمان کان ونءُ وڃي. |
| ایس طرح دیکھناں آ، جیاں منجھ کٹے واخ دھیکھنی۔ | ائين ڏسڻ، جيئن مينهن پاڏي کي ڏسي. |
| ایس طرح غیب، جیاں کھوتے نیں سرے را سنگ غیب ہونیں | ائين گم ٿي وڃڻ، جيئن گڏھ جي مٿي تان سڱ. |

| | |
|---|---|
| آپ تپسی، آپ ٹھس کرسی۔ | پاڻ ئي تپندو، پاڻ ئي نس ڪندو. |
| آپ جوغی جاغ نئیں، تے پنج پیر سادنی۔ | گهر ۾ پاڻ نه ماپي، پنج پير ترسائڻ جون ڳالهيون ڪري. |
| آگے جولاں چک، پچھے جولاں لت۔ | اڳتي هلان ته ڪڪجان، موٽان ته لتون لڳن. |
| آئیا نہ تے گئیا۔ | نه آيو، نه ويو. |
| باہری ٹیپ ٹاپ، اندری حیدرآباد۔ | ٻاهرئون شادباد، اندرئون حيدرآباد. |
| بچہ کچہ وچ، ٹہنڈورہ شہر وچ | ڇورو ڪلهي تي، ڍنڍورو شهر ۾. |
| بڈھی کہوڑی، لال لگانو | ٻڍي گهوڙي، لال لغام. |
| بڑی دکان، پھکا پکوان۔ | وڏو دڪان، ڦڪو پڪوان. |
| بلاہ پانی نیئں پینا، بلاہ کہڑیاں کہساناہ۔ | ڏاند پاڻي نه تو پيئي، ڏاند وقت تو ٽاري. |
| بن مسیت تہ اپر گردوارہ۔ | هيٺ مسيت، مٿي گردوارو. |
| بہوں بہوں کھوڈے دکھے، ایہ جئی کہٹورینٹ نئیں دکھی۔ | گهڻا ئي منڊا ڏٺاسين، پر اهڙي گهوم گهام نه ڏٺيسين. |
| بہوں گئی، تھوڑی رہی۔ | گهٽي وئي، ٿوري رهي. (هاٿي نڪري ويو، پڇ ڦاسي پيو.) |
| بوٹی بوٹی لہال، شوروا شوروا رہام۔ | ٻوٽي ٻوٽي حرام، رهو رهو حلال. |
| بوئے ائی جنج سلو نکی نیں کن۔ | ڄڃ اچي در تي بيٺي، جي: سڀو ننڊڙيءَ جا ڪن. |
| بیجی تہ اوٹھے ناں، ناں تاولی۔ | ويهي اٿي نه سگهي، نالو: تاولي. |
| پٹیہ پہاڑ طہ نخشا چوہا | پٽيو پهاڙ، نڪتو ڪئو. |
| پٹھے پرونے اپر پانی ٹہونا۔ | پرڻ منجهه پاڻي ڍوئڻ. |
| پڑھیا ناں پاء، بنی بیٹھا علماء۔ | ايمي نه پڙهيو، عالم ٻڌيو. |
| پڑھیا نی پاہ، تہ بنی بیٹھا علما۔ | ايمي نه پڙهيو، پالڪيءَ چڙهيو. |
| پکو پکو ماں کی تاہ دا۔ | پڪو ٽيڻ ڏجي، تڪڙ نه ڪجي. |
| پلے نیئں تہیلہ، کرنائی میلہ میلہ۔ | کيسي ۾ ليي نه آڌيلو، ڪري پيو ميلو ميلو. |
| ماں پو پھواڑے۔ | مهيني پوهه ۾ انجير؟ (اڻ ٽيٽي ڳالهه.) |

| | |
|---|---|
| پہاریاں کھان جولنائیں ہولوئیا۔ | ”اي عزت وارا! ڪاڏي ٿو وڃين؟“ چي: ”بي عزتو ٿيڻ.“ |
| پہو بولے نی بادشاہی۔ | هدهد جي حڪمراني. (اڻ ٿيڻي ڳالهہ.) |
| پہویاں تہری کھادیا روح آخنا۔ | اهڙو صاف سٿرو گهر، جو ماني پٽ تي رکي کائڻ تي دل گهري. |
| پہیڈا سوئیا کہہ دے ترویا کہہ۔ | رڍ ڦر ڏئي تہ ڇا؟ ڪچو ڇڏي تہ ڇا؟ |
| پونیا وچا پوٹھا۔ | ڍير منجھ پوٽي. |
| پے پنے، پتر کہوڑے کہنے۔ | پيءُ پني، پٽ گهوڙا ڳنهي. |
| پیسہ نہ پلے، سکھنی دمڑی ہلے۔ | پائي ڪيسي ۾ نہ، پٺڪي تي زور. (اڇي پڳ م پس، اندر مڙيوئي اگڙيون. ٢. اڇا ڪپڙا ڪيسا خالي، ماڻهن ليکي ملڪ جو والي.) |
| پیو نہ مارے پھتنی، پتر گنٹھے/ سوٹے مار | پيءُ نہ ماري پدڙي، پٽ گڏ ماري. |
| پھاواڑے ناں پھل ہونا۔ | انجير ۾ گل! عجب آ. (انجير جو گل ورلي نظر ايندو آهي.) |
| پھتو کہاں جھمکیاں جوغی۔ | ڦتو ۽ جهمڪيون؟ ڪوڙو ئي نہ ٿو لڳي. |
| تساں نیاں جتیاں، تساں نیں سر۔ | پنهنجو منهن، پنهنجو موچڙو. |
| تیل دھیکھو، تیلے نی تہار دھیکھو۔ | تيل ڏسو، تيل جي ڌار ڏسو. |
| تھمے مکی لائے تہ گیریں گچھے۔ | اهڙو طاقتور جو ٿڙ کي رڳو هٿ لائي تہ ٿڙ الڙي وڃي. |
| ٹکے لاغیں بادشاہیں نے، سکھے نی سراند۔ | ٽڪا لڳن حڪومت جا، هن جي مفت ۾ لئہ. |
| ٹہائی بوٹیاں تہ پھتو باغے والا۔ | اڍائي ٻوٽا، ڦتو باغن وارو. (اڍائي ٿڙ ڪجين جا، ڦتو باغن وارو.) |
| ٹہڈ کھوئی، منہ چوہی۔ | ڍڍ کوهي، وات چوهي. |
| ٹہنگے اپر پھاواڑا۔ | ٿهنگ مٿان انجير! عجب ڳالهہ! (ٿهنگ: ڦلدار جهنگلي خودرو ٻوٽو.) |

| | |
|---|---|
| ٹھاریں ببیں سانجھا۔ | ارڙهن مالڪين ۾ مشترڪ. (حصي ۾ ارڙهين پتي، مالڪيءَ ۾ اڌ.) |
| جاں برھے، جاں سیں۔ | جڏهن وسي، تڏهن سيءُ. (جڏوڪا مينهن، تڏوڪيون چڪون.) |
| جاں کھوتا بیڑیا وچ حیران ہونا۔ | ائين پريشان، جيئن گڏه پاڻيءَ منجه. |
| جان ناں پچھان، میں تواڑا میزمان۔ | ڄاڻ نه سڃاڻ، مان تنهنجو مهمان. |
| جائیں نیاں راخیاں کھوتا۔ | ڳاهه جو رکپال گڏه. (جو ڍيري، گڏه رکپال.) |
| جتنا اپر آ اتنا ژیے ہیٹھ آ۔ | جيترو مٿي آ، اوترو زمين ۾ اندر آ. |
| جتھیں کھانا اتھیں ژے ہاگنا۔ | جتي کائڻ، اتي هنگڻ. |
| جتھیں نی کھوتی، اتھیں آن کھلوتی۔ | جتان جي ڪوتي، اتي اچي بيٺي. ٢. جتان جي هوندي خاڪ، لوڙه اتي اچي لٽبو. |
| جس مدرسے وچ تو پڑھیں اس نیاں کندا ہیٹھا میں وی لنگتھا نہس۔ | جنهن مدرسي ۾ تون پڙهيئين، ان جي ڪنڌيءَ هيٺان مان به لنگهيو آهيان. (جتي تون پڙهيو آهين، اتي اسان استاد هياسين.) |
| جمے ناں جمائے، مائے مائے کرنے آئے۔ | نه ڄڻيائين، نه نپايائين: امان امان ڪندو آيو. |
| جنجاہ چڑھی نی دیکھیا، کنے تے گیس۔ | پرڻيا ناهيون ته ڄاڃي ته ٿيا هونداسين. |
| جنجاہ وی تہ ڈولیا وی۔ | ڄاڃين ۾ به، ماڃين ۾ به. |
| جنگت وی ڈہڈا تہ جرمن وی غوصیلا۔ | چورو به هنيلو، جرمن به غصيلو. |
| جہڑا بولے اوئے بوآ کھولے۔ | جيڪو ڳالهائي، سو اتي دروازو کولي. |
| جہڑا کھاسی اؤوی پچھتاسی، جہڑا ناں کھاسی اؤوی پچھتاسی۔ | جيڪو کائي سو به پڇتائي، جيڪو نه کائي سو به پڇتائي. |
| جولنیے بلائی مہاڑے دیئی آ۔ | ٽرنڊڙ بلا، مون ڏي اچ. |
| جیتھیں نی کھوتی، اوتھیں آن کھلوتی۔ | جتان جي ڪوتي، اتي آڻ ڪلوتي. |
| جیدہر چھولنی، اودہر پننا۔ | جنهن رخ هلي، اوڏانهن ڇاٽي. |
| جیڑا سریا، اوہے تہریا۔ | جو آهي، سو حاضر آ. |

| | |
|---|---|
| جينياں نہ لبنے گراہ، مرے نياں چڑھيا گڑاہ۔ | جيئري گرھ نہ سنيري، مئي پڄاڻان ديڳيون پيون لهن. |
| چار آنے نی کھوتی، باراں آنے ناں ٹھنگا | چئين آني جي گڏھ، ٻارهين آني جو پستنگ. |
| چاں چولياں نی اگ۔ | چئن چلهين جي باھ. |
| چپڑی نياں تے دو دو۔ | جهبيل ٻہ، ٻہ ٻہ. (هڪ جهبيل، ٻيو ٻہ مانيون کپن. ٢. هڪ الله جي نالي تي، ٻيو مکيل ماني.) |
| چٹا ٹھوسلا، عقلا خالی۔ | اڇي ڏاڙهي، اٽو خراب. |
| چٹی داڑھی طہ آٹا خراو۔ 2۔ چٹا چھاٹا، طہ اقل ناں کہاٹا۔ 3۔ چٹی داڑھی طہ مٹی پليت۔ | اڇي ڏاڙهي، اٽو خراب. |
| چٹيں دنديں نی پريت۔ | اڇن ڏندن جي پريت. |
| چڑی نی چت طہ چوداں حصے۔ | چڙيءَ جي چت، چوڏهن حصيدار. |
| چڑھ کٹوئيے درياں نئيں، طہ بينا ٹھا، چھے ماہينے ناں۔ | چڙھ پاڏا درياھ تي، وينو رھ ڇھ مهينا. ٢. تپ دانگي ڇھ مهينا. ڇي؛ کپ مهمان ٻارهن مهينا. |
| چک چنالے منکا لبہ، گلے کھولی گٹے بدھا۔ | چمڪندڙ موتي مليو، ڳچيءَ مان ڪدي گوڏي تي ٻڌو. |
| چمڑی گچھے، پر دمڑی ناں گچھے | چمڙي وڃي، دمڙي نہ وڃي. |
| چنگياں نے پنگے، پنگياں نے کہم تہاتورے۔ | چڱن پويان چٽ، چٽن پويان چڱا. |
| چہل مل تارے، منہ منہ چھٹياں۔ | ڇهل مل تارا، زوردار بارش. |
| چور نالے چتر۔ | چور ٻہ، چترو ٻہ. |
| چور وی تہ چترا وی۔ | چور ٻہ، چالاڪ ٻہ. |
| چورے نی داڑچ تيلا۔ | چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک. |
| چولہے اٹھی، آولے۔ | چلھ مان نڪري، ٻونبي تي پئي. |
| چھوڑوس منجھی ہيٹھ، گشناں کٹے ہيٹھ۔ | ڇڏيس مينهن جي هينان، وڃي پاڏي جي هينان. |

| | |
|---|---|
| حشناک موچیانی، پھرکا تھوڑی ناں۔ | موچياڻي سهڻي، برقعو پراڻو. |
| داڑیا کولا موچھاں بدھینیاں۔ | ڏاڙهيءَ کان مڇ وڏي. |
| دالے چ کیں کالا کالا دساں۔ | دال منجهه ڪارو ڪارو ڏسجي پيو. |
| داں بیڑیاں ناں سوار۔ | ٻن ٻيڙين جو سوار. |
| داند رڑیا چنی کھنوس۔ | ڏاند ڪريو، خصي ڪري ونوس. |
| در آئی جنج، سلو کڑی نیں کن۔ | در تي آئي ڄڃ، توپيو ڪنوار جا ڪن. |
| دگے اپر تہس۔ | ڏِڳ مٿان ڏير. (نولي تي ڌهلو.) |
| دہیں چنے نی لو۔ | اهڙو سهڻو، جهڙو چنڊ جي چانڊوڪي. |
| دو پکاساں تہس؛ ہک آپے، ہک اس۔ | ٻه دس پچائيندس: هڪ پاڻ لاءِ، ٻيو هن لاءِ. |
| دو پیسے نی تھیلی تہ ولیتی ہنا۔ | ٽڪي جي ٿيلهي، انداز ولايتي. |
| دوتریاں نی فوج تہ نانا نائیک۔ | ڏوهٽن جي فوج، نانو نائڪ. (ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا کائڻ وارا.) |
| دودھے نیاں راخیاہ بلا۔ | کير جي رکواليءَ تي ٻلو. |
| دھدے نی رکھوالی بلی۔<br>2۔ دھدے ناں رخوالہ بلا۔ | کير جي رکوالي، ٻلن حوالي. |
| دھیکھ یاراں نی پھیری، ما تیری کہ میری۔ | ڏس يارن جي ڦيري، ماءُ تيري ڪ ميري. |
| ڈوبریں وچ دارو، تہ بادشاہیں کنے لڑائیاں۔ | بارود ڪدوءَ ۾، جنگ بادشاهن سان. |
| ذاتی ناں جولایا، نخرے سرداراں نیں۔ | ذات جو ڪوري، نخرا سردارن وارا. |
| ذاتی ناں کمیں، طرہ لماں۔ | ذات جو ڪمي، پٽڪي ۾ طرو. |
| ذاتی ناں کوڑ کرلی، شاہتیراں نال جچھے۔ | ذات جي ڪرڙي، شهتيرن سان ياڪر. |
| ذاتی ناں موچی، گلاں سرداراں آلیاں۔ | ذات جو موچي، ڳالهيون سردارن واريون. |
| ڈھائی بوٹیاں طہ پھتو پہاگوان۔ | اڍائي ٻوٽا، ڦتو ڀاڳوان/ باغائي. |
| ژوجیا کلے بدھا، ژوجیا چوراں کھڑیا۔ | جهڙو ڪلي تي ٻڌل، تهڙو چورن جي هٿ ۾. |

| | |
|---|---|
| ساری رات رونی رئی، مریا کوئی وی ناں۔ | ساري رات روئندي رهي، مئو ڪو به نه. |
| ساہڑا ویلا انا، گہاہ پئی گنا۔ | اسان جي واري اچي ته قحط پوي. |
| ساہڑے کولا گئیں گورڑئے، پہانویں کھڑنی کالے چور۔ | اسان کان وئي، ڀاڻي ڪٽي ڪارو چور ڪٽيس. |
| ستی نی گھونس۔ | ستل پر گھونس. (چيپيل رستم.) |
| ستیں بیڑئیں لت تہرنا۔ | ستن ٻيڙين ۾ لتون رکڻ. (ٻن ٻيڙين ۾ جو ڄنگھون رکي، تنهن جا چڏا چيرجن.) |
| سٹ لغے سیواجے، کھرکے میر واعظ۔ | ڌڪ لڳي سيواج کي، روڙي مير واعظ. |
| سچ بولاں تہ ماں مرے، کہوڑ بولاں تہ کتا کھائے۔ | سچ چوندي ماءُ مري، ڪوڙ هڻندي ڪتو کائي. |
| سرا گنجی تہ کنگیئں ناں جوڑا۔ | هڪ گنجي، ٻيو رکي ڦڻين جو جوڙو. |
| سرے آگے سواں۔ | اهڙو ڪمزور، جيئن سريي آڏو سئي. |
| سکھیں ٹمبی تہ کچہریا چڑھی۔ | آرام تنگ ڪيو، ڪورٽ وڃي پهتو. |
| سنڈے والے نے کہرا لسی منگنا۔ | سانَ واري جي گھر لسي ڳولڻ. |
| سوئے کھوتے کلے کمہار۔ | ويامي ڪوتي، سور ڪنير کي. (بار گڏھ تي، هينگي ڪوتي.<br>٢. سور ساڻيءَ کي، ڏنيجي گڏھ.) |
| سوئی نہ ٹہیر بلمی موئی۔ | ٻار نه ڄڻيائين، رڳو ڊير سان لڙکي مئي. |
| سوئی نیں نکے وچا ہاتھی کڈھے آلی گل ای۔ | سئيءَ جي ناڪي/ پاڪي مان هاٿي ٽپائڻ واري ڳالھ آ. |
| سیریاں مٹھ سٹیئے پہویاں نہ پیئے۔ | سرنهن-لپ اڇل ته داڻو پٽ تي نه پوي. |
| صرفہ کری ستی، آٹا ہنی گئی کتی۔ | ڪنجوسي ڪري ستي، اٽو ڪٽي ويس ڪتي. |
| عقل ناں انھاں، گنڈھے ناں پورا۔ | عقل جو انڌو/ چوٽو، قد جو پورو. |
| قدے اپر لد۔ | جهڙو قد، تهڙو لباس. |
| کھانیا داڑھی ہلنی۔ | کائيندي ڏاڙهي به پئي ڏڪيس. |
| کھائی کھسمے نے ماہ، ہن کرنیا ناہ۔ | مڙس جو کائي، نه مڃيندڙ.<br>کائي مڙس جو، ڳائي ابي جو.<br>٢. کائي مڙس جو، چوي: جيئي ابو. |

| | |
|---|---|
| کھائیں گگوتھاں، لاغیں ٹوٹراں۔ | ڪائين گگوٺ، پوڳين ٽوٽر.<br>ڪائي گلو، وڃي هيڪلو. |
| کپیانیاں انگلیا اپر نہی موترنا۔ | وڍيءَ آڱر تي بہ نہ مٽي. |
| کتی چوراں نال رلی ہوئی۔ | ڪتي چورن سان مليل آ. |
| کتی چوریں کنے ملی نی۔ | ڪتي، چورن سان ملي وئي آهي. |
| کٹے ناں دکھ بچھے اپر کھڈناں۔ | ڪونهين جو سور، پاڏي مان پلڻ. |
| کڑ کڑ اتھیں طہ انٹے اتھیں۔ | ڪڙ ڪڙ هتي، آنا هُتي. |
| کڑ کڑ بہوں، طہ انٹے تھوڑے۔ | ڪڙ ڪڙ گهڻي، آنا ٿورا. |
| کھسریاں نیں کہر پتر جمیا۔ | کدڙي جي گهر پٽ ڄائو! |
| کم ناں کار، رٹیاں ناں دشمن۔ | ڪم نہ ڪار، مانيءَ جو دشمن. |
| کنک کھیت، تہی پیٹ، آ جوائیا منڈے کھا۔ | ڪڻڪ ٻار ۾، ڏيءُ پيٽ ۾، چي: ”آءُ نياٽا گڏجي ڪائون.“ |
| کہاڑھی تہ سڑھی، چوہیا نی بر بر تہ مکی۔ | کرو سو سڙيو، ڪئي جي ٻر ٻر تہ بند ٿي.<br>گهر سو سڙيو، باقي حقا ڏاڍا چڪياسين. |
| کہاہ کہاڑھیا تہ روٹی لنگروں۔ | گاهہ ڍيرئون، مانيءَ لنگرئون. |
| کہاہلے کن تہ کانی پیڑھے مارے۔ | ڪمائي پلي ڪير، ڪاٽي مکڻ-چاٽا ڪائي. |
| کہر آلا کہر نا، اساں کی کسے ناں ڈرنا۔ | گهر وارو گهر ناهي، اسان کي ڪنهن جو ڊر ناهي. |
| کہر دا نے نئے اماں پیٹھئے گی | گهر ۾ داٽو نہ لٿي، امان وئي آهي پيهڻ. |
| کہر عذاب، باہر ثواب۔ | گهر ۾ عذاب، ٻاهر ثواب. |
| کہر مہاڑا، بووا مہاڑا، میں کیا برا تہاڑا۔ | گهر منهنجو، در منهنجو: ڏينهن برا بہ منهنجا. |
| کہر ناں باءر، پتر تھانے دار۔ | نہ گهر، نہ ٻار: پٽ ٿاڻيدار. |
| کہڑا پچھی، اونہوں ہتھ۔ | دلو پڇي، سينهون هٿ اچي. |
| کہڑے نیئں پانی تے پیو نا ناں سمندر۔ | دلي ۾ پاڻي نہ ليي، بابي جو نالو سمندر خان. |
| کہیو سمارے سالناں، ناں بڑھیا نہوں نا۔ | ٻوڙ نهيو گيهہ سان، نالو وڏي نُنهن جو. |
| کہیے کنے کنداں لبناہ۔ | گيهہ جي گاري سان پٽين جي لپائي! |

| | |
|---|---|
| کھوتے نے گلے وچ لعل | گڏھ جي ڳچيءَ ۾ لعل. |
| کھوتے نے گلے وچ لعل۔ | گڏھ جي ڳچيءَ ۾ لعل. |
| کھوڈیا کانیاں پتن میلہ۔ | منديءَ ۾ ڪاٺي جي ملاقات، پتڻ تي. |
| کوڑیا اپر مسیت ٹہانا۔ | ڪوڙيءَ لاءِ مسيت ڍاهڻ.<br>جيري لاءِ ٻڪري ڪهڻ. |
| کھول کہلیس، پہیڑ نہسے پہیڑنی۔ | هڙ ڪائي ويندوسانءِ، بي ايماني اصل نہ ڪندوسانءِ. |
| کوئی جمے تے کوئی پٹی لائے۔ | ڪي خودرو، ڪي پوکيل.<br>ڪجھ مينهاٽي، ڪجھ ريجاٽي. |
| کوئی جندر ٹہلے کوئی دانڑیں گلے۔ | ڪجھ جنڊ ڊلو، ڪجھ داڻا آلا. |
| کی کی دانے گیلے، کی کی جندر ٹہلے۔ 2۔ ہک دانے گلے، طہ دوآ جنڈر ٹہلے۔ | ڪجھ داڻا آلا، ڪجھ جنڊ اڪڙيل. |
| کھیل ختم، پینسا ہضم۔ | کيل ختم، پئسا هضم. |
| گایا بہوں دل اینا، گیڑیں ماریوس۔ | ڳائڻ لاءِ دل وڏو ٿي چوي، پر نڙيءَ-سور منجهايو آهي. |
| گدھا گھوڑا، ہیکے پہاء۔ | گڏھ گھوڙو: هڪ بها. |
| گوالا وچا داند نہ دسنا۔ | واڙي ۾ ڏاند نظر نہ ٿو اچيس. |
| گولی اندر، دم باءر۔ | دوا اندر، دم ٻاهر. |
| گئی بہار گلاباں والی طہ اک کنیرے کھلے | گلابن واري بهار وجي تہ اڪ ڪنيرا بہ ڪلن. |
| گھر عذاب طہ باءر ثواب | گھر عذاب، ٻاهر ثواب. |
| گھول گھمایاں ساٹھ گز، پاڑ نہ دیواں آدھ گز۔ | گھمايان سٺ گز، ڏيان اڌ گز. |
| اللا پچھے نیئں، اللہ نیاں گلاہ پچھے رونی اس۔ | اللا پويان نہ، پر اللہ جي ڪرٽي لاءِ روئان ٿي. |
| لاڑیا سس، پلاڑیا جانوائی۔ | لاڙي سس، اتراڏي ناني.<br>ڪٿي جي سس، ڪٿي جو ناني. |
| لگی غا تیر، ناں لگا تکا۔ | لڳو تہ تير، نہ تہ تڪو/ ڏڪو. |

| | |
|---|---|
| لندھی نے آلنے چ، ماس لوڑنا- | سرڻ جي آکيري ۾ ماس ڳولڻ. |
| لنگ تہاڑیاں کہس کہڑیئے- | ڏينهن گذريا، جڻ گهڙي گذري. |
| لہو لائی، شہیدوں وچ شمار ہونا- | آڱر ڪٽائي شهيدن ۾ شامل ٿيڻ. |
| لوک پیسیاں کھیڑیں، میرو مہاڑا کھتیاں کھسے- | لوڪ پئسا ڪيڙي، ميرو ڪتيون ڪيڙي. |
| لینا ہک ناں دینا دو- | وٺڻ هڪ نہ، ڏيڻ ٻہ ٻہ. |
| ماء پنے، پتر کھوڑے کہنے- | ماءُ پني، پٽ گهوڙا ڳنهي. |
| ماء مرنی رکھنی طہ تہوں ناں ناں مکھنی- | ماءُ مري رڪٽي، ڌيءُ جو نالو مکٽي.<br>ماءُ مري رکي سڪي، ڌيءُ جو نالو ڌهي. |
| مآ مراداں، یاد کراساں- | ماءُ مرادان، مڙيئي ياد ڪرائجان. |
| مآ مرے رکھنیاں، تہیھو نا ناں تھندی- | ماءُ ڪي اٽيو گرھ نہ ليي، ڌيءُ جو نالو مکٽي. |
| مآ منگنی، پیر پنا؛ پتر کہھڑے ہننا- | ماءُ پنٽي، پيءُ نکمٽو: پٽ گهوڙا ڳنهٽو. |
| مآ مولی، پیو پیاز؛ پتر شاہ نواز- | ماءُ موري، پيءُ بصر: پٽ ٻنهي کان ڪسر. |
| مآئو نا دودھ یاد کرانا- | ڇنيءَ جو کير ياد ڏياري ڇڏڻ. |
| مدعی سست، گواہ چست- | مدعي سست، گواھ چست. |
| منگے نے ٹکڑے، گہیلی ڈاکار- | پن جي ماني، رستن تي ٿاڏ مٿي ٿاڏ. |
| منہ نہ متھا؛ جن پہاڑوں لتھا- | نہ منهن، نہ مٿو: جڻ جن پهاڙن تان لٿو. |
| موراں نی ٹور سکھن گئی، اپنی وی بساری آئی- | مور جي ٽور سکڻ وئي، پنهنجي بہ وساري آئي. |
| مولہاں نیئے بہڑیئے، تو کہہ لغے ہیڑے کول- /<br>ملاں نیئیں بہڑے، توئی کنہ لگے بیغانے ہیڑے نال- | ملان جي ڍڳي، تنهنجو جهيڙي سان ڇا؟<br>ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائڻ مان ڇا حاصل. |
| میں تواڑیاں نمازاں پڑھاں، توں مہاڑے مصلے پھاڑ-<br>میں تواڑیاں نمازاں پڑھاں، توں مہاڑے کوزے بھنیں- | مان تو لاءِ نماز پڙهان، تون منهنجو مصلو ڦاڙ.<br>مان تو لاءِ نماز پڙهان، تون منهنجا ڪونرا ڀڃ. |
| ناں بڑے تے گراں اجاڑ- | نانءُ وڏو، ديھ ويران. |
| ناں بڑے، گراں اوزاڑ- | نانءُ وڏو، ڳوٺ اجاڙ. |

| | |
|---|---|
| ناں تریئاں چ، ناں تیراں چ- | نه ٽن ۾، نه تيرهن ۾. |
| ناں رٹی، ناں کپڑا؛ کہلے کی تکڑہ- | نه روٽي، نه ڪپڙو، جهيڙي لاءِ تڪڙو. |
| ناں کمیں ناں، ناں کاڑے ناں؛ بھیری اناڑے ناں- | نه ڪم جو، نه ڪاج جو؛ ويري اناج جو. |
| ناں ہاڑھ سکی، ناں ساون ہری- | نه هاڙهه جو سڙيو، نه سانوڻ جو سائو. |
| نسی نسی اوہے کسی- | ڀڄي ڀڄي؛ اڳيان اها ئي ڪسي. |
| نک نی ناساں، بیٹھی ستی کھاساں- | نه نڪ، نه ناسان؛ ويٺي ستي کائسان. |
| نکمی جٹی ان میلے / بیلے- | نڪمي جٽي، سٽ ڪٽي. |
| نک وے طہ بو اچھے- | نڪ هجي ته بوءِ اچي. |
| نگ یرا پوڑو یا اورا پوڑو؛ ہیکے گل ای- | نڪ کي هيڏانهن پڪڙ يا هوڏانهن پڪڙ، ڳالهه ساڳي آهي. |
| نمازاں بخشان گے، روزے گل پئی غے- | نمازون بخشائڻ وئي، روزا ڳچيءَ پئجي ويس. |
| نہ رچھ مسیتی اچھے، ناں ملاں چھنگڑ گچھے- | نه رڇ مسيت ۾ اچي، نه وري ملو جنگل ۾ وڃي. |
| ہانجا اپنا ہاسا جگے ناں- | نقصان پنهنجو، کلي جڳ. |
| ہائے نی ماسی مہراں! جمے نو، پٹے تیراں- | ائي ماسي مهران! ڄميا نو، پٽيا تيرنهن. |
| ہائے وو مہڑیا بختا، میں ہیر مڑی گچھاں کہ ہور مڑی گچھاں- | اي بخت! ٻڌاءِ؛ يا هيڏي وڃان، يا هوڏي وڃان. |
| ہتھ لائیاں میلا ہوئے- | اهڙو سهڻو جو هٿ لاتي، ميرو ٿي پوي. |
| ہتھاں رسریاں جمانا- | ترِيءَ تي سرنهن پوکڻ. |
| ہتھیں کنجی، پیریں جالا- | هٿن ۾ ڳُڏڙيون، پيرن ۾ جارو. |
| ہتھیں نی الک، مچھیئں جات- | هٿ نه چوري، مڇي وات ۾ وڃي. |
| ہسی طہ پھسی- | هنسي ته ڦنسي. ٢. کلي ته ڦاٿي. |
| ہک آسمان پاڑنا، دوہا ٹاکی لانا- | هڪڙو اڀ ٽوڙڻ، ٻيو مٿس چتي هڻڻ. |
| ہک تہ جھلی، دوہی جنے نی رن- | هڪ چري، ٻيو ڄنڙي. |
| ہک در بند ہوا، سو در کھلے- | هڪ ٻنيو لنبيو، سوَ ٻنيا ڪليا. |

| | |
|---|---|
| ہک کتا چکی چٹے، دوہا اس ناں پچھو چٹے۔ | هڪڙو ڪتو چڪي چٽي، ٻيو ان جي پني چٽي. |
| ہک ماریا، سو کہواڑیا۔ | هڪ ڪي ماريو، سؤ ڪي خوار ڪيو. |
| ہمیش، ہکے جئی نئی رہنی۔ | وقت سدا، هڪجهڙو نہ ٿو رهي. |
| ہیر گئے، ہور گئے؛ چمچ کھڑچ کور گئے۔ | ڪي هيڏي ويا، ڪي هوڏي ويا؛ چمچا ڪفگير گهر ويا. |
| ہیس چھواں، دوہے کھڈاں۔ | هڪ ڪي لڪائي، ٻيو ڪٽي ڪڍ. |
| وس نہ پوہجے، تھو کوڑی۔ | وس نہ پڄي، چي: ٿؤ ڪؤڙي. |
| یاری ناں اوئی، چھولیاں ناں بہڈ وا۔ یو دوستی ہوئی کہ چھولیاں نا بڈھ وا۔ | ياري نہ ٿي، ڇڻ ڇٽن جي پيل ٿي. اها ياري نہ ٿي، پر ڇٽن جي پيل ٿي. |

متي آيل هڪ ورجيس جي وضاحت هيٺ ڏجي ٿي، جنهن مان پهاڙي ٻولي جي وسعت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو.

مآں پو پھواڑے۔ (کہاوت)

مآں؛ **ماهہ مهينو.** پو؛ **پوھ ڊسمبر-جنواري جي مند.** پھواڑے؛ **انجير.**

هر ڦل جي ٿيڻ جي هڪ مقرر ٽيل مند آهي. جيڪو ميوو، سياري ۾ ٿيندڙ آهي سو گرمين ۾ نہ ٿيندو ۽ جيڪو گرمين ۾ ٿيندڙ آهي سو سردين ۾ نہ ٿيندو. پوھ جي سرد مهيني ۾، انجير جي وڻ تي انجير نہ لڳندو آهي.

مطلب: ١. پوھ جي سرد مهيني ۾ ٻوٽن تي انجير ڪٿي هوندا آهن.

٢. اڻ-ٿيٽي ڳالھ ڏانهن اشارو ڪرڻ واسطي اها ورجيس چئي ويندي آهي.

ڪي پهاڪا، متن اندر شامل ڪرڻ کان ان ڪري رهجي ويا، جو انهن ۾ استعمال ٿيل لفظن جي معنيٰ معلوم ٿي نہ سگهي، جنهنڪري انهن جي تشريح ڪرڻ ۾ اوٽايون پيئي رهيون. جڏهن تہ خالي مفهوم سان متن ۾ شامل ڪرڻ، ڪتاب جي تقاضائن جي خلاف هيو. مثال جي طور تي اهي هيٺ ڏجن ٿا:

جسکی شریکے آخیا ککا، طہ او ٹرسی اپنی تکا۔ (کہاوت)

(دشمن ڪي طعنو ڏبو تہ اهو پنهنجو پاسو بدلائيندو.)

جے نو طہ پٹے تیراں، آوے مائی مہراں۔ (کہاوت)

(ڄاوا نو، پٽيا تيرنهن، وا مائي مهران.)
دهيکهی دهيکهی چن چڑهیا، او وی ڈنگ پڑنگا- (کہاوت)
(نهاري نهاري چنڊ نظر چڙهيو، سو بہ وڪڙ سڪڙ.)
کسے تاپ، کسے تاپنی؛ ہر کسے آپو آپنی- (کہاوت)
(هر ڪنهن کي نفسا نفسي هوندي آهي.)
ان ڪان علاوه، ڪي داخلائون جداريون ڏيڻ بجاءِ، سندن سانجهه (هم-معنيٰ) پهاڪن/ چوڻين سان شامل ڪري، مطلب جي نِنڍڙي عنوان هيٺان شامل ڪيون ويون آهن. انهن جي لاءِ جداري داخلا سان تعداد تہ وڌي ها پر تشريح اندر ورجاءَ جو احتمال هيو. ان خدشي کي دور ڪرڻ واسطي، پاڻ ۾ ڪنا ڪري رکيا ويا آهن.

ڪشمير ۾ پهاڙي زبان، ڀارتي زير انتظام ڪشمير جي علائقن ڪنوعہ، جمون، اڌم پوره، وادي چناب، ڊوڊه، ڀدروا، ڪشتواڙ، راجوري، باره مولا، لري ڊوره، چڪ فيروز پور، چڪ تمرين، سرينگر جا علائقا ولي واڙ، واوه، ناگن بل، پلوامہ جي علائقن ڪربوه، مانلوزوره، چڪ سيدپوره ۽ اننت ناگ جي ڪيترن ئي حصن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جڏهن تہ پاڪستان جي زير انتظام ڪشمير جي لڳ ڀڳ سمورن علائقن مظفر آباد، پونڇ ۽ ميرپور خاص ۾ اڪثريت سان ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي.

هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ ڊاڪٽر محمد صغير خان صاحب جو لکيل ڪتاب ”پهاڙي ڪهاوتين: آخان“ ۽ محبت حسين اعواڻ جو ڪتاب ”مري ۽ گليات جي پهاڙين ۾ ڳالهايل ويندڙ آخان: پهاڪا، چوڻيون ۽ محاورا“ گهڻو معاون ۽ مددگار رهيا. انهن ٻنهي ڪتابن بابت، مهر افتخار وينس صاحب ڏس ڏنو. صغير صاحب وارو ڪتاب، فوٽو ڪاپي ڪرائي موڪليائين. جڏهن تہ محبت اعواڻ صاحب بابت ٻڌايائين تہ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. محبت اعواڻ صاحب فون ڪرڻ تي خوش ٿيو ۽ چيائين: ”اچي ڪٽي وڃو!“

مهر افتخار وينس صاحب صلاح مشورو ڏيڻ سان گڏ مهاڳ وارو مقالو پڻ لکي موڪليو، جنهن جو ترجمو شامل ڪيو ويو آهي.

انجنيئر عبدالمهيمن سهتو، ڪتاب جو ٽائيٽل ٺاهيو. ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو صاحب جن ڪتاب تي نظرثاني ڪري، بحيثيت پبلشر جي ٻه اکر لکيا ۽ اداري طرفان ڇپائڻ جي حامي واري. برادرم آفتاب احمد سهتو صاحب ڪراچيءَ جي گهماگهميءَ واريءَ زندگيءَ مان وقت ڪڍي، محبت اعوان ڪان ڪتاب وني تي سي ايس ذريعي موڪلي ڏنو. مڙني جي مهرباني.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

٨٩ پروفيسرس ڪالوني-٢
قنبر روڊ- لاڙڪاڻو

# متن

[ آ ]

١. آپ چنگے، جگ چنگا- (کہاوت)

ٻيا، اهڙو ورتاءُ ورتيندا، جهڙو ساڻن ورتبو. هر ڪنهن کي عزت، قرب ۽ تعظيم پسند آ ۽ ان جو طالبو/ڳولائو آ. هڪ دفعو، اڳلا قرباني ڏيندا آهن. موٽ ۾ ساڻن چڱائي تي ته پنهنجو قدم پختو رکندا ۽ چڱيرڙو ورتاءُ قائم رکيو ايندا. ٻيءَ صورت ۾ هر ڪو پير ڍرو ڪندو ويندو، تان جو هڪٻئي سان اجنبين واري روش تي ويندي.

مطلب: ١. آپ ڀلو، جڳ ڀلو.

٢. پاڻ ڀلو هلبو، سارو جڳ ڀلو هلندو.

٣. جيئن ٻين سان هلبو، تيئن ٻيا هلندا.

٢. آخنی تيهو کی، سنانی نوآں کی- (کہاوت)

ڌيءُ، پيٽ-ڄڻيو اولاد آ. پيار ڌبس ته پيار ئي سمجهندي. دڙڪو ڌبس ته به دل ۾ نه ڪندي. آيل نونهه، پرائي-جائي آ. ڏنل پيار قرب ۾ به پئي شڪ ڪندي. دڙڪو ڏبس ته برقعو ڪٽي ڪلهي تي رکندي. حڪمت عملي ان ۾ آ ته سختي پنهنجي ڌيءُ تي ڪجي. نونهه تي پڻ اثر پوندو. اها سمجهي ويندي: ساڳئي ڪم لاءِ جيڪي پنهنجي ڌيءُ کي دڙڪو ڏيندي دير نه ٿا ڪن، سي مون کي پڻ ڏيندا. نتيجتًا موقعو ئي نه ڏيندي جو ڪيس دڙڪو ڏيڻو پوي. اگر نونهه تي اثر نه پيو ته ڪم از ڪم پنهنجي ڌيءُ، چال سڌاري هلندي. ڦيتاڙو به نه پوندو ۽ گهر پرسڪون پيو هلندو.

مطلب: ١. چئو ڌيءُ کي، لاهڻي لاهه نونهه تي.

٢. ڏک هڻجي ڌيءُ کي، سڪي نونهه.

٣. سناناں تيهو کی، آخناں نونہں کی- (کہاوت)

۴. چئجي ڏيءُ کي، ٻڌائجي نونھ کي.

۳. آدھا پہانڈا بھلا چھلکے- (کہاوت)

آدھا؛ اڌورو. پہانڈا؛ ڀانڊو، مٽ، دلو، ٿانءُ. بھلا؛ ڀلو، چڱو، سنو. چھلکے؛ ڇلڪي.

نڪر جو ٿانءُ پنهنجي وجت منجهان سجاتو ويندو آ. ڀاڙو وجي تہ منجهس سير پيل هوندي يا پڪل گهٽ هوندو. مٽي ڳوهيل صحيح نہ هوندس يا چيڪي مٽي استعمال ٿيل نہ هوندي. جڏهن پڪل صحيح هوندو ۽ ڪا سير پيل نہ هوندس تہ ٺورڙي نينشڙي تي بہ منجهانئس سني وجت جو آواز پيو ايندو. منجهس پيل پاٽي ڇلڪندو تہ ڳاڱيي وارو سريلو آواز بہ پيو آلاپبو.

اگر مٽ يا دلو ڀلي ڀاڙو نہ هجي، پر ڀريل پورو آ تہ بہ ڇلڪي جو آواز ماريل هوندس. جڏهن تہ اڌوري ڀريل ٿانءَ منجهان، ٿوري بہ ڇلڪي تي، پاٽيءَ جي ڳاڱيي جو آواز پيو ايندو. اڌوري گهڙي ۾ پاٽيءَ کي ڇلڪي لڳڻ سان، ڀريل دلي جي ڀيٽ ۾، اڳتي پوئتي ٿيڻ لاءِ چڱي خاصي وٿي مليو وجي، جنهن سان آواز وڏي ووڪ سان نڪري ٿو ۽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

مطلب: ۱ . دلو اوٽو، ڇلڪي گهڻو.

۲ . آدھا کہڑا زیدے چھلکناں-

۳. جہڑا پہانڈا سکھناں، او بہوں کھڑکناں- (کہاوت)

۴. سکھناں کہڑا، بہوں کھڑکناں-

۵. سکڻو گهڙو، وجي گهڻو.

٦. سکھنے پہانڈیاں نیں بہوں کھڑکار-

۷. سکڻي گهڙي جي وجت وڏي.

۸. سکڻي ڪني، اپامي گهڻي.

۵ . ٺلهو ڇٽو، وجي گهڻو.

۴ . آزمی نا رہنا، اسنی گل رئی گشنی- (کہاوت)

آزمی؛ آدمي، ماڻهو. گل؛ ڳالھ، واس.

دنيا اندر انسان ڪجھ وقت لاءِ آيو آ. ڪالھ ڄائو، اڄ ننڍو، سيان جوان، پرينهن دنيا مان چالاڻو ڪري ويو. آيو هٿين خالي، بنا قوت ۽ طاقت، بنا علم ۽ ڄاڻ، بنا لٽي ڪپڙي. ويو تہ هن دنيا جي ڪا شيءِ ساڻ نہ هيس. جيڪو وقت گهاريائين، سو ورثي طور مليل يا هٿ سان ڪمايل شين سان گهاريائين. انهن جي بل بوتي تي بانوريو، ٽيڱريو، هليو ۽ چليو. وقت گذري ويو. پوئتي، ڪيل ڳالهين جي فقط ياد آ. باقي دق ئي دق آ.

مطلب: ١. ماڻهو نہ رهندو، وڃي رهندي ڳالھ.

٢. دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس.

٣. بندہ مری گشناں، گل رئی گشنی۔ (کہاوت)

۴. بندہ نا رہناں، اسنی گل رئی گشنی۔ (کہاوت)

۵. گلاں رئی گشنیاں، بندہ نا رہناں۔ (کہاوت)

٦. ڳالهيون رهجي وينديون، ماڻهو نہ رهندو.

۷. ویلا گذری گشناں، گل یاد رہنی۔ (کہاوت)

٨. وقت ويندو گذري، ڳالھ ياد رهجي ويندي.

۵ . آئی جہڑا کیں راسو، کل لئے کپسو۔ (کہاوت)

آئی: اڄ. راسو: راهيندئو، راڏيندئو، پوکيندئو. لئے: اهو ئي. کپسو: ڪپسو، ڪپيندئو، لڻندئو.

دنيا دارالعمل آ. جيڪي ڪجھ ڪجي ٿو، اتي ئي ان جو ڦل لڀجي ٿو. دنيا اندر ڪا ڪمي رهجي وئي تہ اصل حساب ڪتاب، آخرت ۾ ملندو. ٻين سان چڱو هلبو، ٻيا چڱو هلندا. ٻين سان برائي ڪبي، سياڻي پاڻ سان ٿيندي.

مطلب: ١. اڄ جيڪي پوکبو، سياڻي سو ئي لڻبو.

٢. جہڑا کیں راسو، لئے کیں کپسو۔ (کہاوت)

٣. جهڙو پوکيندئو، تهڙو لڻندئو.

٦ . آئی مہاڑے نال، کل تواڑے نال۔ (کہاوت)

آئی: اڄ. مہاڑے نال: مون سان. تہاڑے نال: تو سان.

دنيا جا حالات، هر وقت تبديل ٿيندا رهن ٿا، جيئن اتي ئي انسان کان امتحان وٺي سگهجي. ڪنهن کي ڏئي، ڪنهن کان ڪسي آزمايو ويندو. اڄ دولت

تو وٽ آ، سياڻي مون وٽ. ڏکيا ڏينهن اچ مون تي، سيان تو تي. مون تي آيل ڏينهن، تو لاءِ نياپو. تون منهنجي حال تي قياس نہ تو ڪائين تہ پؤ ڪر تو تي ساڳيا حالات آيا تہ تو تي قياس ڪائڻ وارو ڪير نہ هوندو.

مطلب: ۱. اچ مون سان، سيان تو سان.

۲. آج همان، ڪل تمان.

[ ا ]

۷. اپنا ٹہڈہ، کتا وی پالی کہنناں آ۔ (کہاوت)

ٹہڈہ؛ ڍڍ، پيٽ. کہنناں؛ گهنڻ، ونڻ.

هر ساهدار ڪي، زنده رهڻ لاءِ، پيٽ ساڻ ڏنو ويو آ، جنهن ڪي پرڻ لاءِ دنيا اندر کاڌ-خوراڪ جو جوڳو بندوبست پڻ ڪيو ويو آ. ڪو بک وگهئي مئو ناهي. ڪو مئو آ تہ گهٽي ڪائڻ سبب مئو هوندو، اٽهوند سبب نہ مئو هوندو. ڪي ماڻهو، پيٽ پرڻ ڪي، ترجيح ڏيندا آهن. ڏوهن جا ڪم ڪري پيا جتائيندا آهن: پيٽ ڪتي لاءِ جتن تو ڪيان، جيتوڻيڪ پيٽ، ڪتي ٻلي ڪي بہ ڏنو ويو آ، جيڪو حلال حرام جي تميز ڪان سواءِ پري ٿو. ان مان اها مراد نہ وٺبي: انسان بہ ائين ڪري. اشرف المخلوقات هئڻ ناتي، پيٽ جي معاملي ۾، عزت وارن روين ڪي برقرار رکي تہ بهتر آ.

مطلب: ۱. پنهنجو پيٽ تہ ڪتا بہ پيا پالين.

۲. ٹہڈہ تو کتا وی پالی کہنناں آ۔ (کہاوت)

۳. پيٽ تہ ڪتا بہ پالي ٿا وجن.

۸. اپنا خون، اپناڑے ہوناں۔ (کہاوت)

خون؛ رت، رشتيدار، مٽ، عزيز. اپناڑے؛ پنهنجو ئي.

هن دنيا اندر، انسان مٿان ڪيئي مهلون اچن ٿيون، جن تي ڪيس ٻين جي مدد جي ضرورت پوي ٿي. سڏ ۾ سڏ ڏيڻ وارو، هر ڪو نہ هوندو آ. ڪيئي، ڪنڌ ڪڍائڻ وارا، مطلب/ غرض خاطر واسطو رکڻ وارا هوندا. ڪير بہ پنهنجا ڪم ڇڏي، ٻئي لاءِ ميدان ۾ لهي نہ پوندو آ. اڙي اڏيءَ ۾، جهبو

فقط رشتيدار/ مٽ کي ئي ايندو آ. پنهنجا ڏک سور وساري، نفعي/ نقصان کي خاطر ۾ نہ آڻي، اڙيل عزيز جو آڌر ٿيندو آ.
مطلب: ١. رتُ، وري بہ رت آ.
٢. مٽُ، وري بہ مٽ آ.
٣. رتُ دانگيءَ تي بہ وري.

٩ . اپنا ديدياں سوائيں، لو ئي لگنی۔ (کہاوت)

ديدياں: ديدن، اکين. سوائيں: کان سواءِ، کان بغير. لو: روشني، نظر.
دنيا چرپر سان آ. بغير چرپر جي ماڻهو مرده آ. چرپر: اٿڻ ويهڻ ۽ چلڻ ڪرڻ سان آ. اٿبو ويهبو تہ هٿن ۽ پيرن، چنگهن ۽ گوڏن سان پر انهن کي سڌي راهہ ڏيکارڻ/ سونهون ٿي هلڻ لاءِ ڏسڻ جي روشني، اکين ۾ هجڻ ضروري آ. بئي جي اکين جي روشني، محتاجي آ. اڳلو واندڪائيءَ ۾ مدد ڪندو، نہ تہ ويچارو ٿيو وينو هجبو. پنهنجي اکين جي جوت سهاري، ٻين جي محتاجيءَ کان آجو ٿبو. پنهنجي راءِ ۽ راهہ، ارادي ۽ اختيار سان پيو هلبو.
مطلب: ١. پنهنجي اکين جي ديد کان سواءِ، روشني ناهي.
٢. پنهنجي شيءِ/ عضوو جيترو ڪم اچي ٿو، اوترو ٻين جا ڪم نہ ٿا اچن.

١٠ . اپنا ماری چھاوے سٹناں، پرايا ماری طہ دھپے چ سٹناں۔ (کہاوت)

معاملا وچڙن/ منجهي پون تہ پاڻ ۾ جهيڙا جهٽا ٿي پون. ڪوشش ڪجي تہ جهيڙن جهٽن جو سبب بجنڌڙ معاملن کي جڙ کان چني ڇڏجي. اڻبڻت/ خصومت ٿيڻ جو احتمال تہ رهندو ئي. پنهنجي رشتيدار سان ٿيو تہ بدلي وٺڻ کان پوءِ بہ احساس ٿيندس. پڇتاءَ جي موٽ ۾ ڪو نہ ڪو احسان ڪري ويندو. معاملو ڪنهن ڌارئي سان آ تہ اهو جڏهن ماريندو تہ ڪيس بدلي وٺڻ کان پوءِ بہ دل ۾ ڦهڪاءُ يا قسيس نہ ايندو. ظلم تي چڙهيل هوندو آ. نقصان پهچائڻ پڄاڻان، پڻ ۾ ويتر نقصان ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو. جيئن ايترو ڪمزور ڪري ڇڏي، جو بدلي وٺڻ جي صلاحيت ئي نہ رهي.
مطلب: ١. پنهنجو ماري: ڇانءَ ۾ اڇلي، پرائو ماري: اس ۾ اڇلي.
٢. پرايا ماری دھپے چ طہ اپنا ماری چھاوے چ سٹناں۔ (کہاوت)

٣. پرائو ماري اس ۾، ته پنهنجو ماري ڇانءَ ۾ سٽي.

١١. اپنی جانی اپر بنی ہوئی وے، دوجے ناں خیال نا اشناں۔ (کہاوت)

ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ، هر هڪ جي دل گهرندي آ. جسماني/ روحاني ڪمزورين يا پئسي جي اڻهوند سبب، ڪي ماڻهو مدد ڪرڻ کان ڪيٻائڻ لڳندا آهن. جڏهن پنهنجي سر تي ايندي اٿن ته ان وقت وڏيڪ لنوائيندا آهن. سر تي آئي کان پوءِ رشتا ناتا به نظر نه ايندا آهن. مٿي تي آيل تڪليف ٻئي ڏانهن ڏڪڻ جي ڪوشش هوندي آ.

مطلب: ١. پنهنجي سر تي ڪڙڪي پوي ته ٻين جو خيال ئي نه اچي.

٢. پنهنجي سر تي اچي ته ٻين جي سر تي آيل وسريو وڃي.

١٢. اپنی ککڑی چنگی وے، طہ دوجے نے کہر اٹے کیاں وے؟۔ (کہاوت)

ٻين سان ربط ان لاءِ رکبو آ ته جيئن وقت پئي ڪم اچن. اهو تڏهن ممڪن آ، جڏهن ٻنهي طرفن کان اهڙو سچو ارادو هجي. هڪڙو سچو هجي ۽ ٻيو نڳڻ جي چڪر ۾ هجي ته پوءِ اعتبار ڪچي ويندو. معاملات صحيح نموني هلڻ بجاءِ اوڪا ٿي ويندا. ڪڪڙ ڏارجي ٿي ته وقت تي آنا لاهيندي، جيڪي ڀوڙ-ڀاڙيءَ ۾ ڪم ايندا يا ڪپائي لوڻ مرچ ونبا. ڪڪڙ، گهر ۾ آنو لاهڻ بجاءِ، ٻين جي گهرن ۾ لاهي اچي ته ان جي ڏارڻ مان ڪهڙو فائدو؟

دوستي رکبي آ ته وقت پئي ڪم اچجي. هڪڙو، سنگت تي خرچ ڪري ۽ جڏهن ان تي اچي ته سنگت ڪنڌ ڪڍائي وڃي ته ويسورو ضرور ٿيندس.

مطلب: ١. پنهنجي ڪڪڙ چڱي هجي ها ته آنا پراون گهرن ۾ چو لاهي ها؟!

٢. پنهنجو ڪتو ڀاڙي نه ٿئي ته گدڙ کي سڏ ئي نه ٿئي جو ول وڃائي!؟

١٣. اپنی لسی کی، کوئی کٹھیاں ناں آخناں۔ (کہاوت)

لسي، کير منجهان جڙي ٿي. کير ڀرين خوراڪ آ. جيڪا ان وقت واپرائجي ٿي جڏهن نه وات ۾ ڏند، نه پيٽ ۾ سخت آندا. کير جي لذيذ هجڻ تي ڪنهن کي به گمان ڪونهي. منجهانئس جڙندڙ ڏونئرو، لسي/ ڏڌ سيٻاڻ طور وجهڻ سبب، لوڙيانو ٿئي ٿو. وقت گذرئي ماچ ڪري، ڪنڙو پڻ ٿيو پوي. منجهند

جي گرميءَ تي ٿڙهہ بانس ۽ ڪتاڻ سبب آڪو ٿي وجي. گهر-ڏونئري جي خبر هئڻ سبب، بي عيب نظر ايندو آ ۽ پاٽي گڏي پيو مزي سان پيئبو آ.

مطلب: ١. پنهنجي ڏڌ کي ڪير کٽو نہ چوندو آ.

٢. اپنی لسی کی، کن پتلا/ کھٹیاں آخناں۔

٣. پنهنجي لسيءَ کي، ڪير چڊو/ ڪٽو چوندو!

٤. کوئی نا آخناں؛ مہاڑی لسی کھٹی۔ (کہاوت)

۵. ڪير نہ چوندو: اسان جي لسي کٽي!

١۴ . اتنا کھائو، جتنا پچائی سکو۔ (کہاوت)

هر ساهدار کي زنده رهڻ لاءِ کاڌو کائڻو آ. جيڪو هڪ وقت نہ کائي سگهبو. وقت جي وٿيءَ سان کائي سگهبو. هڪ کاڌل کاڌو، پيٽ اندر هضم ٿي، جسم جي ضرورت جا جزا پوريءَ طرح الگ ٿين تہ پوءِ ٻيو کاڌو، اوترو کائجي، جيترو پيٽ اندر گنجائش هجي. وڌيڪ کائبو تہ هضم ڪرڻ ۾ اهنجائي ٿيندي. جسم ڳؤرو ٿي پوندو ۽ هلڻ کان هلاکي ٿي پوندي. پورو پنو کاڌو، پيٽ هضم ڪرڻ سارو کائبو تہ بي ضرر ۽ ڪارائتو رهندو.

مطلب: ١. ايترو کائو، جيترو پچائي سگهو.

٢. وت/ بوتي آهر کائجي.

٣. اتنا ژے کھایئے جتنا پچائی سکینے۔ (کہاوت)

۴. ايترو کائجي، جيترو هضم ڪري سگهجي.

١۵ . اتنے مٹھے ناں بنو کہ دوآ نگلی شوڑے،
اتنے کوڑے وی نہ بنو کہ دوآ تھکی شوڑے۔ (کہاوت)

ٻين جي ربط کان سواءِ زندگي گهارڻ اهنجي آ. ربط/ واسطو ايترو هجي جو سنڀالي سگهي. گهرگهلو ۽ ها ۾ ها ملائڻ وارو نہ هجي جو اڳلو غلط قسم جون اميدون رکي ويهي. پيو ڦري کائي ۽ چالاڪين سان ٺورو ڪرڻ واري لانگ بہ رکيو اچي. نہ وري شوم ۽ چالاڪ ٿجي جو اڳلو نفرت ڪرڻ لڳي. ڪڏهن کات ٿجي تہ ڪڏهن وري ٻڪرو بہ ٿجي. ٻين مان ڪم ڪيجن تہ انهن جي ڪم بہ اچجي.

مطلب: ١. ايڏو منو نہ ٿيءُ جو ٻيو ڳھي ڇڏئي، ايڏو ڪؤڙو نہ ٿيءُ جو ٻيو ٿوڪاري ڇڏئي.
٢. اڑے جئے مٹھے وی ناں بنو کہ کوئی کھائی شوڑے، اتنے کوڑے وی نہ بنو کہ کوئی تھکی شوڑے۔
٣. ايترا منا نہ ٿيو جو ڪير ڪائي ڇڏيو، ايترا ڪؤڙا نہ ٿيو جو ڪير ٿوڪاري ڇڏيو.

١٦. ادھی چھوڑی پوری واخ نسیا، ادھی وی گی۔ (کہاوت)

دنيا اندر زندگي گذارڻ لاءِ ماڻھوءَ جي اندر، حرص جو مادو بہ وديعت ڪيو ويو آ. اگر حرص نہ هجي تہ ڪير بہ هٿ پير هڻڻ لاءِ تيار نہ هجي. حرص جڏهن وڌي ويندو آ تہ لالچ ۾ تبديل ٿي ويندو آ. لالچ يا هوس، توري تي قناعت نہ ڪندي آ. اجا وڌيڪ گھربو اٿس، جيڪو سندس ضرورت کان گھڻو واڌو هوندو آ. اتي پھچڻ کان پوءِ جيڪو گھٽي جي پويان ڊوڙندو آ، تنهن کان اڌ بہ هليو ويندو آ.
مطلب: ١. اڌ ڇڏي پوريءَ ڏانهن ڀڳو، اڌ بہ ويس.
٢. اڌ ڇڏي سڄيءَ ڏانهن ڀڄي، تنهن کان اڌ بہ وڃي.

١٧. ادھی رات پئی، بے للی کٹوا تھوتا۔ (کہاوت)

بے للی: بي تڪي، اڏنگي، سگھڙ جو ضد، ڦوهڙ. کٹوا: ڪٽورو، ٿانءُ، برتن. تھوتا: ڌوتا.
اڏنگي عورت هڪ تہ ڪم ڪندي ڪين. وري جي ڪندي تہ اهڙي وقت تي ريچڪ چڙهندس، جڏهن ٻيا آرامي هجن. پنهنجي سگھڙپٽي جو احساس ڏيارڻ لاءِ بي وقت جي محنت پئي ڪندي. ان وقت جيئن تہ هر ڪو بيخيالو هوندو آ، تنهنڪري انهن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ويني ٿانءَ کڙڪائيندي تہ جيئن ڪير اٿي ويهي شاباس ڏئي تہ ڪيڏو نہ گھر جي ٿانءَ ٿپي جي صفائيءَ سترائيءَ جو اونو اٿس.
مطلب: ١. اڌ رات پئي، نڪميءَ اٿي ٿانءَ ڌوتا.

١٨. اڑے جیو، تختے ر پیہالنی،

اڑے جيو، بيزت وی کرانی۔ (کهاوت)

اڑےء اها، ساڳي. جيوء زبان. پيهالنیء ٻنائي، ٻلهائي، ويهاري. بيزتء بيعزت.

ٻين تائين پنهنجي دل جي مدعيٰ پيش ڪرڻ جو ذريعو، زبان آ. زبان سان ڪيتريون ئي ڳالهيون ۽ خيال، ٻين سان ونڊجن ٿا. سوچي سمجهي ۽ چبي چٽي ڪڍيل گفتو، عزت ڪرائي ٿو. اڳلو ٻڌڻ سان نرم گوشو رکي ٿو. اڻ-سوچيو ۽ اڍنگو جملو، اڳلي جي نفرت جو باعث ٿئي ٿو، جنهن سان بيزار ٿي نفرت ڪرڻ لڳي ٿو.

هڪڙي امير وٽ آيل مهمان، گهر جي ٻورچيءَ کي چيو: ”اڄ مون کي ان عضوي جو گوشت کاراءِ جيڪو، سٺي ۾ سٺو هجي.“ ٻورچيءَ زبان جو ٻوڙ رڌي پيش ڪيس. ٻئي ڏينهن مهمان بچڙي عضوي جي گوشت جي ٻوڙ جي فرمائش ڪئي. ٻورچيءَ وري به زبان جو ٻوڙ رڌي پيش ڪيو.

مهمان پڇيس: ”اڄ به زبان جو ٻوڙ پيش ڪيو اٿئي؟“ ٻورچيءَ ورندي ڏنس: ”سٺي ۾ سٺو عضوو به زبان ته خراب ۾ خراب به زبان.“

مطلب: ١. اها زبان تخت تي ويهاري، اها زبان بيعزتي ڪرائي.

٢. اها ئي زبان ڇانءَ ۾ ويهاري، اها ئي زبان اس ۾ ويهاري.

٣. جيو تختے ر پيهالنی، طہ لوانی۔ (کهاوت)

٤. زبان: تخت تي ويهاري به، لهرائي به.

٥. ساڳي زبان اس ۾ ويهاري، ساڳي زبان ڇانءَ ۾ ويهاري.

١٩ . استازاں نی مار طہ ماؤ پيئو ناں پيار، ايويں نئے ہوئيں۔ (کهاوت)

استازاںء استادن جي. ايويںء ائين، اجايا.

استاد، شاگرد تي ڪاوڙبو تڏهن، جڏهن سبق ڪچو هجيس يا پڙهڻ کان گسائيندو هجي. سبق ڪچو هجڻ ۾ شاگرد جو نقصان آ، جو ڊؤر ڪرڻ وقت، پڙهندي دل نه چوندس. مار ملندس ته پوءِ ۾ پڪو به ڪندو ۽ وسرندس به نه. گسائڻ سان، ذهن ۾ آزاد-خيالي ويهندي آ. ننڍي اوستا ۾ ٻار، گسائڻ تي ڪريو ته ڏکيا ڏينهن اچڻ تي، منهن ڏيڻ کان پيو ڪيٻائيندو. گسائڻ ٽتان، استاد جي مار مليل هوندس ته ڪين گسائيندو. استاد جي مار تي ٻار ائين پچي راس ٿئي ٿو جيئن، ٻني ۾ ڪچيون سرون. والدين جو پيار، ٻار ۾

همت پيدا ڪندو آ. ڪين، بي غرض، مددگار ۽ هڏڏوکي سمجهڻ واري ڏي
تي، ٻار پيو اڳتي وڌندو آ.
مطلب: ١. استادن جي مار ۽ ماءُ پيءُ جو پيار، اجايا ناهن.

٢٠ . اسمانے واخ موں کری تھکو طہ تھک اپنے ڑے موئیں راشناں۔ (کہاوت)
اسمانے واخ: آسمان ڏانهن، اپ ۾. موں: منهن. ڑے: ئي. موئيں: ٻوٿ. راشناں: ايندي.
هر شيءِ، ڪيتري بي وزن ڇو نہ هجي، ڪشش ثقل جي قانون تحت، ڌرتي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ضرور ٿي. جنهن سببان، زمين کان ڪجي آسمان ڏانهن، پاڻمرادو هلي نہ ٿي وڃي. زور سان اماڻبس تہ بہ هڪ حد تائين ۽ ڪجھ عرصي لاءِ، ويندي پر اتي ترسندي نہ. سنت موٽندي. وزنائتي شيءِ مٿي اڇلي، موٽڻ جو ڪير بہ انتظار نہ ڪندو آ جو اها جاڻ آ: مٿي ويل هيٺ ضرور موٽندي. هيٺ بيٺل، سندس نشاني تي هئڻ سبب، بچندو مشڪل. ٿڪ پلي هلڪي ۽ بي وزن آ پر موٽي منهن ۾ لڳڻ سبب، مٿي نہ اڇلبي. ان عمل کان، هر ڪو اڳوات منع ڪندو آ.
مطلب: ١. اپ ۾ ٿڪ اڇلائبي، موٽي منهن ۾ پوندي.
٢. پاڻان وڏن سان سينو ساهبو، نقصان پنهنجو ئي ٿيندو.
٣. هر ڪنهن کي نقصان پوڻ کان اڳ، محتاط ڪجي.

٢١ . اسے کتے نیاں تہپاں، پو مائیں ناں سیوں،
سانونے نی چھڑی، چیترے نیاں بھکاں بریاں۔ (کہاوت)
اسے کتے: اسو ۽ ڪتي، ٻن هندي مهينن جا نالا. تہپاں: ڏُپ، اس. پو مائيں: پوھ ۽ ماھ/ مانگھ، ٻن مهينن جا نالا. سيوں: سيءُ، پارو. سانونے: سانوڻ، مهيني/ مند جو نالو. چهڑی: جهڙ، ڪڪر. چيترے: چيٽ ۽ بدو، ٻہ مهينا. بھکاں: ٻڪ، اٺهوند.
اسو، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ڌاري ايندو آ. پويانئس ڪتيءَ جو مهينو، آڪٽوبر جي اڌ کان شروع ٿي نومبر جي اڌ ۾ پورو ٿيندو آ. ان وقت رات جو ٿڌڙي هوا لڳندي آ، ڏينهن کي اجا تِڪُ هوندو آ. اس جي جهڙپ سهڻ، ڏکي هوندي آ. گورک پکي، اس کي پسند ڪندڙ آ. اهو بہ اسوءَ جي مهيني ۾ اس کان پجي، چانءَ ڳوليندو آ. جو چوٽي آ: اسوءَ اس ڳهن، گورک چانءَ ٻهن.

پوھ، ڊسمبر مهيني جي اڌ کان شروع ٿي، جنوريءَ جي وچ ۾ پورو ٿيندو آ. مٿئون مانگھ هوندو اٿس، جيڪو پندرهين فيبروريءَ تائين هلندو آ. انهن مهينن ۾ سياري جو اوج هوندو آ. سيءَ سان گڏ پارا پوندا آهن. ڪم ڪار ڪندي، سيءَ ۽ ٿڌ سبب، هٿن جون ڪلون بہ ڪوهجي پونديون آهن. چوٽي آ: پوھ، ڪلن ڪوھ. مانگھ ۾ ٺهہ و ٺهہ سيءُ هوندو آ. چوٽي آ: مانگھ، سياري ڏني ٽانگھ.

سانوڻ، جولاءِ جي اڌ کان آگسٽ جي وچ ڌاري تائين هلندو آ. ان وقت چؤماسي جون هوائون لڳن ۽ برساتيون پون. هر پاسي انجر ڇنڇر هوندا آهن. روڊ رستا پجي ٿتي پوندا آهن.

چيٽ، مارچ-اپريل ڌاري ايندو آ. ان وقت رات ٿڌي، ڏينهن گرم هوندو آ. ٻاهر نڪرڻ ڏکيو لڳندو آ. بک گهٽي لڳندي آ پر ڪائڻ واري ڪا بہ شيءِ، موسم جي مٽجڻ سبب ڄيورندي ناهي. اهڙي حالت بدي ۾ پڻ ٿيندي آ. ان وقت موسم، اونهاري کان سياري ڏانهن پئي ويندي آ. چوٽي آ: بدو بد بلا، تنهن کان سانوڻ پلا.

مطلب: ١. اسوءَ ۽ ڪتيءَ جي اس، پوھ ۽ مانگھ جا پارا، ساوڻ جو وسندو مينهن، چيٽ ۽ بدي جي بک: برا.

٢٢. اصل کولا خطا نہ، کم اصل کولا وفا نہ- (کہاوت)

آدم جو مڙيئي اولاد، ڌرتيءَ تي وسي ٿو. اونچ نيچ جا پئمانا، پنهنجا ناهيل آهن. هتي اصل مان مراد: خانداني ماڻهو آ، جنهن ۾ اخلاق حد درجي جو پريل هجي. ٻين لاءِ زنده رهڻ ڪي، زندگيءَ جو مقصد تصور ڪري. منجهانئس خطا يا سرزنش ٿيڻ جو انديشو نہ هوندو آهي جو هو پنهنجي پيٽ ڪي پنهنجي نڪ کان هيٺ رکندو آ.

بد نسل ماڻهو، پنهنجي غرض ڪي مقدم رکندو آ. ٻين جو لکن جو نقصان، خاطر ۾ ئي نہ آڻيندي، پنهنجي ٽڪي جي فائدي آڏو، مڙني ڪي قربان ڪري ويندو آ. نڪ ٻوڙي، ڏوھ ڪندو آ. پيٽ ڪي، نڪ کان مٿي رکندو آ. منجهانئس، چڱائيءَ ۽ وفا جي اميد رکڻ، عبث آ.

مطلب: ١. اصل کان خطا نہ ٿيندي، بي اصل مان وفا نہ ٿيندي.

۲۳ . افسر نی آگاڑی بری، کہوڑے نی پچھاڑی بری۔ (کہاوت)

آفيسر سان واسطو وڙو ان ڪري رکبو آ جو منجهانئس ڪوڙ فائدا ٿيندي نظر ايندا آهن. دوست آ تہ حد جي عملدار ناتي، ڪانئس رعايت مراعت ۽ چڏ چوٽ جهڙا فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا. شرط اهو آ تہ ڪيس بہ سوڪڙيون پاڪڙيون، تحفا تحائف پهچائجن. آڳي پيڇي/ خوشامد برآمد ڪجيس. ساڻس سينو ساهي، رعايتون مراعتون حاصل ڪرڻ ڏکيون آهن. ساڻس اچائي نہ سگهبو جو سندس هٿ ڊگها آهن. آڏو اچي، منجهانئس فائدو وٺي نہ سگهبو. آفيسر جي اڳيان نہ اچجي، بلڪ پويان هلجي.

آڳاٽي دور ۾، جڏهن جهاز ۽ لئنڊ ڪروزر گاڏيون نہ هيون، تڏهن اٽانگن پنڌن جي سواري گهوڙو هيو. مٿانئس ويني، ڏکيو پنڌ نبرندو هيو ۽ ان ۾ چڙهڻ واري جو شانُ مانُ بہ هيو. گهوڙي کي لت هڻڻ جي عادت آ. ڪو اچي ڪيس پويان چيڙائيندو هيو تہ سندس لت کان بچي نہ سگهندو هيو. وڏڙا، گهوڙي جي پويان اچڻ/ بيهڻ کان روڪيندا هيا.

مطلب: ۱. آفيسر جي اڳياڙي خراب، گهوڙي جي پچاڙي خراب.

۲. افسر افسر ہُئے ہو ناں آ، پہانویں مٹی ناں وے۔ (کہاوت)

۳. آفيسر آفيسر هوندو آ، پلي مٽيءَ مان نهيل هجي.

۴. آفيسر جي اڳيان نہ اچجي، گهوڙي جي پويان نہ اچجي.

۲۴ . اکاں نال انب، نئے لگنے۔ (کہاوت)

اڪ، عام ٻوٽو آ. سياري ۾ پارو، ساڙيو چڏيس. اونهاري ۾ نڪري نروار ٿئي. گرمين ۾، انبن جي موسم پڻ هوندي آ. اڪ منجهہ بہ پنهنجو گل ۽ ميوو، اڪ-ٽنڙو ٿئي، جيڪو شبيهہ ۾ ڪچي انب جهڙو هوندو آ. ڦاٽڻ کان پوءِ، منجهانئس تاندورن وارا ٻُجر ٻج، جن جي بوءِ ۽ ذائقو اُگرو/ اڻ وڻندڙ هوندو آ. نڪري هوا ۾ پيا اڏامندا آهن. پيوندڪاري ڪجيس يا منو پاٽي پيارجيس تہ بہ اڪ-ٽنڙي مان ڦري انب نہ ٿيندو.

مطلب: ۱. اڪن ۾ انب نہ ڦٽندا آهن.

۲. اَڪ مان انب نہ ٿئي، ٻٻر مان نہ ٿئي ٻير.

٣. اکن کان آما، ٻڌن کان ٻير گهرڻ: بيوقوفي آ.

٢٥ . اکھليا وچ سر دتيا مولے نہ کہہ ڈر۔ (کہاوت)

اکھليا: اکري. وچ: منجهہ ۾. مولے: مهرلو، مهري. ڈر: ڊپ، ڀؤ.

اکري: ان ڇڙڻ، مرچ مصالحو ڪٽڻ، ستي ڦڪي ڏڏرڻ واسطي استعمال ڪبي آ. وکر وجهي، مهرلي/ مهريءَ يا حمام دستي جا ڌڪ هٽبا تہ ڪٽجي پوندو. ان جا داڻا، مهريءَ جي ڌڪن تي، اکريءَ مان ورلي ٻاهر نڪرندا آهن.

ڪي ماڻهو اهڙا ثابت قدم هوندا آهن، جو مٿان بيهي ڪٽجين، سَنڌُ سَنڌُ وڍجين تہ بہ ٻڙڪ نہ ڪڇندا آهن. ڪسندي ڪسي ويندا، اندر جو انت عام ڪي نہ سليندا. اهڙي ثابت قدميءَ تي ائين ئي مثال ڏنو ويندو آ.

مطلب: ١. جي اکرين ۾ منهن وجهن، سي مهرين پئہ نہ ڊڄن.

٢. جن اکرين ۾ متو ڏنو، سي مهرين جي ڌڪن کان ڪين ڪنبندا.

٣. جي ڪلهو ڏيندا آهن، سي توڙ بہ پهچائيندا آهن.

۴. اکھلی چ سر دتا طہ موہلیاں ناں کتہ ڈر۔ (کہاوت)

۵. اکرين ۾ منهن ڏنو، مهرين جو ڪهڙو ڀؤ؟

٢٦ . اگ طہ پائنيں ناں، کتہ ملاپ۔ (کہاوت)

پائنيں: پاڻي.

باهہ ۽ پاڻي، بہ متضاد بنيادي عنصر آهن. هڪ جي خاصيت: ساڙڻ، ٻئي جي وسائڻ/ ٻوڙڻ آ. باهہ سمورين شين کي ساڙي ٿي، جڏهن تہ پاڻي پوڻ سان گرم ٿيو وڃي. ٻوڙيندڙ/ وهندڙ پاڻيءَ جي آڏو، باهہ وڃي نہ ٿي سگهي، جو سندس خاصو، سڪين کي جلائڻ آ. ديگڙي يا ڊرم ۾ پاڻي وجهي، باهہ تي رکبو تہ آهستي آهستي گرم ٿيڻ بعد، گرم ٿيڻ شروع ٿيندو. ان صورت ۾ باهہ پاڻيءَ کي گرم ڪيو ڇڏي.

پنهنجي ذات منجهہ، ضديت جو خاصو رکندڙ ٻئي عنصر، هڪ ٻئي پرسان پنهنجو وجود برقرار رکي نہ سگهن. ٻنهي جو ميلاپ تہ ممڪن ئي ناهي.

مطلب: ١. آگ ۽ پاڻيءَ جو، ڪهڙو ملاپ.

٢. باھ ۾ پاڻيءَ جو، کھڙو جوڙ؟

### ٢٧ . اگے دوڑ، پچھے چھوڑ- (کہاوت)

اگے؛ اڳتي، اڳيان. دوڑ؛ ڀڄ، وڃ. پچھے؛ پوئتي، پويان. چھوڑ؛ ڇڏ، رهاءِ.

دنيا اندر، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ جو سفر، انسان کي آهي ئي آهي. هڪ ڏينهن ڄائو آ، موت جي منزل ڏانهن، ڏيهاڙي سندس پنڌ آ. اهو سفر ڪندي ڪندي، گهڻن ئي لاهن چاڙهن تان گذرڻو اٿس. منجهانئن سبق حاصل ڪندو، اڳتي وڌندو تہ زندگيءَ جي سفر لاءِ بهتر رهندس، نہ تہ ڊوڙڻ ڊڪڻ اجايو اٿس. بهتر آ تہ اڳتي وڌڻ سان گڏ پوئتي ڇڏيل راهن تي بہ نظر ڦيريندو ۽ تجرباتي ڏاهپ هٿ ڪندو، ڪيس مشعل راھ ڪندو اڳتي وڌي. ٿڙڻ ٿاٻڙڻ بجاءِ، باوقار نموني، منزل رسيد ٿيندو.

مطلب: ١. ڀڄندو بہ وڃ، رهائيندو بہ وڃ.

٢. اڳتي کي اک ۾ رک، پوئتي جي پچر ڇڏ.

٣. مستقبل جي ڳڻتي ڪر، ماضيءَ کي وسار.

۴. آگیں ٹور، پچھیں ترٹی چوڑ.

۵. اڳتي هلندو وڃجي، پوئتي ڇڏيندو بہ وڃجي.

٦. ڀڄندو بہ وڃجي، رهائيندو بہ وڃجي.

٧. پوئتي ڏسجي، اڳتي وک وڌائجي.

٨. ماضيءَ مان سبق حاصل ڪجي، مستقبل ۾ سوچي قدم رکجي.

### ٢٨ . اگی ناں سڑیا مولی رہناں، گلاں ناں سڑیا نا مولنا- (کہاوت)

مولی؛ مورجڻ، شيءِ جو ان جاءِ تان ڀيهر اٿڻ جتان وڍي/ سڙي هئي.

انساني جسم، ايترو ڪمزور بہ ناهي جو زماني جي هوا سان ختم ٿي وڃي، ايترو مضبوط بہ ناهي جو اها متس اثر نہ ڪري. ظاهري ڌڪ لڳندي، زخم رسي ٿو. دوا دارو ڪرڻ سان، ڦٽ جا چونئرا ورن ۾ مورجيو وڃي.

اندر جي ڌڪ کي، ٻاهرين ملم پٽي/ دوا دارو نہ پهچي. ڳجھ ڳوھ ۾ ٿيلن جو علاج، ظاهري دواخاني ۾ ناهي. ويڻ، طعنا تشنا اهڙا زباني ڌڪ آهن

جيڪي مورجي نہ سگهندا آهن. جنهن واتان زخم رسيو آ، ان لاءِ ساري عمر نفرت ٿيڻ جو امڪان رهي ٿو. نہ چاهيندي بہ دل تان ڏک ميساربو ناهي. زبان جي آفتن منجهان هڪ آفت اها بہ آ، جنهن ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي.

مطلب: ١. باهہ جو سڙيو سڌري، زبان جو سڙيو نہ سڌري.

٢. کواڑی ناں پھٹ مولی رہناں، جیرے ناں پھٹ نا مولناں۔ (کہاوت)

٣. ڪهاڙيءَ جو ڦٽ مورجي، ڄڀ جو ڦٽ نہ مورجي.

۴. گلاں نے پھٹ، نئے مٹنیں۔ (کہاوت)

۵. ڳالهين جا ڦٽ، نہ مِڙندا آهن.

۶. جیوے ناں پھٹ، سانی نال نا مٹناں۔ (کہاوت)

٧. زبان جو ڦٽ، آسانيءَ نہ ميٽجندو آ.

٨. تلوارے ناں پھٹ، مولی رہنا پر جیوے ناں پھٹ نا مولنا۔ (کہاوت)

٩. تلوار جو ڦٽ مورجي، زبان جو ڦٽ نہ مورجي.

## ٢٩ . الارناں طہ مارناں؛ ہک بروور۔ (کہاوت)

ڏک هٽڻ لاءِ، هٿ يا هٿيار، متي ڪٽي پوءِ هيٺ آٽبو آ. متي ڪٽڻ کي اولارڻ چئبو آ. ڏک وهڻ کان اڳ، اولاريل سڏبو. اولارڻ، وهائڻ جو بنيادي محرڪ آ. اولاربو نہ تہ وهائي نہ سگهبو. اولاريل ڏک، ذري تان ترڪي وهي بہ ويندو آ. ڪڏهن وهائڻ وارو ڏک، ويجهو اچي گسي بہ ويندو آ ۽ اولارڻ جي زمري منجهہ رهجي ويندو آ. اڳلي کي ڊيڄارڻ خاطر، وهائڻ تہ ڇا اولارڻ بہ چڱو ناهي، جو متان وهي وڃي. بنهي فعلن منجهہ ذري جي وٿي آ، جنهن تان ڪسڪي بہ سگهجي ٿو. ان ڪري بنهي کي، هڪجهڙو سمجهيو ويو آ.

مطلب: ١. اولاريو ۽ وهايو: هڪجهڙا.

٢. اولارڻ ۽ وهائي ڪڍڻ، ٻئي برابر آهن.

٣. اولاريندڙ: وهائيندڙ آ.

۴. اولارڻ واري کي وهائي ڪڍجي.

## ٣٠ . الٹا چور، کوٹوال/ کوتوالے کی ڈاٹے۔ (کہاوت)

الٹا چور؛ الٽو چور، ابتو چور، حصو ڏيندڙ چور، ڏن-پرو. کوٹوال؛ ٺاٽيدار.

چور، مجرم آ. مجرم، بزدل ٿيندو آ. منجهس هٿ وجهڻ جي دير هوندي آ. جيئن ئي قانون يا پوليس جو هٿ پيس، تيئن ئي ياڙي ٿي ويهي رهندو ۽ پنهنجي پاڻ کي قانون جي حوالي ڪري ڇڏيندو. 'الٽو چور' يا 'ابتو چور'، جيڪو چوڻ جي لحاظ کان چور جي ابتڙ آ، چور هوندي به بزدل ناهي. اها ڳالهه پريشان ڪندڙ آ. ان جو سبب اهو آ جو چور هجڻ وارو اندر جو ڊپ، رکوالن کي خريد ڪري، پاڻ منجهان ڪڍي ڇڏيو اٿائين. چوريءَ جو مالُ ڪارائي، ڪين ياڙي/ ياڙيت ڪري وڌو اٿائين. اهي به هن جهڙا ڏوهاري ٿي پيا آهن. هيءُ پاڻ، 'الٽو چور' ٿي پيو آ، جنهن سبب اندر جو ڊپ ختم ٿي ويو اٿس. ٽاٽيدار، چوريءَ جي مال جو حصو ڪائي، بزدل ۽ ڏانديو ٿي پيو آ. الٽو چور، ڪيس ڳٽڙ ڪان جهليندي، دير نه ٿو ڪري.

مطلب: ١. الٽو چور، ٽاٽيدار کي ڏهڙي.

٢. حصو ڏيندڙ چور، زورآور هوندو آ.

٣١. الٽياں نے ککڑ، تہڑھ ہیٹھ تہ جنگاں اپر۔ (کہاوت)

الٽياں؛ الٽيون، اونڌيون. ککڑ؛ ڪڪڙ، مرغي. تہڑھ؛ ڏڙ، ڍڍ. ہیٹھ؛ هيٺ. جنگاں؛ جنگهان، ڄنگهون، ٽنگون. اپر؛ اوپر، مٿي.

هلڻ چلڻ آسان ٿيندو آ، قانون فطرت تي هلڻ سان. جيڪو سنئينءَ سڌيءَ واٽ تي، سنئين لڳين، سڌو هلڻ سان ئي ممڪن آ. نه ته اوکو ۽ ناممڪن ٿيو پوي. فطرت جي اصول مطابق، ڳاٽ مٿي هجي، جو ان کي جسم جي سنڀال لاءِ، ڏسڻو وائسڻو آ. ڏسڻ وائسڻ جو ڪم، مٿي رهي ئي چڱي نموني سان ڪري سگهجي ٿو. زمين تي هلڻ لاءِ، پير ۽ ڄنگهون آهن، انهن کي زمين تي ئي رهڻو آ. ٻي صورت ۾ انهن جو هجڻ ئي بيڪار ٿي ويندو.

الٽي قسم جا ماڻهو، ٻيا ته سمورا ڪم الٽا ڪن، پر قانون فطرت وارن معاملن کي به الٽائپ سببان، اونڌو ڪري پيا هلن. فطرت کان هٽي هلڻ وارن منجهان، سنئين سڌي هلڻ جي اميد ئي عبث آ.

مطلب: ١. نياڳن جا ڪڪڙ: ڏڙ هيٺ، ڄنگهان اُپر.

٢. الٽا ڏارين مرغيون: ڄنگهون مٿي، هيٺ منديون.

٣. نياڳو ٻيڙيءَ تي چڙهي؛ ٻيڙي ٻوڙڻ وڃي، لاريءَ تي چڙهي؛ لاري ليٽ.
۴ . نياڳن جا نار، واڍن چاڙهيا واٽ تي.

۳۲ . الله جس ويلے ديناں، چھپر پھاڑی ديناں۔ (کہاوت)

دنيا اندر رهڻ واسطي، دنياوي شيون خلقيون ويون آهن. اهي حاصل ڪرڻ لاءِ خالق ڪائنات دنياوي طور طريقا خلقيا آهن، جن کي ورتائڻ سان، دنيا حاصل ٿيندي. ٻين طريقن ذريعي حاصل ڪرڻ، اهنجو تي پوندو. انسان کي، آزمائڻ خاطر، دنيا اندر موڪليو اٿائين. ڪيس نعمتون ڏئي ۽ آزمائي ٿو ته ڪسي ٻه. هتين خالي موڪلي، هر نعمت جو بندوبست اڳي ڪري ٿو ڇڏي. نعمتون ڏئي، بيگانو ڪرڻ جو سلسلو ٻه رکي ٿو ڇڏي. ڏيڻ ۾ ذريعن جو محتاج ناهي. محسوس ائين ٿيندو، ڄڻ ڪو ڇپر ڦاٽو آ ۽ نعمتون خاص ٿي، انسان تي لٿيون آهن. جتان ٿيڻ جو يقين هوندو آ، اتان ذرو ٻه حاصل نه ٿيندو آ، جتان ٿيڻ جو امان گمان ٻه نه هوندو آ، اتان پيو مال ملندو آ. اهي ان جا خاصا آهن، جن کي پنهنجي قدرت سان پاڻ ٿو ڄاڻي.
مطلب: ١. الله جڏهن ڏيندو آ ته ڇپر ڦاڙي ٻه ڏيندو آ.
٢. جداں دتے راشناں، چھت پھاڑی ط دینا۔
٣. جڏهن ڏيڻ تي ايندو ته ڇت ڦاڙي ٻه ڏيندو.
۴. رب دیناں، چھپڑ پھاڑی ط دیناں۔ (کہاوت)
۵. رب ڏئي، ڇپر ڦاڙي ڏئي.
٦. ڏيڻ لاءِ، رب ڪنهن وسيلي جو محتاج ناهي.

۳۳ . الله رکھے کن ڑ چکھے۔ (کہاوت)

صحت ۽ بيماري، آسودگي ۽ تنگي، غربت ۽ اميري، حياتي ۽ موت، سڀ جا سڀ رب جي طرفان آهن. جن کي جيتري ڏيڻ چاهي، ان ۾ مرضيءَ جو مالڪ آ. حالات واقعات، جيڪي دنيا اندر رونما ٿين ٿا، تن جو خالق مالڪ پاڻ آ. جڏهن ته نظر اچڻ وقت، دنياوي شين مان ٿيندي نظر اچن ٿا. مصيبت اچي ٿي ٻه ته سندس طرف کان، ٽري ٿي ته ٻه سندس طرف کان.

ڪير ڪيترو به نفعو/ نقصان ڏيڻ چاهي، رب جي حڪم کان سواءِ نه ٿو ڏئي سگهي. هر شيءِ جو خالق مالڪ اهو آ. نفعي جو به ته، نقصان جو به. هر معاملي ۾، ڏانهنس رجوع ڪرڻ گهرجي.

مطلب: ١. جنهن کي رب رکي، تنهن کي ڪير چکي.

٢. جس کی اللہ/رب رکھے، اس کی کن چکھے۔ (کہاوت)

٣٤ . اللہ گنجے ناں ناخن ناں دیئے۔ (کہاوت).

گنجے؛ گنجي، نوڙهي. ناں؛ ڪي. ناخن؛ نهن. ناں ديئے؛ نه ڏئي.

متي جي سونهن وارن سان رکي وئي آ. وار نه هجن ته متو، روڏو/ لوٽو ٿيو پوي ۽ سونهين ئي نه. وار، آهن سيوا ۽ سنوار سان. ڏوءَ ڏپوءَ، ڦٽي ڦوڪاري ۽ تيل ميٽ کان سواءِ، منجهن خشڪي، ٻڦو ۽ جونءَ پئجي ويندا. ٻيو نه ته ڦٽي ڏيڻ ته ضروري هوندو آ ته جيئن وار، وار کان جدا رهي ۽ چيڙهه نه پوين. چيڙهه پيو ته جونءَ پونديون ۽ متي ۾ رڳو سرڪو ۽ ڪنهه ڪنهان هوندي. ڪنهي به اهو سگهندو، جنهن کي نهن هجن، نه ته آڱرين ۾ سور پئجي وجي ۽ متي جي خارش جهڪي نه ٿئي. وار ته ڦٽي، نه ته ڪوڙاءِ ڪٽي. ان سان ڏوءَ ڏپوءَ جي خفي کان ڇٽي پئبو.

وارن ڪوڙائڻ وارو نوڙهو، جنهن جا ڇٽن سو گنجو سڏائي. نوڙهه تي وار ڦٽن، گنج تي ڦٽڻ جو امڪان ئي نه. گنج تي خشڪيءَ سبب سرڪي جو انديشو ئي نه. جڏهن ته ڦٽي، گنجي جي ڪيسي مان ئي ليندي آ. الائي جو، ڪيس ڪنهڻ جي هير پئجي ويندي آ. اگر نهن هجنس ته ڪنهي ڪنهي نوڙهه ئي رت ڪري ڇڏي. گنجي جا نهن، نعمت هوندي، گنج لاءِ شامت ٿيو پون.

مطلب: ١. الله گنجي کي، نهن نه ڏئي.

٢. خدا گنجے کی نوں نا دیناں۔ (کہاوت)

٣. گنجے کی، خدا نوں ناں دے۔ (کہاوت)

٤. گنجي کي خدا نُهن نه ڏئي.

٥. گنجي کي نهن، متي لاءِ شامت.

۳۵ . الله نيں گانوائے، پکھلی چھوڑ ہزارے آئے- (کہاوت)
پکھلی؛ پکلي، وسنديءَ جو نالو. ہزارے؛ هزارهہ شهر جو نالو.
سک ۽ تڪليفون، ذريعن مان ٿيندي نظر ايندا آهن. سک جو سهوليت سان ڳانڍاپو ضرور آ، پر اصل ڪارڻ اها ناهي. اهنج بہ نعمتن منجهان ئي پهچن ٿا. ماڻهو شاندار گاڏي وٺي ٿو تہ جيئن سفر سکيو گذري ۽ ٻين جي نظرن ۾ بہ شانَ مانَ وارو ٿي پوي. اها ئي گاڏي، حادثي جو شڪار ٿيڻ سان موت جو سبب ٿئي ٿي. شان مان ۽ موت جو ڳانڍاپو، گاڏيءَ جي سهوليت سان تہ آهي پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي.
ڪي ماڻهو هڪڙين آبادين ڪي ڏکن ڏولاون جو آماجگاهہ سمجهي، تياڳي ان هنڌ هليا ويندا آهن، جتي سهوليتن جا انبار هوندا آهن. اتي پهچندي، لکل تڪليفون نروار ٿي، مٿن راتاهو ڏينديون آهن.
مطلب: ۱. الله جا رلايا، پکلي ڇڏي هزاري آيا.
۲. ڄاڻي ٻجهي، سک ڇڏي اوجهڙ ۾ اچي پيا.

۳۶ . امید نیں سرے دنیا قیم ای- (کہاوت)
تڪليف جي وقت، انسان دل شڪستو نہ ٿئي، پر حالات واقعات سان مقابلو ڪرڻ واسطي، سينو سپر ڪري بيهي. ان اميد ۽ آسري تي تہ آيل تڪليف عارضي آ ۽ زندگي اڃا ٻيا بہ امتحان طلبي ٿي. آيل اهنجن سان مهاڏو اٽڪائبو، تڏهن ئي حياتيءَ جا معاملا سلجهائي سگهبا.
بيمار، صحتياب ٿيڻ جي اميد تي، علاج ڪرائي ٿو. غربت ۾، امير ٿيڻ جي آسري تي، محنت مزدوري ڪجي ٿي. جهالت ۾، ڄاڻ وارو ٿيڻ لاءِ، تعليمي ادارن جا پنڌ ڪجن ٿا. ڏک ڏور ڪرڻ واسطي، سکن جي ڳولا ڪجي ٿي. اميدون ۽ آسرا ئي آهن، جيڪي عارضي زندگيءَ ۾ بہ ايترو محو ٿا رکن جو ايندڙ زندگي وسريو وڃي.
مطلب: ۱. اميد جي آسري تي دنيا قائم آ.
۲. دنيا اميدن تي قائم آهي.

۳۷ . ان ہلے کی ہلاڑے ناں، ہلے ناں ہنڈا گنواڑے ناں- (کہاوت)

هيرَ، جانُ جي عضوي وانگر چهٽي پوندي آ. کير، ٿج-پياڪ ٻار جي خوراڪ آ، عادت جسم جي خوراڪ آ. خوراڪ بند ٿيندي ئي، رڙيون نکرن ٿيون، جيئن ٻار جي وات مان کير-ٻند نکرندي ٻالک ٻاڪارڻ لڳي. ڪنهن ڪي، ڪنهن معاملي ۾ عادي نه ڪجي. جيڪڏهن ڪجي، ته آخر تائين اها نه ڇڏجي. ڇجبس ته موت ۾ اهڙو ڏک هٽندو، جو سهسائڻ ڏکيو ٿي پوندو.

مطلب: ١. اڻ هيريا نه هير، هيريا نه ڦير.

٢. ہلے کی ہور، ناں ہیلاو- (کہاوت)

٣. هِريي جي هير، نه ڇڏجي.

٤. اڻ هيريا نه هير متان هرني، هيريا نه ڦير متان وڙهني.

٣٨. انا بنڈے ریوڑیاں، مڑی مڑی اپنے کہر- (کہاوت)

انا؛ انڌو. بنڈے؛ ونڊي، ورهائي. ريوڑياں؛ ريوڙيون، مٺائي. مڑی مڑی؛ مڙي مڙي، موٽائي موٽائي، وري وري. کہر؛ گهر، مائٽن کي.

مال انڌي جي هٿ اچي ته انڌو به سڄو ٿيو پوي. ڪن ته ائين به چئي ڇڏيو: مردي جي ڪفن ۾ پئسا وجهجن ته اهو به ساهه کڻڻ لڳي.

انڌو جڏهن مال ورهائڻ تي ويهندو آ ته پوءِ سڄن وانگر پنهنجن ڪي، ٻنا اکين جي به سڃاڻي ونندو آ. ورائي ورائي پيو ڪين ونڊ ڪرائيندو. رشتا ناتا، جلد سڃاڻجي وڃنس ٿا. مال هٿ اچڻ تي ڇريو به گهر ۾ ٽمائڻ جي ڪري ٿو. ويجهن عزيزن جو سڄاپرو ٿي، متن مهرباني ڪرڻ لڳي ٿو.

مطلب: ١. انڌو ورهائي ريوڙيون، وري وري پنهنجي کي ڏئي.

٢. جاجڪ ڇريو، لٽا لاهي گهر ڏانهن اچلي.

٣. چاندبا ڇريا، ڳڙ جا پيند گهر ڏانهن اچلين.

٤. انهاں بنڈے ریوڑیاں، اپنیاں اپنیاں کی-

٥. انهاں بنڈے سینویاں، اپنے اپنیاں کی-

٦. انڌو ورهائي ريوڙيون، پنهنجن متن کي ڏئي.

٧. مٽ مائٽ، انڌو به سڃاڻندو آ.

۳۹ . انا/ انھاں کہہ لوڑے/ منگے دو اکھیں- (کہاوت)

انا؛ انڌو، نابين، حاوظ. لوڑے؛ گهري، گهجائو. دو؛ ٻہ، ڏون. اکھیں؛ اکيون، ديد.

جيڪو دنيا اندر آيو آ، تنهن کي ڏسڻ لاءِ ٻہ اکيون عطا ٿيل آهن، جن ۾ ڏسڻ جي روشني مهيا ٿيل آ. ڪنهن سبباں اگر ڏسي نہ، تہ پوءِ اچڻ جو مقصد ئي فوت ٿي ويو. اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ، ڪا بہ دل تيار نہ ٿيندي.

انڌي کي اکيون تہ ٻہ ئي هونديون آهن پر منجهن روشنائي نہ هئڻ سبب ديد نہ پوندي اٿس. جڏهن تہ سندس خواهش هوندي آ: پنهنجي ديد سان دنيا جو ديدار ڪرڻ. گهرڻ تي ڪيس ٻن بجاءِ هڪ ملي، جنهن ۾ ڪاٽي هجڻ وارو عيب ٻہ آ، تڏهن ٻہ جهول جهلي وٺندو. نعمت جو قدر، پريلن جي پيٽ ۾، محروم وٽ ئي هوندو آ.

مطلب: ١. انڌو گهري الله کان: ٻہ اکيون.
٢. معذور، پنهنجي ئي گهربل شيءِ جو گهورائو ٿيندو آ.
٣. انڌو گُهري هڪ اک، ٻہ ملنس تہ باقي ڇا کپيس.
۴. انڌو ڇا گهري/ ڳولهي: ٻہ اکيون.
۵. نعمت جو قدردان، محروم کان وڌيڪ ڪير نہ هوندو آ.

۴۰ . اندرے نی کند اندرے ٹہہ تہ چنگی ہونی- (کہاوت)

اندرے؛ اندر جي، اندرين. کند؛ ڪنڌي، پٽ، ديوار، عالم پناه. ٹہہ؛ ڊهي، ڪري. چنگی؛ چڱي، سٺي، ڀلي.

گهر جي چوڌاري، پردي/ پناه خاطر ڪنيل ديوار کي عالم-پناه چئبو آ. عام يتين کان قد ۾ اوچي رکبي آ تہ جيئن غلط نگاهہ ۽ هٿ کان، مڪين امن ۾ رهن. وقت گذرڻ پڄاڻان، هر شيءِ ڊهڻ لڳندي آ. اول اوهر ڪندي، پوءِ ڏار پوندس، نيٺ پٽ اچي پوندي. پوڻ وار فائدا، ڊهڻ سان ختم ٿي ويندا.

يتي يٽ ٻاهر پاسي ڪرندي آ تہ رستا-روڪ سان گڏ، لنگهندڙن جي مٿان ڪرڻ جي صورت ۾، وڏي نقصان جو سبب بڻجندي آ. پنهنجي نقصان سان گڏ، ٻين جا مامرا ٻہ ڳچيءَ پئجي ويندا آهن. گهر پاسي ڏانهن اوهر ڪري

پٽ پوندي آ تہ نقصان نسبتًا گهٽ ٿيندو آ. ڪِرڻ کان اڳ، گهر وارا مطلع ۽ محتاط هوندا آهن. مٽيريل: سرون ۽ مٽي، گهر پاسي ڪرڻ سبب، ٻيهر جوڙجڪ ۾ استعمال ڪري سگهبا آهن.

مطلب: ١. گهر جي پٽ، گهر ڏانهن اوهر ڪري ڊهي تہ چڱي.
٢. گهر جي ڳالهہ گهر تائين محدود رکجي تہ چڱي.
٣. گهر جو جهيڙو، گهر کان ٻاهر نہ ڪڍڻ ڀلو آ.
٤. گهر ۾ پيل نقصان، ٻاهر جي پيل نقصان کان، گهاٽي ۾ گهٽ هوندو آ.

٤١ . انھے آگیں رونا، ڈورے آگیں گانا؛ ہیکے جیا۔ (کہاوت)
انھے آگیں؛ انڌي آڏو. ڈورے آگیں؛ ٻوڙي آڏو.

ڳائڻ ۽ نچڻ، تڏهن ڪارائتو آ، جڏهن فن پيش ڪندي واهہ واهہ ٿئي. ڳائڻ جي واهہ واهہ ٻڌڻ کان پوءِ ۽ نچڻ جي واهہ واهہ ناچ ڏسڻ کان پوءِ. روئڻ جو تدارڪ تڏهن، جڏهن ڪو ڳوڙها ڏسي. جت ڏسڻ وارو ئي نہ هجي، ات روئڻ/ فن پيش ڪرڻ ۾ پشيماني ٿيندي آ.
راڳ ٻڌڻ لاءِ اکيون تيار آ پر ڪن ڪم ئي نہ ٿا ڪنس، جو ٻوڙو آ. ناچ ڏسڻ لاءِ اکيون تيار آ پر اکين ۾ ديد ناهيس. اتان داد نہ ملندو. روئڻ جي موت ۾، مٽي تي هٿ گهمائڻ واري کي دل آهي پر اکين کان وڏو هئڻ سبب، ڪجهہ نظر نہ ٿو اچيس. ان آڏو روئڻ اجايو آ. روئڻ ۽ فن جي مدعا آ: داد ملڻ. نہ داد مليو ۽ نہ واهہ واهہ ٿي تہ فنڪار پيو شڪي ۽ شرمسار ٿيندو. انڌي آڏو نچڻ کي ۽ ٻوڙي آڏو ڳائڻ کي هلاڪي ۽ وقت جو ضياع پيو سمجهبو.
مطلب: ١. انڌي آڏو روئڻ، ٻوڙي آڏو ڳائڻ: ساڳي ڳالهہ.
٢. انھے آگیں نچنا، ڈورے آگیں گانا؛ ہیکے جیا۔ (کہاوت)
٣. انڌي اڳيان نچڻ، ٻوڙي اڳيان ڳائڻ: هڪ ڳالهہ.

٤٢ . انھی پینی گئی، کتے چٹنے گے۔ (کہاوت)
انڌيءَ کي جنڊ تي ويهاري، ان-پاٽي ڏئي، مڪڙي چڪي، تنئور ۽ ٻڪيءَ جي جاءِ سمجهائي، گهر-ڌياٽي ڏڌ ولوڙڻ، ٻهاري ڏيڻ ۽ سانجهڻ کي وجي

لڳي. واندي ٿي، پيهڻ واريءَ جو ڌيان ڪيائين ته وائڙي ٿي وئي. ڀر ۾ ڪتي بيٺي هئس. پاري ۾ ان ٿورو بچيو هيو ۽ تنئور ۾ پينل اٽو ٿورو هو، جنهن تي واتان نڪري ويس: ”انڌي پيهين، ڪتي چٽي.“

مطلب: ١. انڌي پيهندي وئي، ڪتي چٽيندي وئي.

٢. انھی پیٹے طہ کتے کھان۔ (کہاوت)

٣. انڌيون پيهن، ڪتا چٽين.

٤. انڌيون ٽيون رليون سبن، سڄيون ٽيون اوڊي سمهن.

٤٣ . انھے طہ کانے نی، ہیک رغ وادھو ہونی۔ (کہاوت)

رغ: رڳ.

جسم جي اندر، گهرج پوري ڪرڻ واسطي، ڪوڙ سارا عضوا رکيا ويا آهن. منجهانئن هڪ اڌ ڪري پوي ته عيب ٿي پوي. ڪريل عضوا، ڪارڪردگي اوتري نه ٿا ڏيکارين، جيتري پورا عضوا ڏيکارين ٿا.

مشاهدو آ ته جنهن جو هڪ اڌ لڱ نڪمو هوندو آ ته ان جي بدلي ٻئي لِڱَ ۾ طاقت سرس اچي ويندي اٿس. جسماني طور ڪمزور هوندو ته مغز طاقتور هوندس. دماغ جو موٽو هوندو ته بت ۾ سبر هوندو. هڪ اک جي گهٽتائيءَ واري کي ڪاٽو ۽ ٻنهي اکين کان نه ڏسندڙ کي انڌو سڏبو. ان لَڱَ سبب، دماغي سوچ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هوندي اٿن.

مطلب: ١. انڌي ۽ ڪاٽي جي، هڪ رڳ واڌو هوندي آ.

٢. رب هڪ عضوو ڪسي ته بدلي ۾ ٻيو عضوو طاقت وارو ڏئي ڇڏي.

٣. پيٽيو: لولھے لنگڑے نی ہیک ریغ ودھ ہونی۔ (کہاوت)

٤٤ . انھیاں وچ کاناں؛ راجہ۔ (کہاوت)

هڪ اک ڪم نه ڪريس: ڪاٽو. ٻئي اکيون ڪم نه ڪنس: انڌو. انڌو، هر معاملي ۾ ٻين جو محتاج. ڪاٽو پنهنجو ڪم، ٻين جي مدد کان سواءِ ٽپايو وجي. اٽا-وينيءَ ۾ جيڪو ٻين جو محتاج ناهي، سو محتاج جي ڀيٽ ۾، جڻ بادشاهه آ. بادشاهه ڌن دولت جي ججهائيءَ سبب، ٻين جي اشارن جو محتاج ناهي، بلڪ مرضيءَ جو مالڪ آ.

مطلب: ١. انڌن منجهه ڪاڻو: راجا.

٤٥ . اواسی، ننڌرے نی ماسی- (ڪهاوت)

اواسی: اوٻاسي، جمائي.

جسماني ضرورت، لڳن سان ڪم ڪار ڪئي، پوري ٿئي ٿي. ڪم پڄاڻان، لڳن منجهه ٿڪاوٽ اچي ٿي. جسم ٿڪجي، حرص نہ ٿڪجي. ڪم ڪندي حرص وڌي. چست ۽ چوبند جسم سان شروع ڪيل ڪم جي رفتار ۽ ڪارڪردگي، حرص ڪي جوان ڪندي ايندي. ڪم وارو، ڪم مان هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. جسم ۾ توانائي آڻڻ واسطي، ڪم ڪار مان وقتي هٿ ڪڍڻ گهرجيس، پر حرص سبب احساس گهٽ رهندو اٿس ۽ لڳو پيو هوندو آ. ڪم ڪندي، جسم اندران ٿڪجي چور ٿي چڪو هوندو آ، ڪارڪردگي ۽ رفتار ڍري ٿي چڪي هوندي آ پر احساس نہ هوندو اٿس. اتي تڪويني نظام، عمل منجهه اچي ويندو آ. ڏينهن ڪي روشن، معيشت جي سڌاري، ننڊ ڪي جسم جي آرام ۽ رات ڪي اونداهو سمهڻ واسطي ڪيو ويو تہ جيئن حريص، مجبور ٿي سمهي ۽ ڪم ڪار جو ڏيان ڇڏي.

جسم اندر، نياپا نهڻ شروع ٿيندا ۽ دماغ تائين پهچندا. جسم ٿڪيو آ، جنهن جو ذهن کي احساس ناهي پر وٽس اهو نياپو، اوٻاسين جي صورت ۾ پهچي ٿو تہ جيئن ڪم مان هٿ ڪڍي، آهلي پوي.

مطلب: ١. اوٻاسي، ننڊ جي ماسي.

٢. ننڊ نياپو موڪليو، اوٻاسيون اهڃاڻ.

٣. اوٻاسي، ننڊ جو پيش خيمو آهي.

٤. اوٻاسي، ٿڪاوٽ جو اطلاع آهي.

٤٦ . اودهار کهننان سان، ط مکانا اوخا- (ڪهاوت)

اودهار: اوڌر. کهننان: گهنڻ، گهرڻ، سوال ڪرڻ، ونڻ. سان: آسان، سولي. مکانا: مڪائڻ، موٽائڻ، چڪتو ڪرڻ. اوخا: اوکي، ڏکي، اولي.

اوڌر، ٻئي کان مال جو سوال. مال سان محبت، هر هڪ کي آ. جنهن وٽ مال، تنهن کي حرص، جنهن وٽ ناهي، تنهن وٽ گهرج. مال مان هٿ ڪڍڻ،

ٻنهي لاءِ اهنجو. ڪي گهرجائو، وقت ۽ حالات آڏو، ايترا مجبور ٿي پوندا آهن جو اوڌر گهرڻ سواءِ، سندن گذارو نہ ٿيندو آ. ٻئي ڪان مال، زبان سان گهري هٿ ڪرڻ تڏهن سولو، جڏهن اڳلو مدعا ترت پوري ڪري. پنهنجي غرض مقدم ۽ اڳلي جو احساس گهٽ هجي تہ قرض موٽائڻ ڏکيو.

مطلب: ١. اوڌر ونڻ سهنجي، موٽائڻ اهنجي.

٢. اودھارے کولا، پهکھے چنگے۔ (کہاوت)

٣. اوڌر تي وني ڪائڻ ڪان، ٻک تي رهڻ چڱو.

٤. اوڌر تي ريل ملي، تہ ٻہ هر ڪو وني.

٤٧ . اوڑھی ایلے پھاواڑے، یاد رہیلے تہاڑے۔ (کہاوت)

اوڑھی؛ خالي، ختم. ایلے؛ ٿي ويندا. پھاواڑے؛ انجير. رہیلے؛ رهجي ويندا. تہاڑے؛ ڏهاڙا، ڏينهن، وقت.

انجير، منڊائتو ميوو آ. پهرين گل جهلي، پوءِ ٻور ڪري. ٻور منجهان ننڍا ننڍا انجير اپڙن، جيڪي ماٺهن سان گڏ پکي پکڻ ۽ جيت جڻيي جو کاج ٿين. مند اکري وڃي، پر مند جون يادگيريون رهجيو وڃن. وقت ڪي ٻہ درياھ وانگر هڪڙو وهُ آ، جنهن تي وهندو ٿو وڃي. ڳالهيون جڙن ٿيون، ڊهن ٿيون. فصل ٿين ٿا، اکري وڃن ٿا. موسمون اچن ٿيون، هلي وڃن ٿيون. هل هلان جو اڻ-کٽ سلسلو آ، جنهن تحت دنيا جو ڪاروهنوار روان دوان آ. ٻک وجهي ڪو ٻہ روڪي نہ ٿو سگهيس. البتہ گذريل وقت جون يادگيريون سينن اندر دفن ضرور ٿين ٿيون، جيڪي ڪڏهن دماغ تي واسو ڪري مانڊاڻ مچائين ٿيون ۽ وري هلي ٻہ وڃن ٿيون.

مطلب: ١. انجير ختم ٿي ويندا، ڏيهاڙا ياد رهندا.

٢. دنيا هر ڪو ڇڏيندو، رهندو وڃي فقط واس.

٣. ويل وقت جي فقط ياد آ، جيڪا ستائيندي آ.

٤. اهو ڪم ڪجي جو آخر ۾ پڇتائڻو نہ پوي.

٤٨ . اوکھا ویلا لنگھی گشناں۔ (کہاوت)

ويلو يا وقت، اَ-جهَل آ. ڏانوڻ/ ونگ کو نہ تا پئجي سگهنس. درياهہ جي رَوَ وانگر، بيقراري، رواني ۽ اضطراريت اٿس. تڪليفده آ تہ بہ گذريو وڃي، آسائش وارو آ تہ بہ لنگهيو وڃي. هر گهڙيءَ کي گذرڻو آ ۽ گذري ٿي وڃي.
هڪڙي بادشاهہ وزير کي چيو: ”منهنجي منديءَ تي اهڙي اُڪَر ڪراءِ، جڏهن گهڻو خوش هجان تہ اُڪَر ڏسي، خوشي ڪافور ٿي وڃي. غمزده هجان تہ اُڪر ڏسندي، غم ختم ٿي وڃي.“
وزير، گهڻي ويچار کان پوءِ، منديءَ تي جملو لکرائي آيو ۽ اچي پيش ڪيائين: ”هن تي اُڪَر، اوهان جي مدعا پوري ڪرڻ جي حساب سان ٽيل آ.“ بادشاهہ ڏٺو، منديءَ تي لکيل هيو: ”هيءُ ويلو بہ وهي ويندو.“
مطلب: ١. ڏکي مهل، لنگهي ئي ويندي آ.
٢. وقت، ڏک جو هجي يا سک جو، گذري ئي ويندو.

۴۹ . اوکے ویلے کھوتے کی وی باوا آکناں پیناں۔ (کہاوت)

انسان کي ضرورتون ڏنيون ويون آهن تہ انهن جي پوري ڪرڻ واسطي، وسيلا جهڙوڪ: مال ملڪيت، مٽ عزيز، پنهنجا هٿ-پير ۽ اکيون وغيره پڻ مهيا ڪيا ويا آهن. ساڻ ساڻ، جيءَ اندر عزت نفس جو مادو پڻ تفويض ٿيل اٿس. غرض خاطر، ٻين کان مدد تہ گهري پر عزت سان. عزت مجروح ٿيندي نظر اچيس، ان ڪم مان ئي هٿ ڪڍي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ڪم اهڙو اچي منجهندو آ، جو عزت نفس جو خيال ڪرڻ سان گهڻو ڇيهو پوڻ جو انديشو هوندو آ. ان صورت ۾ گڏهہ-خيال/ گڏهہ-شڪل سان بہ هيٺانهين ڪري وقت ٽپائڻ ۾ عافيت سمجهبي آ. اتي عزت نفس کي مقدم رکڻ عقل/ تدبر جي خلاف سمجهبو. هيٺاهين ڪرڻ ئي بهتر ٿيندي.
مطلب: ١. ڏکئي وقت تي، گڏهہ کي بہ بابو ڪوٺڻو پوي ٿو.
٢. پنهنجي ٿوري، پوءِ گڏهہ کي پيري. (ساهتي)
٣. پنهنجي گتيءَ، گڏهہ کي بہ بابو ڪوٺڻو پوي ٿو. (سرو)

۵۰ . اولاد بڑی ہوئی گچھے، اس اپر ہتھ نیا چانیا۔ (کہاوت)

اولاد کي تاڻ نپائڻ سان گڏ، مصيبتن کان بچائڻ به والدين جي ذميواري آ. نصيحت سان نہ مڙي تہ مار موچڙي سان، برائيءَ کان بچائجيس. ٻار سورهن سالن جو نہ ٿيو آ تہ ٻار آ. مار موچڙي کي ٻارائپ سبب پيو برداشت ڪندو. وڏو ٿيو تہ پاڻ کي ابي-اما کان وڌيڪ عاقل ۽ سمجهو پيو سمجهندو. ڪيس واعظ نصيحت سان سمجهائي، ضد تان ٿاري سگهبو. مار موچڙي سان، تيئن ضد پوندو. جو جسم ۾ مار کائڻ کان وڌيڪ، مار ڏيڻ جي قوت اچي وئي هوندس. ساڻس هاٿا-پائي ڪرڻ معنيٰ پادر گهري کائڻ.

مطلب: ١. اولاد وڏي ٿئي تہ مٿس هٿ نہ کڻجي.

٥١ . اول خيشاں، بعد درويشاں- (ڪهاوت)

خيشاں: پنهنجا مٽ. درويشاں: پير فقير.

جسم سان، پيٽ ۽ غرض بہ ڏنا ويا آهن. مٽن مائٽن جي بہ پارت ٿيل آ. پير فقير جي عزت ۽ ضرورت بہ پوري ڪرڻي آ.

پنهنجو سر، ٻين جي سر کان وڌيڪ پيارو آ. اولاد ۽ والدين جي پيٽ ۾، پنهنجي گهرجن کي پورو ڪرڻ کي هر ڪو مقدم رکندو آ. ٻئي نمبر تي مٽ مائٽ. ٽئين نمبر تي پير فقير. مٽ مائٽ مٿان، پير فقير کي فوقيت حاصل ناهي.

مطلب: ١. اول خويش، بعد درويش.

٢. اول مٽ عزيز، درويش پوءِ.

٥٢ . اونٺهين ڪنے ياريان تہ در نيوين- (ڪهاوت)

اونٺهين: اٺن، اٺ جو جمع. ڪنے: سان، ساڻ. ياريان: ياري، سنگت. در: در، دروازا، ٻنيا. نيوين: نميل، ننويل، جهڪيل، هيٺانهون.

جهڪيل در جي، سر در هيٺ رکيل هوندي آ، جتان ڪو بہ ڊگهي قد وارو لنگهي نہ سگهندو آ. اٺ، قدآور آ. ڪيس ان در مان گذاري سگهجي ٿو، جنهن جي سر در، يا نہ هجي، يا اٺ جي قد کان بہ مٿي رکيل هجي.

جنهن جي ياري اوٺارن سان آهي، تنهن کي دروازي جو چوٺڪ وجهڻ وقت، اهو خيال ضرور ڪرڻ گهرجي. فقط پنهنجي گهرج آهر نہ بلڪ آئي وئي

جي حساب کي خاطر ۾ رکي، گهرن جا در وجهڻ گهرجن. جيئن، جڏهن اهي اچن يا وڃن ته ڪا روڪ ٽوڪ يا اهنجائي محسوس نه ٿئي.

مطلب: ١. ائين سان ياري ۾ دروازا/ در جهڪيل؟!

٢. رکي ٿو ائين سان ياري، وري رکي ٿو در ننڍا!

٣. اوٺارن/ جتن سان ياري رکبي ته دروازا به اوچا رکڻا پوندا.

۴. ياري رکجي ته دل به اوڏي ڏارجي.

۵. جڏهن پاڻان وڏن سان اٺڻ ويهڻ رکجي ته گهر به اهڙا ڏارجن.

٦. اونٹھے آلیاں نال یاری وے طہ در اچے رکھنیں پینے۔

٧. اوٺارن/ جتن سان ياري رکبي ته دروازا، اوچا رکڻا پوندا.

٨. ٻين جي گهرجن کي ذهن ۾ رکي، سهوليتون ڏارجن.

۵٣ . اووی کوئی جناں آ، جهڑا جنے نی قدر ناں کرے۔ (کہاوت)

جناں؛ ڄڻيو، ڄائو. جڼے؛ ڄڻيي، اولاد.

دنيا اندر، انسان کي قانون ۾ ترتيب تحت آندو ويو آ. سندس جوڙ، هڪ جوڙي مان جوڙي وئي آ. يا هو ڪنهن مان ڄائو آ، يا ڪنهن کي ڄڻيو اٿائين. ان جوڙ ۾ هر هڪ سان ربط رهي ٿو. ڪڏهن ٻيا پيا ڪيس تاتين نپائين ته ڪڏهن پاڻ پيو ٻين جي ٿهل ٽڪور ڪري.

جنهن کي ٻين، بنا ڪنهن غرض جي، ڄڻ پڄاڻان پالي پوسي وڏو ڪيو، اهو جڏهن پرڻجي گهر وسائي ٿو ته ڪيس پنهنجي ڄاين جي پالنا ڪرڻي پوي ٿي. ائين ڪونهي ته هڪڙي ڄڻيي کي هڪڙن ته ڄڻيو ۽ نپايو، جڏهن سندس وارو آيو ته پوءِ فقط ڄڻيائين پر نپايائين نه. ڄڻيندو ويو ۽ ڏيرن تي اڇليندو ويو: اهو ممڪن ئي ناهي.

مطلب: ١. اهو به ڪو ڄڻيو آ، جيڪو ڄڻين جو قدر نه ڪري.

٢. اهو به ڪو پيءُ آ، جيڪو اولاد جو قدر نه ڪري.

٣. سو ڪهڙو ڄڻيو، جو ڄڻيي جو قدر نه ڪري؟

۴. اهو ڪهڙو ڄائو، جو ڄاين جو قدر نه ڪري!؟

[ ب ]

۵۴ . بادشاں روی، اے ٹیم اشناں۔ (کہاوت)

ٹیم اشناں؛ ٹائيم اڇڻو آ، تڪليف پهچڻي آ، آزمائش اچڻي آ.

تڪليف ڪي دور ڪرڻ لاءِ ڪو نہ ڪو حل آ. گهڻا معاملا، پئسي ۽ پاور جي زور سان نبرن ٿا. ڌن دولت، جنهن سان زندگي آسائش واري گذري، سا هٿ ايندي آ محنت/ حڪومت سان. آزمائش، اچڻ جي حساب سان پئسي وارن/ حاڪمن تي بہ اچي ٿي. اهي بہ مصيبتن جي منهن ۾ وڃن ٿا.

تڪليف جو اچڻ، رب جي طرفان آ. ان ڪي ڪير روڪي نہ ٿو سگهي. وٽس امير توڙي غريب، هڪجهڙا آهن. غريبن وٽ تڪليف ڳولي پهچي ٿي ۽ اميرن ڪي سنگهي ڪائنڻ پاسو ڪري وڃي ٿي؛ ائين هرگز ناهي. ڏکيا ڏينهن، بادشاهن تي بہ اچن ٿا، تنهنڪري گهبرائڻ نہ گهرجي، بلڪ همت ڪجي ۽ ان سان گڏ رب پاڪ کي بہ مدد لاءِ باڏائيندو رهجي.

مطلب؛ ١. بادشاهن تي بہ اها مهل اچڻي آ.

٢. مهلون، بادشاهن تي بہ اچڻيون آهن.

۵۵ . باہرے نی ساری کولا، کہرے نی ادھی چنگی۔ (کہاوت)

جمر واري هنڌ جون حالتون تنگ ڏسي، هر ڪو ٻين هنڌن تي روزگار لاءِ هٿ پير هڻي ٿو. ڪي تہ گهڻي جي لالچ ۾ پرديس جا ڌاڪڙا بہ ڪاٽين ٿا. تنگي دور ڪرڻ واسطي، وطن اندر، هٿ پير هڻڻ تہ نيڪ آ. گهڻي جي هوس ۾ وطن ڇڏڻ واري جو، نہ ديس پنهنجو ٿو رهي ۽ نہ پرديس. ديس جي بک برداشت ڪرڻ سولي، پرديس جي پئسي سان سک ۽ سانت، عزت ۽ آبرو حاصل ڪري نہ سگهبي. وس ويندي، ديس نہ ڇڏجي.

مطلب؛ ١. ٻاهر جي سڄيءَ ڪان، گهر جو اڌڙ چڱو.

٢. باءر نی پوری کولا، کہرے نی ادھی چنگی۔ (کہاوت)

٣. پرديس جي پوريءَ ڪان، ديس جو ڪن چڱو.

۴. توڙي وڃين ولايت، توڙي رهين منجھ روم،

ملنديئي ڍوڍي مٿان ٿوم، جو لکيو لوح قلم ۾.

٥٦ . ٻٽيا توں گول کس طرحے وا ایں؟ اخے؛ رڑی رڑی طہ۔ (کہاوت)
پٽر، جسامت ۾ نهرو ۽ کهرو هئڻ سبب، جنهن کي لڳي، تنهن کي زخمي ڪري. زماني جي گردش سبب، اهو بہ رلي تہ ڇهنبون گسيو، لسيون ٿيو وڃنس. پوءِ، ڪم ڪڍڻ واسطي، هٿ وجهجيس تہ پڇ ڪو نہ ٿئي.
زماني جي ٻنيءَ ۾ گسي پچي، راس ٿي نڪرڻ پڄاڻان، ماڻهوءَ جي کهرائپ بہ ختم ٿيو وڃي. نرمائپ اچڻ بعد، هر ڪو ساڻس ربط قائم ڪندو آ.
مطلب: ١. پٽر تون لسو ۽ گول ڪيئن ٿئين؟ چي: رلي رلي.
٢. کهري ماڻهوءَ سان معاملو رکڻ ۾ هر ڪو پيو لهرائيندو آ.

٥٧ . ٻٽیا کنی، کھوڈیا کانیاں،
پٹیا گنی، ریسو مانیاں۔ (کہاوت)
ٻٽيا؛ ٻٽايا، ٻنايا، ناهيو. کنی؛ ڪنهن. کھوڈیا؛ لنگڙي، منڊي. کانیاں؛ ڪاٽيءَ، هڪ- اکيءَ. پٹیا؛ وڃايو، ڏاڻو. ریسو؛ حسد، ساڙ. مانیاں؛ نافرماني، بي ادبي.
انساني هٿ سان نهيل شيءِ بہ محبت سان ڪيل محنت سان جڙي آ. محنت، دل ڪندي آ. دل و جان سان ڪيل ڪم، راس بہ ٿئي ۽ نظر بہ اچي. ٻانهن- ڀڳو/ ٽنگ-ڀڳو ڪم ڪري، دل-ڀڳو ڪم نہ ڪري. دنيا جي محنت ۾ اهڙن دل-وارن جو بہ حصو آ، جيڪي ظاهري طور انڌا، منڊا ۽ ٽنڊا هيا پر دل-ڀڳا نہ هيا. ان جي ابتڙ، نڪمن، ٽوٽين، ساڙولن نهيل ڪم بہ بگاڙي ڇڏيا.
مطلب: ١. ٽنگ ڀڳو ڪري، ٻانهن ڀڳو ڪري، دل ڀڳو ڪم نہ ڪري.
٢. ناهيو ڪنهن؟ چي: ”منڊيءَ/ڪاٽيءَ“.
وڃايو ڪنهن؟ چي: ”سڙ-پچ ۽ نافرمانيءَ“.
٣ . اندر نربي سان ’نہ ٿيڻ جهڙا ڪم‘ بہ ٿين ٿا.
اندر سڙيي سان ’ٿيڻ جهڙا ڪم‘ بہ رليو وڃن.

٥٨ . بچہ روئے ناں ماء دھدھ وی نئی دینی۔ (کہاوت)
پٽ، ڌيءُ جي پيٽ ۾ وڏيڪ پيارو هوندو آ. ان کي بہ ماءُ تڏهن ٿي ٿڃ ڏئي، جڏهن روئي گهري ٿو. بنا گهرج ۽ گهرڻ جي، ٿڃ نہ ٿي ڏئيس تہ متان بيمار

ٿي پوي. ٻار کي ڳالهائڻ ۾ گهرڻ ڏانءُ کو نہ ٿو اچي. احتياج جو اطلاع، روئڻ جي صورت ۾ ڏئي ٿو. سندس روئڻ جي مقصد/ مطلب کي، ڄڻيندڙ ماءُ ئي ڄاڻي ٿي؛ بک کان ٿو ٻاڪاري يا پيٽ-سور کان.

مطلب: ۱. ٻار روئي نہ، ماءُ ٿڃ ئي نہ ڏئيس.

۲. گهرڻ ڏاران، ماءُ بہ ڄڻيي پٽ کي ٻبو نہ ٿي ڏارائي.

۳. پٽ کي رني بنا، ماءُ بہ ٿڃ نہ پياري.

۵۹. بچہ ط بڈھا ہیک بروور۔ (کہاوت)

ٻار، پنهنجي گهرج، روئڻ سان، پوري ڪرائي. کاڌ-خوراڪ کائڻ، لٽي ڪپڙي پائڻ، وهنجڻ سهنجڻ، گونهہ-مٽ ڌوئڻ ۾ ٻين جو محتاج. ٻڍو پڻ، ٻين جو محتاج هوندو آ. ڳالهائڻ ۾ ٻئي گونگن وانگر. گونگن جون آجون؛ يا گونگا سمجهن، يا مالڪ سمجهن. ٻار جي ٻولي؛ يا ٻارُ سمجهي، يا مائٽ سمجهن. جهوني جي ڳالهہ؛ يا جهونڙا سمجهن، يا پونئير سمجهن.

کائڻ پيئڻ ۾ ٻئي بيمارن وانگر. بيمار جو کاڌو؛ يا بيمار کائي يا ڪتو لڪي. ٻار جو کاڌو؛ يا ٻار کائي، يا ڪتو چٽي. ڪراڙن لاءِ رڌل کاڌو؛ يا ڪراڙا کائين، يا ڪتا لُبين.

هنگن مٽن، ٻئي ڪپڙن ۾. ٻار جا ڪپڙا؛ يا ماءُ مَٽي يا آيا. ڪراڙي جا لٽا؛ يا زال مٽي يا خاص نوڪرياڻي. طبعًا؛ ٻئي چيڙاڪ. ٿوري دير ٿي تہ آسمان مٿي تي. ٻاڪاري، ڪِنُ ڪندا. ڳالهائڻ ۾ انڌي وانگر اوسي پاسي نہ ڏسندا. جو زبان تي آيو، ٿهڪائي ڪيندا. لَهُ لحاظ نہ ڪندا.

مطلب: ۱. ٻڍو ۽ ٻار، ٻئي هڪ آچار.

۲. ٻڍي ۽ ٻار جو لاچار ۾، آچار ساچار ساڳيو.

۶۰. بچے پیار نیں ہونیں۔ (کہاوت)

ٻار، جسماني/ دماغي طور تي ڪمزور هئڻ سان گڏ، زبان جي ٻولي سمجهڻ کان قاصر هوندو آ. اشارن سمجهڻ جي خاصيت، وديعت ٿيل هوندي اٿس، جيڪا سمجهندو آ. منهن ۾ پيل سوند کي اڱلي جي ڪاوڙ سمجهي ڪانئس

چرڪندو آ. ياڪر ڪي پيار ۾ پنهنجائپ سمجهندو آ. جيترو قرب/ پيار ڏبس اوترو پروسو ڪندو. اڪ ڏيڪاربس، ارواح ڪٽي ويندو.

مطلب: ١. ٻار، پيار جا آهن.

٢. ٻار تہ پيار.

٣. بچے ساریاں نیں سانڑے ہوندیں۔ (کہاوت)

۴. ٻچا، مڙني کي هڪجهڙا آهن.

۵. ٻچا، ڪنهن کي پيارا ناهن.

٦. ٻچا، ڪانون کي بہ پيارا آهن.

٦١ . بچھا کلے نے زورے رتا نغنا۔ (کہاوت)

بچھا؛ وڇ، مينهن جي جائي. کلے نے؛ ڪلي تي. رتا؛ آهر. نغنا؛ ڪڏڪارون ڏئي.

وڇ کي ڪِلي سان چڪي ٻڌبو آ تہ جيئن مينهن ڏاپڻ کان بچي وڃي. ڪير ڏائڻ، وڇ/ ڦر جو فطري حق آ. تنگ پئي چنائيندي. ٻَچيءَ ۾ پيل رسي جي ڊيگهہ سارو، ڪلي کان ماءُ تائين ويندي. وڏيڪ وڃي نہ سگهندي. محدود دائري اندر پئي ڦيراٽا ڏيندي. ڍلو ڪلو، وڇ جي زور لائڻ تي پاڙان اکڙي اچي. مضبوط ڪتل ڪلو، وڇ کي سوڙهو رکندو ۽ اتي پئي ولهوٽا ڪائيندي.

مطلب: ١. وڇ ڪلي آهر ڪڏي.

٢. مينج اپنے کلے تہاوانی۔ (کہاوت)

٣. مينج؛ مينهن. تہاوانی؛ زور لائي.

۴. مينهن، پنهنجي ڪلي تي ڪڏي.

۵. نوڪر چاڪر، مالڪن جي مضبوطيءَ سارو، ڪينس/ خصومت ڪندا آهن.

٦٢ . بخشش سو نی، لیخا تہلے ناں۔ (کہاوت)

سنگت/ مائٽ سان ليکو ڪرڻ وقت، اڪين ۾ حياءُ لهي ايندو آ. وڏيون ضرورتون مُنهن ڪڍن تہ مروت ۽ مريادا، مري وڃن. اڻ-ڪيل ڪمن ۽ اڻ-واپرايل شين جو حساب ڪتاب بہ، اڪين آڏو تري بيهي. چڱا ڀلا بہ، بي شناس/ بي حياءَ ٿي بيهندا آهن. اڪيون اڪين ۾ وجهي، نرڙ تي سونڊ چاڙهي ڏسندا آهن تہ پيرن هيٺان زمين نڪري ويندي آ. اها نوبت اچڻ کان اڳ،

پاڻ منجهه حساب ڪتاب رکڻ واري روايت وجهجي. شرمائجي/ ڪيٻائجي نه. پوءِ جي ڦڪت ڪان، ليکي رکڻ ۾ ئي چڱائي آ.
مطلب: ١. بخشش سو جي، ليکو آڏيلي جو.
٢. حساب کتاؤ پائی پائی ناں، بخشیش سو نی۔ (کہاوت)
٣. حساب ڪتاب پائيءَ پائيءَ جو، بخشش سونَ جي.
۴. حساب کتاؤ پیو پترے ناں وی آ۔ (کہاوت)
۵. حساب ڪتاب، پيءُ پٽ جو به هوندو آ.
۶. حساب ککھے ناں تہ بخشش لکھے نی۔ (کہاوت)
٧. حساب ڪک جو، بخشش لَک جي.
٨. لیخا پائی پائی ناں، بخشیش سیئےنی۔ (کہاوت)
٧. ليکو: پائيءَ پائيءَ جو، بخشش: سون جي.

٦٣ . بد کولا، بدناں برا۔ (کہاوت)

برائي ڪرڻ سان، اڳلو بڇان ۽ نفرت ڪري. برائي ڪندڙ جي نيت جي اڳوات خبر نه هئڻ سبب ڪير به ڪيس خراب ناهي سمجهندو. ساڻس ورتاءُ چڱو رکيو هلندو آ. بدنام ماڻهو، برائي ڪري يا پلائي، سندس هر ڪم شڪ جي نگاهه سان ڏٺو وڃي. ڪيس ڏسندي، هر ڪو پيو پاسو ڪندو.
مطلب: ١. بد ڪان بدنام برو.

٦٤ . بدخوئی، چھپی نئی رہنی۔ (کہاوت)

نيڪي/ بديءَ ڪي بوءِ آ. نيڪيءَ جي مهڪ ۽ برائيءَ جي بانس سالن تائين وائرجندي آ. پنهنجو روپ/ وجود برقرار رکيو ايندي آ. ڪٿان نه ڪٿان، ليئو پائي، ڏيکاري ڏئي وننڊي آ.
مطلب: ١. بدخوئي، ڪين لڪي.

٦٥ . بدل برہے عین گلے، تلاٹ ساندیاس۔ (کہاوت)

بدل: بادل،ڪڪر. برہے: وسي. عین گلے: عين گلو، راولاڪوٽ ويجهو علائقي جو نالو. تلاٹ: چڪ، گپ. ساندیاس: سانڌياس، پونيءَ جو هڪ ميداني علائقو.

جابلو علائقن منجهہ هيٺ-مٿانهيون هونديون آهن. مٿانهين ۾ پيل برساتي پاڻي، ليٽي پيٽي هيٺانهين جا ڪڏا کوٻا پيو پريندو آ. عين گلو، گلي يا جبل جي مٿان لهندڙ نئن جي ڇاڙهہ منجهس پيل برسات، سِڌُ ڪري، سانڊياس نالي جي ترائيءَ منجهہ لهي ڪني ٿئي تہ اتي ٻوڏار ٿيو وڃي.

مطلب: ١. مينهن وسي عين گلي ۾، ڇڪ ٿئي سانڊياس ۾.

٢. هڪ جاءِ تي ٿيل ڪم جو اثر، ٻئي هنڌ بہ ٿئي.

٣. واقعو هڪ هنڌ ٿئي، ان جا اثرات ٻئي هنڌ تي نمودار ٿين.

٤. دليريءَ ۾ دهل وڃي، ڊيگاڻ ۾ ڊيڊ نچي. (تر)

٦٦. بدلی ناں ديہوں، روئی زمياناں ترہپا، ماترياٸو ناں تہپھانی چھلنوں ناں۔ (کہاوت)

بدلی: بادل، ڪڪر. ديہوں: ڏينهن، اس. روئی: آلي، گپ. زمياناں: زمين. ترہپا: ترڪڻ، سلپ ٿيڻ. ماترياٸو: ويڱي ماءُ، ماسي. تہپھانی: ٿُڦڙ، چپاٽ. چھلنوں: جهلڻ، سهڻ.

ڪڪر، منجهند ڏاري بہ سج جي اُس/ تک کي ڍڪي ڇڏين تہ موسم جهڙالي ٿيو پوي. هوائن جي هلڻ سان، ڪڪر هٽن تہ وٺين مان تکي اس، ليئا پائي ۽ لڳ تپائي. ان اوچتي اس جي سٽ سهڻ، ڏادي ڏکي.

ڏاڍيري زمين تي وسيل برساتي پاڻيءَ سبب، ترڪڻ جو انديشو رهي ٿو، جو مٿيون تهہ هيٺئين سخت تهہ مٿان، گريس وارو ڪم ڪندو آ. تڪڙو پير، مٿس پيو ناهي، لڱن جي وزن اچڻ کان اڳ، زمين جي آلاڻ سبب، اتان ڪسڪڻ شروع ٿيو ناهي. جيسين ٻيو پير ڪڇي، تيسين پهريون پير جسم جو توازن ڪڙيءَ تي سنڀالڻ بجاءِ ترڪيو وڃي. هلندڙ کي سخت زمين تي ڌڪ لڳي.

ماءُ، غلط ڪم تان ماري. سندس ڌڪ/ پٽ، بي اثر هوندا آهن. ماٽيلي ماءُ/ ماسي ڌڪ هڻي تہ زمائتو ۽ جوکائتو محسوس ٿئي ۽ دل تي اثر ڪري.

مطلب: ١. جهڙ جي ڌپ، ويڱي ماءُ جي مڪ، جاتي لڳي، تاتي سڪ.

٢. جهڙ جي اوس، گنجي جي قوس، پاڙي جي هُوس: ٿيئي خراب.

٣. جهڙ جي ڌپ، آلي زمين جي گپ،

ويڱي ماءُ جي مُڪ، جهلي سو جنهن ۾ هجي سهپ.

۴. اونهاري جي وسندي مينهن، آرهڙ جي تتي ڏينهن،
سياري جي آڌي رات، شل نہ پوي هنگڻ تات.

٦٧. بدهو پڑھیا فارسی، سولا دونے آٹھ۔ (کہاوت)

پڙهڻ، پاس ٿيڻ ۽ استاد جي ادب لاءِ، عقل ۽ فهم جي ضرورت آ. بي عقل پڙهي تہ نہ تدريسي علم پرائي، نہ تاديبي. ائين جيئن بنجر/ ٿوٺ زمين ۾ زرعي صلاحيت نہ رهي. هر کو پيو ٽوڪيندس: ”استاد کي بِہ ڏئي پڙهيو هئين ڇا؟“ يا: ”پڙهڻ کو اَکَ جي ماکي آ ڇا جو تو لاهي ورتي.“ يا: ”پَريون ڊوئي پڙهيو آهين ڇا؟“

مطلب: ١. بيوقوف پڙهيو فارسي: سورهن ڏون، اٺ.

٢. هڪ مڻ علم حاصل ڪرڻ لاءِ، ڏهہ مڻ عقل پڻ ڪپي.

٦٨. برائی کی، جڑے چا پٹو۔ (کہاوت)

برائي، نصيحت/ واعظ سان ختم نہ ٿيندي. پاڙان پٽي اڇلڻ سان ختم ٿيندي. جيستائين جڙ پاڙ پٽي نہ اڇلبس، تيستائين ختم نہ ٿيڻ جو نالو نہ وٺندي.

مطلب: ١. برائيءَ جي پاڙ پٽي ڇڏجي.

٢. برائيءَ کي پاڙان پٽي اڇلجي.

٦٩. برے کی، کہرے توڑی پوچاؤ۔ (کہاوت)

برو، بڇڙو، چور ۽ ڪوڙو، منهن تي برائي ڪن/ ڪوڙ هٽن. ڪين ڏسي/ ٻڌي، اندر سڙي. ڪين برو يا چور چوڻ بجاءِ، دليلن سان ڪٿائجي. ڳالهين ۾ منجهائي، بيزار ڪجين. پڇن يا غلطي باسين. چوٺ نہ ڇڏجين، جو ٻين لاءِ ڏچو ڪن. ڪين ڇڏبو يا مٿن پردو رکبو تہ ٻين لاءِ پيا عذاب پيدا ڪندا.

مطلب: ١. بري کي، گهر تائين پهچائي اچجي.

٢. برے نیں کہرے توڑیں گشناں۔ (کہاوت)

٣. برے نے کہرے توڑی پوہچنا۔ (کہاوت)

۴. بري کي گهر تائين پڄائي اچجي.

٧٠. برے ناں پلاہ وی برا۔ (کہاوت)

برو: نہ دشمن چڱو، نہ دوست چڱو. دشمن ٿئي تہ جان وڃائي، دوست ٿئي تہ ايمان وڃائي. سندس صحبت کان پڄجي ۽ رابطي ۾ ئي نہ اچجيس.
مطلب: ١. بري جو پلو بہ برو.
٢. صحبت صالح ترا صالح کند، صحبت طالح ترا طالح کند. (فارسي)
٣. جهڙي صحبت، تهڙو اثر.

٧١ . بڑا اخاناں سخلا، بڑا بنناں اوخا۔ (کہاوت)

وڏو ٿيڻ سان، ذميواريون/ بار کلهن تي اچيو وڃن. وڏن جي عزت ۽ احترام، شان ۽ شوڪت ڏسي، دل هرکي تہ جيکر وڏو ٿجي. جنهن محنت/ اورچائيءَ سان وڏن، اهو مرتبو حاصل ڪيو، سا نہ پڄندي آ. مفت ۾ شارٽ ڪٽ سان مليل گادي/ اختيارات سنڀالڻ جي صلاحيت نہ هئڻ ڪري، وڏپ جا بار کڻڻ اوکا. وڏو ٿيڻ سولو، ذميواريون نباهڻ ڏکيون ٿيو وڃن.
مطلب: ١. وڏو سڏائڻ سهنجو، وڏو ٿيڻ اهنجو.
٢. بے بنانا سان، بے آخاناں اوخا۔ (کہاوت)
٣. پيءُ ٿاهڻ سولو، پيءُ سڏائڻ اولو.

٧٢ . بڑا بول ناں بولو، اللہ نے قہرے کولا ڈرو۔ (کہاوت)

بول: بول: دعويٰ، مان ڪرڻ.
ڊاڙي/ لباڙي ماڻهو، رعب ۽ دٻدٻو وجهڻ خاطر، وڏي لاف ۽ هام هڻندو آ. اگر پڇجيس: ”اڄ جو ٿئي ٿو سو اگر تو طرفان آ تہ اڳي جو ٿيو آ، سو ڪنهن طرفان هو؟ سياٽي تون نہ هوندين ۽ جيڪو ٿيندو سو ڪنهن طرفان هوندو؟“ جواب ڏيڻ کان اڳ، ’مان ڪرڻ واري ڳالهہ‘ ختم ٿي ويندس.
مطلب: ١. وڏو ويڻ نہ ڪيجي، الله جي قهر پئہ ڊڄجي.
٢. بڑا بول، اگیں اشناں۔ (کہاوت)
٣. وڏو بول، اڳيان اچي.

٧٣ . بڑا بیری کن؟ اپنا پیٹ۔ (کہاوت)

پيٽ منجھ ويلي کان ويلي تائين جو کاڌو ذخيرو ٿئي، جنهن مان جسم، قوت حاصل ڪري زندھ رهي. پيٽ، سٽيي کاڌي جو هيراڪ ٿئي تہ پيو

مال مليدا طلبيندو. سندس طلب ۾ لڳي وڃبو تہ وچتري زندگي گھارڻ ڏکي ٿي پوندي. پيٽ، جائز ناجائز/ حرام حلال جو هيرڪو ٿي بيمارين جو ڳڙھ ۽ ٻوجھ ٿي پوندو.
ننڍا ڀائر، ڀيءُ مٿي ڀڄاڻان، وڏي ڀاءُ تي اعتبار ڪن. وڏو ڀاءُ، سندن پورائو ڪري تہ پاڻ هڏ-حرام ٿي، وڏي ڀاءُ لاءِ عذاب ٿي پون.
مطلب: ١. وڏو ويري ڪير؟ پنھنجو پيٽ.
٢. بڑا دشمن/ شریک کن ڑ؟ ماؤ ناں پیٹ۔ (کہاوت)
٣. بڑا شریک؛ اپنا ٹھڈھ / سکا بھراء۔ (کہاوت)
٤. وڏو ڀائيوار: پنھنجو ڍڍ/ سڳو ڀاءُ.
٥. بھراء بڑا شریک ہونا۔ (کہاوت)
٦. ڀاءُ: وڏو شراڪت دار.
٧. پيٽ ۽ ڀاءُ جھڙو: نہ ڪو حصيدار، نہ دشمن.
٨. شیطان نہین دیکھا؛ نائي کو دیکھ، دشمن نہین دیکھا؛ بھائی کو دیکھ.

٧٤ . بڑا کرے طہ نکا بھرے۔ (کہاوت)

وڏن جي ڇڏيل مال تي پونئير: يا سک وٺن، يا وڙهي ڏانگو ڏانگ ٿين. وڏن جي ڪمائي، ننڍا کائين. منو هپو هپو تہ پوءِ ڪوڙو ٿؤ ٿؤ ڇو؟ اهو بہ وارثن اندر ورهائبو. مزا بہ اهي ماڻين تہ لوڙ بہ اهي لوڙين.
مطلب: ١. وڏو ڪري، ننڍا ڀرين.
٢. وڏن جي ڪمائي، ننڍا کائيندا آهن.
٣. ڪرٽي پرٽيءَ جو جهان آ.

٧٥ . بڑا ناں، اللہ ناں۔ (کہاوت)

وڏائي، رب جي چادر آ. ان ۾ ڪنھن کي بہ اچڻو ناهي. ايندو، سڃي ويندو. اڪبر/ وڏو، فقط ڏٽي سڳورو آ. ٻيا سمورا ننڍا آهن. نالو/ اسم بہ سندس ئي وڏو ٿيندو. الله جو اسم ئي 'اسم اعظم' آ. سندس نالي وٺڻ سان ئي ٻيڙا پار ٿين ٿا. ٻين نالن وٺڻ سان، ٻيڙا پار نہ ٿيندا.
مطلب: ١. وڏو نانءُ: الله جو.
٢. بڑی ذات، خدا نی۔ (کہاوت)

٣. وڏي ذات، خدا جي.

٧٦. بڑی پھرجھائی، مائو نی جائی- (کہاوت)

پهرجهائی؛ ڀاڄائي، وڏي ڀاءُ جي زال. مائو نی جائی؛ ماءُ جي جاءِ تي، ماءُ وانگر.

وڏو ڀاءُ، ڪن صورتن ۾ ايترو وڏو هوندو آ جو، ڪيس ڀيءُ ۽ ننڍي ڀاءُ ڪي پٽ ڀيو سمجهبو آ. ان صورت ۾، وڏي ڀاءُ جي زال، ماءُ جي جاءِ تي پئي نظر ايندي. ننڍي ڀاءُ تي بہ واجب ٿئي ٿو تہ مشابهت وارن رشتن جو ساڳيو احترام/ تعظيم ڪندي. وڏي ڀاءُ ڪي ڀيءُ ۽ وڏي ڀاڄائيءَ ڪي ماءُ جي جاءِ تي سمجهندي، سندن اوترو ادب/ احترام ڪري.

مطلب: ١. وڏي ڀاڄائي، ماءُ جي جاءِ تي.

٢. وڏي ڀاءُ جي گهرواري، ماءُ جهڙو احترام لهڻي.

٧٧. بڑے سر، بڑیاں پگاں- (کہاوت)

پڳ/ پڳڙي، سر/ مٿي تي، مٿي جي ٻٽاوت آهر ٻڌبي آ. ننڍي ٻار جو مٿو ننڍو ۽ منجهس وزن ڪٽڻ جي سگهہ ناهي. هلڪو پٽڪو ٻڌبس تہ بہ منهن ئي لڪي ويندس. وڏي مرد جو مٿو وڏو ۽ وزن ڪٽڻ جي صلاحيت رکندڙ آ. ست هٿ/ ٿانُ مٿي تي ٻڌي هلندو تہ ڀيو نهندو ۽ اوچي ڳاٽ ڀيو ايندو.

پڳ: سربراهي بہ وڏو بار آ. ان جي بار ڪٽڻ ۽ نباهڻ جي صلاحيت بہ خاندان جي وڏي ۾ هوندي آ. جو سندس وڏي مٿي ۾، مغز بہ وڏو ٿيندو آ.

مطلب: ١. وڏا سر، وڏيون پڳون.

٢. وڏن تي، وڏا بار.

٣. مڙس ٿئي ڀاڙي: پٽڪو بہ بار.

٧٨. بڑے کہراں نے، بڑے در- (کہاوت)

بڑے کہراں؛ وڏا گهر، اميرن جا گهر.

امير ماڻهو، پڪا ۽ پڪ-سراوان گهر نهرائي، منجهن سُک سان رهندا آهن. رهڻ جي هر سهوليت کان علاوه منجهن حفاظت لاءِ، لوهاوان دروازا پڻ رکرائيندا آهن. وڏن ڪوٺن جي اندر، دروازا پڻ اوچا رکڻا پوندا آهن تہ جيئن منجهانئن اٺ ۽ هاٿي لنگهي سگهن.

امیرن جي گهران، سوالين کي دان پج ملي، جنهن سبب وڏا در سڏجن.
مطلب: ١. وڏن گهرن جا، وڏا در.
٢. اميرن جي دروازن تان، وڏو دان ملڻ جا امڪان هوندا آهن.

٧٩. بڑیاں شہریاں ناں، بڑیاں گلاں۔ (کہاوت)
ننڍن ڳوٺن ۾ غريب ۽ بي پهچ ماڻهو، ٿوري مال، ڪمائيءَ ۽ پئسي مان، پنهنجو وقت گذر ڪري ويندا آهن. وڏن شهرن ۾ هر شيءِ پئسي سان آهي. اتي وڏيون ڳالهيون ۽ وڏا معاملا آهن، جن کي سمجهڻ لاءِ، وڏا مغز کپن. جيترو وڏو شهر، منجهس مسئلا، اوترا ججها. جنهن معاملي ۾ هٿ وجهه، اهو ايڏي ته اينگهه ڪائيندو، جو حل واسطي وڏن مغزن ۽ تجربيڪار ماهرن جي ٽيم ويهارڻي پوي.
مطلب: ١. وڏن شهرن جون، وڏيون ڳالهيون.
٢. بڑیاں نی گل، بڑی ہونی۔ (کہاوت)
٣. وڏن جون، ڳالهيون وڏيون.
٤. وڏن شهرن جي معاملن کان، پاسو ڪجي ته بهتر.

٨٠. بڑیاں نی مت، آملیاں ناں سواد؛ بعد وچ اشناں۔ (کہاوت)
آملیاں؛ آملہ، آئرا.
آئرا، ڪچا يا پڪا، کائڻ ۾ ڪؤڙا ۽ ڪسارا هوندا آهن. حڪيم، پيٽ جي خرابيءَ کان، علاج طور ڏس ڏيندا آهن. آئرا، مربو ناهي ئي، کائي سگهبا. کائڻ پڇاڻان، منجهن رکيل هاضمي درست ڪرڻ واري صلاحيت، ڪم ڪندي آ. هاضمو درست ٿيندو آ ته آندا قرار ۾ هيانءَ کي فرحت ايندي آ. معدو نرڻ سبب، فرحت بخش اوڳرايون ۽ سواد پيو محسوس ڪبو آ.
وڏڙن جي نصيحت شروع ۾ ڪؤڙي لڳندي آ. دل تي پٿر رکي، جڏهن متس عمل ڪبو آ ته نڪتل نتيجا بيحد فرحت بخش محسوس ٿيندا آهن. نصيحت جي ڪؤڙاڻ جو ذائقو، نڪتل نتيجي جي سرهاڻ سان مناس ۾ بدليل محسوس ٿيندو آ، جنهن سببان، جيءَ کي فرحت اچي ويندي آ.
مطلب: ١. وڏڙن جي ڏاهپ جو اثر، آئرن جو سواد: پوءِ ظاهر ٿيندا آهن.

۸۱. بڑیاں نیاں گلاں، بڑے جانن۔ (کہاوت)
وڏڙن جون ڳالهيون، ننڍن کي جلد سمجهه ۾ نه ايندڙيون آهن. ننڍا هر ڳالهه جي رمز کي جاچي نه سگهندا آهن. ان کي سمجهڻ واسطي، سوال مٿان سوال پيا پڇندا آهن. معاملي جي نزاڪت، وائکي ٿيڻ سان مُنجهڻ جو امڪان هوندو آ. وڏڙا پردو رکي، معاملي کي سلجهائڻ جو تدارڪ ڪندا آهن. ننڍا، پلو لاهي، معاملو بگاڙڻ جي ڪندا آهن، جيتوڻيڪ وڏڙن جو ادب ڪرڻ ۽ چيو مڃڻ ۾ ئي مصلحت هوندي آ.
مطلب: ۱. وڏن جون ڳالهيون، وڏا ڄاڻن.
۲. وڏڙن جون ڳالهيون آهن، وڏڙا ئي سلجهائين.

۸۲. بڑیاں نیاں گلطیاں، نیا پوڑنیا۔ (کہاوت)
پوڑنیا؛ ڪوٺ ڪوٺ ڪرڻ، وائرڻ.
وڏن جي ڳالهين ۾، رب طرفان، حڪمت رکيل هوندي آ. اگر اهي غلطي به ڪري وجهن ته وري به ان ڪيل غلطيءَ مان هڙ حاصل ٿئي، جو ڪانئن ٿيل غلطيون، بدنيتيءَ تي مبني نه هونديون آهن. هچر پچر، وائر يا ڍنڍورو نه ڪجين، نه ته منجهانئن رکيل حڪمت ۽ برڪت کڄي ويندي.
مطلب: ۱. وڏن جون غلطيون، ڍنڍورڻ نه گهرجن.

۸۳. بڑھے تھیں پہلیاں، نکلے ناں راہ دھیکھی کہنو۔ (کہاوت)
تھیں؛ ٿيڻ. پہلیاں؛ پهريان، اڳي. نکلے ناں راہ؛ نڪرڻ جي راهه، پڄڻ جي واٽ. دھیکھی کہنو؛ ڏسي ونو، تڪي چڙيو.
وڏو ٿبو ته سر تي بار به وڏا ۽ اوکا ئي ايندا، جن کي منهن ڏيڻ جي پاڻ ۾ صلاحيت ڏارجي، جو وقت پئي پڄاڻان، پڄڻ جي واٽ هٿ نه ايندي آ. مصيبت جي اچڻ کان اڳ، جاڻ ۽ اهليت سان پار پئجي وڃبو.
مطلب: ۱. وڏي ٿيڻ کان اڳي، نڪرڻ جون واٽون، واچي چڙيو.
۲. وڏو ٿيڻ کان پاسو ڪجي، ته اجا چڱو.
۳. نئين هنڌ تي داخل ٿيڻ کان اول، اتان نڪرڻ جو رستو به تاڙي چڙيو.

۴. ڪم شروع ڪرڻ کان اڳي، ان جو انجام نظر ۾ رکو.

۵. سبق پھر پڑھ صداقت کا عدالت کا شجاعت کا، لیا جائے گا کام تجھ سے اس دنیا کی امامت کا۔

۸۴. بغنے دریا چا، ہر کوئی پیناں/ پھرناں۔ (کہاوت)

وهندڙ درياھ مان، فائدو ونڻ جو، هر هڪ کي حق آ. جو متس پرڻ ۽ وهائڻ تي، ڪنهن جو ذاتي خرچ/ محنت ٿيل ناهي. خالق طرفان، مخلوق جي فائدي واسطي، عام واهپي واري شيءِ، وافر مقدار ۾، هر جاءِ هڪي حاضر هوندي آ. سج، چنڊ، تارا، آسمان، پاڻي، هوا، مٽي وغيره، هر ساهدار جي نفعي لاءِ عام آهن. ڪير ڪيترو به واپرائڻ چاهين، بنا روڪ ٽوڪ واپرائي سگهين.

مطلب: ١. وهندڙ درياھ مان، هر ڪو پاڻي پري/ پيئي.

٢. واٽ/ رستو، خدا جو آ. هر ڪو استعمال ڪري سگهي.

۸۵. بغنے دریا کول گچھے تہ دریاہ سکی گچھے۔ (کہاوت)

بغنے؛ بدنصيب، نياڳو. کول؛ وٽ، ويجهو. گچھے؛ وڃي، پهچي. سکی؛ سڪي.

عام فائدي واري شيءِ مان، بنا روڪ ٽوڪ، هر ڪو استفادو ڪري سگهي ٿو. رب طرفان رستا روڪ ٿئي ته هٿ وس واري سهوليت به فائدو نه ڏئي. نفعي/ نقصان، فائدي/ گهاٽي جو اصل ڏٽي، رب پاڪ آ. اهو جڏهن چاهي ته شيءِ فائدو ڏئي، نه چاهي ته شيءِ فائدو نه ڏئي.

مطلب: ١. نياڳو، درياھ تي وڃي ته درياھ سڪي وڃي.

٢. نياڳو، نديءَ تان به اجيو موٽي.

٣. ڀاڳ ۽ نياڳ، سڀ رب طرفان آهن.

۴. نياڳو چڙهي لاريءَ تي ته لاري ليٽ،
چڙهي بيڙيءَ تي ته بيڙي ڏوبڻ وڃي.

۸۶. بکری دهدھے چ مینگناں بائی ط دینی۔ (کہاوت)

ٻڪري، هلڪو ۽ ٿاڻ جانور آ. بيٺي ۽ پڄندي، ڪير ڏهائي. ڪير ڏهڻ وقت، صبر سان نه ڏهائي، پر هلندي ڏهائي ۽ ڦولهڙيون به لاهي. ڪير جي ٿانءَ ۾،

ڦولهڙيون پوڻ جو انديشو رهي. ڏوهو، ڪير جي ٿانءَ ڪي ڦولهڙين پوڻ ڪان تہ بچائي پر منجهانئن اٿندڙ هَوَڙَ، ڪير ۾ ضرور رهي.

مطلب: ١. ٻڪري ڪير ڏئي، ڦولهڙين گاڏڙ.
٢. بکری دهدھ دینی پر میغناں بائی طہ دینی۔ (کہاوت)
٣. ٻڪري ڪير تہ ڏئي، پر منجهس ڦولهڙيون ضرور گڏي.

٨٧. بکرے نی ماں کدوں توڑی خیر مناسی۔ (کہاوت)

ڇيلي جو گوشت، مڙني گوشتن ڪان لذيذ ۽ طاقت بخش آ. سندس ڪايارا، جهان اندر، ججها آهن. شوقين، ڳولي ڳولي، سوڪو ڀهرو وڻندا آهن. ڪَمر ۽ ڪنڌو جاچي، ڪاسائيءَ ڪان کهرائيندا آهن. چوندي چوندي سُنڌيون ۽ هڏي تي چڙهيل ٻوٽيون ڪترائيندا آهن. ماڻس، سندس بچڻ لاءِ، ڀلي سو خير ڪيرائي، پر ذائقيدار هئڻ سبب، ڇيلو ڪاتيءَ هينان ضرور اچي.
مطلب: ١. ڇيلي-ماءُ ڪيستائين خير گهرندي؟
٢. ذائقيدار شيءِ، شوقينن جي هٿان بچڻي ئي ناهي.
٣. سهڻي شيءِ جو دشمن، سندس سونهن.

٨٨. بکری وی جاغا کهسی بیجنی۔ (کہاوت)

بکری: ٻڪري، ڇيلي. وی: ٻيي، ٻہ، پڻ. جاغا: جاڳاهہ، جاءِ، جڳهہ. کهسی: صاف ڪري، سٿري ڪري. بیجنی: ايهي، رهي.

صفائي سترائيءَ واري جاءِ، جانورن ڪي بہ پسند آ. انسان اشرف المخلوقات هئڻ سبب، ان ڳالهہ جو وڏيڪ مستحق آ تہ صفائيءَ سان رهي. جتي بہ ويهي، گندگيءَ ڪان پاڻُ بچائي. جان صاف سٿري رکڻ سان گڏ، ڏوتل ڏپويل لٽو ڪپڙو اوڍي، چڱي چوڪي جاءِ تي، چڱن سڦرن جي محفل ۾ ويهي. اڏنگائپ ڪان پاسو ڪري، جو ان ۾ سندس چڱائي آ.
مطلب: ١. ٻڪري بہ جاءِ صاف ڪري ويهي.
٢. ڪتو بہ ويهڻ واري جاءِ تي، پڇ هڻي پوءِ ويهندو آ.
٣. جتي بہ ويهجي، صفائيءَ سترائيءَ سان ويهجي.

٨٩. بکریاں جانی نی، قصایئے منجھے نی۔ (کہاوت)

بکریاں؛ ٻڪريءَ کي، ڇيلي کي. جانی؛ جان، سر، ساس، ساهه. نی؛ جي. قصایئے؛ قاصائيءَ کي، ڪاسائيءَ کي. منجھے؛ حرام مغز، ريڙهه جي مخ، ڪمر.
رب پاڪ، هر ساهدار کي زمين تي موڪلڻ کان اڳ سندس روزي رزق، اڻ-ڳڻين صورتن ۾ ٿيڙي پکيڙي ڇڏيو آ. گوشت به رزق جي هڪ صورت آ. جانور، ڄمڻ کان وني ڪسڻ تائين، اهو رزق، جسم جي صورت ۾ سنڀاليندو ۽ بچائيندو ڪنيو تو هلي. مداءُ پورو ٿئي ته ڇيلو ڪيترو به پاڻُ لڪائي، ڪاتيءَ کان بچي ڪو نه سگهي. مردار ٿي مرڻ کان، حلال ٿيڻ ۾ سڦلائپ اٿس. ڪنڌ تي ڪاتي آئي کان پوءِ، پاڻ ڪڍائي نه سگهندو، البته سِير کان پوءِ، ڪرڙيون ضرور هڻندو. ڪاسائي روزي رزق جي حاصلات ۾، ان وقت مٿس بي قياس ۽ بي رحم هوندو آ.
مطلب: ١. ٻڪريءَ کي سر جي، ڪاسائيءَ کي ڪمر جي.
٢. ٻڪريءَ کي ساهه جي، ڪاسائيءَ کي حرام مغز جي.
٣. ٻڪريءَ کي ساس/ ساهه جي، ڪاسائيءَ کي ماس/ ماهه جي.

٩٠. بلائیں ناں لاقہ؛ ناں بندہ، ناں بندے نی ذات۔ (کہاوت)

انسان فطرتي طور تي، ٻين سان گڏجي سماج جوڙي، منجهس رهڻ ۾ پنهنجو امن ۽ حفاظت سمجهندو آ. پاڻ کي اتي سکيو محسوس ڪندو آ، جتي امن ۽ شانتي هجي. گوڙ گهمسان ۽ هُرَڄُرَ جي زندگيءَ کان ونءُ پيو ويندو آ. آفتون، مصيبتون ۽ بلائون منهن ڪڍن، اتان پٺا ڏئي، پاڻ ڇڏائي ڀڄڻ جي ڪندو آ. بلائن وارو ميدان، پوءِ تتان خالي ڪري ڀڄندو آ. انسان کي طاقت حاصل ٿئي ته ميدان بلائن کان خالي. انسان ڪمزور ٿئي ته ميدان بلائن حوالي ۽ انسانن کان خالي.
مطلب: ١. بلائن جو علائقو: نه بندو، نه بندي جي ذات.
٢. بلا ۽ انسان، گڏ نه ٿا رهي سگهن.
٣. انسان، امن پسند آ.
٤. بلائون، هر ساهدار کي ڀڄايو ڇڏين ٿيون.

۹۱. بلنی اپر بال کہ پھوکنا ناں پیئی، نیڑیاں بلا کہ کوکناں پئی۔ (کہاوت)

ٻرندڙ چلهه منجهه ٻارڻ وجهبو رهبو ته باهه وسامندي ڪا نه. ٻرندڙ باهه جو ٻارڻ ڪٺو ٿيءِ وسامي وئي ته ڪيس ٻيهر ٻارڻ لاءِ ڦوڪون ڏيڻيون پونديون. هڪ ڦوڪ تي نه ٻري ته ٻي ڏيڻي پوندي. ٻيءَ تي نه ٻري ته پوءِ لاڳيتو ڦوڪون ڏيڻيون پونديون، جيستائين پڙڪو ڪائي اٿي. گهڻيون ڦوڪون ڏيڻ واري جي مٿي ۾، تيسين سور پئجي چڪو هوندو آ.

ويجهي واري ڪي، اشاري/ سرٻاٽ سان سڏي، ڪا ڳالهه چئي سگهجي. وئي پڇاڻان، چوڻ لاءِ ڪيس پري ڪان سڏڻو پوندو. پري وارو سڏ اڳلو ٻڌي الائي نه ٻڌي، پر سمجهي الائي نه. ڪوڪون ڪري ٻڌائڻ سان، گلو ويهجي وڃڻ جو انديشو پڻ رهي.

مطلب: ۱. ٻرنديءَ کي ٻار، ڦوڪڻو نه پوئي،
ويجهي ڪان سڏ، ڪوڪڻو نه پوئي.
۲. جنهن ڪم تي، جنهن مهل پهچ ٿئي، ان وقت اڪلائي ڇڏجي.

۹۲. بلنیاں نا ہر کوئی، ہسیاہ نیاں نا کوئی نا۔ (کہاوت)

بلنیاں؛ ٻرندڙ باهه. نا؛ جو، واسطيدار. ہسیاہ؛ وسايل، ٿڌي ٿيل. نیاں؛ ويل.

دنيا جي نهڻ ۾ چئن عنصرن جو حصو آ، جن منجهان باهه هڪ آ، جيڪا رب پاڪ جي خلقتن منجهان، هڪ عجيب خلقت آ. سُڪي ڪي ساڙي، آلي سان گهٽ وچڙي. اتي ساهه منجهي پويس. سياري منجهه، سندس لوڙ سخت پوي. جيڪو ٻاري چاڙهي، سيڪو سندس پر اچي وني. جو هر ڪو هوند جو آ. ان جي ابتڙ، جنهن جي چلهه نه ٿي ٻري، تنهن جي ڪير ٻه پر نه ٿو وني. جو اٿهوند واري وٿان ڪا شيءِ ملڻ جو امڪان ناهي هوندو.

مطلب: ۱. ٻرنديءَ جو سيڪو، وساميل جو ڪو ڪو نه.
۲. چڙهيي جو سيڪو، ڪريي جو ڪو ڪو نه.
۳. هر ڪو واسطو ناتو ٻه ان سان ٿو رکي، جنهن ۾ غرض ٿي پوي.
۴. بنی ناں ہر کوئی، بگڑی ناں کوئی ناں۔ (کہاوت)
۵. نهيل نڪيل جو سيڪو، بگڙيل جو ڪير ئي نه.

٦. بکڑی ناں کوئی ناں، بنی ناں ہر کوئی۔
٧. اڌريل جو ڪير بہ نہ، سڌريل جو سيڪو.

٩٣ . بلی شیں پڑھایا، شیں بلی کی کھان آیا۔ (کہاوت)

ٻليءَ ڪان، هڪ شينهن شڪار ڪرڻ جا گُر سمجهيا. ٻليءَ، ڪيس چپ چپ ڪري ڏڪ هڻڻ، ڊوڙي ڊوڙي شڪار تي حملو ڪرڻ، چنبو هڻڻ وغيره جون مختلف چالون سمجهايون. شينهن چالون سمجهي ويو ۽ مختلف جانورن تي آزمائڻ پڻ لڳو.

هڪ ڏينهن چپ چپ ڪري، ٻليءَ تي حملو ڪرڻ جو سٽيائين. ٻلي، شڪار ڪرڻ ۾ شينهن جي ماسي هئي، سا ڀڙڪو ڪائي پر ۾ بينل وڻ تي چڙهي وئي. شينهن وڻ تي چڙهي نہ سگهيو، جو ڪيس نہ چڙهڻ جو ڏانءُ هيو ۽ نہ ئي منجهس صلاحيت هئي.

وڻ تي وينل ٻليءَ کي، حيرت مان ڏسي پڇيائينس: ”مون کي وڻ تي چڙهڻ جي چال نہ سيکاري هيئي؟“

”استاد سموري استادي، شاگرد جي مغز ۾ نہ وجهندا آهن.“ ٻليءَ موٽ ۾ چيس: ”سندس ضرورت ۽ صلاحيت، مغز ۽ بوتي آهر، ڪيس تعليم ڏيندا آهن. تربيت ڏيندي، پنهنجو بچاءُ بہ رکندا آهن.“

مطلب: ١. ٻليءَ شينهن پڙهايو، شينهن ٻليءَ کي کائڻ آيو.
٢. ٻليءَ شينهن پڙهايو، ڦري ٻليءَ کي کائڻ آيو،
چڱو ٿيو جو مون تو کي چڙهڻ نہ سيکاريو.

٩٤ . بلی موترے تہ پرلے وچ گارا۔ (کہاوت)

بلی: ٻلي، ٻلڙي. موترے: مٽي، پيشاب ڪري. پرلے: پرل، راولاڪوٽ ۾ هڪ علائقو. وچ: وچ ۾، منجهہ. گارا: گارو، گپ.

پرل جو علائقو هينانهينءَ وارو آ. برساتي نالن جو ٿورو سيمو بہ منجهس چر ڪيو بيٺو هوندو آ. منجهانئس، سڄو سال، پاڻي سڪندو ئي ناهي.
ٻليءَ جي مٽ-ڳاڙ جي تشبيهہ، تمام ٿوري پاڻيءَ سان آ. جيڪا زمين تي پوڻ سان ئي زمين ڇُهي ويندي. جنهن جي وهي هلڻ يا منجهانئس ڊبو ٿيي

بيهڻ جو امڪان ئي ناهي. جيئن ته پرل جي علائقي جي گپ، ٻارهو ئي نه سگهندي آ، ان ڪري ان جي تشبيهه ٻليءَ جي مٿ سان گپ ٿيڻ جي ڏيندا آهن.

مطلب: ١. ٻلي مٿي ته به پرل ۾ چڪ تي پوي.

٢ . هينانهون هئڻ ڪري، پرل جي علائقي منجهان آلاڻ سگهي ئي نه.

٣ . ٿوري يا غير معمولي ڳالهه جو به پرل ۾ اثر ٿيو وڃي.

٩٥ . بِلے نیں بلا نہ وے، متھے تارا ضرور ہوسی۔ (ڪهاوت)

بِلے: چٽ-ڪبرو ڳابو، چٽ-ڪمرو وهڙو. نیں: ڪي، تي. متھے: مٿي تي. تارا: تارو، لسڻ، ٽڪو.

ساهدارن جي خلقت به، عجيب آ. گندي پاڻيءَ جي قطري مان پيدا ڪيا ويا آهن. ڪمپيوٽرن منجهه ان-بلٽ نظام، ڦري سگهن ٿا، پر ساهدارن منجهه فٽ ٿيل پروگرامنگ، هيٺ-مٿي نه ٿي ٿي سگهي. سندن جسماني ورن پڻ ائين آهن. ساڳئي نسل وارن ۾ هڪجهڙائي هوندي. ويهارو سال اڳي ڏنل همراهه جو، اگر هاڻي ڃاول پٽ، اکين آڏو اچي ٿو ته يڪدم، سندس پيءُ جي تصوير سامهون ڦري ٿي وڃي. صحيح ڪري ٿو ونجي ته هِن جو هُن سان ڪو نه ڪو جينياتي ڳانڍاپو ضرور آ. ٻنهي جي پاڻ ۾ هڪجهڙائي، اٽٽر آ.

مطلب: ١. تخم تاثير، صحبت اثر.

٢. چٽ-ڪبري مان ڃاول ڳابو، چٽ-ڪبرو نه ٿيو ته مٿي تي لسڻ هوندس.

٣. هر ڪو وڏن تي اڍ چڪي.

۴. تخم جو تاثير ٿئي ٿو.

٩٦ . بلیا نے کھاوے وچ چھچرے۔ (ڪهاوت)

بليا: ٻلي. ڪهاوے: خواب، ننڊ ۾. چھچرے: ڇيڇڙا، ڇيڇڙ.

جيڪي ڳالهيون جاڳندي ذهن ۾ هونديون، تن جي سوچ-ويچار، ننڊ ۾ هلئي وڃڻ ڪان پوءِ به ذهن اندر موجزن رهي ٿي. اهي سوچون، تحت الشعور ۾ هئڻ سبب، ننڊ جي حالت ۾ پڻ ذهن جي اسڪرين تي نمودار ٿين ٿيون.

ٻلي ٻه ساهدار آ. سارو ڏينهن، ڇيڇڙن جهڙي مرغوب غذا جي لونجهه ۾ گذريس ٿو. تڪ سبب اک لڳيس ٿي، ته ذهن جي پٽيءَ تي، ساڳيا ئي ڇيڇڙن وارا خواب ظاهر ٿينس ٿا. مٿن، ننڊ ئي ننڊ ۾، لامارا ڏيڻ شروع ڪري ٿي. اڪثر ڏٺو ويو آ ته ٻلي، ننڊ ۾ ٻه پئي ٽپا ڪائيندي آ.

انساني ذهن اندر، جيڪا ڳالهه سوچيندي سوچيندي، سڄو ڏينهن پورو ٿئي ٿو، سا ئي سمهڻ پڄاڻان، خواب جي صورت ۾ شروع ٿي وڃي ٿي.

مطلب: ١. ٻليءَ کي/ جي خواب ۾ ڇيڇڙا.

٢ . هر ڪو پنهنجي ذهن آهر خواب ڏسندو آ.

٣. جي جاڳندي، سي ئي ننڊ ۾.

٤ . لالچي، غرض رکي، هر ڪم ڪندو آ.

۵. بلی نیں خاوؤ چھچھڑے۔

٦. ٻليءَ جا خواب: ڇيڇڙا.

٩٧ . بماری اشنی تیزی نال، گشنی دیری نال۔ (کہاوت)

بماری؛ بيماري. اشنی؛ اچٽي. گشنی؛ وڃٽي. دیری نال؛ دير سان.

بيماري ٻڙي، آزمائش خاطر، هر ساهدار تي اچي ٿي. اچڻ وقت، اوچتي حملو ڪري ساري جسم تي ڪنٽرول ڪري وٺي ٿي. علاج سان آهستي آهستي، جان ڇڏڻ لڳي ٿي. احتياطي تدبيرن پڄاڻان پاڙ پٽجيس ٿي.

معاشري اندر، اخلاقي بيماريون پڻ ائين آهن. پکڙجنديون ته بنا خرچ ۽ حيلي سان، پر سندن پاڙ پٽڻ لاءِ وڏا ڪشالا ڪڍڻا پوندا آهن.

مطلب: ١. بيماري اچي ڊڪ، وڃي وک.

٢. بماری طہ مقدمیاں کولا اللہ بچائے۔ (کہاوت)

٣. بيماري ۽ مقدمي کان، الله بچائي.

٤. بننیاں دیر لگنی، بغڑنیاں دیر نئی لغنی۔ (کہاوت)

۵. ٺاهيندي دير لڳي، ڊاهيندي ويرم نه لڳي.

٩٨ . بندہ اپنی مرضی اشناں، ناں ژے اپنی مرضی گشناں۔ (کہاوت)

دنيا جي تختي تي، جيڪو بہ آيو آ، تنهن کي اچڻ ۽ وڃڻ جي وقت بابت نہ اڳ خبر هئي ۽ نہ پوءِ. نہ وري ڪنهن کي پنهنجي منهن مهانديءَ، رنگ نسل، قوم ڪڙم، ٻولي ۽ خطي بابت ڪا ڄاڻ هوندي آ. انهن تڪويني معاملن ۾، انسان محض مجبور آ. ڪيس ڪو بہ اختيار وديعت ٿيل ناهي. تخليق جو عجب ڪارخانو آ، جيڪو رب پاڪ پنهنجي قدرت ڪاملہ سان تن تنها، سمجهي ۽ هلائي ٿو. انسان جي مرضيءَ کي، عمل دخل ناهي.

مطلب: ١. ٻانهو نہ پنهنجي مرضيءَ سان آيو آ، نہ ئي ويندو.

٢. لائی حیات؛ آئے، قضا لے چلی؛ چلے، نہ اپنی خوشی آئے، نہ اپنی خوشی چلے۔

٣. حياتي وٺي آئي، آياسين. قضا نيو، وياسين.

نہ پنهنجي خوشيءَ آياسين، نہ پنهنجي خوشيءَ وياسين.

٩٩ . بندہ آکھناں؛ زہی ماڑی، زہی آکھنی؛ توں ماڑا ایں۔ (کہاوت)

انسان کي اشرف المخلوقات بنائي، زمين تي لاهي، ڪن معاملن ۾، ٿورا گهڻا اختيار پڻ ڏنا ويا اٿس. دماغي سوچ ويچار سان گڏ، جسماني طاقت پڻ عطا ٿيل اٿس. جنهن تي ٻانورجي، دڙيون ٽپندو آ ۽ ڪنهن تي بہ فلڪ آٽڻ لاءِ تيار نہ هوندو آ. ڌرتيءَ تي گهمندي، مٿس مالڪي پيو هلائيندو آ.

ان جي ابتڙ، مٽي ٻين عنصرن جي پيٽ ۾ ججهي خلقيل آ، تنهن هوندي بہ سهپ ۽ هيٺ رهڻ وارو عنصر آ. هر ڪو پيو لتاڙيس، تہ بہ هر ڪنهن جي ڪم پئي اچي ۽ مٿس ٿيندڙ قبضيگيريءَ وارا عمل ڏسي، پئي کلندي آ.

مطلب: ١. بندو چئي: ٻني منهنجي، ٻني چئي: تون منهنجو.

٢. ماڻهو، زمين کي لتاڙي، سمجهي تہ مان مٿس معتبر،

قبر جي مٽي لاش کي وڪوڙي، چئي: مون لاءِ ڪجهہ بہ نہ.

٣. ٻانها زمين تي ڪروڙين اربين آيا/ ويا، پر زمين اتي ئي آ.

١٠٠ . بندہ بندے ناں داروں ہوناں۔ (کہاوت)

دنياوي زندگي، ربط کان سواءِ هلڻ ڏکي. هر هڪ سان رابطو واسطو رکي، هلڻو ٿو پوي. پهتل تڪليف جو ازالو/ حل بہ ڪنهن ذريعي سان ئي ٿئي

ٿو. هڪ انسان متان غمن جو پهاڙ ٽٽي ته علاج پڻ ماڻهو ئي ٿئي. جانور يا پکي پکڻ نه ٿئي. انسان وٽان ئي آٿت ملي، ٻئي هنڌان نه ملي.

مطلب: ١. ماڻهو، ماڻهوءَ لاءِ دارون.

٢. بنده ڑے بندے نے کم اشناں۔ (کہاوت)

٣. انسان اهو، جو انسانن جي ڪم اچي.

۴. بندے نی دوا، بندے کول۔ (کہاوت)

۵. ماڻهوءَ جي دوا، ماڻهوءَ وٽ.

٦. بندے کی بندے نال سوواریں کم پیناں آ۔ (کہاوت)

٧. ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ ۾ سو دفعا ڪم ڦاسندو آ.

٨. ماڻهو، ماڻهوءَ جو ڪاج.

١٠١ . بندہ کرے اولیاں/ کولیاں، رب کرے سولیاں۔ (کہاوت)

ماڻهو، زندگي سکي گذارڻ لاءِ، هٿن پيرن سان جستجو ڪندو رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن، ساڳين ئي هٿن پيرن سان، معاملا ڪاري به ڇڏي ٿو. هزار حيلا هلائڻ باوجود، ڪريل معاملا سندس سڌرڻ ڪان چڙهي تا وڃن. تڏهن هڪ ئي در وڃي بچي ٿو، جتان سلجهڻ جي اميد رهيس ٿي. اهو آ، رب جو در. قادر، پنهنجي قدرت سان، سندس الجهيل معاملا سلجهائي ٿو ڇڏي.

مطلب: ١. بندو ڪري اوليون، رب ڪري سوليون.

٢. انساني عقل سان ٿيل ڪم ڪري، رب جي حڪم سان ٿيل ڪم نه ڪري.

١٠٢ . بندہ کے نال، سوہناں لگناں۔ (کہاوت)

دنيا جي اندر، انسان کي هٿ پير، چنگهون ٻانهون ڏئي موڪليو ويو آ ته جيئڻ پنهنجي روزي روٽي، لوچي لهي. بنا لوچڻ جي جيڪا روزي روٽي حاصل ڪري ٿو، تنهن ۾ نه ساءُ، نه سواد ۽ نه ئي وري برڪت.

محنت ڪرڻ سان، هر ڪنهن کي وٽي به ٿو ۽ سهڻو به لڳي ٿو. پٽ پلي ڪاٺو هجي پر ڪاٺو آ ته پيو وٽندو. اگر سهڻو آ، پر نڪمو آ ته دل تي ئي نه چڙهندو. هر ڪو ڪم-پرين آ، چم-پرين ڪو ناهي.

مطلب: ١. انسان، ڪم سان ئي سهڻو لڳي ٿو.

٢. محنت ۾ شانُ مانُ آ.

٣. Dignity is in the labor.

١٠٣ . بندہ کھلا اشناں، طہ کھلا گشناں۔ (کہاوت)

انسان ماءُ جي پيٽان تن تنها آيو آ. جسم سان، ڪا به شيءِ، چنبڙيل عطا نہ ٿي ٿئيس. نہ ساڻ ڪو پئسو اٿس، نہ ڪپڙي-ليڙ. نوهيو جمي ٿو، نوهيو دنيا مان وڃي ٿو. اچڻ وقت، جسم سان نہ ڪو بئنڪ جو اڪائونٽ چنبڙيل اٿس، نہ وري ڪنهن جاءِ جي ڪا سند. نہ دوست يار گڏ اٿس، نہ وري ڪا ٻولي ڄاڻي ٿو. نہ لڱن ۾ طاقت اٿس، نہ ئي وات اندر ڪائڻ لاءِ ڏند. تنهن هوندي بہ دنيا اندر مقرر مدت ڄالي ٿو ۽ هليو وڃي ٿو. اهو سڀ رب جي قدرت ڪامله سان ممڪن ٿيو آ.

چڱي رويي سبب، دوست يار ناهي ٿو، روزي رزق حاصل ڪري ٿو. اڪيلي هجڻ سبب، ٻين سان تعلق پيدا ڪري، خوش رهڻ جا جتن ڪري ٿو. بڇڙي رويي سبب، دشمن ناهي ٿو ۽ روزيءَ جا دروازا بند ڪرائي ٿو.

مطلب: ١. ماڻهو: اڪيلو آيو آ، اڪيلو وڃڻو آ.

٢. انسان: آيو بہ اڪيلو آ، ويندو بہ اڪيلو.

١٠٤ . بندہ، بندے نے وس ناں ہے۔ (کہاوت)

انسان، پاڻ محتاج آ. ٻئي جي احتياج پوري ڪرڻ، سندس وس ڪان ٻاهر آ. لالچ ڪري ٻين مان ڪم ڪڍڻ جي هوشياري ڏيکاريندو تہ ٻيا وري ڪانئس سوا سير ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا. ان جستجوءَ ۾، هڪٻئي سان زور آزمائي پئي ٿيندي. جڏهن معاملا ٻئي جي هٿ-وس ٿي پوندا تہ اهو پيو پنهنجي سورهيائي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو.

مطلب: ١. شل نہ ماڻهو، ماڻهوءَ جو محتاج ٿئي.

٢. شل نہ ڪنهن ڪاري مٽي ۾ ڪم پوي.

١٠٥ . بندہ، موتو نی امانت ای۔ (کہاوت)

جيڪو پاندو جڙيو آ، سو پڄندو پرندو ضرور. جيڪو ڄائو آ، سو مرندو پورجندو ضرور. ڪير بہ هن دنيا ۾، سدا لاءِ نہ ٿو رهي. هل هلان جو جهان آ. نهيل نڪر، اڄ-سڀان ضرور پڄي. بقاءُ، فقط رب جي ذات کي آ. ٻي سڄي دنيا فاني آ ۽ فنايت جي مرحلي مان گذرڻو ضرور اٿس.

مطلب: ١. ماڻهو، موت جي امانت آ.

٢. ٿانءُ نهيو آ پڄڻ لاءِ، ماڻهو آيو آ مرڻ لاءِ.

١٠٦ . بندے تائيں، شاره كافى ہوناں۔ (كہاوت)

جنهن کي رب جي ڏنل ڏات آ، تنهن کي سيکارڻ لاءِ مغز ماري ڪرڻ جي ضرورت ناهہ. ان سان پنهنجي روزي روٽي حاصل ڪري ٿو ۽ دنيا جا الجهيل معاملا طئي ڪري ٿو. ان جي ابتڙ جنهن کان ڏٺي سڄوري عقل ذري کسي چڏي آ، تنهن کي ڪيترو بہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪجي، مغز ۾ ڳالهہ ويهندس ئي ڪا نہ.

مطلب: ١. انسان کي اشارو ئي ڪافي آ.

٢. ٽنوءَ کي ٽارو، تازيءَ کي اشارو.

٣. عقل اهو آ، جيڪو رب عطا فرمائي.

١٠٧ . بے ادب بے نصيب۔ (كہاوت)

نصيب، رب جي طرفان آ. جنهن جو نصيب چڱو آ، سو سندس نرڙ مان بہ پيو ٻکندو. ڪليل پيشاني هوندس. هر ڪنهن سان اخلاق مروت سان پيو ڳالهائيندو. ادب ۽ آداب ملحوظ رکندو. سهڻي صورت ۽ سهڻو ورتاءُ، اڌ رزق آ. ان جي ڀيٽ ۾ جنهن جو نصيب خراب آ، تنهن جو رويو پڻ خراب ٿيندو ويندو، شڪل صورت بہ بگڙي، بڇڙي ٿيندي ويندس. ادب آداب، ڇڏائبا ويندس. بي ادبي ۽ گستاخي، خوءِ ٿي پوندس. پراوا تہ پراوا، پنهنجا بہ بيزار ٿي ويندس.

مطلب: ١. بي ادب، بي نصيب.

١٠٨ . بے سواديان ناں كئہ سواد۔ (كہاوت)

بدذائقه ماڻهو، چڱي شيءِ/ ماحول کي به پنهنجي اندر جي بيزارگيءَ سبب، خراب پيو سمجهندو. نه سواد ايندس، نه ئي ٻين کي سواد وٺڻ ڏيندو.
مطلب: ١. بي سواد کي ڪهڙو سواد؟

١٠٩ . بے شرے نیں ٹھنڈریر اک جمیا، آخ نغا چھاوے بیساں۔ (کہاوت)
اَڪُ، ڪير پوکيندو ناهي، جو منجهانئس تعميراتي ڪاٺ نه ملندو آ. نه وري سندس پن/ ميوو کائڻ لائق آ. اچانڪ ۽ پاڻ-مرادو، ڪڙين ۽ ڪاين جي ڪنڌين، واٽن جي پاسن تي ڦٽي پوندو آ. اٺ جي مرغوب غذا آ. سندس پن، سو به ڪنهن قضا-نئي، ڪنهن ڦٽ ڦرڙيءَ ڪاڻ ڪتب ايندا آهن. نه ته الا الا خير صلا. بي شرم ماڻهو، وهڪ جي جاءِ تي ڄاول اهڙي ٻڇڙي وڻ جي به ڏاڙ هٽي ته ان جي ڇانءَ ۾ ويهندو، سا اجائي ۽ بيڪار آ.
مطلب: ١. بي حياءَ جي نينڊي تي اڪ ڦٽو، چي: ”ڇانءَ ۾ ويهندس.“

١١٠ . بے عیب ذات، خدا نی۔ (کہاوت)
رب، مڙني جهانن جو خالق ۽ مالڪ، پاڪ ۽ مقدس هستي آ. نه ڪيس ڪنهن ڄڻيو آ، نه ڪنهن کي ڄڻيو اٿائين. بي عيب ذات آ، جنهن جو مثل يا نظير، دنيا اندر آهي ئي ڪو نه. نه ڪنهن زبان کي طاقت آ جو سندس جوڳي واکاڻ ڪري سگهي، نه ڪنهن قلم منجهه سگهه آ جو سندس ڪبريائي/ وڏائي بيان ڪري سگهي.
مطلب: ١. بي عيب ذات، خدا جي.
٢. پاڪ ذات آ، رب جي.
٣. رب پاڪ، بندو خاڪ.

١١١ . بے وقوف کیاں مٹا، ناں نفع جانے ناں تروٹا۔ (کہاوت)
موٽي دماغ هئڻ سبب، بي وقوف ماڻهوءَ جي مغز ۾ ڪا ڳالهه ويهندي ئي ناهي. بنا سوچ سمجهجي، پيو ڪارناما ۽ ڪرتب ڏيکاريندو. نفع ۽ نقصان جي ڄاڻ نه رکڻ سبب، پاڻ ته ٻوهي ۾ پر مائٽ به جنجل ۾.
مطلب: ١. بيوقوف موٽي دماغ جو: نه نفعي جي خبر، نه نقصان جو انديشو.

۱۱۲. بے وقوفے نی کہوڑی؛
هک چڑهیا بجی گئی، دو چڑھے دوڑی۔ (کہاوت)
کہوڑی؛ گھوڙي، وهٽ. بجی گئی؛ ويهي رهي. چڑھے؛ چڙهيا، سوار ٿيا. دوڑی؛ ڊوڙي، ڀڄي.
بيوقوف، گھوڙي تہ ڌارِي، پر نہ متس چڙهڻ جي ڄاڻ رکي، نہ وري گھوڙيءَ کي هلڻ جون چالون سيکاري. فائدي وٺڻ واري، متس محنت ئي نہ ڪري. جنهن سببان گھوڙي خرچ تہ ڪائي پر اوترو نفعو نہ ڏئي.
مطلب: ۱. بيوقوف جي گھوڙي: هڪ چڙهئي ويهي رهي، ٻن چڙهئي ڊوڙي.
۲. بيوقوفن جا سيڪاريل بہ بيوقوف ئي هوندا آهن.
۳. سئيس ڄاڻو هوندو تہ گھوڙي کي سڌاريندو، اڻ ڄاڻ هوندو تہ اڏاريندو.

۱۱۳. بے وقوفے نیں سر پر سنگ نا ہونے۔ (کہاوت)
اکين جي انڌي کي، ڏسڻ سان معلوم ٿي ويندو تہ انڌو آ، چو جو ڏسڻ وارو جنهن ڍنگ سان ڏسي ۽ منهن ڪري ڳالهائي ٿو، انڌو ائين نہ ٿو ڪري سگھي. ٻوڙي کي ڏسڻ سان اندازو ٿي ويندو تہ اهو ٻوڙو آ، جو سندس ڪنائڻ جي انداز مان، پسڻ پئجي ويندا آهن، تہ ڪنن ۾ ڪمي اٿس.
بيوقوفي، اهڙو عيب آ، جيڪو جسم جي ساخت مان معلوم ناهي ٿيندو. ان جو سڌو واسطو، دماغ سان آ. دماغي خلل، حرڪتن سان معلوم ٿيندا آهن. ظاهري شڪل شبيهہ جي ڏسڻ منجهان معلوم نہ ٿيندا آهن.
مطلب: ۱. بيوقوف جي مٿي تي سڱ ڪو نہ ٿيندا آهن.
۲. ظاهري شڪل اندر، بيوقوفيءَ جو ڪو بہ اهڃاڻ رکيل ناهي.
۳. ٻاگلاں نیں سراں ر، سنگ نۓ ہوئیں۔ (کہاوت)

۱۱۴. بیاہ، گڈے گڈیاں نی کھیڈ نئی۔ (کہاوت)
گڏي ۽ گڏيءَ جي راند ۾ نفعي نقصان جو انديشو ناهي. حقيقي زندگي، ڏکن ڏولاون ۽ قربانين سان جنجهيل آ. مڙني معاملات کي سمجھڻو ٿو پوي، تڏهن ٿو گھر-گرهستيءَ جو چرخو هلي. شادي ڪرڻ کان اڳ، ڏھ دفعا

سوچڻو پوندو آ. ڪبي ته هڪ ڏينهن آ پر هڪ ڏينهن لاءِ نه ڪبي آ. ساري عمر جو معاملو آ. گڏي-گڏيءَ جو کيل، گهڙي سوا جو چٽڪو آ. جڏهن ته زندگيءَ جا جنجهٽ شروع ٿين ئي شاديءَ کان پوءِ ٿا.
مطلب: ١. پرٽو: گڏي گڏيءَ جو کيل ناهي.

١١٥ . بيڑياں لہاوتيں لائياں، گدرئيں کہر بسائے۔ (کہاوت)
بيڑياں؛ گابا، جڙ ڏاند. لہاوتيں؛ هر. لائياں؛ وهن. گدرئيں؛ ڇوڪرڙيون. کہر؛ گهر، ڏر.
گابو يا جڙ ڏاند، ڏاربو آ ته وڏو ۽ سيڪڙات ٿي، هر وهڻ، ڏاند گاڏي ڇڪڻ، ڳاهه ڳاهڻ، سانهر وهڻ وغيره جهڙن ڏکين ڪمن منجهه ڪم اچي. جڙ گابو، وهو ڏاند جو مٽ ناهي جو بنهي ۾ جسماني طاقت ۽ تجربي جو فرق آ. وڏي ڏاند جي پيٽ ۾ گابو، نه هر وهي سگهي، نه ڳاهه ڳاهي سگهي.

وڏي عمر جي عورت، گهر جي معاملن کي سوچي سمجهي هلائي سگهي ٿي، اتي نئين ڪنوار، غير آزمودگار هئڻ سبب، سلجهائڻ سلجهائڻ جي ماڳ، پئي ڪاريندي.

مطلب: ١. گابا ٿا هر وهن، ڪنواريون ٿيون گهر وسائين.
٢. گابو هر وهي ته ڏاند نه ڏارجي، ڇوڪرڙي گهر سنڀالي ته مائي نه پرٽجي.

١١٦ . بيغانہ گہنا لايا، روپ کهڙايا۔ (کہاوت)
بيغانہ؛ پرائو، اڌارو. گہنا؛ ڳهڻو، ڳهه، زيور. لايا؛ آندو، پاتو، ڇوڙيو. روپ؛ سينگار، سونهن. کهڙايا؛ وڃايو، ڏوڙ ڪئي.
زيور سو سونهندو، جو پاڻ سوناري کان ماپ ۽ پسند تي جوڙائجي. اڌارو يا مسواڙي زيور، نه جسم تي نهي، نه پائڻ مان آسيس ملي. پائڻ واري کي، ذهن تي فقط بوجهه. پرائي زيور جي وڃائجڻ ۽ خراب ٿيڻ جي ڳڻتي. زيور جي خوبصورتي آ، اندر جي خوشيءَ سان. منهن تي اها مرڪ ئي نه هوندي جيڪا پنهنجي زيور پائڻ سان، چهري مان بکندي آ. مرڪ/ بشاشت ئي پاتل زيور ۾، اوجر ۽ نکار آڻي ٿي.
مطلب: ١. اڌاري وني پاتل شيءِ، زيب نه ڏيندي آ.
٢. پنهنجي سادي سودي شيءِ ۾، سونهن ۽ سوڀيا وڌيڪ ٿئي.

۱۱۷ . بيغانه مال، چڙئين نا ڏار۔ (ڪهاوت)

بيغانه؛ پرائو، ڌارين جو. مال؛ ڌڻ، مال متاع، وڳ. چڙئين؛ جهرڪيون. نا؛ جو. ڏار؛ وڳر، ولر.

جهرڪي، وت ۾ ننڍڙي ٿئي ٿي. ولر جهرڪين جو هٿ ڪري، سجو ڏينهن ڪُهي گوشت ڪڍبو ته ڪلو سوا به نه ٿيندو. ٻوڙ رڌبو ته ڪائڻ واري ڪي سنڌي ئي هٿ نه ايندي. پرائو مال پڻ، اکين جو ڏڍُ. نه هٿن ۾ اچي، نه ڪم لائي سگهجي.

مطلب: ۱. پرائو مال، جهرڪين جو ولر.

۲. پرائو مال، پنهنجو نه ٿيندو. ٻرر ڪرڻ تي اڏامي ويندو.

۳. ڏيئر پڻ پرائو باغ آهن. جيڪي ڄٽين سو ساهرن جي ملڪيت.

۱۱۸ . بيغانے برے، جنيں ڪڇے هيٺه چهرے۔ (ڪهاوت)

بيغانے؛ ڌاريا، اجنبي، اوپرا. برے؛ ٻرا، ٻچڙا. جنيں؛ جن ڪي. ڪڇے؛ ڪڇ، بغل. هيٺه؛ هينئون، منجھ لڪيل. چهرے؛ ڇرا، ڪاتيون.

ڌاريو، ڏک وهائي ته لڪي ۽ پاڻُ بچائي، سهسائي ۽ ڪاپاري. هٽيار، زبرا رکندو پر ڏيکاريندو گهٽ. ڇرو هوندس ته بغل اندر لڪيل. ملڻ وارو غلط فهميءَ ۾ هوندو ته ساڻس بغلگير ٿيڻ لاءِ اڳتي وڌيو آ. خبر تڏهن پوندس جڏهن لڪل خنجر جو وار، ٿي چڪو هوندس.

مطلب: ۱. ڌاريا ٻرا، جن جي بغلن ۾ ڇرا.

۱۱۹ . بيغاني پيڙھ، پائيئے ڪولا پتلي۔ (ڪهاوت)

بيغاني؛ ڌاري، اڻ سوهندڙ، اڻ نهندڙ. پيڙھ؛ بنهه، تعلق، دوستي. پائيئے؛ پاٽي. ڪولا؛ ڪئون، ڪان به. پتلي؛ پتڙي، ڪمزور.

مضبوط اڏاوت خاطر، جاءِ جو بنهه/ بنياد، مربوط پيڙهه تي رکبو آ. اگر ڌاريو ۽ اڻ-نهڪندڙ هوندو ته عمارت مٿس ڪجي نه سگهندي. پاٽيءَ تي ڪا شيءِ بيهي نه سگهي، تيئن ڌاري/ ڪمزور پيڙهه تي، عمارت ڪڙي ٿي نه سگهي.

ڌاري پيڙهه، پاٽيءَ کان پتڙي ۽ نرم، اڻ-جهالائو ۽ دوکو ڏيندڙ هوندي آ.

مطلب: ۱. ڌاري پيڙهه، پاٽيءَ کان به پتڙي.

۱۲۰. بيکاري کولا، بيغار پهلي/ چنگي- (کهاوت)

روزي روٽي حاصل ڪرڻ خاطر، هر ڪنهن کي هٿ پير ڏنا ويا آهن، جن سان مسلسل جدوجهد ڪرڻي آ. هٿُ، هٿَ تي رکي ويهبو تہ بيمار، هڏ-حرام ۽ تنگدست ٿبو. تنگدستيءَ کان بچڻ خاطر ڀڄ-ڊڪ ڪرڻي آ. بيڪار ويهڻ کان ونگار وهجي. ان ۾ بہ ڀلائي آ. نڪمي هجڻ واري چنڊائپ بہ واسو نہ ڪندي ۽ وقت تي ٻين سان ڪيل ٿورو، ڪم بہ اچي ويندو، جو نيڪي، ڪرڻ واري وٽ، موٽي ئي ايندي آ.

مطلب: ۱. بيڪار کان، بيگار ڀلي.

۱۲۱. بين راؤ چني، پاني پيو پني- (کهاوت)

بين: ٻيج، ٻج. راؤ: راهيو، راڙيو، پوکيو. چني: چونڊي، چونڊ ڪري، چڪاسي.
پاني: پاڻي. پيو: پيئو، واپرايو. پني: ڇاڻي، صاف ڪري.

سلي جو اصل، ٻج آ. ٻج، نج آ تہ سلو ۽ ٻوٽو، سٺا ڇاپندا ۽ فصل ڀلو لڳندو. محنت ڪامياب ويندي. اگر ٻج خراب هوندو تہ پوک خراب لهندي.

پاڻي، زندگيءَ جو سرچشمو آ. حياتي، منجهانئس نڪتي آ. هر ساهدار، پاڻيءَ مان خلقيل آ ۽ سندس جياپو بہ مٿس آ. پاڻي، هر شيءِ کي ساڻُ ڪٽنڊڙ آ. جنهن سبب ان جو ذائقو، رنگ ۽ بوءِ، مٽجن ٿا. ذائقي جو تعلق، ڪيميائي ملاوت سبب. رنگ، طبعي مادن جي ميل سبب ۽ بوءِ بيڪٽيريا جي موجودگيءَ سبب. مذڪوره آميزش وارو پاڻي، صحت لاءِ هاڃيڪار آ. پيئڻ کان اڳ، هاڃيڪار مادا، ڇاڻي بوءِ واپرائجي.

مطلب: ۱. ٻج راهيو/ راڙيو چونڊي، پاڻي پيئو ڇاڻي.

۲. ٻج-خرابو، نج-خرابو.

۳. ٻج تہ نج.

[ ڀ ]

١٢٢ . بھیلی رن؛ ناں کار، ناں کم۔ (کہاوت)

مرد کي ٻاهران ڪمائي آڻڻو آ، عورت کي گهر اندر رهي، ان ڪمائيءَ جي سار سنڀار ۽ سهيڙ سنگهيڙ ڪري، پاڻ کي سگهڙ ثابت ڪرڻو آ. عورت گهر اندر ڪم نه ڪري ته برڪت نه پوي، مرد جي آندل ڪمائي به ضايع ٿئي. اڏريل ۽ ڦوهڙ زال، پاڻ پئي سينگاريندي، ٻاهر گهمڻ جا ٻهانا ڪندي، گهر جو ڪم ڪار پيو رلندس. گهر ئي اونڌو هوندس.

مطلب: ١. ڀچڙي رن: نه ڪار، نه ڪم.

[ پ ]

١٢٣ . پانی چھیلے نال کیں نا لبھناں۔ (کہاوت)

ولوڙ ان شيءِ ۾ وجهبي آ، جنهن منجهان ڪا لڪل قيمتي شيءِ جي ملڻ جو امڪان هجي. ڏونئري کي لسي حاصل ڪرڻ لاءِ نه بلڪ مکڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ولوڙبو آ. پاڻيءَ منجھ ڪا به مکڻ جهڙي قيمتي شيءِ لڪل ناهي، ان ڪري ڪو بيوقوف به ڪو نه ولوڙيندو اٿس.

مطلب: ١. پاڻي ولوڙڻ سان ڪي ڪين هٿ اچي.

٢. پانی چھیلے نال مکھن نا نکلناں۔ (کہاوت)

٣. پاڻي ولوڙڻ سان، مکڻ ڪين نڪرندو.

١٢٤ . پانئے نیں، ہتھ پیرنئے ہونیں۔ (کہاوت)

چرڻ پرڻ سان، هر شيءِ، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچي ٿي. چؤپايا، جنگهن پيرن سان هلن، پکي پکڻ پرن سان اڏامن، سرنڊڙ جيت، پيٽ تي ريڙهيون ڏئي سرن. جڏهن ته ٻي ساهي شيءِ، ڪنهن سهاري جي زور تي هلي ۽ ان جي هٿ وس رهي.

پاڻيءَ کي هٿ پير نہ آهن، جنهن سان هلي. لطافت سبب، لاهين تان لهندو، وهَ سان تارئون تار وهڪرا ناهيندو، هيٺانهين ڏانهن وهندو وجي ٿو. بند ٻڌي بہ روڪي نہ سگهبو اٽس ۽ زور سان گهارا ناهيون پيو ويندو آ.
مطلب: ١. پاڻيءَ کي هٿ پير نہ هوندا آهن.
٢. پاڻي لطيف مادو آ، ساري ڪائنات جو وجود مٿس اڏيل آ.

١٢٥ . پائيوالی چ چھڑہ ہوناڑِے ہونا۔ (کہاوت)

پائيوالی: پائيواري، شراڪت. چ: وچ، منجهہ، ۾. چھڑہ: جهڳڙو، جهيڙو جهٽو.
پائيواري: مال، ملڪيت ۽ جان جي شراڪت سان ٿئي ٿي. ڏنڌي/ ڪاروبار ۾، اڪيلي سر ڏنڌو نہ ڪري سگهندڙ، شراڪت جي حساب سان، مال جي موڙي سيڙائيندا آهن. شراڪت جو ڏنڌو اهي ڪندا، جيڪي ساڳيو ڏنڌو ڪرڻ چاهين پر مال، پئسي يا مئن پاور مان ڪا ڪمي هجين.
ڪنهن هڪ شيءِ جي ڪوٽيءَ ڪان علاوه منجهن اعتبار جي ڪوٽي پڻ هوندي آ. هڪ ٻئي تي ڪڙي نظر ۽ تاڙ پيا رکندا. اعتماد ۽ اعتبار، ساک ۽ پَت ۾ گهاري پوندي، وڏندي ويندي آ ۽ ڇڃڻ جو سبب ٿي پوندي آ.
مطلب: ١. پائيواريءَ منجهہ جهيڙو ٿئي ئي ٿئي.
٢. شراڪت جي ديگ، ڏٽي تپائي.
٣. شريڪت ۾ مريڪت ٿئي ئي ٿئي.
٤. پائيچارو، پاءُ سان بہ نيڪ ناهي.

١٢٦ . پتر چھجے وچا سئی اینا اوٹھی۔ (کہاوت)

پتر: پٽ. چھجے: ڇجو، پردو. وچا: وچان، منجهئون. سئی اینا اوٹھی: نظر ايندو آ.
اولاد مڙيئي منو آ. پٽ، پيريءَ منجهہ سهارو ٿئي ۽ گهر ۾ ساڻ رهي. ان ڪري، هر ڪنهن جو قورانيو، ڏيءُ جي ڀيٽ ۾، پٽ ڏانهن گهڻو هوندو آ. ڄڻيي اولاد کي هلٽيءَ، ڳالهائڻ ۽ لوڏ مان سڃاڻي ونبو آ، پوءِ ڀلي اهو پردي ۾ چو نہ هجي.
مطلب: ١. پٽ، پردي مان بہ نظر ايندو آ.
٢. پٽ، پچيرڻ/پردي ۾ پڌرو.

١٢٧. پتھرے پانی کہہ کرسی۔ (کہاوت)

پتھرے؛ پٿر کي. پانی؛ پاڻي. کہہ؛ ڇا. کرسی؛ ڪندو.

پٿريلي زمين منجهه، نرمي نه هئڻ سبب ڪيترو به پاڻي پوي، اويتر نه ايري، جو پاڻي چوهڻ ۽ سانڍڻ جي منجهس صلاحيت ناهي. مٿس ڇٽيل ٻج، سلي جي صورت اختيار ڪري نه سگهندو.

مطلب: ١. پٿر تي پئي پاڻي، ڇا ڪندو؟

٢. بي حيا ماڻهوءَ کي نصيحت ڪهڙو اثر ڪندي؟

٣. سخت زمين، سنڌ آ، مٿس ٻج ڇٽڻ ۽ پاڻي هارڻ اجايو آ.

١٢٨. پٹیا پہاڑ، لکھتا چوہا؛ او وی ادھ موا۔ (کہاوت)

پهاڙ/ جبل، پنهنجي ساخت ۾ سخت ۽ کوٽڻ ۾ ڏکيا هوندا آهن. ڪئو، منجهس ڏر ڪو نه کوٽي سگهندو. ڪنهن قدرتي چر منجهان، لنگهي به ويو ته زنده رهڻ لاءِ ڪا شيءِ نه ملندس. جبل کي کوٽيندي، ڪو ساهدار ملڻ بجاءِ، مئل ڪئو هٿ آيو ته ڏونگر کي ڏارڻ واري محنت جو اهو اجورو ناهي، جنهن تي ڪير مطمئن ٿئي.

مطلب: ١. کوٽيو پهاڙ، نڪتو ڪئو: سو به اڌ-مئو.

٢. پٹیا پہاڑ، نخشا چوہا؛ او وی مریا وا۔ (کہاوت)

٣. کوٽيو پهاڙ، نڪتو ڪئو: سو به مئل.

١٢٩. پچھیں مڑی کسے نا ڈٹھا۔ (کہاوت)

پنهنجا ڪيل ڪڌا ڪم/ عيب ڪير به نه ڏسندو آ. باقي ٻين جي عيبن تاڙڻ ۾ هر ڪو تارزن هوندو آ. عيب جاچي، وڪڙ چاڙهي، پيو ڪيس تنگ ڪندو آ ۽ پنهنجا ابتا سبتا مطلب پورا ڪندو آ.

مطلب: ١. پوئتي مڙي، ڪنهن نه ڏٺو آ.

٢. پنهنجي پُٺ ورائي ڪنهن نه ڏٺي آ.

١٣٠. پد بیٹھے کھانے، چج بیٹھے چھورنے۔ (کہاوت)

پد؛ بد، نالائق، نکمو. ٻيٺ؛ وينا، ويهي. کاڻ؛ کائن پيا. چڄ؛ سٽريل، لائق، سيبتا. ڇهورڻ؛ گهوري ڏسن، سيڏائن.

روزي رزق، هر جيوَ کي، رب پهچائي ٿو. وٽس پنهنجا ماڻ ماپا آهن، جن تحت ڪن کي گهٽ ته ڪن کي وڌ پهچائي ٿو. ڪن کي صورت سهڻي ڏنائين، ته رزق جي تنگي ڏئي ڇڏيائين. ڪن کي صورت ۽ سرير چڱا نه ڏنائين ته بخت جا دروازا کولي ڇڏيائين. سندس ورهاست عجيب آ.

مطلب: ١. ستيون پيون سيڏائين، لنديون پيون لاڏ ڪن.

٢. سهڻيءَ کي سنڌ ڪيائين، ڪاريءَ کي ٻارن واري ڪيائين.

٣. سهڻيون وانجهه وينيون هجن، ڪاريون ٻارن واريون هجن.

١٣١ . پراراں سوائيں، ڪنڌھ ننگی۔ (کہاوت)

ڪو به ڪم اڪيلي سر نبيرڻ اهنجو. گهر جي سنڀال به اهو ڪري سگهندو، جنهن کي ڀائرن جي مدد شامل هجي. اڪيلي سر، گهر جي سنڀال نه ٿئي. ڀائرن جي مدد سان، گهر جي چوڌاري ڪوٽ ڪچي وڃن.

مطلب: ١. ڀائرن کان سواءِ، گهر جي ڪنڌي اگهاڙي.

٢. ڀائر ڪوٽ جا ڪنگرا، پُٽ گهر جي سونهن،

وينا ڪن ورونهن، ڏجڻ ڏورئون ڏري.

١٣٢ . پراه اوے جهڑا پهار چهلے۔ (کہاوت)

وقت، هر ڪنهن تي اچڻو آ. مشڪل پوندي ويرم ئي نه لڳي. ڏکي گهڙيءَ ۾ ڀائر پرجهلو ٿين. سڳا ڀائر وقت پئي ڪنڌ ڪڍائي وڃن ته سندن ڀاءُ هجڻ ۾ شڪ آ.

مطلب: ١. ڀاءُ سوءِ جو بار جهلي.

١٣٣ . پرچھاواں، ہتھ نا اشناں۔ (کہاوت)

جسم، روشنيءَ جي روڪ ٿئي ته پاڇو جڙي. روشني پويان هٽي ته پاڇو به گم. پنهنجي جسماني حيثيت ناهيس. نه پڪڙي سگهبس، نه منجهانئس

چانءَ کان علاوه ڪو ٻيو ڪارج سري. ٻئي جو پاڇو، ساڻ هلڻو ناهه. پنهنجو پاڇو سر سان آ، جنهن جي ڇانءَ پنهنجي ڪم اچڻي ناهه.

مطلب: ١. پاڇو، هٿ نه اچي.

٢. پاڇي پويان، ڪيترو ڊوڙبو.

١٣٤ . پکها رن بيچ، رجيا اودهاری منگے۔ (کہاوت)

بکيو مجبوريءَ تحت، پنهنجي گهر جا ٿپڙ ٽاڙي کپائيندو ته پئسي وارو چوندو: جيڪر اهي به مفت ۾ وٺانس. واپاري، مجبور ماڻهوءَ کان شيءِ ڪٽندو ته اگهه ماري ڪٽندو.

مطلب: ١. بکيو رن وڪڻي، ڏائو اها به اوڌر تي وٺي.

٢. بکيو زال کپائي، ڏائو اها به نه ڇڏي.

١٣٥ . پکھے کولا کسے پچھیا؛ دو ط دو؟ اس آخیا؛ چار روٹیاں۔ (کہاوت)

هر انسان سان، پيٽ لڳل آ. جيڪو بک تي خالي رهندو ۽ ان جو اثر سڄي جسم ۽ دماغ تي پوندو. بکيي کي سواءِ مانيءَ جي ٻي ڪا شيءِ نگاهه ۾ ئي نه ايندي. هر شيءِ کي ماني پيو سمجهندو.

مطلب: ١. بکيي کان ڪنهن پڇيو: "ٻه ۽ ٻه؟" چيائين: "چار مانيون."

٢. پيٽ ۾ ناهن روٽيان، سڀ ڳالهيان آهن ڪوٽيان.

٣. پکھے کولا پچھیا؛ ہک ط ہک؟ اس آخیا؛ دو روٹیاں۔ (کہاوت)

٤. بکيي کان پڇيائون: "هڪ ۽ هڪ؟" چيائين: "ٻه مانيون."

١٣٦ . پلے وے کہوڑ، چولہے بیجی چھور،
پلے وے سچ، کوٹھے اپر چڑھی نچ۔ (کہاوت)

پلے وے؛ پلو ۾، پاسي ۾. کہوڑ؛ ڪوڙ. چولہے؛ چلهه، سگري. بیجی؛ ويجهو، ساڻ، گڏ. چھور؛ جهور، روءُ.

ڪوڙو، پنهنجي مدعا مجرائي نه سگهي. ڪوڙو سمجهي، ڪير عزت ئي نه ڏيندس، جنهن سبب گهر جي چلهه تي پيو روئندو. سچو، پنهنجي پت قائم رکي ٿو، ان سبب نروار ٿيو ڪوني تي پيو گهمندو.

مطلب: ١. پلو ۾ ڪوڙ، چلهه وٽ ويهي روڙ، پلو ۾ سچ، ڪوني چڙهي نچ.
٢. دلے چ سچ، کوٹھے چڑھی نچ۔ (کہاوت)
٣. دل ۾ سچ، ڪوني تي چڙهي نچ.
٤. اندر سچ، کوٹھے ر چڑھی نچ۔ (کہاوت)
٥. اندر ۾ سچ: ڪوني تي چڙهي نچ.
٦. ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ، سچ ته ڪوني تي بينو نچ.

١٣٧ . پنجے انگلیاں بروور نئیاں ہونیاں۔ (کہاوت)

هڪ هٿ ۾ پنج آڱريون، ننڍ-وڏائيءَ سان رکيون ويون آهن ته جيئن مُٺ پيڙڻ ۽ شيءِ کي پڪڙڻ ۾ آساني ٿئي ۽ هٿ جي خوبصورتي پڻ قائم رهي. هڪجيڏيون هجن ته نه منجهن ڪارڪردگي رهي، نه خوبصورتي. خالق جي جوڙ مان انساني هٿ به، عجيب جوڙ آ، جنهن کان بي مخلوق وانجهيل آ. پائرن منجهه پڻ سنڌو رکيل آ. صورت ۽ بخت، هڪ-ڪرو عطا ٿيل ناهين.
مطلب: ١. پنج ئي آڱريون برابر ناهن.
٢. پنج ئي آڱريون پائر آهن، برابر ناهن.

١٣٨ . پہاڑی/ پہیڑے یار کس کے، پہتا کھائی کھسکے۔ (کہاوت)

پہاڑی: پهاڙي، پهاڙن اندر رهندڙ. پہیڑے: برا، خراب. پہتا: پتو، پت، کاڌ-خوراڪ. کھسکے: کسکيا، رونا ٿيا.
جابلو ماڻهو، مسافرن وانگر آهن. روزي روٽي هٿ ڪرڻ لاءِ جبلن تان هيٺ لهن ٿا. پنهنجي روزي روٽي هٿ ڪري وري، پنهنجي ماڳ موٽن ٿا. مهمان ٿيندا يا رستو رکندا ته وقتي ۽ فقط غرض جي پورائي تائين.
مطلب: ١. پهاڙي/ برا يار ڪنهن جا، ڪائي پي کسڪيا.

١٣٩ . پہانڈاوے تہ خیر پئی گینی۔ (کہاوت)

پہانڈاوے: ٿانءُ ساڻ هئڻ، ڪستو هجي. خیر: گداءُ، فقر. پئی: جلدي. گینی: ملي وڃي.

هر ڏنڌو، مخصوص اوزارن سان ڪرڻ آسان آ. تيشِي، شاهل جهڙا اوزار ساڻ هجن تہ رازڪو ڪم آسان. ياني ساڻ هجي، تہ حجامت سولي. گداگريءَ وارو وٿو ساڻ هجي، تہ فقر مليو وڃي.

مطلب: ١. ٺانءُ هجي، خيرات ملي ئي ويندي.

٢. صلاحيت سان گڏ، جستجو ڪبي تہ منزل ماڻي سگهبي.

١٤٠ . پھریا میلا چھوڑنا چنگا۔ (کہاوت)

وقت ۽ درياهہ ڪي هڪ وهہ آ، جنهن سان هر شيءِ ڪي ڪنيو، وهايون ٿا وڃن. جيڪو ساٿن نہ ٿو وهي، تنهن ڪي رندن تي روليون، پنهنجا گس ڪيون نڪتا ٿا وڃن. وقت سان جو گڏ وهي نہ هليو، سو رليو. ميلا ملهالا، ڪيترا ئي پيا واقع ٿيندا. منجهن اٽڪي بيهڻو ناهي. اٽڪيو، رليو. هلنديءَ سان گڏ هلجي. ميلا متا، ياريون باشيون پرتيون ڇڏجن. هلندي هلندي هٿ ڍرا ڪجن ۽ منجهائڻ جان بہ ڇڏائي وڃجي.

مطلب: ١. پريو ميلو ڇڏجي.

٢. ميلو متو ڇڏجي.

٣. رنگ رتو، ميلو متو، يار پرتو ڇڏجي.

١٤١ . پھڑ موں وے، گل چنگی کرنی چائی نی وی۔ (کہاوت)

شڪل صورت، جيڪا ملي آ، ان جي سهڻي/ ڪوجهي هجڻ ۾ هر ڪو بيوَس آ. ڳالهائڻ جي بہ گهٽن ڪي خبر نہ پوندي آ. سڪڻ سان، مٿس ٿورو گهڻو ڪنٽرول ٿي ويندو آ. جنهن سان ڪوڙ ساترا عيب ڍڪجي ويندا آهن. گفتو ڪيڻ کان اڳ، سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي.

مطلب: ١. شڪل چڱي نہ هجي تہ گفتو تہ چڱو ڪيجي.

٢. جيڪو ڪم پنهنجي وس ۾ هجي، سو ٺاهي ڪجي.

١٤٢ . پھڑا پتر طہ کھٹا پینسا کسے ویلے کم اچھی گشنیں۔ (کہاوت)

هر شيءِ جو ڪو نہ ڪو ڪارج آ. سهڻي شيءِ جو هڪڙو ڪارج آ تہ ڪوجهيءَ جو ٻيو. اڪارت، ڪا بہ خلقيل ناهي. نڪمو پٽ يا کوٽو ڏوڪڙ

وٽندا ناهن. البت خير جي ڪمن ۾ قربان اهي ئي ٿيندا آهن. اگر اهي به سهڻا هجن ته هوند، نيڪيءَ جا ڪم ڪري نه سگهجن.
مطلب: ١. نڪمو پٽ ۽ ڪوٺو ڏوڪڙ، اوکيءَ ويل ڪم اچي ويندا آهن.
٢. کدے کدے کھٹا پیسہ وی کم اچھی غشناں۔ (کہاوت)
٣. ڪڏهن ڪڏهن کوٽو پئسو به ڪم اچي ويندو آ.
۴. کھٹا پیسا وی کم اچھی گشناں۔ (کہاوت)
۵. کوٽو ڏوڪڙ به ڪم ٽپائي ويندو آ.

١۴٣ . پہڑے پہڑے یار پھتو نیں۔ (کہاوت)

ماٺهو، ماٺهوءَ جي صحبت کان سواءِ رهي نه سگهي. همخيالن سان، ڳولي ڳولي ملي. ڪچهريون ڪري، دل ڪولي اندر جا راز سلي. بري ڪي برن جي صحبت چڪي وٺي. بڇڙي ڦتوءَ ڪي بڇڙا يار مليو وڃن.
مطلب: ١. برا برا يار، ڦتوءَ جا.
٢. پہڑی پھتو نے پہڑے پہڑے یار۔ (کہاوت)
٣. بڇڙي ڦتوءَ جا، بڇڙا بڇڙا يار.
۴. پہڑیاں نیں یار، چندرے۔ (کہاوت)
۵. بڇڙن جا يار، چندا.

١۴۴ . پہڑے کی وی، موئیں ر پہڑا ناں آخو۔ (کہاوت)

پر-پٺ عيب ڪيڻ: گلا آ. منهن سامهون چوڻ اجا وڌيڪ خراب آ. تعريف، منهن تي وٽي، عيب جوئي مور نه وٽي. برو، اڳي ئي برو آ ۽ راڄن تي مڇريو ٿو وتي، تنهن کي منهن تي برو چئي ويتر چيڙائٽو آ.
مطلب: ١. بري کي منهن تي به برو نه چئجي.
٢. ڪاڻي کي منهن تي ڪاڻو نه چئجي.
٣. چور کي منهن تي چور نه ڪوٺجي.
۴. عيب جوئي چڱي شيءِ ناهي.

١۴۵ . پہکھ نہ لوڑے ساغ، عشق نہ پچھے ذات۔ (کہاوت)

ضرورت، ماڻهوءَ کان، مرضيءَ جا ڪم ڪرائيندي آ. بک ۽ ننڊ، جسم جون ضرورتون آهن، جن لاءِ سڪو ٽڪر ۽ وڇاڻو گهرجن. ڪاڏي يا بستري جي اوچي هجڻ کي ننڊاکو جسم نه پڇندو آ. عشق به دل جو آر آ. اونچ نيچ نه ڏسندو آ. ضرورت پوري ٿيڻ لاءِ، گهربل شيءِ گهرجيس.

مطلب: ١. بک نه ڳولهي ساڳ، عشق نه پڇي ذات.

٢. پھوکھ نہ لوڑے لین، نیندر نہ لوڑے چھاوو۔ (کہاوت)

٣. بک نه ڳولي ڳنڍڻ، ننڊ نه ڳولي ڇانءَ.

۴. عشق ناں پچھے ذات۔ (کہاوت)

٥. عشق نه پڇي ذات/ ڪذات.

۱۴۶ . پہلا کرو، کھوئے چ سٹو۔ (کہاوت)

نيڪي، خود ڳالهائيندي آ. جتائڻ جي ضرورت نه هوندي آ. ممنون، محسن آڏو اک کڻي ڳالهائڻ جي همت نه ساري سگهندو آ. جتائبس ته اڳلو ويتر پاڻ کي دٻجندي محسوس ڪندو. ساهه پيو منجهندس. يا برداشت ڪري، يا ابتي موٽ ڏئي. احسان جي موٽ، اڪثر چڱي نه ملندي آ. عافيت ان ۾ آ ته نيڪي ڪري، وساري ڇڏجي.

مطلب: ١. ڀلائي ڪري کوهه ۾ اڇلجي.

٢. نیکی کرو، کھوئے چ سٹو۔ (کہاوت)

٣. نيڪي ڪيو، کوهه ۾ اڇليو.

۴. نیکی کری کھوئے چ باناں۔ (کہاوت)

٥. نيڪي ڪري کوهه ۾ وجهه.

٦. چڱائي ڪر، وساري ڇڏ.

٧. نيڪي ڪر، درياهه ۾ اڇل.

۱۴۷ . پہلے سال چٹی، دوئے سال ہٹی، تریئے سال کھٹی۔ (کہاوت)

دڪان ۾ پهرئين سال چٽي پوندي. مال آڻڻ نيڻ ۽ اچڻ وڃڻ جا رستا معلوم نه هئڻ سبب. ٻئي سال، سکڻ پڇاڻان، هٽ نه ته هٽڙي پيو معلوم ٿيندو. ٽئين سال، ڪٽي ڪمائي نظر ايندي. يا دل ئي ڪٽي تي پوندي.

مطلب: ١. پهرئين سال چٽي، ٻئي سال هٽي، ٽئين سال ڪٽي.
٢. پہلیاں چٹی، فر ہٹی، فر کھٹی۔ (کہاوت)
٣. اول چٽي، پوءِ هٽي، پوءِ ڪٽي.

١٤٨ . پہلیں بوتڑیں، یا اللہ برکت۔ (کہاوت)
دڪاندار وٽ، دڪان کولڻ ويل، آيل پهريون گراهڪ، وڏي نعمت آ. اهو موٽيو، سڄو ڏينهن پئي موٽ ٿيندي. ان چڱو سودو ڪنيو، سڄو ڏينهن برڪت پريو گذرندو. سندس خريداري، پهرين ٻوهڻي/ نر-ٻوهڻي سڏجي. دڪاندار، نر-ٻوهڻيءَ کي برڪت وارو ڀانئين.
مطلب: ١. پهرين ٻوهڻي، برڪت جي.

١٤٩ . پہنوں نیں کہر پراء مندا، سوہریاں نیں کہر جانوائی مندا۔ (کہاوت)
هر هڪ، پنهنجي گهر ۾ سهڻو لڳي ٿو. نياڻو، ساهرين گهر جو والي وارث ناهي، نہ ڪي سندس گهر واري. سندس سالا گهر جا مالڪ آهن. جوٽس پلي بادشاھ جي ڌيءُ هجي، پر پيڪي گهر، ان لاءِ لولو ناهي. ڀاءُ، ڀيڻ جي گهر وڃي ۽ پيٽيويو پلي خيال بہ ڪريس پر وٽندو/نهندو ڪو نہ.
مطلب: ١. ڀيڻ جي گهر ڀاءُ برو، سهري جي گهر نياڻو برو.
٢. سوہریاں نیں کہر جنوائی، چھری ہیٹھ قصائی۔
٣. ساهرين گهر نياڻو، ڇريءَ هيٺان قاصائي.
٤. سوہریاں نیں کہر جنوائی، کتے نی جائی۔
٥. ساهرين گهر نياڻو، ڪتي جي جاءِ تي (آچار).
٦. سوہریاں نیں کہر جانوائی برا، پہنوں نیں کہر پراء برا۔ (کہاوت)
٧. ساهرين گهر نياڻو بڇڙو، ڀيڻ جي گهر ڀاءُ بڇڙو.
٨. کہر جنوائی، کتے نی جائی۔ (کہاوت)
٨. گهر-جاٽو، ڪتي جي آچار.

١٥٠ . پوہسی اگ پھوکاں سوائیں نئی بلنی۔ (کہاوت)

باھ جو قوت/ ٻارڻ، ڪانيون. ڪاني سا ٻري، جنهن ۾ جلڻ جي صلاحيت هجي. صلاحيت آ، سوڪهڙي منجهہ. پاڻيءَ ۾، ناهي. گاسليٽ يا پيٽرول ۾، جلڻ جي جوت سڪين ڪانين کان وڌيڪ. نهرين شين ۾ صلاحيت تڏهن اچي، جڏهن سڪي نوٽ ٿين. نہ تہ ڦوڪن ڏيڻ ۾ مغز ساڙو ٿيو پوي.

مطلب: ١. آلين ڪانين جي باھ، ڦوڪن کان سواءِ نہ ٻري.

١٥١ . پيٹ نہ پئياں روٹياں، سبھے گلاں کھوٹياں۔ (کہاوت)

پيٽ، هر ساهدار سان لڳل آ. پيٽ ۾ ڪا شيءِ هوندس تہ ٻل هوندس، خالي ٿيس تہ نستو ٿيندو. ڪا بہ ڳالھ نہ وڻندس، جو ان کي ڪوڙي ۽ بيڪار پيو سمجهندو. کائڻ لاءِ مليس تہ پوءِ اک کلندس، کلندو ۽ ڳالهائيندو.

مطلب: ١. پيٽ نہ پيون روٽيون، سڀ ڳالهيون کوٽيون.

٢. پيٹ نيئں روٹياں، سب گلاں کھوٹياں۔ (کہاوت)

٣. ٹہڈھ ناں پياں روٹياں، سبھے گلاں کھوٹياں۔ (کہاوت)

۴. پہلياں پيٹ پوجا، فير دوآ کم۔ (کہاوت)

٥. پهرين پيٽ پوڄا، پوءِ ٻيو ڪم.

٦. پهرين پيٽ پنجوءَ جو، پار ٻچا پوءِ.

١٥٢ . پيٹے ناں پکھا رجی گشناں،

اکھاں ناں پکھا نا رجناں۔ (کہاوت)

انسان جي پيٽ اندر، ماني سانڍڻ جي صلاحيت، ويلي کان ويلي تائين جي آ. وڌيڪ کائيندو تہ پيٽ ڦاٽندس. اڄ ۾ بہ هڪ بہ گلاس پاڻيءَ جا ڍوڪي سگهندو. الي سو نہ هجيس، باقي پيٽ ڀرڻ آسان آ.

اک، فقط ڏسي سگهي. ڏسڻ سان ڍءُ نہ ٿئي. ٿورو ۽ نامڪمل لڳي. بہ واديون هيرن جواهرن جون هجن، ٿيڻ جي تانگھ ٿيندي. تاس، نہ مرندي.

مطلب: ١. پيٽ جو بکيو ڍاپي وڃي، اکين جو بکيو نہ ڍاپي.

١٥٣ . پير بڑا کيں زقين۔ (کہاوت)

اعتقاد/ ويساھ، شل نہ ڪنهن شيءِ تي ويهي. ڀلي منجهس اها صلاحيت فطرتي طور نہ بہ هجي، پر منجهانئس ٿيندي نظر ايندي. ماڻهوءَ جو ويساھ،

جڏهن مادي شين تي ٿي ويندو آ تڏهن وقتي، ڪيس اتان ٿيندي نظر به ايندو آ، جنهن جو وشواس، سندس جيءَ اندر گهر ڪري ويندو آ.
مطلب: ١. پيير وڏو يا ويساهه؟

١٥٤ . پير بڑے لہاراں نیں، طہ سر بڑے سرداراں نیں۔ (کہاوت)
جسماني عضون تي، اندر جي ڪيفيت، لڪيل يا نمايان نه هوندي آ، جو نياڳ/ سياڳ پڙهي ونجي. زماني جي تجربن سان، ڪن سياڻن، انساني عضون جي بيهڪ جي حساب سارو، انومان ڪيا آهن ته: 'وڏي مٿي واري جو دماغ وڏو ۽ سوچ ڊگهي هوندي. ٻين مٿان سرداري ڪرڻ جي صلاحيت هوندس.' ٢. 'ڊگهن پيرن وارو، لوهرن وانگر محنتي هوندو.'
مطلب: ١. پيير وڏا لوهارن جا، سر وڏا سردارن جا.
٢. پيٽيو: سر بڑے سرداراں نے، پیر بڑے گنواریں نے۔ (کہاوت)

١٥٥ . پیر پتر ناں دیسی، ستھن طہ ناں لواسی۔ (کہاوت)
اٽوندي ۾ ڪم پوي ته وٽس ويندي هر ڪو لهرائي. دل بڌائڻ خاطر، دليل گهڙي، ڪنهن کي چئبو آ: "ڊچ نه! اڳلو ڇا ڪندو؟ وڌ ۾ وڌ ڪم نه ڪندو، سو ته نه وڃڻ جي ڪري ٿئي ئي نه پيو. وڃڻ سان اگر ڪا راهه ڪلي پوي ته ويني کان چڱي هوندي."
مطلب: ١. پِيرُ پُٽ نه ڏيندو، سُٿڻ ته نه لهرائيندو.
٢. پيير پٽ نه ڏيندو، زال ته نه کسيندو.

١٥٦ . پیلے کیا موترے نا ہڑوہی بھوں دا۔ (کہاوت)
پیلے: ڪول، ماڪوڙي. کیا: جي لاءِ. موترے نا: مٽ چڪو، پيشاب. ہڑوہی: جو هجڻ. بھوں دا: گهڻو هوندو آهي.
هر ساهدار کي پنهنجي جسم سارو تڪليف اڳيان اچي ٿي. وڏي جسم واري کي آيل تڪليف ننڍي جسم واري تي آيل تڪليف جي ڀيٽ ۾ وڏي هوندي. تنهن هوندي به ڪين پهتل تڪليف، ڪين پهاڙ پئي نظر ايندي.
مطلب: ١. ماڪوڙيءَ لاءِ، مٽ جو ٽيپو ئي گهڻو هوندو آ.

٢. ڪوِل جي لاءِ مٽ اورانگهڻ بہ ڏکيو ڪم.

١٥٧ . پینسا اپنا کھٹاوے، دوئیاں کنہ دوش۔ (کہاوت)

پرائي/ ڪوٺي شيءِ ڪم نہ اچي. وقت تي، پنهنجي/سچي شيءِ ڪم اچي. بئي جي شيءِ کي هٿ لائي نہ سگهجي. پنهنجي رکيل دولت، سڪو رائج الوقت ثابت نہ ٿئي ۽ کوٽي نڪري پئي تہ پوءِ هڙ هلي وئي. ان ۾ ٻين کي قصور وار نہ ٿو نهرائي سگهجي.

مطلب: ١. پئسو پنهنجو کوٽو هجي تہ ڏوهہ ٻين کي نہ ڏجي.

١٥٨ . پینسا اچھی گشنی چیز ای۔ (کہاوت)

ڌن دولت تي ڪو ڀروسو ناهي، جو اها بيوفا آ. اڄ مون وٽ، سڀاڻي تو وٽ آ. پاڻيءَ جي درياهہ وانگر، هل هلان اٿس. ڪٿي بہ ٽڪاءُ نہ اٿس. مٿس جو بيوقوف بانوريو، سو سٽيو.

مطلب: ١. پئسو اڇٽي وڇٽي شيءِ آ.

١٥٩ . پینسا اِئے جھڑا جیوہچ، کڑی اِئے جھڑی ہیٹھہ۔ (کہاوت)

وقت تي، اهو پئسو ڪم اچي ٿو، جيڪو کيسي/ هٿ ۾ آ. ٻين وٽ رکيل، ڪم نہ ٿو اچي. زال بہ اها آ، جيڪا مڙس جي زيردست ٿئي. جيڪا مڙس کي هيٺان ڪيون ويني هجي، سا زال نہ بلڪ حڪمران چئبي.

مطلب: ١. پئسو اهو جو کيسي ۾ هجي، زال اها جا هيٺئون هجي.

٢. رن ران سان، ناڻو جان سان.

٣. ناڻو سو جو ڳنڍ، ٻاڙي سا جا ڪنٺ.

١٦٠ . پینسا ناں وے پلے، باءرا پینیں کھلے۔ (کہاوت)

پئسي سان خريداري ڪجي تي بلڪ ڪي ڏکيا معاملا بہ طئي ڪري سگهجن ٿا. پئسي بنا، ماڳ نہ پهچجي بلڪ مار موچڙي جو ڪاڄ ٿي وڃجي.

مطلب: ١. پئسا ناهن ويجهڙا، ٻاهران ئي پون موچڙا.

٢. پئسو ناهي پاس، جيئڙو آ اداس.

٣. پئسو ناهي پلي: هار ڳنهان ڪ چلي.

١٦١ . پينسا ہتھ نی میل ہونا۔ (کہاوت)
ڪم ڪار هٿن سان ڪجي ٿو، جنهن سبب هٿ ميرا ٿين ٿا. وري ساڳين هٿن سان ڪاڏو ڪائڻ سبب، هٿ صاف به رکڻا پون ٿا. اهڙيءَ طرح آيل پئسو به جلدي جلدي نڪاڻي لڳائڻو ٿو پوي، جو ان جي سار سنڀار پڻ ڏکي آ. اٽهوند ڪان هوند وارا سور ۾ سنڀالڻ واريون ڳڻتيون ڳوريون.
مطلب: ١. پئسو، هٿ جي مير آ.

١٦٢ . پیسے کی پینسا، چھکناں۔ (کہاوت)
بنا پئسي، پيٽ قوت لاءِ فقط مزوري تي سگهندي، جنهن سان ٻن ويلن جي ڪاج جو بندوبست ٿي سگهندو. ٽئين ويلي لاءِ واڌو محنت ڪرڻي پوندي. پئسو گهڻو ڪمائڻو هجي ته گهڻو پئسو سيڙائجي. جان ۾ مال به ان سان گڏ سيڙائجي، تڏهن لڪشمي چڪجي ايندي.
مطلب: ١. پئسي کي پئسو چڪيندو آ.
٢. پئسو، پئسي کي ڪمائيندو آ.
٣. گهڻو پئسو، ٿوري کي به ڪمائي ونندو آ.

١٦٣ . پیو اٹھے پتر بہے، دیوان نہ خالی رہ۔ (کہاوت)
پیو: پيءُ، ابو، گهر جو وڏو. اٹھے: اٿي، جنازو اٿي، گذاري وڃي. پتر: پٽ، اولاد. بہے: ويهي، جاءِ والاري. دیوان: گهر، جاءِ، رهائش گاهه. نہ خالی رہ: خالي نه رهي، ويران نه ٿئي.
پيءُ جي مئي ڪان پوءِ اولاد ئي جاءِ نشين ٿئي ٿو. زندگيءَ جو سلسلو ايامن ڪان ائين هلندو پيو اچي. هڪڙن مئي، ٻيا سندن جاءِ والارين ٿا. جهان، ماڻهن ڪان، خالي رهڻو ناهي.
مطلب: ١. پيءُ وڃي پٽ ويهي، ديوان خالي نه رهي.
٢. ادي مئي، ادو ڄائو، اسان اوتري جا اوترا.

١٦٤ . پیو کا ماؤ نال، مان پراؤ نال۔ (کہاوت)

پيءُ جي گهر، نياڻيءَ جي عزت تيستائين، جيستائين امڙ جيئري اٿس. امڙ جي مئي يا ڏهاڳ وتي، اولاد رليو وڃي. ٻاهر جو شان مان، پائرن جي ڏِي. اکيلي کي نہ کير ليکي، نہ ڀين جي دوستيءَ تي ڀروسو رهي.
مطلب: ١. پيءُ جو گهر: ماءُ سان، شان مان: پاءُ سان.

١٦٥ . پيئو نے مرن بعد نکا جميا، کس کاری؟- (کہاوت)
ماڻهو، اولاد جي خاطر، شاديون ڪري ٿو، زالن جا نخرا برداشت ڪري ٿو. جيڪڏهن اولاد مئي پڄاڻان جمي تہ ڪهڙي آسيس. حياتيءَ ۾ جمي تہ هوند، اکيون ٺڏيون رهن.
مطلب: ١. پيءُ مئي پڄاڻان پٽ ڄائو، ڪهڙي ڪم جو؟
٢. پيو مرے نے پتر جے، پيو ناں کس کاری- (کہاوت)
٣. پيءُ مئي کان پوءِ پٽ ڄائو، پيءُ جي ڪهڙي ڪم جو.

[ پهہ ]

١٦٦ . پھاتھی ناں کٹہ پھڑکنا- (کہاوت)
ڪُڏي ڪم ڪرڻ سان، پڪڙ جو امڪان وڌو رهي. ان امڪاني تڪليف کان بچڻ لاءِ اپاءِ اڳوات ونبا تہ ڪم ايندا. اگر اڳوات نہ ورتا ويا تہ ڦاٿي کان پوءِ، ڪنهن ڪم جا نہ هوندا. پکي پڃري ۾، چور جيل ۾، مرون پنجوڙ ۾، ڏوهي مقدمي ۾ ڦاٿا تہ پوءِ ڦٿڪڻ، سندن جان آجي نہ ڪرائي سگهندو.
مطلب: ١. ڦاٿي کان پوءِ ڦڙڪڻ ڪهڙو.
٢. پھاسيو نياني کہہ پھڑکنی- (کہاوت)
٣. ڦاسي لڳڻ کان پوءِ ڦڙڪڻ، ڪنهن ڪم جو ناهي.
٤. ڦاسيءَ جي آرڊر ٿيڻ کان اڳ، ڦڙقوت وجهجي تہ چڱو.

١٦٧ . پھلاں نال کنڈے وی ہوندیں- (کہاوت)
جهان، شين جي اضداد ۽ مختلف النوع ڪيفيتن جي ملاوت سان جڙيل آ. خوشي ۽ غم، ڏينهن ۽ رات، روشني ۽ اوندھ، ڪوڙ ۽ سچ، ڪؤڙو ۽ منو، جهڙا اضداد ساڻ ساڻ رکيا ويا آهن تہ جيئن دنيا پنهنجي قائم ڪيل محور

تي هلندي رهي. هڪ-ڪرائيءَ سان نہ منجهس مزو، نہ رهڻ وارن کي چس. مزو ئي مٿ سٽ ۾ آ. اهڙيءَ طرح گل سان ڪندو بہ ساڻ رکيو ويو آ.

مطلب: ١. گلن سان گڏ، ڪنڊا بہ هوندا آهن.

١٦٨ . ڀهلي پيڙيں طہ ککو چڳي ڳشناں۔ (ڪهاوت)

ڀهلي: ڦلي، ڦري. پيڙيں: وڻ تي، پيڙ تي. ککو: ڪڪو، پڪيءَ جو نالو. چڳي ڳشناں: چڳي وجي.

جهنگن منجهہ برساتي پاڻين تي پاڻ مُراديون وليون يا ٻوٽيون ٿين. منجهن ٿيندڙ وٿائيون ڦليون، گهرجائن ۽ شوقينن کي ڳولئي نہ ملن. البتہ جهنگ جا پکي جهڙوڪ ڪڪو، کين چڳيو وجن.

مطلب: ١. ڦلي جڏهن ٻوٽي تي چڙهي تہ ڪڪو کائي وجي.

٢. ڪا بہ شيءِ آسانيءَ سان نہ ملندي آ.

١٦٩ . ڀهنڈ ڀهنڈ ليليئے؛ اوہے سيلی، اوہے کنڈ۔ (ڪهاوت)

ڀهنڈ ڀهنڈ: نچڻ ڪڏڻ، نينگ ٽپا ڏيڻ. ليليئے: ليلو، ڇيلو، گهٽو. اوہے: اهو ئي، ساڳيو. سيلی: رسو، رسي، ٿوڙهو. کنڈ: ڪلو، ڪلي.

نچڻ ڪڏڻ واري کي گهور گهاٻور پوي. ٻڪري/ ڇيلو نچي تہ مٿس ڪير بہ نہ نوٽ گهوري، نہ ڳاهہ وڏائي ويجهو ڪري ڏئي. ويتر ساڳئي رسي سان، ساڳئي ڪلي ۾، ڪسي پيو ٻڌندس. تنهنڪري هروبرو نينگ ٽپا نہ ڏجن.

مطلب: ١. ڀلي نينگ ڏئي ڇيلو! هوندس اهو ئي رسو، اهو ئي ڪلو.

١٧٠ . ڀهنڈے ڀهوکارنی کیاں دیئے، لوکیں ڈرانی دیس، ٹهناور کیا ہلانی دیئے، آپے ڈرنی دیس۔

ڀهنڈے: لومڙي. ڀهوکارني: اوناڙ، چنگهاڙ. کیاں دیئے: جو تي ڏئين. لوکیں: لوڪن کي، ماڻهن کي. ڈراني ديس: ڊيڄاريان تي. ٹهناور: پڇ، دم. کيا ہلاني ديئے: جو تي لوڏين. آپے ڈرني ديس: پاڻ بہ ڊڄان تي.

جبلت/ ڪيفيت، پنهنجا ماڻ مٽائيندي رهندي آ. ڪڏهن جبل جهاڳڻ ۾ مزو پيو ايندو، ڪڏهن گهر جي اڱڻ تي گهمندي بہ پئي بيزاري ٿيندي. ڪڏهن ٻين تي گجندي پيو ڪجڪارو پوندو، ڪڏهن پاسو ڪري هلڻ ۾ بہ پيو پوَ

ٽيندو. مليل جليل ڪيفيتون، رت پونءِ مان جڙيل ساهدار اندر وديعت ٿيل آهن. جن منجهان هيءُ به آ: 'يا درياهه ٽپندو وتي يا اڏ تي بيٺو هجي.'
مطلب: ١. 'لومڙي! اوناڙين چو ٿي؟' چي: 'ماڻهن کي ٿي ڏيڇاريان.' 'پلا پڇ چو ٿي لوڏين؟' چي: 'پاڻ به ڏجان ٿي.'
٢. گڏهه کان پڇيائون: 'پسٽيون چو ٿو چڙين؟' چي: 'ماڻهن تي رعب ٿو وجهان.' 'پلا ٽِڱُ چو ٿو چڙين؟' چي: 'ڪجهه ڪجهه ڏجان به ٿو.'

١٧١ . پھیرنیاں نے پھیر؛ کیدے میڑو، کیدے تیل- (کہاوت)
پھیرنیاں نے پھیر؛ ڦيريءَ جا ڦير، قسمت جا چڪر. کیدے میڑو؛ ڪڏهن داٽو. کیدے تیل؛ ڪڏهن تيل.
ڪا به شيءِ ساڳئي روپ ۾ وجود قائم رکڻ بجاءِ، متائيندي رهي ٿي. سرنهه جو تيل جسم کي ملڻ کان اڳ، ان جي سخت داڻي جي صورت ۾ موجود هيو. گهاڻي ۾ پيسجڻ کان پوءِ سٽيي تيل جي شڪل اختيار ڪيائين.
انساني وجود به ڪڏهن گندي قطري ۾ هيو، منزلون طئي ڪندو: رت جي ڏگ، گوشت جي لوٿڙي، هڏڙين ۽ چمڙيءَ جي پوشاڪ ۽ عضون جي ٺهڻ بعد، صورت وٺي دنيا اندر آيو. ترقيءَ جي ڏاڪن تان، هر جيوُ گذري ٿو.
مطلب: ١. قسمت جا چڪر: ڪڏهن رائيءَ جو داڻو، ڪڏهن تيل جو ڦڙو.
٢. حالات سدائين ساڳيا نه ٿا رهن.
٣. دنيا، هڪ-ڪري نه رهي آ.

[ ت ]

١٧٢ . تارو درياہ وچ ڈبی مرناں- (کہاوت)
پاڻيءَ جي خاصيت آ: ٻوڙڻ. جيڪو به منجهس گهڙندو، تنهن کي ٻوڙيندو. منجهانئس پار پوڻ/ تري اچڻ لاءِ ڪو سهارو هٿ ڪجي. جهڙوڪ ٻيڙي، ترهو يا سيٺاهه. ڪڏهن ڪڏهن واڇ مينهن سبب يا وزن وڌي وڃڻ سبب، اهي سهارا به ٽٽي ويندا آهن. پنهنجو جسم به نستو ٿي پوندو آ. ان صورت ۾ درياهه حوالي ٿيڻ يقيني ٿي پوندو آ. ٻڏندو اهو، جيڪو درياهه اندر هوندو.

ٻاهر واري ڪي درياهہ اچي ڪو نہ ٻوڙيندو. دنيا جا معاملا ٻہ ان جو سر ڪٽيندا ، جيڪو سر جو آهو لاهي، منجهن هٿ وجهندو.
مطلب: ١. تارو ئي درياهہ ۾ ٻڏندو آ.
٢. تارو ہمیش دریاہ چ ڙے ڈبنا۔ (کہاوت)
٣. تارو هميشہ وچ درياهہ ۾ ٻڏي.
۴. ہمیش، تارو ڙے ڈبنیں۔ (کہاوت)
۵. هميشہ تارو ئي ٻڏندو آ.
٦. جھڑا ترنا، اوئے ڈبناں۔ (کہاوت)
٧. جيڪو ترندو، سو ئي ٻڏندو.

١٧٣ . تاڑی دو ہتھاں نال بجنی۔ (کہاوت)
ٻن شين جي ٽڪر سان آواز پيدا ٿيندو آ. هڪڙي شيءِ هوا ۾ هلندي تہ بہ آواز ئي هوندي. هڪ هٿ جي تاڙي جڏهن ٻئي هٿ جي تاڙيءَ سان نهڪو اچي ڪندي تہ پوءِ آواز نڪرندو. اگر هڪ هٿ لڳڻ لاءِ تيار هجي ۽ ٻيو سور سببان نهڪڻ نہ چاهي تہ اها تاڙي هوا تي ويندي. نڪاءَ ٿيڻ لاءِ ٻن مختلف جسمن جو، آماده ٿيڻ لازمي آ، پوءِ ئي وڃي نڪاءُ ٿيندو. مراد تہ جو نڪاءُ ٿيو آ، سو ٻن جسمن/ لڱن جي پاڻ ۾ نهڪڻ سبب ٿيو آ.
مطلب: ١. تاڙي، ٻہ-هٿي وڃندي آ.
٢. داں ہتھاں نال تاڑی بھجنی۔ (کہاوت)
٣. تاڙي، ٻن هٿن سان وڃي.
۴. ہک ہتھے نال تاڑی نئی بجنی۔ (کہاوت)
۵. هڪ سان تاڙي ڪين وڃندي.

١٧۴ . تاولی کھوتی، ترپے چ ڙے رہنی۔ (کہاوت)
تاولی: اٻهري، اتڪي. کھوتی: ڪوتي، مادي گڏهہ. ترپے: چڙهائيءَ، چاڙهيءَ. چ: ۾، منجهہ. ڙے رہنی: ائين رهندي.

گڏھ بار ڍوئڻ واسطي ڪتب اچي. ڇگو بار لڏيل هوندس ته ڪنجهڻ ۾ پورو هوندو. ان وقت تڪڙ ڪندو ته چاڙهيءَ وارن رستن تي، جيڪي پٿن يا جبلن تي ٿين ٿا، سندس چڙهڻ اوکو ٿي پوندو.
مطلب: ١. ابهري ڪوتي، چاڙهيءَ تي ٿيڙ ڪائي.
٢. تڪڙي ڪتي: انڌا گلر.
٣. تڪڙ: ڪم شيطان جو.

١٧٥ . ترٹی باں اپنے گلے چ بانی پہنی۔ (کہاوت)
عضوا، ڪٽٽا به پاڻ ڪي ئي پوندا آهن. پنهنجو وزن ڪڻڻ جي جيڪڏهن جسم اندر صلاحيت نه هوندي ته پوءِ زندگي عذاب ٿي پوندي. ٻين تي ٻوجھ سبب، سمورا بيزار ٿي ويندا. بيماريءَ ۾، بستري تي ليٽي وقت ٽپائٽو آ. ٽنل ٻانهن جيستائين طاقت وني، تيستائين لڙڪائي هلڻ نقصانڪار. ٻيا ڪٽي هلي نه سگهندا. پاڻ ڪي ئي ڪٽٽي آ، جنهن جو آسان طريقو: جان سان ٻڌي، ڪٽي هلڻ آ. محفوظ به رهندي، ٻين تي ٻوجھ به نه پوندو.
مطلب: ١. ڀڳل ٻانهن ورائي ڳل سان ٻڌبي آهي.
٢. پہچی بھاہ، اپنے گلے چ بنی پینی۔ (کہاوت)
٣. ٽٽل ٻانهن، پنهنجي ڳچيءَ سان ٻڌٽي ئي پوندي آ.

١٧٦ . تریا آیا طہ چہکا گلیا۔ (کہاوت)
اڪيلو، زندگي گذارڻ ڏکي. سماجي ربط سان رهڻ ۾، آساني. واپار وهنوار، ٻين جي هٿ ونڊائڻ ڪان سواءِ اوکو. هڪ ئي هم خيال ملي ويو ته ٻيڙا پار. وري جي ٽيون گڏيو ته ڪم رليو. گهڻا ذهن، گهڻي سوچ، گهڻو جنجهٽ. هر هڪ کي پنهنجي ڳالهه ۽ پنهنجو عقل مقدم. ٻين جي مت تي پيو ڏمربو ۽ ويڻ ڪيندو. اڳلا، پاڻ عقل جا اڪابر، سندس صلاح کي پنتي ڏڪڻ ۾ پورا. اتان ڦيٿهڙو شروع ٿيندو. نهيل ڪم به پيو رلندو.
مطلب: ١. ٽيون آيو، جهڳو ئي جهڻ.
٢. دو میں تیسرا، آنکھوں میں ٹھیکرا۔
٣. ٻن ۾ ٽيون، اکين ۾ ٺڪريون.

۴. تریہا رلیا، چھکا گلیا۔ (کہاوت)
٥. ٽيون گڏيو، جهڳو ٽٽو.
٦. سنگت/ ڀائيواريءَ ۾ ٽيون گڏبو ته ڏُڦيڙ پوندو.

١٧٧ . تریہا کھوئے کول گشناں، کھوه تریئے کول نا اشناں۔ (کہاوت)

اڃيو، پاڻيءَ لاءِ واجهائي. رکيل دلا مٽ جاچي. نه مليس ته کوهه ڏانهن ڀڄي. کوهه نه مليس ته واهڙ، دبا ۽ درياهه واچي. چپ ڪري نه ويهي جو سندس جياپو پاڻيءَ ۾ آ. اهو نه مليو ته حياتي پوري. ساهه پيارو آ. ان کي بچائڻ لاءِ هر ڪو هٿ پير هڻي. اڃيو، پاڻيءَ لاءِ کوهن جا پنڌ ضرور ڪري.

مطلب: ١. اڃيو کوهه تي اچي، کوهه اڃيي وٽ نه اچي.
٢. کھوه تریئے کول نا گشناں، تریہا کھوئے کول گشناں۔ (کہاوت)
٣. کوهه اڃيي وٽ نه اچي، اڃيو کوهه وٽ اچي.
۴. کھوئے را تریہا اشنا۔ (کہاوت)
٥. کوهه تي اڃيو ايندو آ.
٦. طالب ئي مطلوب کي ڳولي.

١٧٨ . تغدیر ڈاہڈی چیز ای۔ (کہاوت)

تغدير: تقدير، لکيو. ڈاہڈی: ڏاڍي، طاقت واري.

دنيا اندر، انسان مقرر وقت لاءِ اچي ٿو ۽ سنت موٽي وڃي ٿو. وڃين وقت ۾، حياتي آسان گذارڻ لاءِ، جدوجهد ڪري ٿو. رٿائون رٿي ٿو. جان، مال ۽ وقت کپائي ٿو. خبر تڏهن پوي ٿي، جو مليل وقت جي موڙي، سندس هٿن مان کٽي وڃي ٿي. سندس رٿيون، اڻ-رٿيون رهجيو وڃن. سندس تدبيرن تي، تقدير خنده-زن ٿئي ٿي. ڪپڙن جي دڪان تان پلا جوڙا چوندڻ ۾ لڳو پيو آ، جڏهن ته ساڳئي دڪان ۾، سندس ڪفن جو ڪپڙو ڪنجڻ جي انتظار ۾ آ. جيڪو انهيءَ وڳي سڀجي اچڻ ڪان اڳ ڪيس اوڍڻو آ.

مطلب: ١. تقدير، ڏاڍي شيءِ آ.
٢ . تدبير کند بنده، تقدير کند خنده. (فارسي)

١٧٩ . تلق داری وچ ادهار نہ ديئو، جے ديو طہ پلی گچھو- (کہاوت)
تعلق داريءَ منجهه هُج گهٽي ٿيندي آ. هج اندر ڪڏهن هڪ ڊر سهپ ڏاري معاملي جي هيٺ-مٿانهينءَ ڪي برداشت ڪري سگهندي آ، ڪڏهن نہ. جڏهن معاملو، هج سبب بگڙندو آ تہ ٻين ڪان بہ سلجهي نہ سگهندو آ. جيتري سلجهائڻ جي ڪوشش ڪبس، تيترو بگڙجندو ويندو. پوءِ جي خرابيءَ ڪان بهتر آ تہ منديئون اهڙي قسم جو وهنوار نہ ڪجي.
مطلب: ١. تعلقداريءَ ۾ اوڌر نہ ڏجي، جي ڏجي تہ آسرو پلي ڏجي.
٢. مٽ مائٽ/ دوست يار کي اوڌر ڏجي تہ سهائي ڏجي.
٣. سوڙهيءَ سياندريءَ وهنوار نہ ڪجي.

١٨٠ . تلی اپر سریاں نئی جمنی- (کہاوت)
فصل يا ٻي ڪا اوپڙ ڦٽڻ لاءِ: نرم مٽي، پاڻي، هوا، سج جي روشني يا اس، سنو ٻج ۽ پاڻ هئڻ ضروري آهن. انسانن جي ڪم اچڻ واري شيءِ، پاڻ مُرادو ڪا نہ ڄاپندي آ. جنهن شيءِ مان فقط ٻيا ساهدار جهڙوڪ: پکي، جانور ۽ جيت جٽيا فائدو حاصل ڪن ٿا، سا مند سارو پاڻ مرادو اُپڙي. سرنهن مان نڪتل تيل، انساني ڪارج ۾ اچي. اها بنا محنت، جان، مال ۽ وقت ڏيڻ جي نہ ڦٽي.
مطلب: ١. ترِيءَ تي سرنهن نہ ڦٽي.
٢. فلاحي ڪم، بنا محنت جي ۽ ترت، نہ ٿيندو.

١٨١ . تہی پیٹ، کنک کهیت؛ آ جانوایا منڈے کھا- (کہاوت)
تہی؛ ڏيءُ. پيٹ؛ پيٽ ۾. کنک؛ ڪڻڪ. کهيت؛ ٻنيءَ ۾. جانوايا؛ نياڻا. منڈے کھا؛ وندي ڪاءُ.
جيڪي شيون اجا دنيا جي تختي تي آيون ئي ناهن، تن لاءِ اجايا پور پچائي، کهاٽيون جوڙيون ويندڀون آهن. جيڪي جوڙڻ نہ گهرجن. جڏوڪا مينهن، تڏوڪا پاڻي. ڌيءُ ڄائي تہ پنهنجو نصيب ڪٽي ايندي. فصل ڄائو تہ پنهنجي ڪائيندڙن کي پاڻ ڪوني ايندو. پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي.
مطلب: ١. ڌيءُ پيٽ، ڪڻڪ کيت، چي: آءُ نياڻا وندي ڪائون.

١٨٢ . تو کن؟ میں خامخاه۔ (کہاوت)
هڪڙا واندا ماڻهو، وتندا آهن ٻين جي هر معاملي ۾ ٽنگ اڙائيندا. جڏهن سبب پڇبو اٿن ته پوءِ ڏند ٽيڙي، بيشرمائيءَ جي ڦڪي کل کلي، لڄي به ٿيندا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي به اگهاڙو ڪري ويندا آهن.
مطلب: ١. تون ڪير؟ چي: مان خوامخواه.

١٨٣ . توکلے نیں بیڑے پار۔ (کہاوت)
دنيا جي تختي تي جيڪي به ڪم ڪجن ٿا، تن لاءِ ڪوشش اها هوندي آ ته اڳواٽ تياري ڪجي. ٻين جي تجربن مان سکي پوءِ هٿ وجهجي ته نتيجا، چڱا نڪرندا. ڪن معاملن منجهه، توڪل ڪري ڪِهڙبو آ ته نتيجا اجا به وڌيڪ فائديمند ٿي پوندا آهن. جيستائين توڪل نه ڪبي، تيستائين زندگي ڏاڍي ڏکي گذرندي. هاري توڪل ڪري، ڪليل ٻنيءَ تي ان اڇلي نه ايندو ته فصل لڻڻ وقت، پاڻ هٿين خالي هوندو.
مطلب: ١. توڪل جا ٻيڙا، پار.
٢. جن ستيا تي پاڙيو، تن جا گهر ويني معاملا سر تي ويا.

١٨٤ . تولے کتے ہڈ جات۔ (کہاوت)
تولے: تاولے، اٻهرا، اتڪيا، هوڙهيارا. ڪتے: ڪتي. ہڈ: هڏي، هڏو، گره. جات: وجهجي.
ڪتو، بک کان حملو ڪندو آ. پيٽڙو ڀريل هوندس ته حملو نه ڪندو. جيڪو ڪتو رهڙ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري، تنهن کي جلد گراهه وات ۾ اڇلي هٽجي.
مطلب: ١. اٻهري ڪتي جي وات ۾، هڏي اڇلي وجهجي.

١٨٥ . تیتر میتر چھڑھ چڑیا طہ سمجھو بدل برس سی،
رنڈی رناں سرمہ پایا سمجھو خصم کرسی۔ (کہاوت)
برسات وسڻ کان اڳ، آسمان تي تورين گهٽيون ڪڪريون نظر ايندين آهن. پوءِ هلڪي ڦلڪي هوا، جنهن ۾ توري گهٽي متي، متيءَ کان پوءِ هوا

۾ تتڙائپ، ان ڪان پوءِ ڦڙ ڦر، جنهن ڪان پوءِ مينهن آيو ڪي آيو. مينهن لهڻ ڪان اڳ، ٽپڙ اندر ڪرڻ شروع ڪبا آهن.
ائين مُني: جنهن جو مڙس مري ويو آ، يا ڏهاڳڻ: جنهن کي مڙس ڇڏي ڏنو آ، هار سينگار ڪري ته سوال اٿندو: ”ڪنهن وٽ پاڻُ وڻائڻ لاءِ تي ڪري؟“ انومان ڪبو آ: ’مڙس جو ڪپ اٿس.‘
مطلب: ١. طوفان لڳو: ڪڪر وسندا، مُني سينگار ڪري: مڙس ڪپيس.
٢. هر معاملي جو منڍ هوندو آ. ان کي اتان جاچجي.

١٨٦ . تيهاں الله نی دين/ رحمت- (کہاوت)
نياڻي، پيءُ ماءُ جي گهر ۾ پلجي وڏي ٿئي ٿي، جتان پرڻجي پرائي گهر وڃي ٿي. سندس پيٽ مان ڄاول اولاد به پرائو باغ ٿيو. متس ڪيل خرچ، خفو ۽ ڪاہار ڪي پيڪا پاڻ تي چٽي سمجهندا آهن. جڏهن ته نياڻي وڃي ٻئي گهر ٿي، جيڪو سندس پنهنجو گهر آ. ان جي اندر ۾ ڪهڙو طوفان آ، سو ان کي خبر. گهر نهڻ تي، پوين کي جيڪي دعائون ڪندي آ، سي سڄي دنيا جي ڌن دولت لٽائڻ سان به حاصل ڪري نه ٿيون سگهجن.
مطلب: ١. ڌيئر، الله جي دين/ رحمت آهن.

١٨٧ . تيهاں بيغانياں تہن- (کہاوت)
ڌيءُ، پرائي گهر پرڻجي وڃي ٿي. اتي سندس پيٽ مان جيڪو اولاد ڄاپي ٿو، سو ڏاڏاڻن جو سڏرائي ٿو ۽ انهن جو باغ آ. فصل ۽ اپراسو ان جو، جنهن جو باغ. ٻئي جو داعو دخل، متس نه هلندو.
مطلب: ١. ڌيئر، پرايو ڌن.
٢. ڌيئر: پرائو باغ.

١٨٨ . تيهاں پہناں، سسو سوہریاں نیں کہر چنگیاں لگنیاں- (کہاوت)
تيهاں پہناں؛ ڌيئر پينر. سسو سوہریاں نیں؛ سس سهري جي. کہر؛ گهر، جهڳو، اجهو.
چنگیاں لگنیاں؛ چڱيون لڳن، نهن ٿيون.

عورت جو گهر آ. ٻچن سان. جيڪي پرڻي کان پوءِ ڄاپنس ٿا. پرڻو معنيٰ پَرَ-نيو يعني پراوا ڪٽي ويا. ابي اما/ پائرن کان تہ نياڻي ڪڇي وڃي ٿي پر وڃي پنهنجي گهر ٿي. ڍهلن دمامن سان، سجيل گهر پهچي ٿي، جتان سندس جنازو ئي نڪرڻو آ. مرڻ تائين، اتي رهڻ ئي سونهينس ٿو، ٻئي هنڌ نہ.
مطلب: ١. ڌيئر پيئر، سس سهري-گهر چڱيون لڳن.
٢. تيہاں پہناں، اپنے کہر چنگیاں لگنیاں- (کہاوت)
٣. ڌيئر پيئر، پنهنجي گهر سٺيون لڳنديون آهن.

١٨٩ . تیہاں ساریاں نیاں سانجھیاں ہونیاں- (کہاوت)
ڌيءُ ۽ مهمان، پٽ وانگر، گهر اندر وڏيڪ ڏينهن ويهاري نہ سگهجن. ڌيءُ هڪ ڏينهن ڄائي آ، هڪ ڏينهن موڪلائي ويندي. گهر مان ڪڍي تہ هر ڪو ڏئي ٿو، پر دل منجهان ڪير بہ ڪڍي نہ ڏيندو آ. ان ۾ بہ هر پيءُ-ماءُ جو اهڙو ئي ساهہ تنگيل هوندو آ. جهڙو پٽ جي ٻاهر وڃڻ تي. ڌيئر، پٽن جهڙيون، بلڪ ڪاڻئن وڏيڪ پياريون هونديون آهن.
مطلب: ١. ڌيئر، مڙني کي پياريون آهن.

١٩٠ . تیہاں کولا ناں ڈرو، تیہاں نیں لیخا کولا ڈرو- (کہاوت)
ڌيءُ ويچاريءَ کي زبان وات ۾ جڻ هوندي ئي ناهي. پنهنجي اندر جي مجبوري، زبان سان چئي نہ سگهندي آ. اگر نياڻيءَ نہ ڪڇيو تہ اهو گمان نہ ڪجي تہ پچاڻي کان بچي وياسين. اڳتي هلي، جڏهن حساب ٿيندو، تڏهن مڙني جون اکيون کلي وينديون.
مطلب: ١. ڌيئرن کان نہ ڊڄو، ڌيئرن جي ليکي کان ڊڄو.

١٩١ . تیہو پہنوں ناں پینسا، نا پچنا- (کہاوت)
جيستائين ٻاهران ڪمائي نہ اچبو تيستائين گهر نہ هلندو. ٻاهر ڪمائڻ لاءِ ماحول مرد واسطي سازگار آ، عورت لاءِ نہ. مرد ڪاهل ٿي ويهي رهي ۽

عورتن کي چوي تہ ڪمائي اچو. اهو غلط آ. رج اشراف، پنهنجي نياٽين کان وس ويندي نہ ڪمرائيندا آهن.
مطلب: ١. ڌيءُ پيڻ جو پئسو، بچندو ناهي.
٢. ڌيءُ پيڻ تان ورتل پاڙ، جيورندي ناهي.

[ ته ]

١٩٢ . تھاڑو نے کہر ماڑو جمیا، ماڑو نے کہر مرلی،
کھوڑے کا نے جمنے لغے، پہرن گئی کھرلی۔ (کہاوت)

تھاڑو؛ ٿاڙو، اسم ذات، مرد جو نالو. ماڑو؛ ماڙو، مرداڻو نالو. جمیا؛ جائو، ڄميو. مرلی؛ مرلي، مرد جو نالو. کھوڑے کا نے؛ منڊا ڪاٽا، انڌا منڊا. پہرن؛ پرڻ، پرڄڻ. کھرلی؛ آهر، وٿاڻ.
ٿاڙو، ماڙو ۽ مرليءَ جهڙا نالا، اهڙا آهن جيڪي اڄ بہ اڻ پڙهيل ۽ ٻهراڙين جا ماڻهو پنهنجي ٻارن تي رکندا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهي نہ ٻارن جي لٽي ڪپڙي تي ڌيان ڏيندا آهن، نہ تعليم ۽ صحت تي، جنهن ڪري ڪنهن ٻار جا عضوا ڪري ويندا آهن تہ ڪنهن جو مغز. بنا سوچ سمجهہ جي شاديون ڪندڙن جي گهر ۾، انڌن منڊن جي فوج ٺهي ويندي آ.
مطلب: ١. نڪمو اولاد، گهڻو ڄمي.
٢. گهڻو ڄمڻ وارو اولاد، نڪمو ئي هوندو.
٣. ڄڻڻ تي زور رکبو تہ پوءِ انڌا منڊا ۽ ٽنڊا ڪاٽا جام ڄمي پوندا.

١٩٣ . تھڑے ناں کوئی ایماں نا ہوناں۔ (کہاوت)
تھڑے؛ ٿڙو، ڏيوالو نڪتل، امير مان تازو غريب ٿيل.
سکيو ماڻهو، آسان زندگيءَ جو هيراڪ ٿيندو آ. قضائي سڄو ٿيو تہ حوصلو وڃائي ويهندو، اجا بہ بي ايمان ٿي پوندو. وهيون پيو واڇيندو، پهتل نقصان جو ذميوار، هر هڪ کي پيو سمجهندو. ڪنهن کي ٺڳ تہ ڪنهن کي ڦورو، ڪنهن کي پينو تہ ڪنهن کي ناظرو پيو سمجهندو. نفعي نقصان جو مالڪ، رب بجاءِ ٻين کي پيو سمجهندو.
مطلب: ١. ڏيوالي نڪتل جو ايمان بہ هليو وڃي.

٢. واٽيو سچو ٿئي تہ وهيون سنڀالي.
٣ واٽيو تڏهن وهيون واڇي، جڏهن: يا سچو ٿئي، يا بي ايمان ٿئي.

١٩٤ . تهڑے ناں لاج آ، تهڑے ناں کیں لاج نا۔ (کہاوت)
تهڑے؛ ڏيوالپٽو، ڏيوالو نڪتل. تهڑے؛ ٿِڙيل، ڪل ٿڙيل.
پهاڙي زبان جي ٿڙي لفظ منجهہ آيل اکر ٿ تي زبر ڏيڻ سان ٿڙو ٿئي ٿو، جنهن جي معنيٰ بيهي ٿي اهو ماڻهو جنهن وٽ ڌن دولت هئي پر ٽوٽ پوڻ سان هلي وئي اٿس. جڏهن تہ ٿڙي جي ٿ تي زير ڏيڻ سان ٿيندو ٿِڙو، جنهن جي معنيٰ ٿِڙيل وانگر بيهي ٿي يعني اهو ماڻهو جنهن وٽ عقل هيو پر ڪنهن اوچتي آيل تڪليف سبب ٿڙي ويو.
لٽجي ويل ڌن دولت جي موٽائڻ جو علاج آهي. (ڪَل) ٿڙئي جو علاج، مشڪل آ.
مطلب: ١. ڏيوالي نڪتل جو علاج ٿئي، ڪل ٿڙئي جو نہ ٿئي.

١٩٥ . تهکی، کوئی نا چٹناں۔ (کہاوت)
ٿڪ: وات جو لعاب، کاڌي چباڙڻ ۽ هضم ڪرڻ ۾ مدد ڪري. گهٽي ڳالهائڻ وقت زبان کي آلو/تازو رکي تہ جيئن مسلسل ڳالهائيندي رهي. منجهانئس بيا بہ ڪافي ڪارج ۽ فائدا آهن. ايڏي فائدي واري شيءِ، جڏهن وات اندر ججهي ڪني ٿئي تہ جهلي نہ سگهجي، بلڪ اڇلي ڦٽي ڪجي. انساني جسم جي اندر واري شيءِ، ٻاهر نڪتي ڪان اڳ، وڏي ڪم جي. نڪتي ڪان پوءِ نڪمي. اڇليي ڪان پوءِ چاهيندي بہ نہ موٽائي سگهجي. ڦٽي ڪيل لعاب سان، زبان آلي نہ ٿيندي جو منجهس نہ سواد آ ۽ نہ عزت.
مطلب: ١. ٿڪ اڇلي، ڪير نہ چٽي.
٢. جنهن ڪم ۾ عزت ناهي، سو ڪير بہ نہ ڪري.

١٩٦ . تهوڑا کهانا، سکهی سونا۔ (کہاوت)
کاڌو کائڻ، جسم جي ضرورت. هڪ ويلي تي کاڌل کاڄ، ٻئي ويلي تائين معدي جي اندر رهي ۽ جسم کي توانائي پهچائيندو رهي. واڌو کاڌل کاڌي

کي هضم ڪرڻ ۽ ڪٽڻ تي ٻه معدو محنت ڪري. منجهانئس نڪتل رطوبتون ڳاري، جسم کي پهچائي. گهٽي کاڌي هضم ڪرڻ تي محنت سوائي ڪرڻ سبب، معدو نڍال ٿئي ۽ ٻئن عضون کي توانائي پهچائڻ ۾ خلل پوي. ان جي پيٽ ۾ پورو پنو ڪاچ، فائديمند رهي.

مطلب: ١. ٿورو کائڻ، سکيو گذارڻ.

٢. ٿوري کائڻ ۾ صحت آ.

٣. نيم نان، صحت جان.

١٩٧ . تهوڑی کهٹی، زيدے برکت۔ (کہاوت)

بغير ڌن دولت جي، زندگي گذارڻ اوکي. گهٽي دولت ڪمائڻ، گهٽي کاڌي وانگر پڻ جنجال. سڄو سڄو ڏينهن، پئسي جي آند نيند ۽ سنيال سرڙيءَ ۾ گم. صحت ۽ رشتا ناتا، سڀ وسريو وڃن. ججهو مال، ٻين جي نگاهه جو نشانو ٿي، بي-برڪتو ۽ وبال بڻجي وڃي. ٿوري ڪمايل ڌن مان، ضروري ڪم ٿي وڃن، اولاد ڪرڻ ڪان بچي وڃي، دلي خوشي پڻ عطا ٿئي.

مطلب: ١. ٿوري ڪتيي، گهٽي برڪت.

٢. تنهنجو ڌن، تنهنجو دشمن.

[ ٽ ]

١٩٨ . ٹاس وی لوک کهنکائی طه کہئیں۔ (کہاوت)

ٹاس: نڪر جو پاتوڙو. کهنکائی: کڙڪائي، وڄائي. کہئیں: ڳنهين، وٺين.

خريداري، پيا ڳاچا کان پوءِ ڪجي. شيءِ جي فائدن نقصانن کان علاوه، پائداريءَ ۽ اگهه پاڳهه تي نگاهه پڻ رکجي. پڪائيءَ سان شيءِ جي لڳائيءَ چڱائيءَ تي چٽي نظر وجهي، سودو طئي ڪجي.

مطلب: ١. نڪر ٻه، ماڻهو وڄائي وٺي.

٢. ڪا ٻه شيءِ، اکيون پوري نه وٺجي.

١٩٩ . ٹرنیں داندے کی بهاٹه نیا مارنیا۔ (کہاوت)

ٹرنیں: وهنڊڙ، هلنڊڙ. بهاٹه: پٺي، چيلهه. نيا مارنيا: نه مارڻ گهرجي.

ڏاند جو ڪم آ: هر، گاڏي، ڳاڏي، چيچڙي، گهاٽي يا ڳاهه ۾ ڳهڻ. جيئرو ساهه آ، ٿڪاوٽ پڻ ٿيندس. اڄ بڪ لڳڻ به فطري عمل آ، جنهن سبب نستو ٿي، ڪم ۾ ڍرو ٿيندو. ان حالت ۾ به اگر هلي پيو ته ڪيس لڪڻ هڻي تيز ڪرڻ بي واجبي آ. سگهو متارو، تازو توانو هجي ۽ نه وهي ته ڪيس ڪوڙو سمجهبو. ان حالت ۾ لڪڻ هڻڻ ته نيڪ آ. وهندي وهٽ کي ڏڪ هڻڻ، ڪينس ڪري ڪارڻ آ.

مطلب: ١. وهندڙ ڏاند کي، لڪڻ نه هڻجي.

٢. هلندڙ وهٽ کي، سوٽا نه هڻجن.

٢٠٠. ٹکے نی گھتڑی، پیسہ بائی اتڑی۔ (کہاوت)

ٹکے نی؛ ٽڪي جي، سَستي. گھتڑی؛ ڳوٿري. پیسہ؛ پئسو، ڏوڪڙ، سِڪو. بائی؛ پاتو، وڌو. اتڑی؛ اڊڙي، ڦاٽي.

پئسو، لڪائي ڪٽڻ لاءِ، ڪپڙي مان جڙيل ڳوٿرين ۾ وجهبو آ. ڳوٿري، جهالائو ۽ مهانگي ڪپڙي مان جوڙبي آ ته ست سهي. پراڻي ڪپڙي جي ڳوٿري، ڪلدارن جي وزن تي ئي ڦاٽي پوندي.

مطلب: ١. ٽڪي جي ڳوٿري، پئسو پيو، اڊڙي.

٢. پراڻي ڳوٿري، بربلا ٽڪا پيس، اڊڙڻ شروع ٿيندي.

٣. سستي روئي سؤ وار، مهنگي روئي هڪ وار.

٢٠١. ٹہاناں سان، طہ چاڑھنا اوخا۔ (کہاوت)

تعميراتي ڪم لاءِ ٽي شيون گهرجن: مٽيريل، محنت ۽ مايا. ٽئي استعمال ٿيڻ بعد، اڏاوت ۾ فقط مٽيريل نظر ايندو آ، جيڪو هڪ جاءِ تان نه ملندو آ، بلڪ هتان هتان ڏانءَ، محنت، جستجو ۽ پئسي سان ڪنو ڪرٽو پوندو آ. لڳائڻ لاءِ هنر، ڪاريگري ۽ ڄاڻ کپي. جڙي راس ٿيڻ لاءِ، وقت کپي.

نهيل کي ڊاهڻ لاءِ، هڪڙو لوڏو ڪافي آ، جنهن لاءِ نه محنت، نه ڏانءُ، نه وقت کپي.

مطلب: ١. ڊاهڻ آسان، ناهڻ اوکو.

٢. چاڙهنا اوکا، ٿهانا سکلا۔
٣. چاڙهڻ اوکو، ڪيرائڻ سوکو.
۴. پهاڙناں سان، ط سيڙناں اوکا۔ (کهاوت)
۵. ڦاڙڻ آسان، سبڻ اوکو.

٢٠٢ . ٿهڈ تو ساريان نال لگا وا۔ (کهاوت)
ٿهڈ؛ ڍڍ، کائڻ وارو پيٽ.
پيٽ، هڪ ويلي کان ٻئي ويلي تائين، کاڌي کي کني رکڻ ۽ تورو تورو ڪري جسم کي خوراڪ پهچائڻ واسطي، گودام جو ڪم ڪندو آ. خالي هوندو ته جسم نستو ۽ عضوا نڍال ٿيندا. حلال يا حرام سان، ان جو ڀريل هئڻ لازمي آ. نتيجي طور، هر ساهدار، ان جي ڀرڻ جي چڪر ۾ آ. جائز رستا ڪٽبا ته ناجائز اختيار ڪندو.
مطلب: ١. پيٽ ته مڙني سان لڳل آ.
٢. پيٽ ۾ نه پيان روٽيان، سڀ ڳالهيان ڪوٽيان.
٣. پيٽ پر، پني لڌ.

٢٠٣ . ٿهنگا کهسے ڈومنى ته گائے سارى رات۔ (کهاوت)
ٿهنگا؛ موقعو، مهل. کهسے؛ گسي، گسائي، نه وجي سگهي. ڈومنى؛ ڏومڻي، مڱڻهارڻ، نچڻ ڳائڻ واري، لوٽي واري. گائے؛ ڳائي، نچي ڳائي.
مڱڻهارڻ کان موقعو گسي وڃي ته گهر ويٺي گهڻو وقت نچي ڳائي. انساني فطرت آ: جڏهن وقت تي ڪو ڪم نه ٿي سگهندو آ ته بي مهلو به پيو ان لاءِ ويچاربو ۽ وقت وڃائبو آ.
مطلب: ١. مڱڻهارڻ کان ٽاٽو گسي، ساري رات ڳائي.

[ ٺه ]

۲۰۴ . ٹھوکر لگنی ط مت اشنی۔ (کہاوت)

سک، مت جو دشمن. سک آئي، مت موڙهجيو وڃي. ڏک ايندو آ، تڏهن دماغ، نقصان جي ازالي ۽ آئنده بچڻ واسطي تدبيرون سوچڻ لڳندو آ. اک کلي ۽ مت ملي، سا يونيورسٽين ۾ اٺ ڪتابن جا پڙهڻ سان به نه ملي.

مطلب: ۱. ڏڪو کائڻ کان پوءِ مت اچي ٿي.

۲. تجربي جهڙو سنو ڪو به استاد ناهي.

[ ج ]

۲۰۵ . جاغنياں نياں کٹياں، ستياں نيں کٹے۔ (کہاوت)

هڪڙا ڏنار مال ڪاهي سانگ تي ويا. رات ٿي، هڪڙا سماع تي وينا، ٻيا آرام لاءِ، ننڊ پئجي ويا. رات پيٽ ۾ ڪجهه مينهون ويامي پيون. جاڳندن ڏنو ته سندن مينهن پاڏا ۽ ستلن جي مينهن وڇون ڄڻيون آهن. مادي ڦر مان ڌڻ وڌڻ ۽ مالڪ جو سکيو ٿيڻ جو گهڻو امڪان هوندو آ. جيسين ستا جاڳن، تيسين ڦر مٽي ڇڏيائون. ستل اٿيا ته پاڏا ڏسي ارها ٿيا. تنهن تي ڪين ڪنهن چئي ڏنو: ’ستلن جا پاڏا، جاڳندن جون وڇون.‘

مطلب: ۱. جاڳندڙن جون وڇيون، ستن جا ڪونهان.

۲. ستياں نے کٹے، جاگنياں نياں کٹياں۔

۳. ستن جا ڪونهان، جاڳندن جون وڇيون.

۲۰٦ . جان اى ط جہان آ۔ (کہاوت)

جَهان جو جشن، وجود سنئين آ. وجود نه هيو، جهان جو خواب خيال به نه هيو. جيءُ مليو، جهان ڏٺو ۽ پسيو. اک ٻوٽبي ته جهان ئي گم. وري جان آ صحت سان. صحت وئي، جهان ويو.

مطلب: ۱. جان آ ته جهان آ.

۲. جانی نال جہان آ۔ (کہاوت)

٣. جان سان ئي جهان آ.

٢٠٧ . جان ساریاں کی چنگی لگنی۔ (کہاوت)

جان/ جيءُ/ ساهہ هر ڪنهن کي پيارو آ. هن جهان ۾ اچڻ لاءِ موقعو هڪ دفعو ملي ٿو. ڊِڃي ڪان پوءِ ٻيهر ٻئي جهان ۾. جيتري سنپال ڪجيس، اوترو ٿوري. مون کي جان پياري آ، تيئن ٻين کي بہ پياري آ. ٻين جي پويان پئبو، ٻيا بہ سر ڪٽندا. ٻين جو خير گهربو، ٻيا بہ گهرندا.

مطلب: ١. جان، مڙني کي چڱي لڳي.

٢ . جان ہر کسے ای پیاری ہونی۔

٣ . ساهہ سيني کي پيارو آ.

٢٠٨ . جان مارے ناں کیں لبھناں۔ (کہاوت)

انساني جسم، فقط کائڻ ڪپائڻ لاءِ نہ بلڪ ڪمائڻ ڪرتڻ لاءِ پڻ آ. جيسين جستجو نہ ڪبي تيسين ڪائڻ واسطي مانيءَ-ڳيو، پيئڻ واسطي کير-ڊڪ بہ نہ ملندو. رهڻ لاءِ اجهو، پائڻ لاءِ ڪپڙي-ليڙ، بنا محنت جي نہ ٿا حاصل ٿين.

مطلب: ١. جان جي هڻ وٺ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي ملڻو.

٢. ڏينهن رات محنت ڪجي تي تڏهن ٻيو ڏينهن چڱو گذري ٿو.

٢٠٩ . جان مردے منہ کو ہاڑیئے جاں رواس۔ (کہاوت)

جان: جڏهن بہ. مردے: مڙدي، لاش، جنازي. منہ کو: منهن تان. ہاڑیئے: ڪفن هٽائجي، لٿو لاهجي. جاں: تڏهن. رواس: روج، راڙو، روئڻ شروع.

فطرتي طور: جسم جا عضوا بہ ڳالهائيندا آهن. انهن جي ٻوليءَ کي 'باڊي لئنگئيج' چئبو آ. چڱي شيءِ ڏٺي، چهري تي سرهائي، عجيب شيءِ ڏٺي، وات ڦاٽي وڃڻ. اهڙيءَ طرح جنازو ڏسي، روئڻ اچڻ، فطري عمل آ.

مطلب: ١. مردي جي منهن تان لٿو لٿو، روج شروع.

٢. پٽر پرائو، سور سيڪو روئي پنهنجا.

٢١٠ . جانی ناں صدقہ مال۔ (کہاوت)

جان، هر ڪنهن کي سڀ کان پياري آهي، پٽ يا پيءُ کان وڌيڪ پياري آ. مال ملڪيت وئي کان پوءِ، وري نهي سگهي. جان، وئي کان پوءِ نه موٽي. اڙي اڏي، بيماري بڙي، ڪڙڪي خطري کان، جان بچائڻ واسطي جتن ڪجن. پئسو پنجڙ، دوا درمل، مال متاع، جيترو به لڳي، لڳائي سار سنڀار ڪجيس.

مطلب: ۱. جان جو صدقو، مال.

۲. مال صدقو جان جو، جان صدقو شان جو.

۲۱۱ . جائیں کنیں کن وی رغڑنونے۔ (کہاوت)

جائيں؛ ان، داڻا، داڻن. کنيں؛ ڳڏ، ساڻ. ڪن؛ ڳهُٽا، ڳهُٽو، سُرو. وی؛ پيي، به. رغڑنونے؛ رڳڙجي وڃن، پيسجي وڃن.

مٿان آيل مصيبت، سيني تي هڪ-ڪري پوي. ڪوشش ڪري چڱي ماحول ۾ رهجي. چوندي، چڱن جي پاڙي ۾ جاءِ وٺجي. جندو جندي ۾ ڏئي گهر اڏجي. برن مٿان آيل مصيبت، پاڙيسري هئڻ سبب، پاڻ تي ايندي.

مطلب: ۱. ان سان گڏ، گهٽا به پيسجي وڃن.

۲. دانیاں نال کہن وی پیٹھے گشنیں۔ (کہاوت)

۳. داڻن سان، گهٽا به پيسجي وڃن.

۴. کنکے نال کہن وی پیٹھا گشناں۔ (کہاوت)

۵. ڪڻڪ سان گڏ، گهٽا به پيسجي وڃن.

٦. سڪن سان گڏ، ساوا به سڙي وڃن.

۲۱۲ . جتنا زور وے اتنا ڈِے پہار چاہڑے۔ (کہاوت)

جان، رب جي ڏنل نعمت آ. غلط حرڪت سبب وئي ته موٽندي ڪا نه. سهنديءَ آهر بوجھ وجهجيس. وت کان وڌ بار وجهي، چني نه رکجيس.

مطلب: ۱. جيترو جان ۾ زور آ، وزن اوترو کڻجي.

۲. وت آهر وزن کڻجي.

۲۱۳ . جتنا گڑ باسو، اتنا مٹھا ہو سی۔ (کہاوت)

ڪن ڪاڏي جي شين ۾ جيستائين مناڻ نہ ملائبو، تيستائين ذائقو نہ ڏيندي. پٽ يا چانهہ ۾ مناس پيدا ڪرڻ واسطي ڳُڙ يا کنڊ ملائبي آ. جيترو مناڻ ملائبو، اوترو مناس پيدا ٿيندو.

مطلب: ١. جيترو ڳُڙ وجهبو، اوترو مِٺو ٿيندو.

٢. جتنا گڑ، اتنا مٹھا۔ (کہاوت)

٣. جيترو ڳُڙ، اوترو مٺو.

٢١٤ . جتنی چادر وے اتنے ڑپے پیر پھلاؤ۔ (کہاوت)

ڏکهي ماڻهوءَ وٽ، سيءَ کان بچاءَ لاءِ لُنڊي سوڙ آ. ان کي ڪارج لائق بڻائڻ لاءِ، منجهس ڪريندڙو تي پاڻ ماپائٹو پوندس. ور نہ سيءَ ۾ مرندو. چادر ڏکهي ۽ سمهڻ وارو قد جو بندرو آ تہ ڪيس پنهنجي قد آهر چادر ڏکهيڙڻ گهرجي. قد کان وڌيڪ ڏکهيڙيندو تہ پئي لِووڙبي ۽ ميري ٿيندي.

مطلب: ١. جيتري چادر هجي، پير اوترا پسارجن.

٢. جتنی چادر وے، اتنے ڑے پیر لانو کاڑے۔ (کہاوت)

٣. جيتري چادر هجي، پير تيترا ڏيگهارجن.

۴. سوڙ/چادر آهر، پير ڏيگهارجن.

۵. چادر اتنی ڑپے کھلارنی چائی نی وی، جتنی گنجیش وے۔ (کہاوت)

٦. چادر اوتري ڦهلائجي، جيتري گنجائش هجيس.

٢١۵ . جتنی گوڈی، اتنی گڈی۔ (کہاوت)

ٻنيءَ جي لاءِ ڪيڙي، ريج، ٻج، سار سنڀار ۽ جهار هڪلڻ سان گڏ، گُڏ ڪيڻ بہ اشد ضروري آ. زمين اندر، پاڻ مرادو ڦٽندڙ نباتات کي اپائڻ جي صلاحيت، فطرتي طور موجود آ. اجايو سجايو گاهہ گند پيو پاڻ مرادو ڦٽندو. گڏ ڪيڍي صاف نہ ڪبو تہ زمين جي طاقت چوهي، فصل کي ڪمزور ڪري ڇڏيندو. جيتري گڏ ڪبي، اوترو گند نڪرندو ۽ اوترو فصل سٺو ڄاپندو.

مطلب: ١. جيترو گڏ ڪبي، اوترو گُڏي ٿيندي.

٢١٦ . جتنے موں، اتنیاں گلاں۔ (کہاوت)

هر ماڻهوءَ منجهه، سوچڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيت رکيل آ. ڏنل/ ٻڌل ڳالهه هينئين سان هنڊائي، ٻئي هنڌ ويچاري ٿو. هڪ کان ٻئي وٽ پهچندي، ڳالهه جي شڪل ۽ هيئت ٿورو متجيو وڃي. جيترن واتن تان اڳتي هلندي، اوترو شڪل تبديل ڪندي ويندي. بلڪ ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿيندو ويندو. تان جو جيترا ماڻهو، اوتريون ڳالهيون ٿي وينديون.

مطلب: ١. جيترا وات، اوتريون ڳالهيون.

٢١٧ . جتنياں گائيں، اتنياں بلائيں۔ (کہاوت)

ڳئون مينهون، رڍون ٻڪريون، سک ونڻ خاطر پالجن ٿيون. منجهانئن کير مکڻ، ڦر ڦروتا ۽ ڏاس حاصل ڪري، زندگي آسان ڪجي ٿي. جڏهن ته اهي فائدا، بنا تڪليف جي حاصل نه ٿا ٿين. انهن لاءِ مسلسل محنت آ. گاهه پٺي ۽ پاڻي ڪانجهيءَ کان علاوه مال جي سيوا. ڇيڻو مٽ صاف ڪرڻ کان علاوه چور چڪار ۽ گرمي سرديءَ کان بچاءَ لاءِ، وٿاڻ ناهڻ، ڪتو/ بندوق ڏارڻ، ڏراڙ، رکوالا، گوال رکڻ ۽ انهن جي ٿهل ٽڪور ڪرڻ.

مطلب: ١. جيتريون ڳئون، اوتريون تڪليفون.

٢ . جيترو مال، اوترو خفو/ ڪاپار.

٢١٨ . جتهيں آگ، اتهيں تہوں۔ (کہاوت)

دونهون، باهه جو پيش خيمو آ. اول دود ٿئي، پوءِ دونهون نڪري، پوءِ پڙڪي سان پيپڪا ڏئي شعلا مٿي اڏامن. ڪاني آلي اچي وڃي ته ٿمجي وڃي. وري دونهون. وري ڦوڪون ۽ دود. اهو فطري عمل، باهه جي سڃاڻپ آ.

مطلب: ١. جتي باهه، تتي دونهون.

٢١٩ . جتهيں ککڑ نیئں اوتھیں وی لوہوئی اینی۔ (کہاوت)

جتهیں: جنهن جاءِ، جتي. ککڑ: ڪڪڙ، ٻانگو، مرغو. نیئں: ناهي. اوتھیں: اتي، ان هنڌ. لوہوئی: روشني، پرهه، باک. اینی: ايندي آهي.

سج جو اڀرڻ، روشنيءَ جو زمين تي اچڻ: فطري ۽ تڪويني عوامل آهن، جن کي ڪير نه روڪي ٿو سگهي ۽ نه ئي منجهن ڪو عمل دخل ڏئي ٿو

سگهي. ڪڪڙ، پنيرڪي ويل بانگ ڏيندو آ. اگر ڪڪڙ بانگ نہ بہ ڏئي تہ پنيرڪو سندس بانگ جو محتاج ناهي، اهو ٿي ئي رهندو.
مطلب: ١. جتي ڪڪڙ ناهي، اتي بہ پرهہ ڦٽندي آ.
٢. ڪڪڙ بانگ نہ ڏيندو تہ صبح نہ ٿيندو ڇا؟
٣. تڪويني عوامل، رونما ٿيڻ ۾، دنياوي شين جا محتاج نہ هوندا آهن.
٤. **پيٺيو:** ککڑ بانگ ناں دے، طہ سویل نئی ہوسی۔ (کہاوت)

٢٢٠. جتھیں گڑ، اتھیں مکھیاں۔ (کہاوت)

هر جيوت، پنهنجي ماحول اندر، پلبي، وڌندي ۽ پروان چڙهندي آ. مک، گند گار تي جمي ۽ پلجي. لامارا، ڪاڌي جي شين تي ڏئي. مناڻ تي آر رکي. مکين جو يونيٽ/ جهڳٽو، مناڻ/ ڳڙ جي هاريل هئڻ جي نشاني آ.
مطلب: ١. جتي ڳڙ، اتي مکيون.
٢. گڑ وے طہ، مکھیاں وی اشنیاں۔ (کہاوت)
٣. ڳڙ هوندو تہ مکيون بہ ايندين.
٤. گڑ ہوسی، مکھیاں ایسن۔ (کہاوت)
٥. ڳڙ هوندو، مکيون ايندين.
٦. مکھی گڑے اپر زے اشنی۔ (کہاوت)
٧. مک، ڳڙ تي ئي ايندي.
٦ . مک، ڏيھ ڇڏي، اڇي ڦٽ تي ويهي.

٢٢١. جتھیں وے پیار، اتھیں نہ کریئے اودھار۔ (کہاوت)

اوڌر تي مال، مجبوريءَ تحت، ڏبو ونبو آ. وڪٽندڙ کي مال نيڪال ڪرڻو آ، جو رکڻ سان خراب ٿيڻ جو پؤ اٿس. وننڌڙ کي، ضرورت تہ سخت آ، پر کيسي ۾ پئسو ڪونهيس. وڪٽندڙ، وقت جو فائدو وني، ڪسو مال مهانگي ملھ کپائي ٿو. اوڌر تي وننڌڙ، بنا پئسي ضرورت پوري ڪري ٿو. اوڌر تڏهن موٽائيندو، جڏهن هٿ ڪليو ٿيندس. جڏهن تہ قرضيءَ کان دير برداشت نہ ٿي سگهندي آ. هڪ ٻن پنڌن ۾ بيزار ٿي، رستو ڇني ويندو.
مطلب: ١. جتي دوستي ۽ پيار هجي، اتي واپار يا اوڌر نہ ڪجي.

٢. سوڙهيءَ سياندريءَ واپار نہ ڪجي.

٢٢٢ . جتھے نے سپے کولا کن کھاواں نا۔ (کہاوت)
جتھے: ڏنل وائنل، ڄاتل سڃاتل، ڏنو وائنو. نے: ڪان. سپے: سپ، سانپ، نانگ. کولا: ڪئون. کن: ڪون، ڪير. کھاواں: ڪارائڻ. نا: ناهي.
موذي جيت، تڪليف-ده. سک ۽ ڏک، تڪليف ۽ فرحت جهڙن جذبن جي هر ڪنهن سڌ آ. ايذائيندڙ ڪان هر ڪو تاهہ ڪائي، پري ڀڄي. نانگ جو ڏنگيو، پاڻي نہ گهري. وس ويندي نانگ سامهون، ڪير نہ وڃي.
مطلب: ١. ڏنو وائنو، نانگ ڪان ڪير بہ نہ ڏنگائيندو آ.
٢. ڄاڻي ٻجهي ڪير بہ نانگن جي ٻِرڙن ۾ هٿ ڪو نہ وجهندو آ.

٢٢٣ . جداں توڑی دم، ادھوں توڑی غم۔ (کہاوت)
ڏک/ غم، عارضي هوندي، وقتي ڳاري ڇڏي. اڻ لکو ڪتڪو/ ادڪو، بيدار ۽ بيزار ڪري. اڄ جو سُڪونُ، سياڻي ڪافور. ڊڪي ڊوڙي، ٿورو سڪون ملي تہ وري ڪا نہ ڪا مصيبت اچي منهن ڪڍي. قبر تائين، ائين هلي.
مطلب: ١. جڏهن تائين دم، تڏهن تائين غم.
٢. جيسين توڻي دم، تيسين توڻي غم.
٣. جڏهن دم ويندو، تڏهن غم بہ ويندو.

٢٢٤ . جداں گدڑے نی موت اشنی، او گرائیں واخ ٹری پیناں۔ (کہاوت)
موت، اٽر آ. ڪيڏو بہ لڪجي، ڳولي اچي لهي. بهانا، تراشي ۽ تلاشي مٿان اچي بيهي. جتي لکيل هجي، اتي وني پهچي. بکيي گدڙ کي ڪاڌي جي لالچ ڏئي، شڪارين جي گهر پڄائي اچي.
مطلب: ١. گدڙ کي جڏهن ڪُتي ڪٽي، تڏهن ڳوٺ ڏانهن رخ رکي.
٢. ڇيلي-ماءُ، ڪيستائين خير ملهائيندي.

٢٢٥ . جس بوٹے نی چھاوا بینو، اسنی نیکی یاد رکھو۔ (کہاوت)

سک ڏيندڙ، حيوانات توڙي نباتات/ جمادات، قدر لهڻو. ناقدري، نعمتن کي دور ڪري. ڪچندڙ جي پيٽ ۾ نه ڪچندڙ ۽ نستي شيءِ، قدردانيءَ جي وڏيڪ مستحق آ. وڻ ٻوٽا، ساهه ڪڻن، وڏن ويجهن، چانءِ ۽ ڪاٺ ڏين. ڪانئن مليل سک جو قدر، ضرور ڪجي. نه ڪبو ته ڪسجي ويندو.
مطلب: ١. جنهن وڻ هينان آساس ونجي، تنهن جي نيڪي به ياد رکجي.
٢. جنهن مان ٿورو به سک ماڻجي، تنهن کي نه وسارجي.

٢٢٦ . جس پہانڈیچ کھانیں، اسیچ موترنیں۔ (کہاوت)
ٿانءُ، نڪر يا ذات مان جڙي ٿو. ان جوڙجڪ/ بيهڪ پويان، رب جو امر آ. ڪاڏو وجهي ڪائڻ جهڙا، منجهانئس ڪوڙ فائدا آهن. ان بي زبان/ نه ڪچندڙ مخلوق جو قدر اهو آ جو منجهس گندگي نه ڪجي.
مطلب: ١. جنهن ٿانءَ ۾ کائجي، ان ۾ نه مُتجي.

٢٢٧ . جس پیٹ لایا، لئے روزی وی دیسی۔ (کہاوت)
انسان کي پيدا ڪري، زمين تي وارثي ڏيڻ وارو، رب آ. روزي رزق زمين تي ڦهلائي، حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير، وات ۽ پيٽ ڏنا اٿائينس. اهڙي حڪمت سان، جهان جوڙيو اٿائين، جو منجهس ڪنهن شيءِ جي ڪوٽي ناهي.
مطلب: ١. جنهن پيٽ ڏنو آ، سو روزي به ڏيندو.
٢ . ڏٿ نه ڪٿو، ڏوٿي ڪٿا.

٢٢٨ . جس داخا ہتھ نہ پجے تھو کڑکی۔ (کہاوت)
جس: جنهن. داخا: ڊاک، انگور. ہتھ: هٿ. نہ پجے: نه پڄي. تھو: ٿؤ. کڑکی: ڪؤڙي.
انسان، جتي پڄي نه سگهي، اتي عيب ڪڍي ۽ ڪسڪڻ جي ڪري. گدڙ به ڊاک جي گوڇن تي، نينگ ٽپن سان پڄي نه سگهيو ته پنهنجو مرم پرچائڻ لاءِ، مٿس ڪٿي هڃڻ جو الزام ڌري، پنهنجي راهه ويندو رهيو.
مطلب: ١. جنهن ڊاک تي هٿ نه پڄي، تنهن لاءِ چوڻ: ٿؤ ڪؤڙي.
٢. گدڙ ڊاک نه پڄي، آکي: ٿؤ ڪؤڙي. ناچو نچ ڄاڻي، آکي: پونءِ سوڙهي.
٣. داخے توڑی ہتھ ناں پوہچے تھو کوڑی۔ (کہاوت)

۴. ڊاک تائين هٿ نہ پهچي تہ چي: ٿؤ کؤڙي.

۲۲۹ . جس دکھی نہ رجیئے، اس کھائی کہ رجیئے۔ (کہاوت)
دنياوي شيون، ڏسڻ ۾ سهڻيون، ويجهي وڃڻ/ هٿ لائڻ سان، دل پيري چڙهين. لذيذ ڪاڌو ڏسڻ شرط، بک جو احساس گهٽجندو آ. بي سوادي ڪاڌو، ڏٺي تہ بک نہ لهي پر ڪاڌي بہ نہ لهي.
مطلب: ۱. جنهن جي ڏٺي ڍءُ نہ ٿئي، تنهن جي ڪاڌي ڪهڙو ڍءُ ٿيندو.
۲. First impression is last impression.
۳. جنهن اپرندي تاءُ نہ ڪيو، سو لهندي ڪهڙو ڪندو.
۴. جس نیاں اکھیں نہ رجن، اسناں پیٹ نا رجناں۔ (کہاوت)
۵. جنهن جي اک نہ ڍاپي، تنهن جو پيٽ پڻ نہ ڍاپي.

۲۳۰ . جس کوتے نہ ٹھوئی، او مکوالیں ہوئی۔ (کہاوت)
جس؛ جنهن. کوتے؛ ڪتي بہ. نہ ٹھوئی؛ نام نڪاٽو نہ هجي. او؛ سو، اهو. مکوالیں؛ مکوالن وٽ. هڪ ذات. ہوئی؛ هوندس.
هر ماٺهوءَ کي نام نڪاٽو هوندو آ. دنيا جهان جي ڏڏيل تي، مکوال رحم ڪائي مٿي تي هٿ رکن. جيڪو ڪٿان جو نہ هجي، سو سندن جو ٿي وڃي.
مطلب: ۱. جنهن کي نڪاٽو نہ ملي، تنهن کي مکوالن ۾ ملي.
۲. جيڪو ڪٿي نہ هجي، سو مکوالن ۾ هوندو.

۲۳۱ . جس کی اپنا آخیا، اس نال کئہ حساو کتاو۔ (کہاوت)
پنهنجائپ ۾ ليکا ڪبا تہ پنهنجائپ نہ رهندي. ليکو ڪرڻ سان دل تي ٿورو بار ٿي پوندو آ، جنهن تحت پنهنجائپ جو احساس ختم ٿي ويندو آ. سؤ پيرا اڳلي کي محبت جو يقين ڏيارجي، پر نہ ايندس.
مطلب: ۱. جنهن کي پنهنجو چيوسين، تنهن سان ڪهڙو حساب ڪتاب.
۲. پنهنجائپ ۾ حساب ڪتاب نہ ڪبو آ.
۳. يارن سان، ڪهڙا ليکا.

۲۳۲ . جس کی اپنی عزتینی ٹی، اے کی دوجے نی کٹہ پرواہ۔ (کہاوت)
عزت النفس، هر هڪ کي آ. ڄمڻ وقت، حياءُ شرم، رحمدليءَ وارا جذبا هر هڪ منجهه وديعت ٿيل هوندا آهن. زماني جي گردش ۾ قاسي، هتي هتي وڃائجي وڃن ٿا، سا بي ڳالهه آ. پئسي کي پيارو ڪري، عزت نہ وڃائجي. ٻين کي عزت ڏئي، پنهنجي عزت قائم رکجي.
مطلب: ١. جنهن کي پنهنجي عزت ناهه، تنهن کي ٻئي لاءِ عزت ناهه.

۲۳۳ . جس کی کنڈا چبھناں، درد اسے کی ہونا۔ (کہاوت)
ڪنڊو/ سئي، جسم ۾ لڳي تہ سور ٿئي. سور جو چيڪو، مسلسل جسم اندر رهي ۽ محسوس ٿئي. جنهن کي ڪنڊو لڳو ناهي، ان کي سور جو احساس نہ ٿئي.
مطلب: ١. جنهن کي ڪنڊو چيندو، سور بہ تنهن کي ٿيندو.
٢. تڪليف جنهن کي ايندي، احساس بہ ان کي ئي ٿيندو.

۲۳۴ . جس کیں ناں ڈٹھا، اس پھپھڑ مٹھا۔ (کہاوت)
ڦڦڙ، جسم اندر عضوو آ. ان جو گوشت، عام گوشت جهڙو ناهي. رجهڻ وقت، شڪل ۾ جيري جهڙو پر کائڻ ۾ اهو ذائقو نہ. اوجهري ۽ ڦڦڙ کي گوشت ۾ ڳڻيو نہ ويندو آ. بلڪ چئبو آ: 'اوجهري/ ڦڦڙ نہ گوشت.'
مطلب: ١. جنهن ڪجهہ ناهي ڏٺو، تنهن لاءِ ڦڦڙ بہ مِنو.

۲۳۵ . جس گرائیں نا گشنا، اس ناں راہ کٹہ پچھنا۔ (کہاوت)
ڪنهن بہ ڳوٺ/ منزل تي پڄڻ لاءِ، پنڌ ڪبو يا سواري پاڙي ڪبي. پنڌ جا خفا ۽ سوارين جا خرچ، بنا نفعي جي ڪير بہ نہ ڪري. ڪاڏي وڃڻو ئي ناهي تہ واٽ پڇي وقت نہ وڃائجي، جو وقت بہ قيمتي آ.
مطلب: ١. جنهن ڳوٺ ڏي نہ وڃجي، تنهن جي واٽ چو پڇجي؟
٢. جنهن سان رستو رکڻو ئي نہ هجي، تنهن جا احوال چو ونجن؟

۲۳٦ . جس نا کھائیے، اس نیں گن گائیے۔ (کہاوت)

ڪاڌ خوراڪ جي هر شيءِ، ڳڌيءَ جي آءِ پئسي خرچڻ سان حاصل ٿئي ٿي. اگر مهمان ٿبو ته ميزبان کي خرچ/ خفو ڪرڻو پوندو. اهڙو احسان ڪٽجي ته لاهڻ کان نه ڪيٻائجي. لاهي نه سگهجي ته ڳائجي ضرور. ڳائڻ، ڪائڻ جو بدلو ناهي، پر اڳلي جي دل ونجي ٿي، جيڪو پڻ چڱو عمل آ.

مطلب: ١. جنهن جو ڪائجي، تنهن جو ڳڻ ڳائجي.

٢. جس ناں کهائو، اس نے گهن گاؤ- (کہاوت)

٣. جنهن جو ڪائو، تنهن جا ڳڻ ڳايو.

۴. جس ناں نمک کهائیے، اس نیں گهن گائیے- (کہاوت)

۵. جنهن جو ليمڪ ڪائجي، تنهن جو ڳڻ ڳائجي.

٢٣٧ . جس نال پهلائی کرو، لئے اکهیں کڈهناں- (کہاوت)

چڱائي ڪرڻ واري جي اندر مان پوءُ نڪري ويندو آ. جلدي هجائتو ٿي پوندو آ. بي شرمو ٿي، پيو هٿ پٽيندو ۽ تنگ ڪندو. تنهنڪري، جنهن سان ڀلائي ڪرڻي هجي، تنهن جو اڳ پُٺ ضرور جاچجي.

مطلب: ١. جنهن سان ڀلائي ڪر، سو ئي اکيون ڪڍي.

٢٣٨ . جس ناں کوئی نا ہونا، اس ناں خدا ہوناں- (کہاوت)

خدا تعاليٰ، سارو جهان، پنهنجي قدرت سان خلقيو آ. مالڪ به پاڻ آ ته هلائڻ وارو به پاڻ آ. پيدا ڪرڻ کان پوءِ، ڪنهن کي به وساري نه وينو آ. هر هڪ تي نظر اٿس. انسان آيو به اڪيلو آ، ويندو به اڪيلو. ٻيا ڀلي وساري ڇڏينس، پر رب نه ٿو وساريس. بلڪ رب کان، ڪڏهن وسريو ئي ناهي.

مطلب: ١. جنهن جو ڪو ئي ناهي، تنهن جو رب آهي.

٢٣٩ . جس نیں دلے کی لگی وے، اوئی جاناں- (کہاوت)

دل، جسم جي اندر آ. منجهس جيڪا ڳالهه آ، سا اندر جي ڳالهه آ. چپن تي آئي ته ٻاهر جي ٿي پئي. جڏهن اندر جي آ ته ڏٽي جاٽيس ٿو. ٻاهر جي ٿي، ٻين جي ٿي پئي. اندر جي ڳالهه سان، جو اندر ۾ سڙي ٿو ۽ ٻاهر ٻڙڪ نه ٿو ڪيجي، تنهن جي تنهن کي خبر. ٻين کي ڪا خبر نه پوندي.

مطلب: ١. جنهن کي دل جي لڳل آ، سو ئي ڄاڻي.
٢. جس نیں سر گزرنی، اوہئے جانناں۔ (کہاوت)
٣. جنهن سر تي گذري آ، سو ئي ڄاڻي.
۴. جس کی لگنی، اوہئے جاننا۔ (کہاوت)
۵. جنهن کي لڳي، سو ئي ڄاڻي.

٢۴٠ . جمنی ناں بالا، دسی رہنا۔ (کہاوت)

ڪن ماڻهن کي ڄمڻ وقت، ڪنهن عضوي تي لسڻ هوندو آ، جو ساري عمر رهندو آ، متجندو ناهي. ماءُ جي پيٽ مان اچڻ وقت، جيڪي عضوا ساڻ هيا، سي ئي ساري عمر ساڻ رهڻا آهن. ڪٽجي گهٽجي سگهن ٿا، چاهيندي به، وڌي نه ٿا سگهن. لسڻ جو معاملو، عضوي جي پيٽ ۾ ٻيو آ. ماءُ پيٽان آندل لسڻ گهٽبا ته نه پر نقلي جيڪوز سان وڌي سگهن ٿا.

مطلب: ١. ڄمڻ سان ئي ڀاڳ/نياڳ، نظر اچي ويندو آ.
٢. جمنیاں ناں بالا ندری اینا۔ (کہاوت)
٣. ايندڙ حالتن جا پروون، پئجي ويندا آهن.
۴. جمنیاں نیں بالے نظر اچھی کشنے۔ (کہاوت)
۵. ڄمندي ڀاڳ نياڳ، نظر اچي ويندو آ.
٧. نياڳو ٻار، پينگهي ۾ پڌرو.

٢۴١ . جمنیاں نیں دند کسے نئے پٹی ڈٹھے۔ (کہاوت)

جانور جي عمر واچڻ واسطي، ڏند ڏسبا آهن. ٻڙند: ٻه-ڏند مان مراد سال جو. اجا وڌيڪ ڏند، وڌي عمر جي نشاندهي ڪندا آهن. گهر جي ڄاول/ پليل جا ڏند، ڪير پٽي نه ڏسندو آ، جو ان جي ڄمر ڪان گهر ياتي واقف هوندو آ.

مطلب: ١. جنهن جي ڄمر جو واقف، تنهن جا ڏند پٽي ڪهڙا ڏسجن.
٢. کہرے نے بچھے کنی دند پٹی دکھے۔ (کہاوت)
٣. گهر جي پاڏي جا ڏند پٽي ڏسبا چا؟
۴. کہرے نیں بچھے نیں دند کوئی نا پٹی دھیکھیناں اس نے سال گنتے ہونڑیں۔ (کہاوت)
۵. گهرو ڏاند جا ڏند پٽي ڪير نه ڏسي، جو ان جي عمر ڳڻي پئي هوندي آ.

٢٤٢ . جنجاں، بار بار نیڑاں چڑھنیاں۔ (کہاوت)
ڄڄ، ڪنوار ونڻ لاءِ، هڪ دفعو ئي ايندي آ. جنهن گهر ۾ ڪنوار جي ڏولي ايندي آ، تنهن مان هڪ دفعو ئي سندس ڪٺولي نڪرندي آ. بار بار شادي، بدناميءَ جو سبب ٿيندي آ. عورت، ان معاملي ۾، ڏاڍي حساس ٿيندي آ.
مطلب: ١. ڄڃون، وري وري نه چڙهنديون آهن.

٢٤٣ . جنگت کرے بیاہ گھتی چھنڈی،
کڑی کرے بیاہ جتی چھنڈی۔ (کہاوت)
جنگت؛ ڇوڪرو، پٽ. بیاہ؛ پرڻو. گھتی؛ ٿيلهي، همياڻي، ڏوڪڙن جي خرزين. چھنڈی؛ ڇنڊي، خالي ڪري. کڑی؛ ڇوڪري، نينگري، نياڻي. جتی؛ جتي، سينڊل. چھنڈی؛ ڇنڊي، جهاڙي، صاف ڪري.
مرد، شادي ڏام ڏوم سان ڪندو آ. مٿ مائٽ به پرڻائڻ ۾، خرچ جو وس ڪندا آهن. پڇنديءَ آهر سون مين، ڳهه ڳنو، لٽو ڪپڙو پڙي ۾ ڏيندا آهن. ڄڃَ ۽ مَڃَ ڪي به، گهر جي سُڃَ ڪري، ڃُڃَ ڪرائيندا آهن.
ان جي ڀيٽ ۾ نياڻيءَ جي شادي ٿئي ته ويچاري رڳو سينڊل جو ڪڙڪو ڪري نڪتي وڃي.
مطلب: ١. ڇوڪرو شادي ڪري ته مائٽن جي ملڪيت پوري، نياڻي شادي ڪري ته رڳو جتي ڇنڊي هلي وڃي.

٢٤٤ . جنگلے چ مور نچیا کس ڈھٹھا۔ (کہاوت)
عجيب ڪم يا ڪرتب تي شابس نه ملي، تنهن لاءِ جان جوکم ۾ نه وجهجي.
مور جو ناچ، دلفريب، روح پرور ۽ ڏسڻ وٽان هوندو آ. مور رهي به جهنگ ۾ ۽ نچي به اتي. شرميلي طبيعت سبب، ماڻهن آڏو نه نچي، جنهن ڪري شابس نه ٿي مليس. جو نمائش سان ئي شابس ملي ٿي.
مطلب: ١. جنگل ۾ مور نچيو، ڪنهن ڏٺو؟!
٢. نمائش يا شو کان سواءِ، شاباس نه ٿي ملي.

٢٤٥ . جنہاں آسرا رب ناں، انہاں رزق ہمیش۔ (کہاوت)

رب تعاليٰ جَهان جوڙيو آ. منجهس روزي رزق جو بہ منجهس بندوبست کيو اٿائين. جن کي سندس آسرو آهي، تن کي رزق جي پريشاني نہ ٿي رهي. هر وقت الله ۾ آسرو رکجي.

مطلب: ١. جنهن کي آسرو رب جو، تنهن وٽ رزق هميشہ.

٢ . جنهن جو رب، تنهن جو سڀ.

٢٤٦ . جنهاں کی پنے نی عازت پئی گچھے، او کمائی نئے کھانیں۔ (کہاوت)

پنے نی: پنڻ. عازت: عادت. گچھے: موٽي

مڙس کي زال جي بد پيشہ هئڻ جي سڌس پئي. کيس جهليائين. زال شرط وڌس: "اٿ ڏينهن پني کاراءِ تہ مُڙان." مڙس واعدي مطابق، اٺ ڏينهن پني کارايس. انين ڏينهن چيائينس: "هاڻي مُڙُ!" زال چيس: "تون پنڻ پچر ڇڏ تہ مان بہ مُڙان." مڙس چيس: "تون مُڙ نہ مُڙ، مان پچر نہ ڇڏيان."

مطلب: ١. جن کي پنڻ جي هير پئجي وئي، سي کمائي نہ کائيندا.

٢٤٧ . جہا/ جیا موں، لئے جئی چپیڑ۔ (کہاوت)

هر ماڻهوءَ سان واسطو ۽ ورتاءُ، سندس رخ رواج مطابق ڪرڻو پوندو آ. جيڪو جهڙي عزت لائق هجي، کيس اها ڏجي. بوٽ ڏسي، لپاٽ هڻجيس.

مطلب: ١. جهڙو بوٽ، تهڙي چپاٽ.

٢٤٨ . جہڈی اڈرنی لئے پھسنی۔ (کہاوت)

پکين جو جڏهن شڪار ٿيندو آ، تڏهن لڪيل/ تميل پکي تہ شڪار ٿيڻ کان بچي ويندا آهن. جيڪي ڦڙڪيون هڻندا آهن ۽ پيا اڏامندا آهن، سي شڪارين جي ڪوڙڪين ۽ اڏيل آهين ۾ اٽڪي ڦاسي پوندا آهن.

مطلب: ١. جيڪا اڏامندي، سا ئي ڦاسندي.

٢. اجائي اڏام بہ چڱي ناهي.

٢٤٩ . جہڈی رات قووریچ لئی ہوئی وی، اوہ باءر ئی اشنی۔ (کہاوت)

موت ۽ حياتيءَ لاءِ، وقت مقرر آ. نہ گھڙي اڳ، نہ پوءِ. انسان آيو بہ مقرر وقت تي آ، ويندو بہ مقرر وقت تي. جا رات قبر ۾ گذارڻي اٿس، سا ٻاهر گذاري نہ ٿو سگھي. موت ۽ حياتيءَ جي معاملي ۾ بلڪل بي وس آ.
مطلب: ١. جيڪا رات قبر ۾ لکيل آ، سا ٻاهر نہ پوندي.

٢٥٠. جهڑا اپنا ناں، او کسے ناں وی نا۔ (کہاوت)
سِرُ، سڀ ڪنهن کي پيارو آ. جنهن پنهنجي سر جو سانگو لاٿو، تنهن کي ٻئي جي سر جي پرواهہ نہ رهندي. انت چڱائيءَ جي، منجهانئس اميد نہ رکڻ گهرجي، ڇو جو اهو، پنهنجي پياري جان جي بہ پرواهہ نہ ٿو ڪري.
مطلب: ١. جو پنهنجي سر جو ناهي، سو ڪنهن جي سر جو ناهي.

٢٥١. جهڑا چڑھسی، لئے ٹہسی۔ (کہاوت)
وهٽن تي سفر ٿيندا هيا تہ هر ڪو مٽن سواري ڪندو هيو. ڪي پاڻ سئيس تہ ڪي ڪوچبان ڪٽندا هيا. وهٽن جي ڪڏڪارن ۾ مٽن وينل ئي ڏکو کائيندا هيا. جيڪي وهٽن تي نہ چڙهندا هيا، سي ڏکو نہ کائيندا هيا.
مطلب: ١. جيڪو چڙهندو، سو ئي ڪرندو.

٢٥٢. جهڑا دکھنا جال دکھے، ماچھی دکھے مری گچھے۔ (کہاوت)
جهڑا؛ جهڙو. دکھنا؛ ڏسڻي، نظارو، منظر. جال؛ ڄار، رڇ. دکھے؛ ڏسي. ماچھی؛ ماڇي، مڇيرو، ميو. مری؛ موت اچيس. گچھے؛ وڃي.
درياهہ اندر، مڇين کي ڦاسائڻ لاءِ ڄار، رڇ يا پن پوندو آ، جنهن ۾ ننڍيون وڏيون مڇيون ڦاسنديون آهن. ڄار ڇڪڻ وقت، ننڍيون مڇيون ڦٽڪنديون، ڄار جي سوراخن مان نڪري وينديون آهن. وڏيون مڇيون رهجي وينديون آهن. ننڍين جي ڀيٽ ۾ وڏين جو تعداد گهٽ هوندو آ. سو انگ، اگر ميربحر اکين سان ڏسي تہ ڦاٽي مري.
مطلب: ١. جيڪو ڏيک ڄار ڏسي، سو ماڇي ڏسي تہ مري.
٢. جو ڏسي ڄار، جي ڏسي ميو تہ ڦاٽي مري.

۲۵۳ . جهڑا دوئے تائیں ٹوآ کھنناں، او خد اس وچ ٹھناں۔ (کہاوت)

ٹوآ؛ ٽوپو، کڏ. کھنناں؛ گهڙڻ، کوٽڻ. خد؛ خود، پاڻ. ٹھناں؛ ڍهٽاِ، ڍهندو، ڪرندو.

دنيا جو ڪار وهنوار، هڪ ٻئي جي ربط تي، آزمائش خاطر رکيل آ. ٻين جو خيال رکڻ ۾، دنيا ۽ آخرت جي چڱائي آ. ٻين جا پير ڪيڻ ۾ ٻنهي جهانن جو نقصان آ. ٻين سان برائي ڪبي، پاڻ سان ٿيندي.

مطلب: ١. جو ٻئي لاءِ کڏ کٽندو، سو اوس پاڻ ئي ڪرندو.

۲. جیڑا دووے نی کھنناہ اس نی اپنی کھنن گینی۔ (کہاوت)

۳. جيڪو ٻئي لاءِ کوٽي ٿو، سو پاڻ لاءِ کوٽي ٿو.

۴. جهڑا دوئے ناں برا چاہنداں، اس نے اگیں اشناں۔ (کہاوت)

۵. جيڪو ٻئي لاءِ ٻيائي سوچيندو، تنهن کي اڳيان ايندو.

٦. جهڑا کرسی، لئے پھرسی۔ (کہاوت)

۷. جيڪو ڪندو، سو ئي پريندو.

۲۵۴ . جهڑا زنده وے، کدے ناں کدے ملناں۔ (کہاوت)

حياتي آ ته ميل ملاقات، ڪڏهن نه ڪڏهن، ٿيو وڃي. ان ڪري معاملات ۾ اهڙو ورتاءُ هلجي جو وري ڪڏهن مڪا ميلو ٿئي ته منهن لڪائڻو نه پوي. چڱو ورتاءُ ڪبو ته اڳلو مرڪي ڳراٽڙي پائي ملندو. پيل ڪم، ڊڪي ڪندو. بڇڙو ورتاءُ هلبو ته سواءِ شرمساريءَ جي ڪجهه به پلئه نه پوندو.

مطلب: ١. جيئرا، ڪڏهن نه ڪڏهن ملن.

۲. جيئندا، ملندا.

۲۵۵ . جهڑا سیانے آپ نوں، سیانو اس نیں باپ نوں۔ (کہاوت)

سیانے؛ سڃاڻي، پهچان رکي، قدر ڪري.

دور انديشيءَ سبب، سيڪو ٻين سان ورتاءُ چڱو رکي ٿو. پنهنجي واٽ سنوارڻ لاءِ، ٻين جو قدر ڪري ٿو ۽ سندن راهن ۾ رنڊڪون نه ٿو وجهي.

مطلب: ١. جيڪو سڃاڻي تو کي، تون سڃاڻ ان جي پيءُ کي.

۲. جيڪو تو کي عزت ڏئي، تون تنهن جي ابي کي مانُ ڏي.

۳. تون گهر منهنجي جائي کي، مان گهران تنهنجي ڪٺ جي پائي کي.

۲۵٦ . جھڑا گڑ کھادیاں مرے، اس کی زہر دے نی کئہ لوڑ ای۔ (کہاوت)
هٿ پائي جهيڙو ڪرڻ ۾، جان جو نقصان آ. دشمن سان ٻه چالاڪيءَ سان وڙهجي. جيئن هڪ واٽيي، مسلمان کي نانگ مارڻ لاءِ لٺ ڏئي چيو هيو: ”نانگ مئو تہ بہ دشمن مئو، مشلو مئو تہ بہ دشمن مئو.“
مطلب: ۱. ڳڙ کاڌي مري، تنهن کي زهر ڏيڻ جو ڪهڙو ضرور.
۲. جھڑا گڑے نال مرناں وے، اسکی زہر دے نی کئہ لوڑ ای۔ (کہاوت)
۳. جيڪو ڳڙ سان مري، تنهن کي زهر ڇو ڏجي.
۴. جھڑا گڑے نال مرے، اسکی زہر ناں دیئو۔ (کہاوت)
۵. جيڪو ڳڙ سان مري، تنهن کي زهر نہ ڏجي.

۲۵۷ . جھڑا مری غا، اس تائیں قیامت شروع۔ (کہاوت)
دنيا آ، ساهہ سان. ساهہ ويو، دنيا مري وئي. موت آئي، قبر ۾ پيو، اتان قيامت شروع. مينهن ڪان اڳ، ڪڪرن جا آثار، لڪڙ جهڪڙ، مٽيءَ جو طوفان، ڦڙ ڦڙ، پوءِ برسات. تيئن قبر جو جهان، برزخ جو جهان، منڪر نڪير وغيرهہ آهن. سمورا، قيامت جي ڪڙي ٿيڻ جا آثار آهن.
مطلب: ۱. جنهن تي موت آيو، تنهن تي قيامت شروع.
۲. سِر وئي ڪان پوءِ، ٻي جهاني.
۳. مرڻ سان، قيامت شروع آ.

۲۵۸ . جھڑا موئیں ر مکری گچھے، اس ناں کئہ لاج۔ (کہاوت)
جنهن کي منهن جي پڪائي گهٽي هوندي آ سو منهن تي ئي ڪوڙ اهڙو هڻندو جو ٻڌندڙ وينو لڄي ۽ شرمسار ٿيندو. اهڙي نرلجي ۽ بي شرم سان منهن-پائي ڪائي نہ سگهبو. هٿ-پائي ڪائڻ ڪان علاوه ڪو رستو ناهي.
مطلب: ۱. جيڪو منهن تي ڦري وڃي، تنهن جو ڪهڙو علاج؟
۲. اهو زورآور آ: جو منهن تي ڦري وڃي/ درياهہ پار ڪان بيهي گاريون ڏئي.

۲۵۹ . جھڑے ایتھیں بدو، اوہ مکے وی بدو۔ (کہاوت)

مڪي پاڪ ڏانهن وڃڻ سان: نہ فطرت ۾ ڦير، نہ طبيعت ۾ تغير ايندو آ. جهڙي مزاج سان وڃبو، تهڙو ئي هجبو. پاڻُ پلڻ وارو، پاڻَ لاءِ گناهن ڌوپڻ جو فائدو ڪندو. جيڪو پاڻ تي ضابطو نہ آڻيندو، سو پنهنجو نقصان ڪندو.

مطلب: ١. جيڪي هتي بدو آهن، سي مڪي بہ بدو هوندا.

٢. جہڑے ایتھیں کوڑے، اوہ مکے وی کوڑے۔

٣. جيڪي هتي ڪوڙا آهن، سي مَڪي بہ ڪوڙا رهندا.

۴. مَڪي وڃڻ سان حضرت عيسيٰ جو گڏھ حاجي ڪو نہ ٿيندو.

**۵.** جہڑے ایتھیں چنگے، اؤ اس جہان وی چنگے۔ (کہاوت)

٦. جيڪي هتي چڱا آهن، سي هن جهان ۾ بہ چڱا هوندا.

٧. ماڳ مٽڻ سان: نہ جنس مٽجي ٿي، نہ عادت.

٢٦٠ . جہڑے تنبی سیوانے، اؤ موترے نی وی جاء رکھنیں۔ (کہاوت)

ڪو بہ ڪم ڪرڻ کان اڳ، منجھُہ لھڻ ضروري آ. بنا سوچ جي ڪيل رٿا، ڪري پوندي آ. محنت، پئسو ۽ وقت زيان ٿي ويندا آهن. ڪانئچ سبرائجي تہ منجهس، اڳٺ وجهڻ ۽ پيشاب جي جاءِ جي سهوليت بہ رکبي آ.

مطلب: ١. جي سٿڻون سبرائيندا آهن، سي مُتڻ جون جايون بہ رکندا آهن.

**٢.** جہڑے ستھن سیوانے، اؤ نیفے نی وی جاء رکھنیں۔

٣. جي سٿڻ سبرائيندا آهن، سي ابداٽو بہ رکرائيندا آهن.

**۴.** ستھن سیوانیا، طہ نیفا وی رکھنیا۔ (کہاوت)

۵. شلوار سبرائجي تہ ابداٽو بہ رکرائجيس.

٢٦١ . جہڑے جوڑی غے، اؤ چھوڑی غے،
جہڑے کھائی غے، اؤ لائی غے۔ (کہاوت)

دنيا جو مال، جان جي هٿڻ تائين. جان تي استعمال نہ ٿيو، پرايو/خراب ٿيو. جان تي چوڙيل، نيبھ ٿيو ۽ مزو ماٽيو. رکي ڇڏڻ ۾: نہ مزو، نہ سکون. مال رکيو، رَکَ ٿيو، چوڙيو، سُکُ ٿيو.

مطلب: ١. جو رکيائين، سو ڇڏيائين، جو کاڌائين، سو چوڙيائين.

٢. رکڻ، آهي رک.

۳. رکيو نالو، پٽ جو ٻه چڱو ناهي.

۲٦۲ . جهڙے زيدے گرجنيں، اؤ برنے نئے۔ (کهاوت)

جاڻ وارو، چپ چپات ۾ پيو ڪم ڪندو آ. اڻڄاڻ پاڻ ته نه ڪري سگهي، هٿئون ٻين کي سيڙائي. جيڪي ڪکر گهٽو گجندا آهن، سي وسندا ناهن. پريل تريل، گجگوڙ بناء گهمسان جو مينهن وسائي هليا ويندا آهن.

مطلب: ۱. جيڪي گهٽو گجن، سي نه وسن.

۲. جيڪي ٻر ٻڙ ڪندا آهن، سي ڪم ڪري نه سگهندا آهن.

۳. جنهن وٽ دليل نه هوندو آ، سو ئي ٻڙ ٻڙ ڪندو آ.

۲٦۳ . جهڙى کرے کيئو؛ ناں کرے ما، ناں کرے پيئو۔ (کهاوت)

جيترو پنهنجي سرير مان ڪيل ڪم ۾ لطف، مزو ۽ هڙ حاصل آ، تيتري ٻئي جي مدد منجهان ناهي. جسم؛ چست، چوبند ۽ چپاڪ هوندو ته ڪم جو اڪلاءُ ستت پيو ٿيندو. جسم جي چستي کاڌ خوراڪ/ گيهه مکڻ سان آ. ننڍي هوندي جنهن گيهه جا ڍڪ پريا هوندا، وڏي هوندي ان جي سرير ۾ ٻل هوندو. ڪم جو هيراڪ هئڻ سبب، جسم ايترو ڪارائتو هوندس، جيترو پيءُ ماءُ ٻه مددگار نه هجن.

مطلب: ۱. جيڪي ڪري گيهه؛ نه ڪري ماءُ، نه ڪري پيءُ.

۲٦۴ . جهڙهى چهانتى، اوہے جانتى۔ (کهاوت)

ڪارائتا ۽ بيڪار، دنيا اندر گڏ گڏ آهن. عاقل جو ڪم آ، ڪارائتي کان بيڪار شيءِ چنڊي جدا ڪري. ڪارج لائق شيءِ جي چونڊ اهي ڪري سگهندا، جن مٿس ڇاڻ يا جدا ڪرڻ واري محنت ڪئي آ.

مطلب: ۱. جيڪا ڇاڻي، سا ڄاڻي.

۲. جيڑى چهانتى، اِئے جانڑيں۔ (کهاوت)

۳. جيڪا ڇج ڪٽي ان ڇنڊي ٿي، ٻهر ۽ محنت جي ان کي خبر آ.

۴. ڪم جي سختيءَ جي ڄاڻ، ڪرڻ واري کي هوندي آ.

٢٦٥ . جهناں نیں پلے دانے، انہاں نیں کملے وی سیانے۔ (کہاوت)
جيڪي محنت ڪري انُ اپائين ٿا، سي سانديي به رکن ٿا ته جيئڻ سڄو سال ٻين جي محتاجيءَ کان بچن. جيڪي پاڻ کي ٻين جي محتاجيءَ کان پاڻ کي آجو رکن ٿا، سي ئي سياڻا آهن.
مطلب: ١. جنين جي پليءَ ۾ داڻا، انهن جا چريا به سياڻا.
٢. جس نے کلھوٹی دانے، اس نے کملے وی سیانے۔ (کہاوت)
٣. جن جي گنديءَ ۾ داڻا، تن جا چريا به سياڻا.

٢٦٦ . جھیا تواڑا لون پانی، اوے جھیا ماڑا کم جانی۔ (کہاوت)
نيڪي ۽ بدي، ڪندڙ تائين موٽي اچن ٿيون. ٻين سان چڱائي/ برائي، پاڻ سان چڱائي/ برائي آ. دنيا جو ڪاروبار به وهنوار سان هلي ٿو. جيترا مهمان ايندا، اوترو پنهنجو رزق کنيو ايندا، اوترو ميزبان به فائدو وٺندو.
مطلب: ١. جيترو تنهنجو لوڻ پاڻي، اوترا تنهنجا ڪم ٿين.

٢٦٧ . جوان ہوئی ککڑ، بلئیں اپر پھرنا۔ (کہاوت)
بلئيں: ڪوني، گهر. اپر: مٿان. پھرنا: ڦري.
جوانيءَ ۾ مادي ڪڪڙ به پٽين تي چڙهي پئي ڦڙڪيون ڏيندي آ. انسان، پڻ ائين آ. جوانيءَ چڙهيي، نر توڙي مادي، هٿن مان نڪتا وڃن، جيسين جوڳو بندوبست نه ٿئين.
مطلب: ١. جوان ٿئي ڪڪڙ، ڪوني تي ڦرڪا ڏئي.
٢. جواني اچڻ تي ڪڪڙ به نرا ڏئي هلي.

٢٦٨ . جوانی وچ کھوتی وی سونی لگنی۔ (کہاوت)
جسماني سونهن، وصف ۽ ساخت کي آ. خد خال، جوانيءَ ۾ خوبصورت لڳن. ڪاري رنگ واري به پئي وٽندي. جواني اجاڙ تي ته اڇي رنگ تي به اوڪارا پيا ايندا. هڏن جو ڍانچو پيو لڳندو.
مطلب: ١. جوانيءَ ۾ گڏه به سهڻي لڳي.
٢. جوانيءَ ۾ گونه به ڦولاربو آ.

۲٦٩ . جوڑے اسماناں ر بننیں۔ (کہاوت)
شاديون سر انجام زمين تي ٿين، جڏهن تہ جوڙا، آسمان تي جڙن. زمين تي جوڙا ملائڻ، رب جو ڪم آ. سيڪجهہ سندس حڪم تحت ٿئي ٿو.
مطلب: ١. جوڙا آسمانن تي جڙندا آهن.
٢. شادي زمين تي ٿيندي آ، طئہ آسمانن تي ٿيندي آ.
٣. شاديءَ جهڙا ٻنڌڻ، زمين تي بہ رب جي حڪم تحت سر انجام اچن ٿا.

۲۷۰ . جولائیاں نیں ٹھٹھے، ماواں پہناں نال۔ (کہاوت)
ڪوري بمشابہ ڪمزور جي آ، جيڪو ٻين سان نہ سينو ساهي سگهي، نہ لٺ ڪٽي وڙهي سگهي. ڪمزور مِٿ تي، ڪوري بہ آڪريو آڪريو ايندو آ. ڪاوڙ، ڏاڍي تي چڙهندس ڪا نہ، هيٺي تان لهندس ڪا نہ.
مطلب: ١. ڪوريءَ جي ڪاه، ماءُ ڀيڻ تي.
٢. ڪدڙي جي ڪاه، ماءُ ڀيڻ تي.
٣. ڪمزور ماڻهو ٿي، ماءُ ڌيءُ جي بي حرمتي ڪندو آ.

۲۷۱ . جے روح اووہے جے فرشتے۔ (کہاوت)
قبر جي اندر، پڇا ڳاڇا لاءِ، مقرر ڪيل مقرب ملائڪ ايندا آهن. انهن جو ورتاءُ، مردي جي عملن تحت هوندو آ. نيڪ عمل واري سان همدردانہ ۽ دوستانہ هوندو، بري عمل واري سان غير مشفقانہ.
مطلب: ١. جهڙا روح، تهڙا فرشتا.
٢. جهڙا روح، تهڙا ختما.
٣. هر هڪ سان، سندس رويي سارو ورتاءُ ٿئي ٿو.
۴. جیسے روح، ویسے فرشتے۔ (کہاوت)
۵. پيٽيو: سيغا لبئی کرو، جئی او، تہ جئی او۔ (کہاوت)

۲۷۲ . جے کئیں آخسو، اوئے کئیں سن سو۔ (کہاوت)

ٻين سان جهڙو ورتاءُ هلبو، ٻيا ٻه اهڙو ورتاءُ هلندا. چڱو هلبو، چڱو هلندا. برو هلبو، برو هلندا. چڙٻون ڏبن، موٽ ۾ اهي ٻه چڙٻيندا ۽ ڏاٻيندا.
مطلب: ١. جهڙو چئبو، تهڙو ٻڌڻو پوندو.
٢. جي کی جی ہونی۔ (کہاوت)
٣. عزت ڪرڻ واري کي عزت ملندي.
۴. جيءُ ڪرڻ واري کي هر ڪو جيءُ ئي چوندو.
۵. جيءُ چؤ تن کي، جن تو کي جيءُ سيکاريو.

٢٧٣ . جیا روح ناٹھیں نا، اوہے جا کہرا لیئے ناں وے تہ کہ لوڑیئے۔ (کہاوت)
جيا: جهڙو. ناٹھیں: مهمانن. کہرا لیئے ناں: گهر وارن جو، ميزبانن جو. لوڑیئے: گهرجي، ڳولجي، تلاش ڪجي.
مهمان جي دل، ميڻ وانگر نرم هوندي آ. جڏهن ته ميزبان مٿان، آزمائش جي گهڙي هوندي آ. رتيل ڪم ڇڏي، مهمان جي خدمت ڪرڻي هوندي اٿس. اگر اهي ٻه ميڻ ٿي پون ۽ مهمان کي ڏسي پيا گد گد ٿين ته باقي ڇا کپي؟
مطلب: ١. مهمانن جهڙو روح جي گهر وارن جو هجي ته پوءِ ڇا گهرجي.

٢٧۴ . جیدہر گئیاں بیڑیاں، اودہر گئے ملاح۔ (کہاوت)
هڪڙي موالي‌ءَ کي روهڙي‌ءَ کان ڪراچي‌ءَ وڃڻو هيو. اسٽيشن تان، هلندي گاڏي‌ءَ ۾ ابهرو چڙهي پيو. پر ۾ وينل همراهه کان پڇيائين: ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تنهن ٻڌايس: لاهور. عجب ڪائيندي چيائينس: سائنس وڏي ترقي ڪئي آ. هڪڙي سيٽ ڪراچي‌ءَ ته ٻي لاهور پئي وڃي.
حقيقت ائين آ ته: جيڏانهن گاڏي‌ءَ جي انجڻ ويندي آ، منجهس وينل ڊرائيور، مسافرن ۽ سامان سميت گاڏا، پڻ اوڏانهن پيا ڌڪبا آهن.
مطلب: ١. جيڏاهن ٻيڙيون وينديون، ملاح ٻه اوڏانهن ويندا.
٢ . جيڏاهن سواري‌ءَ جو رخ، سوار جو ٻه اوڏانهن ئي.

٢٧۵ . جیڑی بلا اشنی، بڑیں واخا اشنی۔ (کہاوت)

مصيبت، ڏماڪي سان ايندي آ ۽ ڏوڏي ڇڏيندي آ. اوچتو ۽ وڏي وويک سان اچڻ ڪان پوءِ، وڃڻ جو رخ ئي نه ڏيکاريندي آ. جيڪي ان وقت همت نه ٿا هارين ۽ رب تي ٽا ياڙين، سي ئي منجهانئس نڪري پار پون ٿا.

مطلب: ١. جيڪا مصيبت اچٽي هوندي آ، سا وڏي واڪ ايندي آ.

٢. مصيبت، اچي ته وڏو وات ڦاڙي اچي.

٣. مصيبت، گهوڙي تي چڙهي، هاٿو هٽندي آ.

٢٧٦ . جيڙے کہاڑياں کهائی نی رجے، انہيں سوبهيں کنے کہ ہوسی۔ (کہاوت)

جيڙے؛ جيڪي. کہاڑياں؛ ڪرو، ڪرا، ڏنِ. کهائی؛ ڪائڻ پچاڻان. رجے؛ ڍايا. سوبهيں؛ مٺ، ڪانبو. کنے کہ ہوسی؛ سان ڇا ٿيندو.

جوئر جي ڪڙٻ جي ڪانن جون پريون، هڪٻئي جي ٽيڪ تي رکبيون آهن، جنهن کي دن يا ڪرو چئبو آ. جن جانورن ڪرن مان ڪاڏو آ، سي ڏکر اچڻ تي گاهه مٺ مان گذارو نه ڪري سگهندا آهن ۽ جلد مري ويندا آهن. انهن جي پيٽ ۾ گهٽ ڪائڻ جا هيراڪ، اهو ڏکيو وقت ٽپائي ويندا آهن.

مطلب: ١. جيڪي ڪرو ڪائي نه ڍاپيا، تن کي ڪانبو ڇا ڪندو؟

٢. جن آهرن ۾ ڪاڏو، سي پاتوڙن ۾ ڪٿان ڍاپندا.

٣ . گهٽي جا هيراڪ، ٿوري تي بک مرن.

٢٧٧ . جيں کيں کرنا ڑا آئی کری کہنو کل کس ڈٹھی۔ (کہاوت)

لڳن ۾ ڪم ڪرڻ جي طاقت جا اچ آ، سا سياٽي نه هوندي. ڪم ڪرڻ جو موقعو جو اچ ميسر آ، سو سياٽي نه ملندو. وقت ۽ موقعو نه وڃائجي. چست جو اجوڪو ڏينهن ته نه ڪري، پر سياٽي به سستي لڳن تي نه چڙهيس.

مطلب: ١. جيڪو ڪرٽو آ، سو اچ ڪري ونجي، سياٽي ڪنهن ڏٺي آ؟

٢٧٨ . جينسا ديس، وينسا بهيس۔ (کہاوت)

هر ديس جو ڪاڏو ۽ پوشاڪ، سماجي ۽ جاگرافيائي ماحول جي مطابقت سان هوندا آهن. اتان جو رهاڪو، ٻي ڪاڏ-پوش ڪرڻ سان اوپرو پيو لڳندو. البت جنهن ديس ۾ گهڻن ملڪن جا ماڻهو مڙن، تتي پنهنجي ديس جي پوشاڪ پهري، پنهنجي ديس جي نمائندگي ڪرڻ ئي بهتر آ.

مطلب: ١. جهڙو ديس، تهڙو ويس.

٢٧٩ . جيسی کرنی، ويسی ڀهرنی- (ڪهاوت)

جيڪو ورتاءُ ٻين سان ڪبو، سو موٽي پاڻ سان ٿيندو. چڱائي ڪبي، موٽ ۾ چڱائي ٿيندي. برائي ڪبي، موٽ ۾ جوڳي جٽ ٿيندي.

مطلب: ١. جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي.

٢. جهڙا ڪين کرسو، ليئے ڪين ڀهرسو- (ڪهاوت)

٣. جهڙي ڪندئو، تهڙي ڀريندئو.

۴. جهڙا برا کرسی، او اپنا کيتا ڀهرسی- (ڪهاوت)

۵. جيڪو برائي ڪندو، سو پنهنجو ڪيتو ڀريندو.

٦. اپنی کرنی، آپے ڀهرنی- (ڪهاوت)

٧. پنهنجي ڪرڻي، پاڻ ئي ڀرڻي.

٨. ڪرڻي، ڀرڻي آ.

٢٨٠ . جيسی نيت، ويسی مراد- (ڪهاوت)

ٻين سان ڪيل ورتاءَ منجهه، نيت کي وڏو عمل دخل آ ۽ انهن تي ڀرا آهن. چت ۾ ٻيائي رکي، ٻين سان چڱائي ڪبي ته چڱائيءَ جو ڦل نه ملندو. نيت نيڪ رکي، ڪنهن تي سختي ڪبي ته بدلو، برائيءَ ۾ نه ملندو.

مطلب: ١ . جهڙي نيت، تهڙي مراد.

٢ . عملن جو دارومدار نيت تي آ.

٢٨١ . جينياں چت ناں چڙهيا، موياں تهڙے تهڙے پٹيا- (ڪهاوت)

هر ماڻهوءَ جي پنهنجي قسمت آ. ڪن جو حياتيءَ ۾ قدر ٿئي ٿو، ڪن جو مئي پڄاڻان. ڪي ڳڏ هوندي به پري لڳن. ڪي ڏور هوندي به ساهان ويجها محسوس ٿين، جنهن ڪري ساڻن ورتاءُ به ان نوعيت جو ڪيو ويندو آهي.

مطلب: ١. جيئري چت تي نه چڙهيا، مئي دٻ دٻ پٽيا.

٢. جينياں نه لينے گراه، مرے نياں چڙهيا گڙاه- (ڪهاوت)

٣. جيئري گرهه نه لڌن، مئي پڄاڻان ديڳيون چڙهين.

۲۸۲ . جيو گل بائی اندر چلی گشنی، پچھیں ٹھنڈر کٹن ہونا۔ (کہاوت)
جيو؛ زبان. گل؛ ڳالهه، ڳالهڻ، گار. بائی؛ ڪڍي. اندر چلی گشنی؛ اندر هلي ويندي. پچھیں؛ پوءِ. ٹھنڈر؛ ٺنڊ، ٺوڙهه. کٹن ہونا؛ ڪنهڻ.
زبان گفتو ٻاهر ڪڍڻ کان پوءِ، وات ۾ واپس موٽي وڃي. پر منجهانئس نڪتل گفتو موٽي نه سگهي. شرمساريءَ کان ٻين آڏو ڪجهه ڪڇي نه سگهجي، سواءِ ٺوڙهه ڪنهڻ جي. زبان کي ضابطي اندر رکجي ته بهتر.
مطلب: ۱. زبان ڳالهڻ ڪڍي، اندر هلي ويندي، پويان ٺوڙهه پئي ڪِنهبي.
۲. شرمساريءَ کان بچڻ لاءِ، زبان تي ڪنٽرول ڪجي.

۲۸۳ . جيو ہلائے نال کم چلناں۔ (کہاوت)
گهرج واري شيءِ لاءِ جيستائين گهُرَ نه ڪبي، تيستائين ٻيا ڪو نه ڏيندا. ٻين جو ڌيان، گهرج تائين وڃي نه سگهندو، جيستائين زبان سان نه ٻڌائبن.
مطلب: ۱. زبان چورڻ سان، ڪم هلندو آ.
۲. گگ مگ تي ويهڻ وارو، نهيل ڪم به وڃائي ٿو.
۳. بنا روئڻ/ گهرڻ جي، ماءُ به پٽ کي ٿڃ نه ٿي پياري.

۲۸۴ . جئی کپاء جئی سوت، جئی مآ جیا پوت۔ (کہاوت)
جئی؛ جهڙي. کپاء؛ ڪپاهه، ڪپهه، ڦٽيون. سوت؛ سٽ، ريشو. مآ؛ ماءُ، امڙ، ڄڻيندڙ. پوت؛ پٽ، ڄڻيو.
ڪپهه سٺي پُنبي ته منجهانئس ڌاڳو پلو ۽ مضبوط ڪتبو. مضبوط ڌاڳي مان جڙيل ڪپڙو، جهالائو هوندو. اهڙيءَ طرح اولاد، منهن مهاندي ۽ قد ڪاٺ ۾ والدين تي اڌ ڇڪيندو. هلڻ جي ٽور، ڳالهائڻ جا ترناوَ، ڪائڻ پيئڻ جا انداز، لُڪُ ٽُڪُ ساڳيا هوندس.
مطلب: ۱. جهڙي ڪپهه، تهڙو سُٽ، جهڙي ماءُ، تهڙو پُٽ.
۲. جئی ماء اوغ جئی تیہی۔ (کہاوت)
۳. جهڙي ماءُ، تهڙي ڌيءُ.

[ چ ]

۲۸۵ . چاول پهل خوائے نیں طہ رجنیں تواڑے موہاں سنیا۔ (کہاوت)

چاول؛ چانور. پهل؛ ڦل، گل. خوائے؛ کارايا. رجنيں؛ ڍاپڻ. تواڑے؛ تنهنجي. موہاں؛ واتئون. سنيا؛ ٻڌجي.

چانورن جي خوشبوءِ سنگهڻ سان کائڻ جي اشتها وڌندي آ. پيٽ جي بک تڏهن مرندي آ، جڏهن رڌل چانور، پيٽ منجهه پوَن. خوشبوءِ سنگهڻ سان نہ بلک کائيندڙ جي واتان ساراهہ ٻڌڻ سان چانور جي جنس جي خبر پوي.

مطلب: ۱. چانور جي خبر، خوشبوءِ مان نہ، پر کائيندڙ جي واتان پوي.

۲. چانور پيلا تڏهن چئبا، جڏهن کائيندڙ ساراهہ ڪري.

۳. خوبصورت شيءِ جي ڏسڻ سان پيٽ نہ پربو آ.

۲۸۶ . چپ چیتا پتر مندا، چیتے دیہی تہی،
اندر برکنا داند مندا، کہوڑی لتے دہی۔ (کہاوت)

چپ چيتا؛ خاموش، ٻٽ، ميسٽو. پتر؛ پٽ. مندا؛ مندو، خراب. چيتے ديہی؛ ڳالهائٽي، واتوڙي. تہی؛ ڏيءُ، نياٽي. اندر برکنا؛ رنيندڙ، ٽاهڙ. داند؛ ڏاند، وهڙو. کہوڑی؛ گهوڙي. لتے دہی؛ لتر، اٽر.

پٽ چئيوان ۽ فرمانبردار هجي. ٻٽ ۽ گگ مگ، مارائيندو. نياٽي، واتوڙي خراب. رشتا ٽٽيو وڃن. پيءُ ماءُ تي خواري اچيو وڃي. ٽاهڙ ڏاند هر وهڻ، ڳاهہ ڳاهڻ، نار وهڻ، چيچڙو پيڙڻ، گهاٽو گهمائڻ ۽ ٻيل گاڏي ڇڪڻ ۾ پيو ڪيٻائيندو. گهوڙي اها پلي جا، نہ ڪڏائي، نہ ڪيرائي.

مطلب: ۱. پٽ ٻٽ، ڏيءُ واتوڙي، ڏاند ٽاهڙ، گهوڙي لتر، سڀ برا.

۲. چپ چپیتا پتر مندا طہ چتے آلی تہی، پھرنے آلی نوں مندی طہ اینوں والا می۔ (کہاوت)

۳. ناچڱا ميسٽو پٽ ۽ هار سينگار ڪندڙ ڏيءُ،
ناچڱا گهوماڪڙ نونهہ ۽ ڳڙي وارو ميهُ.

۲۸۷ . چڑیا کنڈے اپر سکھ ہونا۔ (کہاوت)

چڑیا؛ جهرڪي. کنڈے؛ ڪنڊو، سنهي ڪنڊيدار ڏاري. اپر؛ مٿي. سکھ ہونا؛ سکي هجڻ.

جهرڪيءَ جا پير ننڍا، وزن ڏڪو سوا. بيهڻ لاءِ سهاري جي ضرورت ئي نہ پويس. ڪنڊي تي پيرڙو رکي بيهي تہ اهو بہ سندس وزن ڪان نہ جهڪي.
مطلب: ١. جهرڪي، ڪنڊي تي ويهي بہ سک ماڻي.
٢. وت سارو، هر ڪو وقت گذاريو وڃي.
٣. وقت: سمور ۾ بہ گذري وڃي، تنور ۾ بہ گذري وڃي.

٢٨٨ . چڑھائی چنگی کہ اولوکائی، لعنت دوہیں کیاہ۔ (کہاوت)

جابلو علائقن منجهہ ٽڪرين تي لهڻ چڙهڻ لاءِ دمدمہ استعمال ٿيندا آهن. دمدمي يا پير-چاري تي، مٿي چڙهڻ يا هيٺ لهڻ اهنجا آهن. ٻنهي صورتن ۾ ڪرڻ جو انديشو هوندو آ. وهٽ تيزيءَ سان هلي تہ اجا ڏکيائي ٿئي.
مطلب: ١. نہ چاڙهي چڱي، نہ لاهي چڱي: ٻنهي تي لعنت.
٢. اٺ جي لاهيءَ کي بہ لعنت، چاڙهيءَ کي بہ لعنت.

٢٨٩ . چغل آیا؛ چپ کریاں،
لبڑ آیا؛ چھوایاں۔ (کہاوت)

چغل؛ جوڻيت، هتان ٻڌي هتي ٻڌائيندڙ، راز ڦاڙيندڙ. لبڑ؛ چور. چھوایاں؛ ڇپائجي، لڪائجي.
چغل آئي، سيڪو چپ ٿي وڃي. هتان جي ڳالهہ هُت ٻڌائڻ سبب هر ڪو هر ڪو لهرائي. چور ۽ هٿڙي-باز محفل ۾ اچن تہ هر ڪو پنهنجو مال لڪائڻ ۾ لڳي وڃي، جو اهي پنهنجي عادت کان ڪين مڙندا، اوس ڇيهو رسائيندا.
مطلب: ١. چغل آئي، سُن ٿجي، چور آئي، ڇپائجي.
٢. چغل آئي ڳالهہ ڇپٽ ڪجي، چور آئي مال ڇپٽ ڪجي.

٢٩٠ . چلنی ناں ناں گڈی۔ (کہاوت)

چلنی؛ هلندڙ. ناں؛ جو. ناں؛ نانءُ، نالو. گڈی؛ گاڏي.
جاندار شيءِ منجهہ چرپر جي صلاحيت رکيل آ. جمادات ۽ نباتات منجهہ گهمڻ ڦرڻ جي صلاحيت ناهي. اگر ڪا بي جان ڪل، ڪنهن ٽل يا اٽڪل سان چري تي تہ ان کي گاڏي ڪونبو.

مطلب: ١. هلندڙ جو نالو گاڏي.
٢. چلتی کا نام گاڑی، کھڑی کا نام چھکڑا۔ (کہاوت)
٣. هلندڙ جو نالو گاڏي، بيٺل جو نالو ڇڪڙو/ ڪٺارو.
۴. رنگی کو نارنگی کہے، بنے دودھ کو کھویا، چلتی کا نام گاڑی، دیکھ کبیرا رویا۔ (سنت کبیر)
۵. رنگدار (رنگي) کي سڏي نارنگي (بي رنگ)، نهيل کير کي چوي کويا (وڄايو)، هلندڙ جو نالو رکي گاڙي (ڪوڙيل)، اهو ڏسي ڪبير روئي ڏنو.

٢٩١ . چم پیارا، یا کم پیارا۔ (کہاوت)

سونهن، اڌ رزق آ. ڏسندڙ، حسن ڏوئي نہ پئي، پر ڏسي طراوت وني. حسين، پاڻ ڏانهن موهي، ڌيان ڇڪائي. ضروري ناهي تہ حسين شيءِ ڪارائتي بہ هجي. شيءِ جو قدر، ڪارائتي هجڻ سان آهي.
مطلب: ١. چم پيارو ناهي، ڪم پيارو آهي.
٢. هر ڪو ڪم-پرين آ، چم-پرين ڪو ڪونهي.

٢٩٢ . چمڑے نی زبان ای تلکی گشنی۔ (کہاوت)

زبان، گوشت منجهان نهيل آ. وات اندر، ڏاري ۾ اگهاڙي ڦري، تنهن ڪري چمڙي جي سڏجي. هر وقت آلي رهڻ سبب، ڪاڏي ڪاڻ ۾ ڳالهائڻ ۾، تيزيءَ سان ڦري. ڪا بہ رنڊڪ نہ ٿئيس.
مطلب: ١. چمڙيءَ جي زبان، ترڪيو وڃي.
٢. زبان چم جي، ڪنهن نہ ڪم جي.

٢٩٣ . چن چڑھسی تہ جگ دکھسی۔ (کہاوت)

چنڊ جي هيئت وڏي آ. ايري تہ مڙني کي نظر اچي. پهرينءَ جو چنڊ، هيئت ۾ سنهو ۽ ننڍو هوندو آ. انڌي کي ڇڏي، باقي سڀ ڪنهن کي نظر ايندو آ.
مطلب: ١. چنڊ چڙهندو/ ايرندو تہ جڳ ڏسندو.
٢. چن چڑھناں، طہ دنیا دھکھینی۔ (کہاوت)
٣. چنڊ چڙهندو تہ دنيا ڏسندي.

۲۹۴ . چنگیا پترا لائی اے چانتی تہ مندیا پترا لائی اے گال۔ (کہاوت)
چنگیا پترا؛ سڌريل اولاد، سياڳو. لائی اے؛ ڏياري. چانتی؛ چاندني. منديا پترا؛ نياڳو، اڻ سڌريل اولاد. گال؛ گار.
پاڙي اوڙي ۾ عزت ذلت، اولاد جي اعمالن سبب بہ ٿيندي آ. سڌريل، عزت ڪرائي. اڏريل، گاريون ڪارائي. اڏريل ڪان، گهر خالي چڱو آ.
مطلب: ۱. چڱو پٽ، چاندي ڏياري، ناچڱو پٽ گاريون ڏياري.
۲. سڌريل پٽ، پَڳَ پهرائي، اڏريل پٽ، پڳ لهرائي.

۲۹۵ . چهڑ چڑهیا، ط بدل وی ہوسی۔ (کہاوت)
چهڑ؛ جُهڙ، ڪڪر. چڑهیا، چڙهيو. بدل؛ بادل، مينهن، ميگهہ.
جهڙ، رت-بدل جو اهڃاڻ آ. رت، گرمائش مان نار ڏي، پاڻيءَ جي هوند سان ويندي. ڪڪر ڪارونيار ڪري، هوائن جي ڪلهن تي نچندا ٽپندا اچن، تڏهن پاڻي چلڪائڻ ڪان سواءِ ڪين رهن.
مطلب: ۱. جهڙ چڙهيو، مينهن آيو ڪ آيو.
۲. اهڃاڻُ، انت/ توڙَ جي خبر ڏيندڙ هوندو آ.

۲۹۶ . چهوٹے اپر خدا نی لعنت۔ (کہاوت)
چهوٹے؛ جهوٽي، ڪوڙ هٽندڙ.
ڪوڙ، حق سچ کي لڪائڻ خاطر، ڳالهائبو آ. ڪوڙ، ڪوڙي تي چغلي ٿو هڻي تہ: ڪيس رب جي رحمت تي يقين ناهي. هجيس تہ حق جو پاند ڇڏي، ناحق جي پير نہ وني. ان يقين جي ڪميءَ سبب، رب جي رحمت ڪان پري آ.
مطلب: ۱. ڪوڙي تي رب جي لعنت هوندي آ.

۲۹۷ . چهوٹھ نیں، پیر نئیں ہونیں۔ (کہاوت)
ڪوڙ، گهڙي هٽڻو پوندو آ. گهڙاوت ۽ اڏاوت ۾، ان جا پاسا پلو اگهاڙا رهجي ويندا آهن، جن منجهان نروار ٿي پوندو آ. ڊوڙي، پنهنجو پاڻ بچائي نہ سگهندو آ.
مطلب: ۱. ڪوڙ کي پير ناهن هوندا.

۲۹۸ . چور چوری تھیں گچھے، ہیرا پھیری تھیں نیں گچھے۔ (کہاوت)
چوري، اول شغل، پوءِ ڪرت ۽ آخر عادت ٿي پوندي آ. عادت، عضوو آ، جنهن مان جان ڇڏائي نہ سگهبي آ. چور، چوري ڇڏي پر هيراڦيري نہ ڇڏي. ان ۾ ذهني آسودگي حاصل ڪري.
مطلب: ١. چور چوريءَ کان وڃي، هيراڦيريءَ کان نہ وڃي.

۲۹۹ . چوراں اپر مور، طہ موراں اپر ہور۔ (کہاوت)
چور، ڪنهن ابوجهہ جو مال، چالاڪيءَ سان ترڪائي تہ وڃي. تاڙڻ وارا، ڪيس ولو چاڙهي، مال تڳائي تا وڃن. پوليس، وندڙ جي بهاني، چوراٽو مال ڦري، ڳڙڪائي وڃي.
مطلب: ١. چورن مٿان مور، مورن مٿان اور.
٢. چگَن پنيان چٽ، پيا آهن.
٣. ماريءَ مٿان، ماري پيو آ.
۴. رپن مٿان رپون رکيون آهن.

۳۰۰ . چورے چوری کھڑکنی۔ (کہاوت)
چوري، ڏوهہ/ گناهہ آ. ڏوهيءَ جو اندر ڪاڏل هوندو آ. اوڦتو ڪڙڪو بہ، چور کي پيو چرڪائيندو. اهو ڪڙڪو، چور جي اندر جو ڪڙڪو آ، جيڪو ڪانئس اندر جو اطمينان کسي ويو آ.
مطلب: ١. چور کي چوري، ڪڪندي آ.
٢. چورے نی داڑیچ تیلا۔ (کہاوت)
٣. چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک.

۳۰۱ . چوری ناں گڑ مٹھا۔ (کہاوت)
ڳڙ، پئسن سان خريد ڪجي، تڏهن بہ منو ئي هوندو. ڳالهہ شيءِ جي مناس جي نہ، بلڪ مفت جي مناس جي آ. مفت جو مال، پلي لوڻ هجي، منو لڳندو آ. مٿين ڪهاوت هيئن هئڻ گهرجي: ”چوريءَ جو لوڻ بہ منو.“
مطلب: ١. چوريءَ جو ڳڙ، منو.

٢. مفت جو شراب، قاضيءَ کي حلال.

٣٠٢ . چورے نی ماآ نیارے بیجی رونی- (کہاوت)

انیارے؛ انڌيري، اوندهہ ۾، لڪي. بیجی؛ ويني.

چور، چوريءَ جو مال وقتي ٿمائي، پاڻ بچائي ويندو آ. ڦبايل مال، گهر ۾ خرچ ڪرڻ تي، ماٽس بہ پئي مرڪندي آ. جڏهن ڦاٽ ڦاٽندا آهن ۽ پوليس گهر تي گهيرو ڪندي آ تہ چور جي ماءُ نہ ڪنهن کي مدد لاءِ سڏي سگهندي آ، نہ روئي سگهندي آ. ڪنڊ/ اوندهہ ۾ ويهي روئندي/ جهڄندي آ.

مطلب؛ ١. چور جي ماءُ، اوندهہ ۾ روئي.

٢. چور جي ماءُ، ڪنڊ ۾ روئي.

٣٠٣ . چوریاں کولا پنڈ تاولی- (کہاوت)

چور کي بہ سر پيارو آ. سر بچائڻ خاطر، چورايل مال کي وقتي ٿمائي، توائي ٿي پڄندا آهن. جڏهن تہ چوراٽو مال، ڪانئڻ ٿهان ئي تيز پڄندو آ.

مطلب؛ ١. چور ڪان ڳنڍ تڪڙي.

٢. چور جي وک ڪان، چوراٽي مال جي وک وڏي.

٣. چوريءَ جو مال جيڏي تيزيءَ سان اچي، اوڏي تيزيءَ سان هليو وڃي.

٤. غير ضروري حمايت، پنهنجن جي پيٽ ۾، ڏارين جي وڏيڪ ٿيندي آ.

٣٠٤ . چوریاں ناں مال تہ ڈانگیں نے گز- (کہاوت)

چور، چوريءَ جو ڪپڙو پاڻ ۾ ورهائيندا آهن تہ لنين يا ٻانهن سان ماپي ورهائيندا آهن، جو وٽن گز يا وال هڪيا حاضر نہ هوندا آهن. ٻئي ڪنهن ڪان پو ۾ گز نہ گهرندا آهن تہ متان سڻس پئجي وڃيس ۽ ان کي بہ حصو ڏيڻو پئجي وڃي.

مطلب؛ ١. چورن جا ڪپڙا، ڏانگن جا گز.

٢. چوراں نی کپڑے، طہ ڈانگا نیں گز- (کہاوت)

٣٠٥ . چوڑ گیاں نیاں چتھیاں، اولے بھئی پڑھیاں- (کہاوت)

پڇي ويل، پوين لاءِ ڳولڻ جو رند نہ ڇڏين. جڏهن انهن پاڄوڪڙن جي چنني اچي تہ پڙهڻ لاءِ ڪير بہ نہ ملي، سواءِ ڊولن جي. ڊولي جي پڙهٽي سمجهڻ تهائين ڏکائيندڙ.

مطلب: ١. پاڄوڪڙن جون چنيون، پڙهڻ وارا ڊولا.

٢. چھوڑ گیاں نی چٹھی آئی، پڑھنے آلا نورا نائی۔ (کہاوت)

٣. پاڄوڪڙن جي چنني آئي، پڙهڻ وارو نورو نائي.

٣٠٦ . چولہا آخوری نیئں رجنا۔ (کہاوت)

چولہا: چلهہ. آخوری: اگاڙئين، اڳرن سان. نیئں: نہ. رجنا: ڊاپي.

چلهہ ۾ ٻارڻ، ٻرڻ پڄاڻان سڙي پسم/ خاڪ ٿئي ۽ هوا ۾ اڏامي وڃي. ٻري وجود وڃائڻ پڄاڻان، چلهہ جو پيٽ اڳرن کان خالي رهي ۽ ٻيا طلبي. ڊاپيو نہ ڊاپي، اجا اجا جون رڙيون پيو ڪري.

مطلب: ١. چلهہ اگاڙئين نہ ڊاپي.

٢. باهہ ۾ جيڪو ٻارڻ وجهہ، سو گم.

٣٠٧ . چوہڑیاں نیاں آخیاں، ڈنگرئے مرنیں۔ (کہاوت)

چهڙا: چمار، چمڙي منجهان جتيون ۽ پيتيون وغيرهہ ناهي گذران ڪندا آهن. ڪين هر وقت چمڙي جي تاڙ هوندي آ. مئل ڍور جو چمڙو بہ نہ ڇڏيندا آهن، جو مفت ۾ پوندو اٿن. دل ۾ دعائون پيا گهرندا آهن تہ ڪو ڍور مري. سندن دعائن سان، ڍور مرندا ناهن، بلڪ پنهنجي مريءَ مرندا آهن.

مطلب: ١. چمارن پٽيي ڪي ڍور مئا آهن چا؟

٢. چوہڑیاں نی دعائی نال منجھیں نیاں مرنیاں۔ (کہاوت)

٣. چهڙن جي دعائن سان مينهون ڪو نہ ٿيون مرن.

۴. موچیاں نی دعائی نال، ڈنگرئے مرنیں۔ (کہاوت)

۵. موچين جي دعا سان، ڍور نہ مرندا آهن.

٦. کسے نے آخے ر، موت نئی اشنی۔ (کہاوت)

٧. ڪنهن جي چوڻ سان موت نہ ايندو آ.

۳۰۸ . چوہے نی ہردلی نی گنڈ لبھی، اوٗ پساری بنی بیٹھا۔ (کہاوت)
بي پهچ ماڻهو، پنهنجي ننڍين ڳالهين جو به ٻين تي رعب يا اثر وجهڻ خاطر، ان قسم جون ڳالهيون وينو گهڙيندو آ.
مطلب: ۱. ڪئي هيڊ-ڳڙي لڌي، پساري بڻجي وينو.
۲. انڌي جي لت هينان تتر آيو، سمجهيائين: شڪاري ٿي ويو آهيان،
ڪُئي کي سنڊ جي ڳنڊ هٿ چڙهي، چيائين: پساري ٿي ويو آهيان.

۳۰۹ . چیز اوئی جھڑی اپنے کول۔ (کہاوت)
شيءِ جي مالڪي، شيءِ جي ساڻ هئڻ سان آ. جيڪا شيءِ ساڻ ناهي، سا ڄڻ پنهنجي ناهي، جو ان جا ٻيا به تاڪائو هوندا ۽ ڪٽي ويندا.
مطلب: ۱. شيءِ اها، جا پنهنجي قبضي ۾.
۲. ٻاٽي سا جا ڪنٽ، ناٽو سو جو ڳنڍ.
۳. رن ران سان، ناٽو جان سان.
۴. علم اهو، جو سيني ۾ آ، نه اهو جو ڪتابن ۾ آ.

۳۱۰ . چیز ہتھے چا چلی گچھے، فر قدر اشنی۔ (کہاوت)
شيءِ جي ويڇهڙائيءَ سان، شيءِ جو قدر گهٽجي ٿو. اڻ هوند ۾، قدر وڌي ٿو. وافر مقدار واري، نه ڪپندي آ ۽ نه سنڀالجي سگهندي آ. ٿوري شيءِ جي مانگ ۽ اگهه وڌا، سنڀال سهنجي ۽ سَستي.
مطلب: ۱. شيءِ جو قدر، هٿان وڃڻ پڇاڻان.
۲. ويئيءَ وستوءَ قدر.

[ چھ ]

۳۱۱ . چھپیاں موت ناں چھوڑنی۔ (کہاوت)
موت ۽ حياتيءَ تي، الله ڪان سواءِ، ڪنهن جو وس نه ٿو هلي. انسان نه پنهنجي مرضيءَ سان آيو آ ۽ نه پنهنجي خواهش خوشيءَ سان ويندو. موت ڪان ڪيترو به ڀڄي، پر مقرر وقت تي مرندو ضرور.

مطلب: ١. لڪئي، موت نہ ڇڏي.
٢. موت کان ڪير بہ لڪي نہ ٿو سگهي.
٣. موت کان ڪنهن کي بہ رستگاري ناهي.
۴. لائی حیات، آئے، قضا لے چلی، چلے، نہ اپنی خوشی آئے، نہ اپنی خوشی چلے۔
۵. زندگي وٺي آئي، آياسين، قضا وٺي وئي، وياسين،
نہ پنهنجي خوشيءَ آياسين، نہ پنهنجي خوشيءَ وياسين.

٣١٢ . چھج طہ بولے، پرون کنہ بولے۔ (کہاوت)

ڇڄ، ان مان ٻوهر ۽ پرڻ اٽي مان تهہ ڪڍڻ واسطي ڪم اچن. پرڻ جي ٽنگن مان صاف اٽو نڪري وڃي ۽ ٿُهہ رڪجي وڃن. ڇڄ ۾ اَن ڇڙيندي، هلڪا ٿُهَ مٽي ۽ ڳؤري ڪيري هيٺ هليا وڃن. اهي بہ پاڻ ۾ طعنا ڏين تہ ڇا بچيو.

مطلب: ١. ڇڄ ڳالهائي تہ ڳالهائي، پرڻ ڇو ڳالهائي؟
٢. چھج کہ پرونے مینا دیھسی۔ (کہاوت)
٣. ڇڄ پرڻ کي کهڙو مهڻو ڏيندو!
۴. چھج پرونے کی کنہ مینا دئ سکناں۔
۵. ڇڄ، پرڻ کي کهڙو مهڻو ڏئي سگهندو.

٣١٣ . چھڑا آیا، چھڑکار نیئں آیا۔ (کہاوت)

چھڑکار: ڇٽڪار، ڇمڪار، آواز.

جيڪي ماڻهو، وفد يا ڄڃ جي صورت ۾ ايندا آهن، تن لاءِ آجيان طور رستا ٻهاري ڇٽڪار ڪبا آهن. ڇيلا ڪهبا آهن، ديڳيون ڪڙڪائيبيون آهن ۽ واٽون نهاربيون آهن. اڪيلن لاءِ ڪبي آ: نہ چون نہ چان، نہ ڄاڻُ نہ اطلاع.

مطلب: ١. ڇڙو اچي، ڇٽڪار بہ نہ ٿئي.
٢. ڇڙي جي مهماني: چانهہ پاپو.

[ ح ]

٣١۴ . حبا ناں ڈوڈو وی چنگا ہونا۔ (کہاوت)

حبا؛ حب، اڪير، سڪ. ناں؛ جو. ڈوڈو؛ آڱونو، نينگو. وی؛ پيي، بہ. چنگا؛ چڱو، ڀلو، سٺو.

آيل ڪي گهربل شيءِ نہ ڏبي تہ دل ۾ ڪندو ء ڪاوڙجي اٿي ويندو. اگر ڪيس محبت/ دوستيءَ جو اعتبار آ تہ مجبوري سمجهي، ڪل خوشيءَ سان، بنا ڪم ٿيڻ جي بہ واپس هليو ويندو.

مطلب؛ ١. حب جو آڱونو بہ ڀلو.

٢. محبت جو سڪو ڀُيو بہ ڀلو.

٣١۵ . حق حق آ، ناحق، ناحق آ۔ (کہاوت)

حق، سٽين پٽر ۾ بہ نہ لڪي. ڪيترو بہ دٻائجيس/ ڏتارجيس، نڪري نروار ضرور ٿئي. حق، روشني آ. ٽڙي نہ سگهجيس. اونده ڪي ٽڙي سگهجي. باطل/ ڪوڙ، بناپاڙ جي آ، لڪندو وتندو. حق آئي پڇي ويندو.

مطلب؛ ١. حق حق آ، ناحق ناحق آ.

٢. حق حق ٿيندو، ناحق ناحق ٿيندو.

٣١٦ . حکم سوائیں پتر وی نا ہلناں۔ (کہاوت)

ساري دنيا جو ڪاروهنوار، رب جي حڪم سان هلي ٿو. ان جو امر نڪري وڃي تہ سارو ڪارخانو ٺپ ٿي وڃي، جو سندس حڪم کان سواءِ دنيا اندر پن بہ نہ ٿو لڏي.

مطلب؛ ١. حڪم سواء پن بہ نہ چري.

٢. حکم سوائیں تیلا نا ہلی سکناں۔ (کہاوت)

٣. رب جي حڪم کان سواءِ پن/تيلو بہ نہ ٿو لڏي.

٣١٧ . حرکت ناں برکت۔ (کہاوت)

دنيا اندر، روزي رزق جو اچڻ، چرڻ پرڻ يا هٿ پير هڻڻ سان ڳنڍيل آ. حرڪت سان برڪت پوي. ٻنيءَ ونيءَ مان، واڌ ويجهه ان کي نصيب ٿئي، جيڪو چرپر ڪري. نکمو، پکيءَ ٻير هيٺان ٻه، بک مري.

مطلب: ١. حرڪت ۾، برڪت.

٣١٨ . حيا آلا حيا کرے، بے حيا آکھ مہاڑے کولا ڈرنیں۔ (کہاوت)

ڪڏهن ڪڏهن، ڪو ماڻهو ٻئي جو حياءُ ڪندي، مٿس چڙ ڪائڻ جي باوجود، هٿ نه ڪڻندو آ. اڳلو وري ان ۾ سندس بزدلي سمجهندو آ. اهڙي حيادار جو احسان مڃجي، خوامخواهه ساڻس آڪڙبازي نه ڪجي.

مطلب: ١. حياءَ وارو حياءُ ڪري، بي حياءُ چوي: مون کان ڊڄي ٿو.

٣١٩ . حیلے ناں روزی، طہ بہانے نال موت۔ (کہاوت)

حياتي، رزق سان آ، سو ضرور ملندو. دنيا اندر آيل تي، موت آهي ئي آهي، سو ضرور ايندس. موت ۽ رزق ايندا ڪيئن؟ هڪڙو چرپر سان، ٻيو بهاني سان. روزيءَ لاءِ ڪيل حيلو، موت جو بهانو ٿئي. بهرحال روزي روٽي ۽ موت لاءِ، ڪو نه ڪو سبب، حيلو بهانو ٿئي ٿو.

مطلب: ١. حيلي رزق، بهاني موت.

٢. موت آئی وے طہ کیں ناں کیں پہانا بنی گشناں۔ (کہاوت)

٣. موت اچي ته ڪو نه ڪو بهانو جڙي پوي.

[ خ ]

٣٢٠ . خاناں نیں خان سنگی۔ (کہاوت)

سنگت، جيسيءَ جي جيسيءَ سان ٿيندي. هڪ-ٻئي کي ڳولي لهندا. چور چور کي، چندو چندبي کي، موالي موالي کي، جواري جواريءَ کي ڳولي لهن. خان خان کي ۽ عزتدار عزتدار کي ڳولي لهن.

مطلب: ١. خانن جا، خان دوست.

**٢.** خاناں نے پہراء خان۔ (کہاوت)

٣. خانن جا ڀائر به خان.

۳۲۱ . خدا سوٹی، ناں مارناں۔ (کہاوت)
دنيا اندر هر ڪو مقرر مدت لاءِ اچي ٿو ته جيئن سندس آزمائش ٿي سگهي. سندس هدايت واسطي، ڪتاب ۽ نبي سڳورا پڻ آيا. حق ناحق جي واٽ ٻڌايائونس. هاڻي سندس مرضي. لٺ باني سان، سڌي ڪرڻ جو رواج، ناهي.
مطلب: ۱. الله لهي لٺ ڪو نه هڻندو آ.
۲. رب رسي مت ڪسي، هڻي ڪو نه هٿيار،
ڏسي اهڙو پار، جنهن سان جوڪو جيءَ جو.

۳۲۲ . خدا شکرخوریاں کی شکر دیناں۔ (کہاوت)
رب، ساري ڪائنات، وڏي حساب ڪتاب سان جوڙي آ. منجهس ساهدار پيدا ڪرڻ کان اڳ، انهن جي کاڌ-پيت جو جوڳو بندوبست پڻ ڪيو اٿائين، جيڪو هر هڪ کي سندس ٻوتي آهر، وقت سر مليو وڃي.
مطلب: ۱. خدا، ڪنڊ-خور کي ڪنڊ ئي ڏئي ٿو.
۲. ماس-خوریاں کی ماس لبھی رہناں۔ (کہاوت)
۳. گوشت خور کي، گوشت ئي ليندو.
۴. شکرخویاں کی الله شکر دئی شوڑناں۔ (کہاوت)
۵. شڪر خوري کي، الله شڪر ڏئي ڇڏيندو آ.
٦. ڪوليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ، رب ٿو رسائي.

۳۲۳ . خدا کیسے ناں موتہاژ ناں کرے۔ (کہاوت)
ٻئي جي محتاجي/ ڪاڻ ڪڍڻ، ڏاڍو ڏکيو عمل آ. دل تي وڏو تورُ/ بارُ ٿي پوندو آ، مدد لاءِ واجهائڻ وقت. ان ارمان ۾ ته اڳلو، ڪم ڪندو الائي نه. نه ڪرڻ واري شرمساريءَ کان، هر ڪو پيو لهرائيندو آ.
مطلب: ۱. خدا ڪنهن جو موتاج نه ڪري.

۳۲۴ . خدا مہربان، طہ جگ مہربان۔ (کہاوت)

راض جو سرچشمو، رب جي ذات آ. ان جو راض ٿيو تہ سارو جڳ راضي هوندو. اهو ناراض ٿيو، جڳ جي ناناهي ٿي پوندي. ان هڪڙي کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، سڀ راضي ٿي ويندا.

مطلب: ١. خدا مهربان، جڳ مهربان.

٢. رب راضی تے جگ راضی۔ (کہاوت)

٣. رب راضي، جڳ راضي.

۴. رب مہربان طہ جگ مہربان۔

۵. رب مهربان تہ جڳ مهربان.

٦. جیڑ رب اءدر جگ۔ (کہاوت)

٧. جيڏانهن رب، اوڏانهن جڳ.

٨. هر ڪم الله جي مرضيءَ سان ٿئي ٿو.

٣٢۵ . خدا نی خدائی وچ کسے کی دخل نا۔ (کہاوت)

جَهان جو ڪارخانو، ناهڻ ۽ هلائڻ واري ذات، فقط رب جي آ. سيڪو سندس تاريءَ تڳي ٿو. نہ ڪير ڀاڳي ڀائيوار اٿس، نہ ڪو ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪرڻ وارو آ. نہ وري ٻئي ڪنهن جي صلاح يا مرضيءَ جو محتاج آ.

مطلب: ١. خدا جي خدائيءَ ۾ ڪنهن کي داعو دخل ڪونهي.

٣٢٦ . خشی غمی سانجھی۔ (کہاوت)

دنيا، خوشيءَ ۽ غم جو سنگم آ. ٻئي ساڻ ساڻ آهن. اڄ خوشي، سڀاڻي ڏک. اڄ ڏک، سڀاڻي خوشي. ڏکن ۾ ڇاول، سک جي زندگي گهاري مري. سکن ۾ ڇاول، ڏجهي جي زندگي گهاري مري. تتي ٿڌي، هر هڪ تي آ.

مطلب: ١. خوشي ۽ غمي، گڏوگڏ آهن.

٣٢٧ . خصماں سوائیں اوژاڑ۔ (کہاوت)

عورت جو اصل گهر، مڙس جو گهر آ. جتي اولاد جي اميد سان گڏ هڪڙي پنهنجي دنيا آ. اگر مڙس هليو وڃي تہ جڻ ساري جَهاني هلي وئي.

مطلب: ١. مڙس کان سواءِ، اجاڙ.

٢. عورت جي دنيا، مڙس سان آ.
٣. مڙس ڪان سواءِ، ويهون ڪير ڪري؟!

٣٢٨ . خوجے ناں گواہ ، ڈڈو۔ (کہاوت)
ڏوھ اگر خواجو ڪري ۽ شاهدي وري سندس گهوڙو ڏئي، ته ان جو ڪهڙو اعتبار. هڪڙو هٽي، ٻيو ڪٽي وارو چڪر ٿيو.
مطلب: ١. خواجي جو گواه، ڏيڏو.
٢. چور جو ڀاءُ، گَنڍ-ڪپ.

[ د ]

٣٢٩ . دال سمارے کہیوہ ناں، بڑیا ناں مائو ناں۔ (کہاوت)
دال؛ دال، ڀاڄيءَ طور ڪم ايندڙ سادو ان. سمارے؛ لذيذ ڪري. کہیوہ؛ گيھه، مکڻ. بڑیا؛ ٻڙا، وڏو. ناں؛ نانءُ، نالو، نام. مائو؛ ماءُ، وڏي امان، ڏاڏي، ناني. ناں؛ جو.
بوڙ ڀاڄي رڌڻ لاءِ به ڪاريگري گهرجي. ڪي ماڻهو، مکڻ ۽ مصالحن جي زور تي ڪاريگر ٿي ويندا آهن. ان ڪي ڪاريگري ڪو نه سڏبو.
مطلب: ١. دال ڪي لذيذ ڪري گيھه، نالو ٿئي وري وڏي امان جو.
٢. ڪاميابيءَ جو سبب هڪڙو، شاٻس ٻئي ڪي پئي ملي.

٣٣٠ . داں بیڑیاں نی سواری مینغی پینی۔ (کہاوت)
انسان جو وت ٿورو آ. ڪاٺ لاءِ هڪ ماني، سمھڻ لاءِ هڪ کٽ ۽ چڙهيءَ لاءِ هڪ سواري گهرجيس. ٻن گهوڙن، ٻن خچرن يا ٻن اٺن تي ويهي، سواري ڪري نه سگهندو. ائين ٻن ٻيڙين منجھ سواري ڪرڻ به ناممڪن آهي.
مطلب: ١. ٻن ٻيڙين جي سواري، مهانگي پوندي.
٢. ٻن ٻيڙين ۾ جو چڙهي، جنگهان تنهن جون چيرجن.
٣. داں بیڑیاں ناں سوار ڈبناں آ۔
٤. ٻن ٻيڙين جو سوار، ٻڏندو آ.

٣٣١ . داں پیساں نی کٹوی گی، کتے نی ذات پچھانی غئی۔ (کہاوت)

ڪتي جي عادت آ: ڪاڏي جي شين ۾ اچي ٻوٿ هڻڻ. خوامخواهه رڌي پڪي نرهه ڪرڻ، تنهنڪري، اڳوات ٽڪر وجهجيس ته جيئن زيان نه ڪري. ٽڪر وجهڻ ۾ ايترو نقصان ناهي، جيترو ڪتي جي زيان سان آ.

مطلب: ١. ٻن پئسن جي ڪني وئي، ڪتي جي ذات سڃاپجي پئي.

٢. ٺڪي جي دانگي ڀڳي، ڪتي جي ذات پرکي.

٣٣٢ . داں کہراں ناں مزمان پھکا رہناں آ۔ (کہاوت)

ٻن گهرن جو مهمان، يا ٻئي آسرا رکي، يا ٻئي آسرا پلي. ٻئي ميزبان، مونجهاري جو شڪار ٿي، مانيءَ جو بندوبست، دل سان نه ڪندا. نتيجي طور، مهمان يا بک تي هوندو يا ٻن گهرن جي ماني کائي بيمار ٿيندو.

مطلب: ١. ٻن گهرن جو مهمان، بک مري.

٢. ٻن گهرن جو مهمان: يا بک مري، يا ڦاٽي مري.

٣٣٣ . دانے دانے ر مہر ہونی۔ (کہاوت)

اناج، پيٽ قوت واسطي خلقيو ويو آ. هر داڻي تي، کائڻ واري جي نالي جي مهر لڳل آ. داڻو ان جي ئي پيٽ ۾ وڃڻو آ، جنهن جو مٿس نالو لکيل آ. ڪير ڪنهن جي نصيب جو داڻو، ڇڳي به نه ٿو سگهي.

مطلب: ١. داڻي داڻي تي مهر لڳل آ.

٢. هر ڪو پنهنجو نصيب ٿو کائي.

٣٣٤ . دائی کولا ٹہڈھ نا چھپھنا۔ (کہاوت)

دائيءَ جو ڪم آهي ئي ٻار ڄڻائڻ. ويم جا مکيه ڪم، ڪانئس نه ڳجها هوندا آهن، نه وسريل. ٻار جو ڏن، ناڙي ڪان جدا ڪرڻو آ. ويم جو اهم ڪم ناڙو وڍڻ آ. اهو ياد ڏيارڻ، ڪيس اڻڄاڻ ڪوٺڻ جي برابر آ.

مطلب: ١. دائيءَ کان دن/ پيٽ، ڳجهو ناهي.

٢. جنهن جو جيڪو ڪم آ، ان جي جزئيات جي خبر به ان کي آ.

٣٣٥ . دتا آگیں اشناں آ۔ (کہاوت)

ڏيڻ: آ چڱائي ڪرڻ. چڱائي، ڪرڻ واري ڏانهن موٽي ايندي آ. هتي ئي ڪر، هتي ئي لوڙ وانگر، هتي ئي نيڪيءَ جو بدلو ملي ٿو. آخرت ۾ ٻهرا تنهن ڪان سواءِ آهن.

مطلب: ١. ڏنو، اڳيان اچٹو آ.

٢. ڏنو، ٻنو آ.

٣. دتا کھندا کم اشناں۔ (کہاوت)

٤. ڏيڻ گھنڻ، ڪم اچي ويندو آ.

٥. ڏنو وتو، ڪم اچي ويندو آ.

٦. دس دنيا، ستر آخرت۔/ دس دنيا طہ ستر آخر۔ (کہاوت)

٧. ڏهہ دنيا، ستر آخرت.

٣٣٦ . درد ہور، دارو ہور۔ (کہاوت)

درد/ سور، جسم کي ٿيندو آ، ۽ سور واري ڪان رڙيون نڪري وينديون آهن. دارو يا دوا، پڻ ڪؤڙا هوندا آهن. پيئڻ واري ڪان اندر نہ لهندا آهن. درد جي پيٽ ۾ دوا جي ڪڙاڻ محسوس نہ ٿيندي آ. درد ڪي دفع ڪرڻ خاطر، ڪؤڙي گوري ڳهٽي پوندي آ.

مطلب: ١. درد ٻي شيءِ آ، دوا ٻي شيءِ آ.

٢. قرجڻ جو ٽيم ٻيو، قر چٽڻ جو ٽيم ٻيو. (ٿر، پهاڪو)

٣٣٧ . دريا آگيں بن نئے بنن ہوئیں۔ (کہاوت)

درياهہ ۾ پاڻي انجر چنچر وهي، جنهن ڪي منڊئون وڏو زور ٿئي. جيڪا شيءِ سامهون اچيس، تنهن ڪي اٿلايون، اچلايون ۽ روليون هليو وڃي. آڏو رڪاوٽ ڪڙي ڪبس تہ ان ڪي ٻہ سٽيون ۽ ڏاهيون هليو ويندو.

مطلب: ١. درياهہ اڳيان بند ٻڌي ڪو نہ سگهبو.

٢. درياهن ۽ ماڻهن جا منهن، ڪنهن بند نہ ڪيا آهن.

٣٣٨ . درياه چ رہناں طہ مگر مچھ نال ٻير۔ (کہاوت)

واڳون يا سيسر جي رهائش گاھ آهي ئي درياھ، جتي هو پنهنجي مستي ۽ موج سان رهي ٿو. اتي ساٽس وير وجهبو تہ پنهنجي طاقت جي زور تي کائي ويندو. مصلحت ان ۾ آ تہ ساڻس، اتي ڪينس نہ ڪجي.

مطلب: ١. درياھ منجھ رهي، وجهجي نہ واڳونءَ سان وير.

٢. رہنیں دریاہ چ، مگر مچھے نال ویر۔ (کہاوت)

٣. رهي درياھ وچ ۾، وجهي مانگر مڇ سان وير!

٣٣٩ . دل بے ایمان تہ حجتیں ناں تھیر۔ (کہاوت)

اٿڻ ويهڻ، دل سان منسلڪ آ. دل خراب تہ جسم بي چيو، رويا اڏنگا ۽ نڪما. بي دليو ماڻهو، نڪمائيءَ کي لڪائڻ لاءِ، دليئون دليل گهڙي پيو هلندو. دل خوش تہ ڪم تي ارواح بہ ورندو ۽ ٻين سان ورتاءُ بہ چڱو هوندو.

مطلب: ١. دل بي ايمان، حجتون هزار.

٢. من حرامی، حجتاں بہتیر۔ (کہاوت)

٣. من حرامي، حجتون هزار/ دليل گهڻا.

٣٤٠ . دلے چ چاہ، لکھاں راہ۔ (کہاوت)

من سڪون ۾ آ تہ ٻين جا ڪم بہ پيا ڪبا ۽ ڪرڻ جي لاءِ سوين راهون بہ پيون نڪري ايندیون. دل بي ايمان تہ سڀ دڳ بند ٿيو وڃن. ڪا راھ/ واٽ ئي نہ سُجهندي.

مطلب: ١. دل ۾ چاھ، لکين راھَ.

٢. دل ۾ چاھ آ تہ راھ ئي راھ آ.

٣. دلاں کی دلاں نال راہ ہوندیں۔ (کہاوت)

٤. دلين کي دلين سان دڳ ٿين.

٣٤١ . دلے نی گل، مونہے دا اچھی گشنی۔ (کہاوت)

ڳالهائڻ وقت، هزار دليل گهڙي، اندر جي ڳالھ کي لڪائجي، پر واتان نڪتل گفتن منجهان، دل جي منسا جي بوءِ ضرور ايندي. زبان، دل جي ڳالھ سلڻ ۾، مجبور هوندي آ.

مطلب: ١. دل جي ڳالھ زبان تي اچي ئي ويندي آ.

٣٤٢ . دم نان ڪين وساه نا ـ (ڪهاوت)
دنيا اندر، انسان ڪي، محدود حياتي ڏئي موڪليو ويو آ، جنهن جي ميعاد جي ڪيس اڳواٽ خبر ناهي. ساهه کڻڻ دوران، اندر آيل دم، ٻاهر نڪري يا نہ؟ ٻاهر نڪتل دم، اندر موٽي الائي نہ. دم تي ڪنهن کي بہ ڀروسو ناهہ.
مطلب: ١. دم تي ويساهہ ڪونهي.

٣٤٣ . دندھ گے، سواد گا، اکھیں گیاں، دنیاں گی ـ (ڪهاوت)
ڪاڏي جو سواد، چٻاڙڻ ۾ آ. چٻڪو، ڏندن سان ايندو آ. ڏند ڀڳا تہ ڪاڏي مان ذائقو نہ ايندو. دنيا جو چاهہ بہ، ان کي ڏسڻ ۾ آ. ڏسجي انهن اکين سان ٿو، جن ۾ نظر هجي. نظر وئي، دنيا ئي مري وئي.
مطلب: ١. ڏند ويا، سواد ويو، اکيون ويون، دنيا ئي وئي.

٣٤٤ . دندیں چھڑیں نے ماس لینے تہ کس کاری ـ (ڪهاوت)
دنديں؛ ڏندن. چھڑیں؛ ڀڳي، وئي. نے؛ کي. ماس؛ ماس، گوشت. لینے؛ ليي، ملي پوي. کس؛ کھڙي. کاری؛ ڪم جو.
شيءِ جو مزو، ان جي استعمال ۾. جيڪا شيءِ استعمال ڪري نہ سگھجي، ان مان آسيس بہ نہ ملي. گوشت کائڻ جو مزو، ڏندن سان هڏن ڪرٽڻ ۾. ڏندن ڀڳي کان پوءِ، گوشت مان چڻ مزو نڪريو وڃي.
مطلب: ١. قدي کي گوشت ليي تہ کھڙي ڪم جو!؟
٢. ڪدڙي کي سهٽي زال ملي تہ کھڙي ڪم جي!؟

٣٤٥ . دنیاں چار تہڑیاں ناں میلا ـ (ڪهاوت)
دنيا، عارضي آ. هڪ ڏينهن ختم ٿيڻو اٿس. هر ڪو مقرر وقت لاءِ آيو آ، نيٺ هليو ويندو. چئن ڏينهن جو چٽڪو ۽ ميلو آ. جلد گذري ويندو. مٿس نہ ايترو ڀروسو ڪجي، نہ ٻانور.
مطلب: ١. دنيا، چئن ڏينهن جو ميلو آ.

٢. دنيا، گهڙي سوا جو چٽڪو آ.

٣٤٦ . دهکهنی جائی اپر ڑے ٹهوکر لگنی- (کہاوت)
ڏکندڙ عضوو، ٿوري به سٽ سهڻ جي قابل نہ هوندو آ. پيو ڏکندو آ. پر ۾ رکيل کنهن شيءِ جي چرپر تي، يا ٿوري هوا لڳس تہ سور واري جاءِ ڏُکي پوندي. مٽ مائٽ/ دوست يار کي پهتل تڪليف جو ٻڌي، پنهنجا اڻ-چٽل ڦٽ، اُکلي پوندا آهن ۽ ڏُکڻ لڳندا آهن.
مطلب: ١. ڏکندڙ جاءِ تي ئي ٺوڪر لڳندي آ.
٢. جيڪا لڳي لٺ، سا ڪاٽي اک ۾.
٣. ڏکندڙ رڳ تي ئي چوٽ ايندي آ.

٣٤٧ . دهيکهے سنے چ فرق ہوناں آ- (کہاوت)
اکين سان ڏٺل ڳالهين/ معاملن بابت ذهن ۾ جڙيل خاڪو، رچي پڪو تيل هوندو آ. ان کي ورجائي بيان ڪرڻ وقت ڪا هٽڪ يا بيزاري نہ ٿيندي آ. اڻ ڏٺل يا ڪنين ٻڌل ڳالهہ، نہ مغز ۾ ويهندي آ، نہ ئي وري هوبهو بيان ڪري سگهبي آ. ٻڌل ڳالهہ ٻڌندي ٻڌائيندي، ڦير ڪائي وڃي.
مطلب: ١. ڏٺي ٻڌي ۾، فرق هوندو آ.
٢. ڏٺل ۽ ٻڌل ۾، فرق آ.

٣٤٨ . دهيں اگے ديوے نئے بلنيں- (کہاوت)
سج جي روشني، پوري ڌرتيءَ کي روشن ڪرڻ واسطي خلقيل آ. تڪويني عمل سبب، ڳڙکين مان ٽپي بہ اونداهن غارن ۽ ڪمرن کي روشن ڪندي آ. ڏيئي جي روشني، ان جي اڳيان ڪجھ بہ ناهي.
مطلب: ١. سج آڏو ڏيو، اجالو ڪري نہ سگهندو.
٢. وڏي شيءِ سان، ننڍيءَ جي ڀيٽ ئي ناهي.

٣٤٩ . دو پہلوان کہلن، ہیک ضرور ٹیہناں- (کہاوت)
کهلن: وڙهن، مقابلو ڪن. ٽيهنان: ڍهي، دسجي.

بن ڌرين جي چتاپيتيءَ ۾، هڪ ڌر کي سرسي حاصل ٿيندي آ ۽ ٻي ڌر هارائيندي آ. هڪڙو دسيندو آ ۽ ٻيو دسجي پوندو آ. هڪڙو مٿي ٿيندو آ ته ٻيو هيٺ ٿيندو آ.
مطلب: ١. ٻه پهلوان وڙهن، هڪڙو ضرور ڍهي.

٣٥٠ . دو ملاں، مرغی رہام- (کہاوت)
ساڳي شيءِ جا ٻه تاڪائو، حلال کي ٻه حرام ڪري ڇڏين. سندن زور آزمائيءَ ۾، شيءِ ئي ڇيهون ڇيهون ٿي ويندي آ. مفت جي مال تي، هر ڪو پنهنجو حق سمجهندو آ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ حرام حلال جون پيو فتوائون ڏيندو آ.
مطلب: ١. ٻه ملا، مرغي حرام.
٢. ٻن ملن ۾، ڪڪڙ حرام.

٣٥١ . دوترمان ستیں پڑہیں بہری- (کہاوت)
دوترمان: ڏوهٽاڻ، ڌيڻ يا ڌيءُ جو اولاد. ستيں: ستين، ستن. پڑہیں: پيڙهي، پشت. بہری: بري، خراب، ويري، دشمن.
ڌيءُ يا ڌيڻ جو اولاد، پرايو باغ آ. مٿن، نه وارثي هلندي، نه مرضي. پنهنجي سوچ تي هلندا يا پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي پر ڪندي، سندن ڇئي آکيي تي هلندا. نياڻيءَ جو اولاد سمجهي، مٿن فقط شفقت جو هٿ رکجي.
مطلب: ١. ڏوهٽاڻ، ستين پيڙهيءَ تائين ويري.
٢. دوترمان کوٹھے نے سامنے اپنا تہ چارے چوکاں کبنیاں- (کہاوت)
٣. ڏوهٽاڻ، ڪوني/ گهر جي سامهون هجي ته چار ئي ڪندون ڪنبن.
٤. ڏوهٽاڻ، وڏندي جا ويري.

٣٥٢ . دووے نے مونڈے اپر آکھوڑ پہننا سوخاوا- (کہاوت)
دووے: ٻئي. نے: جي. مونڈے: ڪلهي، ڪنڌ. اپر: تي، مٿئون. آکھوڑ: اخروٹ. پہننا: ڀڃڻ. سوخاوا: سوکو آ، سولو آ.
اکروٽ جو مغز، نرم ۽ ذائقيدار ٿئي پر مٿس ڇڙهيل کوپو، سخت ٿئي، جيڪو ڀڃڻ ۾ ڏکيو لڳي. ڏک هٽي، ڀڃڻو پوندو آ. اگر اهو ڏک، ٽڙي پاڻ

کي لڳي ته احساس ٿئي. ٻئي کي ڀهتل تڪليف جو احساس نه ٿيندو آ، تنهنڪري ٻئي جي ڪلهي تي رکي ڀڄڻ سولو آ.
مطلب: ١. ٻئي جي ڪلهي تي اخروٽ ڀڃڻ سوکو آ.
٢. ڪاٺ پرائي بونڊ ۾، ڪپهه ڪان ڪونئرو.
٣. دوجے نی سول، تی چبھنی۔ (کہاوت)
۴. ٻئي جي زخم جو چيڪو (سور جي سوٽ) پاڻ کي نه ٿئي.
۵. هنڌ اهو سڙي، جتي باهه ٻري.
٦. دوجے نی آگنی چ کن سڑناں۔ (کہاوت)
٧. ٻئي جي باهه ۾، ڪير سڙندو آ؟!

٣۵٣ . دووے نے ہتھے وچ دوگاہ پہارا دسناہ۔ (کہاوت)
دووے؛ ٻئي. نے؛ جي. ہتھے؛ هٿ. وچ؛ منجهه ۾. دوگاہ؛ گراهه نوالو. پہارا؛ پاري، ڳؤرو. دسناہ؛ ڏيکارجي.
پنهنجي شيءِ، ليکي ۾ نه آڻڻ ۽ ٻئي جي تي ساهه ڏيڻ. جيئن هڪ ملي، ڪن ماڻهن کي ديگ سان ايندي ڏٺو ته چيائين: ”هڻ! ايترو پت ڪاڏي تا ڪنيو وڃو!؟“ چيائونس: ”اوهان جي گهر.“ يڪدم چيائين: ”اسان جي هيڏي ساري آکهه، ان لاءِ بس اهو گرهڙو!؟“
مطلب: ١. ٻئي جي هٿ ۾ گرهه وڏو نظر ايندو آ.
٢. پرائو ڌن دولت، وڏا نظر ايندا آهن.
٣. پرائي مينهن جو اوهه وڏو نظر ايندو آ.

٣۵۴ . دوجے ناں موں رتا دھیکھی، اپنا چنڈاں ماری ماری رتا نیا کرنیا۔ (کہاوت)
انساني فطرت آ: ٻين کي کو ڪم ڪندو ڏسي، پاڻ کي به شوق جاڳي پوندو آ. ٻئي کي ڳاڙهو ڳٽول ڏسي، هر ڪو اهڙو ٿيڻ جي خواهش ڪندو آ. ان خواهش ۾ پنهنجو پاڻ کي به ڦٽي هلاڪ ڪندو آ.
مطلب: ١. ٻئي جو بوٿ رتائون ڏسي، پنهنجو چنبا هٽي هٽي رتائون نه ڪر.
٢. ڪانءُ هليو مور جي ٽور، ڪنپ کهائي نه رهيو ڪانءُ، نه رهيو مور.
٣. هڪڙيءَ رت ڪڍايو، ٻيءَ کي اوبر آيو.

٣٥٥ . دوئیاں نیں محل دھیکھی، اپنی چھکی تی ٹہانی چائی نی۔ (کہاوت)
پنهنجي شيءِ ڀلي ڪٽي سادي هجي پر استعمال ۾ سهنجي ۽ منجهانئس ڪوڙ فائدا. پرائي شيءِ ڀلي ڪارائتي هجي پر منجهانئس فائدو ونڻ ڏاڍو ڏکيو. پرائي اوچي شيءِ ڏسي، پنهنجي سادي شيءِ کي نہ حقير سمجهجي، نہ وري زيان ڪجيس.
مطلب: ١. پراوا محل ڏسي، پنهنجي ڀونگي نہ ڍاهجي.
٢. پنهنجي سادي شيءِ ڇڏي، پرائي اوچي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ نہ پچاڙجي.

٣٥٦ . دیغے چا ہکے چاول دھکھینیا۔ (کہاوت)
ديڳ ڀت جي رڌي، دم تان لاهڻ کان اڳ، تسلي ڪبي آ تہ چانورن ۾ هڏ ناهي ۽ مصالحي ۾ پورا آهن. ان لاءِ رانڌو، سڀ چانور نہ ڪائيندو آ، بلڪ هڪ ڪٽو چکي، بوءِ يا رنگ جاچي، ديڳ جو اندازو هڻي ويندو آ.
مطلب: ١. ديڳ منجهان هڪ چانور ئي چکي ڏسبو آ.
٢. جنس جي پرک لاءِ، نموني جي مٺ ئي ڪافي هوندي آ.
٣. وڻ ڏٺا، ڄُوءِ ڏٺي.

٣٥٧ . دین گنوایا، دنی نے، دنی ناں چلی ساتھ،
سارے تھو گانوائی طہ ٹریا ایں خالی ہاتھ۔ (کہاوت)
دنيا، سراب/ خواب آ، منجهس هر شيءِ پڻ عارضي آ. سمورو ناٽ پاڻيءَ تي ڦوٽي مثل آ. هاڻي نهيو، هاڻي ڊهي ويو. خواب ۾ ڏٺل ڌن دولت جي انبار وانگر، جيڪو جاڳ ٿيندي ئي گم. ان خاطر دين وڃائڻ، گهاٽي جو سودو آ.
مطلب: ١. دين وڃايس دنيا، دنيا هليس نہ ڪني،
سڀ سات وڃائي، هليو سڪڻي هٿين.
٢. دين وڃايو دنيا خاطر، دنيا هلي نہ ساڻ، ناٽ ڀيو هوندو، هلئو آ خالي پاڻ.
٣. دنيا خاطر دين، وڃائجي نہ هٿان.

٣٥٨ . دیوے ہیٹھ، انھیرا۔ (کہاوت)

سج، جسم مان چؤقير شعاع ڇڏي ۽ سراسر روشن رهي. خلا ۾ معلق رهي. ڏيئو، منهن مان روشني ڪڍي، وهڪ واري جاءِ تان اونداهو ۽ بي نور رهي ته جيئن ڪنهن جاءِ تي ويهي ۽ ٽڪي سگهي.

مطلب: ١. ڏيئي هيٺ، اوندهه.

[ ڏ ]

٣٥٩ . ڈاہڈا مارناں وی آ، رون وی نا دینا۔ (کہاوت)

ظالم جو اندر ڪاڏل هوندو آ. مظلوم جي ڪوڪ، ٻڌندي ڦرڪٽي وٺي ويندي اٿس. ڪيس، مظلوم جو نه بلڪ پنهنجي اندر جو ڀؤ هوندو آ، جيڪو مظلوم جي آهه و پڪار ڪي دباڻڻ ۽ ڌتارڻ تي ويتر مجبور ڪندو اٿس.

مطلب: ١. ڏاڍو ماري، روئڻ به نه ڏئي.

٢. ظالم ظلم به ڪري، ظلم خلاف واويلا ڪي به دبائي هيٺ ڪري.

٣. ظالم جو اندر ڪاڏل، مظلوم جي ڪوڪ به ٻڌڻ جي سگهه نه ساري سگهي.

٣٦٠ . ڈاہڈے ناں، ہر کوئی یار۔ (کہاوت)

ڏاڍو، پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي، پنهنجي محتاجي ٻين ڪان لڪائڻ جو فن ڄاڻندو آ. پيٽ قوت ڪرڻ سان گڏ، جان، مال ۽ عزت جي حفاظت ڪري سگهندو آ. ان ڪري هر ڪو، حرص ۽ حسرت سان ڏانهنس رجوع ڪندو آ.

مطلب: ١. ڏاڍي سان هر هڪ جي ياري.

٢. غريب جو پيٽيويو ٿيڻ لاءِ راضي نه، ڏاڍي جو سالو ٿيڻ ۾ خوش.

٣. يا مڙس ماڻهو ٿجي، يا مڙس ماڻهوءَ جي پاڙي ۾ رهجي.

٣٦١ . ڈاہڈیاں اگے ستیں بیئں سو۔ (کہاوت)

اڳاٽي دور ۾، ڏيتي ليتيءَ ۾، ليکي جا اوزار نه هوندا هيا. آڱرين ۽ ڪوڙين تي حساب ٿيندا هيا. پنج ويهون، سؤ ڪندا هيا. ڏاڍا مڙس، ڏيندي وقت، سؤ ۾ پنج ويهون ۽ اڳاڙيءَ وقت، سؤ ۾ ست ويهون ڳڻيندا هيا.

مطلب: ١. ڏاڍن آڏو، ستين ويهين سؤ.

٢. ڈاہڈے ناں سو، ستاں ویہاں۔ (کہاوت)

٣. ڏاڍي جو سؤ: ست ويهون.
۴. زورے آلیاں ناں، ستاں ویاں ناں سو۔ (کہاوت)
۵. زورآورن جو، ستين ويهين سؤ.

٣٦٢ . ڈبنے آلے کی، تیلے ناں سہارا۔ (کہاوت)

ساهه هر ساهدار کي پيارو آ. سر تي آئي، هر کو ڪرڙيون هڻي. شهه رڳ ڪٽجڻ جي باجود، سير پيل ڇيلو به پيو تڙڦندو آ. ٻڏندڙ ماڻهو به، سر بچائڻ لاءِ، ٻوڙا يا ڪک جهليندو آ، من سر بچي پوي.

مطلب: ١. ٻڏندڙ کي ڪکن جو به سهارو.
٢. ٻڏندي ٻوڙن کي، ڪي هاٿڪ هٿ وجهن.

٣٦٣ . ڈٹھے کی، ان ڈٹھا ناں آخو۔ (کہاوت)

اٿيل معاملي کي، ڏسڻ کان پوءِ، سوچي سمجهي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪجي. ڏسي، لنوائي وڃڻ، مسئلي جو حل ناهي. ان جي وجود کي تسليم ڪجي. هلڪو سمجهي، نه ڇڏي ڏجي، نه ڪن لاٿار ڪجيس.

مطلب: ١. ڏٺي کي، اڻ ڏٺو نه چئو.
٢. ڏٺي مان به ڏسجي.

٣٦۴ . ڈنڈا پیر، ساریاں مرضاں ناں لاج۔ (کہاوت)

سڌاري واسطي، واعظ نصيحت ڪبي آ. جڏهن ته ڪن حالتن ۾ اهي بي اثر ٿي ويندئيون آهن. لتن جا ڀوت، ڳالهين ۾ نه ايندا آهن ته ڏنڊو گهمائڻو پوندو آ. ٻين جي نصيحت ڪير وٺي يا نه وٺي، ڏنڊي جي ضرور وٺي.

مطلب: ١. ڏنڊو پير، مڙني مرضن جو علاج.
٢. عرشاں لتھیاں چار کتاباں، پنجواں لتھا ڈنڈا، کتاباں اوہ نہ کیتا جو کیتا ڈنڈا۔
٣. عرشئون لٿا چار ڪتاب، پنجو ڏنڊو،
ڪتاب سو نه ڪن، جو ڪري ڏنڊو.

٣٦۵ . ڈنگر اپنی کھرلی نئے پھلنیں۔ (کہاوت)

ڏنگر؛ ڊنگر، ڊور، ڊگو. کهڙي؛ آهر .ئے؛ نہ. پهلنيں؛ پلجي، وساري.
مال متاع ڏيهاڙي رات جو، آهرين جي مٿان، کلن سان ٻڌبو آ. آهرين ۾ ڪڙ ڪتر پئي ملندي اٿن. ڏيهاڙي جهنگ چري، هر ڊور شام ڏاري ساڳي آهر تي اچي بيهي. نہ ٻي آهر ڏي تڪي، نہ ٻئي ڪي پنهنجيءَ آهر تي بيهڻ ڏئي.
مطلب: ١. ڊور، پنهنجي آهر نہ وساريندو آ.
٢. ٽاڪ/ وطن، ڪنهن کان بہ نہ وسري.
٣. هر ڪو پنهنجي چلھ تي بانوربو آ.
٤. ڳوٺ جو دڳ ڏسي، ڏاند بہ ڏورٽا پجندا آهن.
٥. ڪتي ڪي بہ گهٽيءَ جي سڪين جا گهر سجهندا آهن.
٦. جتان کائڻ لاءِ ملي، اهو هنڌ جانور بہ نہ ٿو وساري.

٣٦٦ . ڏوم چڙھے ڈنگے، جيڙا کی دکھے اوہے منگے۔ (کہاوت)
ڏوم؛ ڏوم، لنگهو، مڱڻهار، منگتو. ڈنگے؛ رانگي تي، چيڏڪ تي، نخري تي.
مڱڻهار، پنهنجي فن سان، راڄ مان گهور گهاٻور جي، دل تي طلب ڪندو آ. ڏسندو تہ گهور جي مهل ويجهي ٿي آ تہ نخرا ڪندو، ٿوري جو بهانو ڪري لڪي ويندو، ائين چيڏڪ ڪري پئسا وڏيڪ وٺندو آ.
مطلب: ١. ڏوم چڙهي چنگ/ چيڏڪ تي، جيڪي ڏسي سو منگي/ گهري.
٢. چندي مڱڻهار ڪي، گهور مهل ٿورو اچي.

٣٦٧ . ڈوم، کتی قوم؛ لايا پياز، جميا تهوم۔ (کہاوت)
مڱڻهار، لنگها يا پٽ پان، راڄ جي در تي اچي، دان وٺندا آهن. ڊورٽي طور تي ڪا سادي شيءِ کٽي ايندا آهن ۽ موٽ ۾ دل گهري ۽ مهانگي شيءِ طلبيندا آهن. مَچڏ تي بيهندا آهن. گيگھ ڪري ڪري پوندا آهن. منسا مجائڻ کان سواءِ، در تان نہ هٽندا آهن.
مطلب: ١. ڏوم، ڪتي قوم: پوکين بصر، ڦٽي ٿوم.

٣٦٨ . ڈوہل رت، کہا پھٹ۔ (کہاوت)

روزي روٽي ڪمائڻ خاطر، محنت ڪرڻي ٿي پوي. بنا محنت جي مليل ۾ نه برڪت، نه ڊؤ. مفت مليل شيءِ اکين کي نظر اچي، هٿن کي لڳي، پيٽ منجهه پوي، پر تاس نه ماري. بک اها پلي، جا رت ولوڙي حاصل ڪجي.
مطلب: ١. رت ولوڙ، پيت ڪاءُ.
٢. عزت جي روزي روٽي ڪمائڻ لاءِ، رت ولوڙڻو ٿو پوي.

٣٦٩ . ڈین وی ہیک کہر چھوڑی دینی۔ (کہاوت)
ڏائڻ، جيڪا ماڻهوءَ جو ماس کائي، تنهن جي ڪُڪِ به محدود آ. ڪجهه ڪٽي کائيندي آ، ڪجهه ڇڏي ويندي آ. ڪي ماڻهو، ڏائڻ کان به وڏيڪ رهزن ٿيندا آهن. پنهنجي ضرورت جي پورائي کان وڏيڪ، زيان ڪندا آهن.
مطلب: ١. ڏائڻ به هڪ گهر تاريندي آ.
٢. ست کہر، ڈین وی چھڑ دینی۔
٣. ست گهر، ڏائڻ به تاري.
٤. ڏهون گهر، ڏائڻ به اورانگهي.

[ ذ ]

٣٧٠ . ذات اپنی ڈِ ہے چنگی ہونی۔ (کہاوت)
نالا، ذاتيون، ڪڙم قبيلا هڪٻئي کي سڃاڻڻ لاءِ آهن. جڏهن ته سمورا، هڪ ئي آدم جو اولاد آهن. برتري، اونچ نيچ، ذاتين کي ڪانهي. ان هوندي به گهڻا، پنهنجي ذات ۽ نسل کي برتر سمجهي، پيا پاڻُ پڏائيندا آهن.
مطلب: ١. ذات، پنهنجي ئي چڱي لڳندي آ.
٢. ذات پات تي ناهي، جيڪو وهي سو لهي.
٣. ذات، هڪڙي رب جي آ.

[ ر ]

٣٧١ . راجے ناں پہرن، دھوبے ناں ہتھیرن۔ (کہاوت)
راڄے؛ ڏاون، ڏايلن. ناں؛ جي. پہرن؛ پوشاڪ، لباس. دھوبے؛ سڃي. ہتھیرن؛ هٿ.

امير، پنهنجي پاتل پوشاڪ يا لٽي ڪپڙي مان ئي سرنديءَ وارو معلوم ٿيندو آ. سچو، سنو سڦرو ورتائي نہ سگهي. هٺ، وڏائي، هنيلائپ ۽ ٻانهن-لوڏ ۾ پنهنجي هڏ ڪاٺ ڪي وڏائڻ جي ڪوشش ڪندي، پاڻ ڪي پيو پڌرو ۽ خوار ڪندو آ.

مطلب: ١. ڍائو پوشاڪ مان ۽ سچو هنيلائپ مان سڃاتو ويندو آ.

٢. اصل نسل تہ پوشاڪ مان ئي پڌرو هوندو آ.

٣٧٢ . راه پيا يا واه پيا پتہ چلنا۔ (کہاوت)

اڳلي بابت تڏهن سربستي سڌ پوندي آ، جڏهن ساڻس راهہ رسم رکبي آ. معاملات ۾ ساڻس رابطو رکجي يا ڪنهن سفر تي ساڻس گڏجي نڪرجي. ان جي هلڪڙائپ يا پريل مٺ هئڻ واري خاصيت، اتي ظاهر ٿي پوندي آ.

مطلب: ١. راهپ ڪندي يا واهپ ڪندي، جاڻ ملندي آ.

٢. راه پيا جانے يا واه پيا جانے۔ (کہاوت)

٣. راهہ پيو ڄاڻي، يا واهہ پيو ڄاڻي.

۴. ڑا راه پيا جاڑے، ڑا واه پيا جاڑے۔ (کہاوت)

۵. يا راهہ پيو ڄاڻي، يا واهہ پيو ڄاڻي.

٦. راه پئے جانئے، ڑاں واه پئے جانئے۔ (کہاوت)

٧. راهہ پئي ڄاڻجي، يا واهہ پئي ڄاڻجي.

٣٧٣ . رٹی سمی کچھے، کہرے آلیاں نیں قصور،
لین سمی کچھے مزمانے نیں قصور۔ (کہاوت)

اوطاق تي آيل مهمان وٽ، ميزبان جي گهران آيل ماني ڪائيندي، اگر روٽي ڪُٽي تہ ميزبان جي ميزباني تي حرف. اگر ٻوڙ ڪُٽي پوي تہ مهمان جي اڻنگي رويي ڏانهن ڏوهہ تہ: ’ٻوڙ-چٽو آ، مانيءَ جي طلب ناهيس.‘

مطلب: ١. روٽي ڪٽي تہ ميزبان جو قصور، ٻوڙ ڪٽو تہ مهمان جو قصور.

٣٧۴ . رجے نے کہرے ناں کتا پھکھا۔ (کہاوت)

رجے ؛ ڍايل، سڪيا ستاايا. نے؛ جي. کہرے؛ گهر. ناں؛ جو. کتا؛ ڪتو. پھکھا؛ ٻڪيو.

سڪين ستابن جي گهر ۾ ماني تڪي جڙندي آ ته گهر-ياتين جي گهرج پوري ڪرڻ کان مٿي نهندي آ. ڪائڻ پڄاڻان، ايتري بچندي آ جو منجهانئس اوچتو آيل مهمان مڙو، گهر يا گهٽيءَ جو ڪتو ٻلو به پيو رڄ ڪندو آ.
مطلب: ١. ڏاون جي گهر جو ڪتو، اڻ-ڏائو! اڻ-تيٽي ڳالهه.
٢. سڪين ستابن جي در تي وينل ڪتا، بک ئي مرندا آهن.

٣٧٥ . رسی سڑی غی، بل نا گا- (کہاوت)
نوڙي/ واڻ، سر يا مڃ کي آلو ڪري، ڪتي/ وٽي منجهانئن ناهي ويندي آ. سڪڻ پڄاڻان، سندن وڪڙ، ويتر پڪو ٿي ويندو آ. هلڪي ڦلڪي زور تي نه ڪلندو آ. بلڪ رسيءَ جي سڙڻ بعد، خاڪ ۾ به وڪڙ نهيو پيو هوندو آ.
مطلب: ١. رسي سڙي وئي، وٽ نه ويس.
٢.رسی سڑی غی، پر گنڈ ناں کھلی- (کہاوت)
٣. رسي سڙي، پر ڳنڍ نه ڪلي.
٤. ڪچي عمر ۾ پيل عادت، پڪي عمر ٿيڻ کان پوءِ نه وڃي.

٣٧٦ . رکھی سکھی کھائی طہ ٹھڈا پانی پی،
ناں دیکھ پرائیاں چپڑیاں طہ نیں ترسا اپنا جی- (کہاوت)
ٻين جا سٽيا ٽڪر ڏسي، پنهنجي اٽيي ٽڪر مان هٿ نه ڪڍجي، پر جيڪو ميسر آ، تنهن تي شڪر ڪجي. هر شيءِ وقتي ۽ ختم ٿيڻ واري آ. شڪرگذاري ڪجي جو اها ئي پائدار ۽ سڪون بخش آ.
مطلب: ١. رکي سکي کاءُ، ٿڌو پاڻي پيءُ،
نه تک پراوا پراڻا، نه سڪاءِ پنهنجو جيءُ.

٣٧٧ . رناں کی رن توارے، واوی چھخاں مارے- (کہاوت)
عورت وٽ وڏا مڪر آهن، پر مرد لاءِ. هڪ عورت، ٻيءَ کي بيوقوف بنائڻ لاءِ مڪر ڪندي ته ٻي جلد سندس ڊؤنگ تاڙي/ سڃاڻي ويندي. جڏهن ته مرد، عورت جي مڪر کي سمجهي ئي نه سگهندو آ.

مطلب: ١. رن ڪي رن تاڙي، پلي چيخي ۽ واويلا ڪري.
٢. عورت، عورت ڪي ڏوکو نہ ڏئي سگهي.
٣. هڪ عورت، ٻي عورت ڪي بيوقوف نہ تي ٺاهي سگهي.

٣٧٨ . رنڈياں وی رونياں، سواگنيں وی رونياں۔ (کہاوت)
دنيا اندر، انسان آيو بہ روئندو آ، ويندو بہ روئندو/ روئاريندو. ٻکيو/ ڏکيو تہ ٻک/ ڏک سببان روئي پر سکيو ستابو ڪوڙ حسرتون ڪنيو وينو جهڄندو جُهرندو. رنڙ، جنهن ڪي مڙس ناهي، سا مڙس خاطر روئي. سهاڳڻ، جنهن ڪي مڙس ۽ ٻار ٻچا آهن، سا مڙس ۽ ٻارن جي آزار ڪان روئي.
مطلب: ١. رنڙيون بہ روئن، سهاڳڻيون بہ روئن.
٢. روچ جنهن جي نصيب ۾ هوندو، تنهن ڪي روئڻو ئي پوندو.
٣. ڏک جو اچڻ، مڙس ڇڏڻ سان ناهي. سک جو اچڻ، مڙس ڪرڻ سان ناهي.

٣٧٩ . روناں کیا ایں، شکل ڈِيے اڑے جئی۔ (کہاوت)
هڪڙي همراھ ڪان، جيڪو روئڻي شڪل ٺاهيو وينو هيو، ٻئي پڇيو: ”روئين چو تو؟“ ان تي همراھ ويتر شڪل خراب ڪندي چيس: ”اڙي روئان ڪاڻي تو؟! منهنجي تہ شڪل ئي اهڙي آ.“
مطلب: ١. روئين چو تو؟ چي: شڪل ئي اهڙي آ.
٢. شڪل روئڻي هجي تہ ڳالهائيندي، رويو ڪلڻو رکجي.

٣٨٠ . رويا ہوئیے تہ کانیا آکھی وچا وی آتھر اپنی اوٹھی۔ (کہاوت)
رويا: روئڻو. ڪانيا: ڪاڻي. آکھی: اک. وچا وی: منجهئون. آتھر: آنسو، ڳوڙها. اپنی اوٹھی: اچي ويندا آهن.
ڪاڻي اک ۾ نہ پاڻي هوندو آ، نہ منجهانئس ديد پوندي آ. انساني مزاج ايترو تہ ڳوڙهو ۽ منجهيل آ جو جڏهن دل سان روئندو آ تہ ٻين ڪي روئاري ڇڏيندو آ پر ڪاڻي ۽ سڪل اک بہ اشڪ-بار ڪري ڇڏيندو آ.
مطلب: ١. روئڻو هوندو آ تہ ڪاڻي اک مان بہ ڳوڙها وهي پوندا آهن.
٢. ڪم ڪرڻ واري ماڻهوءَ لاءِ، ڪوڙ رستا آهن.

٣. Where there is will, there is way.

٣٨١ . روئے سوائيں ما دهدھ وی ٹی دینی۔ (کہاوت)
طلب/ ضرورت وارو، رڙ واکو ضرور کندو. ري-گهرجائو، چپ کيو وينو هوندو. ٻچڙو، جيستائين ٻڪائبو نه، تيستائين کير لاءِ روئندو نه. رنائين ته ٿڃ ڏبس. بنا روئڻ جي، گد گدان ڪبس ته واڌو کير بيمار ڪندس.
مطلب: ١. روئڻ کان سواءِ، ماءُ به کير نه ٿي ڏئي.
٢. بنا گهرڻ جي ماءُ به پٽ کي ٿڃ نه ڏئي.
٣. گهرج ڌاران ڪا شيءِ ڏيڻ/ وٺڻ نقصانڪار آ.

٣٨٢ . ریڑیں چیڑیں کنی پانی دینا۔ (کہاوت)
ریڑیں چیڑیں؛ پهاڙي چيڙ، پهاڙي چيل، پهاڙي وڻ جو قسم. کنی؛ ڪنهن. پانی دینا؛ پاڻي ڏنو آهي.
هڪڙا ٻوٽا/ وڻ، قدرت جي طرفان پاڻ مرادو ڦٽندا آهن. قدرت واري تن کي، پنهنجي ڪامل قدرت سان اتي پاڻي پهچائڻ جو ڳجهو نظام رکيو آ، جنهن تي اهي تازا توانا رهن ٿا. ڪين پاڻي ڏيڻ جي ضرورت نه پوندي آ.
مطلب: ١. پهاڙي چيڙ کي ڪنهن پاڻي ڏنو آ.
٢. جهنگلي جيوت، الله جو چراگاهه آ، ان جي پرگهور اهو پاڻ ٿو لهي.

٣٨٣ . رکھی چیز کم اشنی۔ (کہاوت)
وقت تي ٻيا ڪم اچن نه اچن، پر گهر ۾ رکيل پنهنجي شيءِ ضرور هٿ ايندي. ان ڪري ضرورت کان واڌو شيون به سنڀالي رکجن. جڏهن وقت پوي ته ساري سڪاري ڪيجن ۽ منجهانئن گهربل فائدو حاصل ڪجي.
مطلب: ١. رکيل شيءِ ئي ڪم ايندي آ.
٢. ڪڏا! چي: جيءُ سڏا!

٣٨٤ . رہامے ناں مال وی رہامے چ ڑیے گشناں۔ (کہاوت)
رہامے: حرام.

ڪا بہ شيءِ حاصل ڪرڻ لاءِ، متس جان ۽ مال، پئسو ۽ وقت جي لاڳت ڪبي آ. حرام ذريعي سان آيل شيءِ تي ڪا بہ لاڳت ٿيل نہ هوندي آ، جنهن ڪري منجهانئس فائدو تہ نہ پوي پر پونيرن جي جهيڙي جو سبب بڻجي.
مطلب: ١. حرام جو مال، حرام ۾ ئي ويندو آ.

٣٨٥ . روز روز نہیں مرے کولا، ہیکا وار مرناں چنگا۔ (کہاوت)
موت بر حق آ. ايندو ضرور، جو هيءَ دنيا بي بقا آ ۽ هڪ ڏينهن ڊهڻي آ. موت کان لڪڻ اجايو آ. بيعزتيءَ واري زندگي، روز روز مري وڃڻ کان، عزت جو هڪ دفعو وارو آيل موت بهتر آ.
مطلب: ١. ڏيهاڙيءَ ڏيهاڙيءَ جي مرڻ کان، هڪ دفعو مرڻ چڱو.

٣٨٦ . راتیں گھس دیو، کہر اجھڑی گشنان۔ (کہاوت)
گھس؛ ٻهاري
رات جو گهر کي ٻهاري، فقط چور ئي ڏيندو. گهر-ياتي ڌئي تہ ڪيس، چور وارو طعنو هڻي، ٻهاري ڏيڻ کان روڪبو آ. جڏهن تہ صفائي سترائيءَ ۾ قرار ايندو آ ۽ گندگيءَ ۾ نہ. ان وهم ۾، اهو چڱو ڪم بہ رهجي ويندو آ.
مطلب: ١. رات جو ٻهاري ڏيڻ سان، گهر اجڙي ويندو.
٢. راتیں گھس دیو، برکت اڈری گشنان۔ (کہاوت)
٣. رات جو ٻهاري ڏيڻ سان، برڪت نڪري وڃي.
٤. جمعي ڏينهن بصر ڪائبو تہ ڪفن ۾ ڏپ ٿيندي.

٣٨٧ . رب نیاں، رب جانے۔ (کہاوت)
زندگيءَ اندر ڪيئي معاملا، مشيت ايزديءَ تحت، اسرن ۽ نسرن ٿا. اڄ سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن. سياڻي سمجهہ ۾ اچن تہ واتان نڪريو وڃي: ”رب جي ڪرڻي، رب ڄاڻي، جو سوچي سمجهي، عام ڀلائيءَ لاءِ ڪري ٿو.“
مطلب: ١. رب جي، رب ڄاڻي.
٢. رب جون ڳالهيون، رب ئي ڄاڻي.

٣٨٨ . رب کوں دیر ای، انهیر نا۔ (کہاوت)
اللهﷻ ڪائنات، وڏي حڪمت سان جوڙي آ ۽ هلائي ٿو. ڪٿي بہ ڪا تڪڙ ۽ تيزي ناهي. هر معاملو پنهنجي رٿا ۽ مصلحت تحت رونما ٿئي ٿو. انسان اُبهرو ۽ تڪڙا نتيجا طلبيندڙ آ. رب وٽ دير ٿئي پر ان ۾ ڀلائي رکيل آ.
مطلب: ١. رب وٽ دير آهي، انڌير ناهي.
٢. رب جي ديڳ چيڙ آ: تپندي ناهي، تپندي آ تہ ٺرندي ناهي.

٣٨٩ . رنگ مشکی؛ ناں کھنگ، ناں خشکی۔ (کہاوت)
چڱو رنگ روپ، جاذب نظر هئڻ سبب، هر هڪ کي پسند هوندو آ. اڇو/ ڳؤرو رنگ، ڪاري/ناسيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پرڪشش لڳندو آ. جڏهن تہ ڇهري جو نکار، قدرت واري، رنگ ۽ سينگار جو محتاج نہ رکيو آ.
مطلب: ١. رنگ مشڪي: نہ ڪنگهہ، نہ خشڪي.
٢. ڪارو: رب جو پيارو.
٣. اڇو: ڪڪڙ جو پڇو.

٣٩٠ . روزے خور، خدا ناں چور۔ (کہاوت)
روزو، رب طرفان، انسان جي ڀلائيءَ لاءِ هر مذهب ۾ فرض ڪيو ويو آ. منجهانئس، جسماني توڙي روحاني، گهڻا فائدا آهن. رب طرفان مقرر ڪيل روزي ۾ اگر ڪو ڪائي پيئي ٿو، سو ڄڻ رب جي چوري ٿو ڪري.
مطلب: ١. روزي-خور: خدا جو چور.

٣٩١ . رونی مویاں کی، سنانی یاراں کی۔ (کہاوت)
پرائي سور جو احساس، پنهنجي اندر جي سورن تتان ٿيندو آ. پرائي پٽر تي اهو روئندو، جنهن کي پنهنجن جا پور پوندا. ٻڌائڻ خاطر، پل ڏاڍيان پار ڪڍي، ڪنهن کي ٻڌائي. پر روئڻو/ پٽڻو، پنهنجي اندر جو هوندس.
مطلب: ١. پار ڪڍي مئن لاءِ، ٻڌائي يارن کي.
٢. رونی یاراں کی، ناں مویاں ناں۔ (کہاوت)

٣. روئٹو روئي يارن جو، نالا وني مئن جا.
۴. جٹی روندی یاراں نوں، لے لے ناں بھراواں نوں۔ (پنجابی)
۵. جٹي روئي يارن ڪاڻ، نالا سڏي يائرن جا.

٣٩٢. رجے کی دھیکھی ناں سکناں طہ پھکے کی دئی ناں سکناں۔ (کہاوت)
دنيا ڏانهن لاڙو، انساني سياءَ اندر وڏل آ. جنهن سبب، دنيا جي چِڪ ۽ مال، ميڙڻ جي سڌ تئي ٿي. هوند واري مان اميد، سڄي مان سوال جو پؤ رهي ٿو. تنهنڪري سيڪو، سُجي ڪي ڇڏي، سڪيي ڏي پڇي.
مطلب: ١. ڍائي ڪي ڏسي نہ سگهان، بکيي ڪي ڏئي نہ سگهان.
٢. ڏاڍي تي ڪاوڙ چاڙهيي نہ چڙهي، هيٺي تان لاهيي نہ لهي.

[ ز ]

٣٩٣. زتیم روئے نے ہلے ہونے۔ (کہاوت)
يتيم: ڇورو، جنهن تان پيءُ جو سايو لهي ويو هجي، ٻين ڪي ڪا شيءِ ڏسي پيو اندر ۾ جهجندو ۽ هڄندو آ. احساس محروميءَ ۾ رهڻ سبب، روئڻ ڪي ئي وڪيل ۽ هٿيار طور استعمال ڪندو آ. آخرڪار، روئڻ ۽ ٽمجهڻ جو عادي ٿي ويندو آ.
مطلب: ١. يتيم، روئڻ جا عادي هوندا آهن.
٢. يتيم رويا پلے نے۔ (کہاوت)
٣. يتيم، روئڻ جا هيراڪ.

٣٩۴. زہر کی زہر ڑے مارنی۔ (کہاوت)
دنيا جي اندر، هر شيءِ جو علاج ۽ ترياق آ. زهريلي شيءِ جي اثر ڪي زائل ڪرڻ لاءِ ترياق طور، زهريلي يا لوٹياني شيءِ جو سهارو وٺٹو پوندو آ. نانگ جي زهر جو علاج، وري بہ نانگ جي زهر مان جڙندو آ.
مطلب: ١. زهر ڪي زهر، ماري.
٢. زور ڪي زور، پڄي.
٣. لوھ ڪي لوھ، ڪپي.

۴. طاقت سان طاقت، منهن ڏئي.

۳۹۵. زیدے لوڑنیاں لوڑنیاں، تھوڑی تھی ویں گشناں پیناں۔ (کہاوت)

قانع ۽ شاڪر جي روزي رزق ۾ برڪت پوي ۽ کوٽي نہ ٿئيس. لالچي، هٻچي ۽ ناشڪرو، گهٽي جي ڪڍ پوي، جنهن سبب پوري نہ پويس. روزي رزق منجهان، ناشڪريءَ سبب، برڪت ڪڄي ويندي اٿس.

مطلب: ١. گهٽو ٻوليندي ٻوليندي، ٿورڙو بہ هليو ويندو آ.

٢. جيڪي گهٽي جي ڪڍ ويا، سي موٽيا ئي ڪو نہ.

٣. اڌ ڪي ڇڏي سڄيءَ پويان ڏوئي، سڄي تہ وڃائي پر اڌ تان بہ هٿ ڌوئي.

[ ژ ]

۳۹۶. ژاں کسے نے ہوئی گچھو، ژاں کسے کی اپنائی کہنو۔ (کہاوت)

ڄڻاءُ، ان ٻل/ طاقت ڪي آ، جيڪا رب طرفان وديعت ٿيل آ. زندگي، ٻل تي گهاري سگهبي. يا پاڻ ۾ وديعت ٿيل هجي، يا جنهن ۾ هجي، ان جو ساٿ هجي. ٻي صورت ۾، ميتجڻ/ ميسارجڻ جا امڪان گهٽا آهن.

مطلب: ١. يا ڪنهن جا ٿي رهو، يا ڪنهن کي پنهنجو ڪري ونو.

٢. يا مڙس ماڻهو ٿي رهجي، يا مڙس ماڻهوءَ وٽ رهجي.

۳. کسے کی اپناں بناؤ، ژاں کسے نیں بنی گشو۔ (کہاوت)

۴. ڪنهن کي پنهنجو ڪري ونو، يا ڪنهن جا ٿي وڃو.

[ س ]

۳۹۷. ساٹھا تے پاٹھا۔ (کہاوت)

ساٹھا؛ سانو، سٺ سالن جو. پاٹھا؛ پانو، پاني جهڙو نوٽ ۽ بنا پاڻيءَ جي.

سَٺ سالن کي پهچندي، جوانيءَ واري جوت موڪلائي ويندي آ. نہ اکين ۾ ڏهو، نہ ڏندن ۽ ڏاڻن ۾ هڏي ڪرڻ جي طاقت. نہ پيٽ جو هاضمو درست، نہ ڄنگهن ۾ پنڌ جي طاقت. هر عضوو، سهارو ونڻ کان سواءِ ڪم نہ ڪري. سڪل پاڻي جيان، سيٺيو آڪڙيو هلندو، سهندو ٿوري سٺ بہ ڪو نہ.

مطلب: ١. سانو تہ پانو.

٣٩٨ . سادوآں کی، کئہ سوادے نال۔ (کہاوت)

ساڌو، دنيا مان بيزار هئڻ سبب، لذتن کي تياڳي ڇڏيندا آهن. سواد ۽ لذت ڏانهن ڌيان نہ هوندو اٿن. اگر ڪو ساڌو سڌائي ۽ وري دنيا جي شين سان شغف، رغبت ۽ لاڙو رکي تہ ڪيس ساڌو نہ مڃبو.

مطلب: ١. ساڌن جو ڇا سواد سان.

٣٩٩ . سارے چٹ کپڑیے، پلے مانس نئے ہوئیں۔ (کہاوت)

سارے چٹ؛ اڇا اجرا. کپڑیے؛ ڪپڙا. پلے مانس؛ ڀلومانس، عزتدار. نئے ہوں؛ نہ هوندا.

آدمي هڪ نور، ڪپڙو ست نور آ. تنهن هوندي بہ چڱا ڪپڙا لڳن تي اوڍڻ سان، علم اندر ڪاهي نہ پوندو آ. جيئن گڏھ تي ڪتابن جو ٻورو سٽبو تہ عالم نہ ٿيندو، تيئن ڀلا لٽا پائڻ سان ماڻهو، داناءُ نہ ٿيندو.

مطلب: ١. ڪپڙا اجرا پائڻ سان، اندر اجرو نہ ٿو ٿئي.

٢. تن ڌوتي، من اجرو نہ ٿئي.

٣. اڇي پڳ مَر پسُ، اندر مڙيوئي اڳڙيون.

٤٠٠ . سارے دن ہکے جئے نئے رہنیں۔ (کہاوت)

هر ڏينهن ڌرتيءَ تي نئون سج ايري ٿو. نوان خيال ۽ نيون امنگون ساڻ کنيو اچي ٿو. ڪالهہ ڪي اڄ جهڙو ۽ اڄ ڪي سڀاڻ جهڙو نہ سمجهجي. هر ڏينهن کي گهارڻ لاءِ نئين تدبير ڪجي. نئين رٿا ۽ نئين سوچ سان هلجي.

مطلب: ١. سڀ ڏينهن هڪجهڙا ناهن.

٤٠١ . ساریاں گلاں حیاتی نال۔ (کہاوت)

مامرا، جيئرن سان آهن. مُئن سان ڪو بہ مامرو ناهي. ماڻهو مئو، دنيا مري وئي. هڙ رڻون، اڻ-رٿيون رهجي وينديون. حياتي آ تہ دنيا بہ آ. ان جا مزا ۽ رونقون بہ آهن. حياتي ختم، هر شيءِ ڏُڦ.

مطلب: ١. سموريون ڳالهيون زندگيءَ سان آهن.

٢. مُئن کهڙا مامرا، چرين کهڙا چت.

٤٠٢ . سانجھ پيے، کن دبے۔ (کہاوت)

سانجھ؛ ڀائيواريءَ جا، شراڪت وارا، جنهن جا وارث گهڻا هجن. پيے؛ بابي، بابا، ابا. کن؛ ڪو نه. دبے؛ دبيا، دفنايا، پوريا.

گهڻ-ڀائيواريءَ جو معاملو، نبرڻ/ سنورڻ بجاءِ بگڙندو آ. جنهن فوتيءَ جا وارث ججها، تنهن جي ملڪيت تي ڦڏا ڦشاد بہ جام. وارث، لاش دفنائڻ بجاءِ، پنهنجن حصن پتين ونڊ جي ويڙھ ۾ لڳا پيا هوندا آهن. لاش، سرد خانن منجھ پيو ڪنو ٿيندو آ.

مطلب: ١. گهڻ-وارثيا بابا، ڪير دفنائي.

٢. گهڻن-وارثيي جو لاش، منهن ڏسڻ جي بهاني، دير سان دفن ٿئي.

٣. گهڻ-پٽاڻ ابي جو لاش، دفنائڻ لاءِ لاوارث.

٤٠٣ . سانون پہادهرے نی چھڑی ناں کئہ وساہ۔ (کہاوت)

ساون؛ سانوڻ، مهيني جو نالو. پہادهرے؛ بدو، مهيني جو نالو. چھڑی؛ برسات، وٺو. وساہ؛ ويساھ، اعتبار، پت.

منداٿتي مينهن جي موسم آ، جولاءِ-آگسٽ (سانوڻ ۽ بدو). هر هنڌ هڪجهڙو مينهن نہ پوي. مال جي هڪ سڱ تي پوي، ٻئي تي نہ. پيو تہ انجر چنجر. نہ پيو تہ قحط-سالي. ٻنهي صورتن ۾، مٿس اعتبار نہ.

مطلب: ١. سانوڻ ۽ بدي جي بارش جو ڪو ڀروسو ناهي.

٤٠٤ . سانے ناں چھرا، ٹھڈے چ ناویں ہوناں۔ (کہاوت)

سانے ناں؛ سون جو، سونو. چھرا؛ چرو، خنجر، چاقو. ٹھڈے؛ ڍڍ، پيٽ.

سون، قيمتي ڌات تہ آهي پر في نفسهٖ پيٽ جي بک ختم نہ ڪري سگهي. سون جو چڪو کائڻ سان، نہ پيٽ ڀرجي، نہ بک لهي. وڏڻ جي حساب سان، جهڙو سونو چاقو وڍي، تهڙو لوھ جو. پيٽ ۾ هڻڻ سان، ٻئي وڍين.

مطلب: ١. چاقو سونَ جو هوندو تہ پيٽ ۾ تہ نہ هڻبو.

٢. ڪاتي ٿي سوني، پيٽ ۾ تہ نہ هڻبي.

۴۰۵ . ساه ناں کنہ وساه۔ (کہاوت)

ساهہ دم يا پل، دنيا اندر اوترا کٽي سگهبا، جيترا قسمت ۾ لکيل هوندا. لوح ۾ لکيو، کير پڙهي نہ آيو آ. قدرت وارو ئي ڄاڻي ٿو. انسان کي دنيا جي عارضي هئڻ جي خبر آ، منجهس کيترو رهندو، ان جي خبر نہ آ.

مطلب: ١. ساهہ تي ڪهڙو ويساهہ.

٢. ساه ناں وساه کوئی نا۔ (کہاوت)

٣. ساهہ تي ڀروسو ناهي.

۴. دم تي ڪو ڀروسو ناهي.

۴۰٦ . سپاں اگیں دیوے نئے بلنے۔ (کہاوت)

نانگن جي فطرت آ: ڦوڪون ڏيڻ. انهن جو ٻين تي اثر پوي يا نہ پوي، ڪين ان سان ڪو سروڪار ناهي. ڦوڪن تي حياتيءَ جو اجهاميل/ وساميل ڏيئو يا دونهون ڪندڙ ڪاني، نڙڪو ڏيئي، ٻري نہ ٿا سگهن.

مطلب: ١. نانگن آڏو ڏيئا نہ ٻرندا.

٢. عادي نانگن جي ڦوڪن تي، ڏيئا ڪو نہ اجهامندا آهن.

٣. نانگن جون شاديون/ فاتحائون: ڦوڪون ئي ڦوڪون.

۴۰٧ . سپاں نے پتر سپ ژے ہونیں۔ (کہاوت)

اولاد، فطرتًا پيءُ ماءُ تي اُڌ چڪيندو آ. سندس جبلتي لاڙا، رنگ روپ، طبعي ميلان ۽ رجحان ساڳيا هوندا، جيڪي وڏڙن جا هوندا.

مطلب: ١. نانگن جا ٻچا بہ نانگ ئي ٿيندا.

٢. ڪانءَ جو ٻچو ڪانءُ ٿيندو.

٣. بگهڙ جو وياءُ، بگهڙ ٿيندو.

۴۰٨ . سپے ڈھنگناں چھوڑیا، سوکناں نئیں چھوڑیا۔ (کہاوت)

ڦوڪون ڏيڻ ۽ ڏنگ هڻڻ، نانگ جي جبلت ۾ رکيل آ. عادت متجي سگهي ٿي، جڏهن تہ جبلت، سيڪارڻ يا سڌارڻ سان بہ نہ متبي آ. نانگ جي ڏنگ

ڪي منڊ لڳي، پر ڦوڪن ڪي نہ. ڪير پيئارجيس تہ بہ عادتًا ڏنگ هڻندو. نہ هنيائين تہ بہ فطرتًا/ جبلتًا ڦونگارو ضرور ڏيندو.

مطلب: ١. نانگن ڏنگڻ ڇڏيو آ، ڦوڪون ڏيڻ تہ ڪو نہ ڇڏيو آ.

٢. ڪنهن ڪان بہ فطرت/جبلت، نہ وسرندي آ.

٤٠٩ . سپے نا کھادا ناں سوتریا کولا وی ڈرنا۔ (کہاوت)

انساني فطرت اندر، خوف (ڊڄ، ڊپ) ۽ خشيت (پؤ) پڻ وديعت ٿيل آهن. اوچتي ڪڙڪي تي، پؤ ۾ ٿاهہ ڪائڻ، هر ساهدار اندر رکيل آ. اچانڪ نانگ اچي، پؤ ۾ سمورا اٿي پوَن. اهو فطري عمل آ. جڏهن تہ موت، اٹل آ ۽ هڪ ڏينهن اچڻو آ. ان ڪان ڊڄڻ بزدليءَ (پاڙيائپ) جي نشاني آ.

مطلب: ١. نانگ جو ڪاڏل، سوتليءَ ڪان بہ ڊڄي.

٢. سپے ناں ڈنگیا رسی کولا وی ڈرناں۔ (کہاوت)

٣. نانگ جو ڏنگيل، رسيءَ ڪان بہ ڊڄي.

٤. نانگ جو ڏنگيو، نوڙيءَ ڪان ڇرڪي.

٤١٠ . سپے ناں کھادا بچی گشناں، پر نظری ناں کھادا ناں بچناں۔ (کہاوت)

نظر/ بدنظر، هُوس سبب ٿئي ۽ ڪاري ويهاري ڇڏي. جنهن ڪي احساس محرومي گهٽي ٿيندي، سو ٻين جي هر شيءِ ۾ نگاهہ وجهندو، جنهن سببان اڳلو ان نعمت ڪان محروم ٿي ويندو آ. نانگ جو ڏنگيل، علاج سان بچي. نظر جو گهايل، نہ بچي. بد نظريءَ سبب پهتل گهاتو، پوڳٹو ئي پوندو آ.

مطلب: ١. نانگ جو ڪاڏل بچي وڃي، نظر جو ڪاڏل نہ بچي.

٢. بدنظر: يا ماري، يا ڪاري.

٣. پيٺيو: نظر پتھر پھاڑی شوڑنی۔ (کہاوت)

٤١١ . ست چوہے کھائی، بلی حجے رٹری۔ (کہاوت)

ٻليءَ جي مرغوب ۽ گهربل غذا: يا ڇيڇڙا، يا ڪُوئن جي گرم ۽ سٹيي وَهَ آ. ڪوئن جي وهُ، گيدڙي ڪائين، تن ڪي اگهاڙي لڳين، سياري ۾ بہ سيءُ

نہ ٿئي. ٻليءَ کي جيترا بہ ڪوئا سامهون آيا، ليٿائي رکندن. پوءِ، معصوم منهن ناهي ويهندي ۽ بہ نہ ڪندي. ڄڻ سڄي عمر پارسا رهي هجي.

مطلب: ١. ست ڪئا کائي ٻلي، حج تي هلي.

۲. نو سو چوہے کھائی، بلی حج رٹری۔ (کہاوت)

٣. نو سؤ ڪئا کائي، ٻلي حج هلي.

۴۱۲ . ستا طہ مویا ہیک برورر۔ (کہاوت)

ڪيترن ماڻهن جو ساهہ ننڊ ۾ بہ نڪتو آ. ننڊ دوران، ساهہ قبض ڪيا ويندا آهن. اتڻ مهل کي موتايا ويندا آهن، کي نہ. جو ننڊ، موت جي ڀيڻ آ. ننڊ ۾ ستل ۽ موت جي بستري تي پيل، ٻئي دنيا جي ڪاروبار کان پري ۽ ٻين جي وس آهن. ان لحاظ کان ٻنهي ۾ هڪجهڙائي آ.

مطلب: ١. ستل ۽ مئل، برابر ناهن.

۴۱۳ . ستے شین کی ناں جاغاؤ۔ (کہاوت)

شين؛ شينهن.

شينهن، ڦاڙيندڙ درندو آ. پرائو شڪار نہ کائي. ان جانور جو ماس کپيس، جيڪو پاڻ شڪار ڪيو هجائين. اهڙي کي ستل ئي رهڻ ڏجي. اٿيو تہ هڪ ڏک ڪندو. ڪانئس ٿري پاسو ڪرڻ کي، سيڪو ترجيح ڏئي.

مطلب: ١. ستل شينهن کي نہ جاڳائجي.

٢. شينهن جي آڏو لڪڙي اڇلڻ سولي، ورائي ڪڍڻ اولي.

۴۱۴ . سجن لئے، جھڑا اوخے ویلے کم اچھے۔ (کہاوت)

اوکو وقت، سهڻ ڏکيو آ، وس ويندي ڪير بہ پاڻ تي اچڻ نہ ڏيندو آ. ٻئي مٿان آيل تڪليف جو احساس گهٽ ٿيندو آ. اگر ٿئي ۽ مدد لاءِ اٿي پئجي تہ ان لاءِ چئبو: 'دل جو ڳانداپو اٿن ۽ هڪٻئي جا سڄڻ آهن.'

مطلب: ١. سڄڻ سو، جيڪو اوکي ويلي ڪم اچي.

۲. سکا لئے آ، جھڑا اوخے ویلے کم اچھے۔ (کہاوت)

٣. سڳو مٽ اهو، جو اوکيءَ ويل ڪم اچي.

۴. يار لئے آ جہڑا اوخے ویلے کم اچھے۔ (کہاوت)
۵. يار اهو آ جيڪو اوکيءَ مهل ڪم اچي.

۴۱۵ . سجن لئے، جہڑا موئیں ر سچ آخے۔ (کہاوت)
عيب، جسم يا اخلاق جو، ٻين کان ڏور ڪندو ويندو آ ۽ زندگي گهارڻ، اهنجي ٿيندي ويندي آ. عيب يا غلطي پرکي، پاڻ کي آجو ڪرڻ ۾ سهنجائي آ. اهو تڏهن ممڪن آ، جڏهن پاڻ ۾ عقل هجي يا ڪو سڄڻ، منهن سامهون عيب جي نشاندهي ڪري ۽ ان جو حل به ٻڌائي.
مطلب: ١. سڄڻ اهي، جيڪي منهن تي سچ چون.

۴۱٦ . سجناں سوائیں کنہ عیزاں۔ (کہاوت)
سجناں؛ سڄڻن. سوائیں؛ کان سواءِ. کنہ؛ ڪهڙيون. عیزاں؛ عيدون.
عيد، خوشيءَ جو نالو آ، جيڪا تن سان گڏجي ملهائبي آ، جن کي ڏٺي پڻ خوشي ٿئي. جن کي ڏسڻ سان دل کي راحت اچي، سي جيڪڏهن دور هجن ته اها عيد مزو يا خوشي نه ڏيندي.
مطلب: ١. سڄڻن کان سواءِ ڪهڙيون عيدون!

۴۱۷ . سجناں نیں کتے وی پیارے ہونیں۔ (کہاوت)
جن سان دل لڳندي آ، تن جي هر ادا/ شيءِ پياري لڳندي آ ۽ منجهانئن خوشبوءِ ۽ طراوت پئي ايندي آ. اساسي شاعر، حمل فقير لغاريءَ سڄڻ جي پار جي ڪاري ڪتيءَ تان سڀ لغاري قربان ڪري ڇڏڻ جي دعويٰ ڪئي آ.
مطلب: ١. سڄڻن جا ڪتا به پيارا.
٢. محبت واري جي هر شيءِ پياري لڳندي آ.

۴۱۸ . سچ ساریاں کی پہڑا لگناں۔ (کہاوت)
پہڑا؛ ڪؤڙو، برو.

ڪي رڻائون، واهِ واهِ ڪرڻ سان، ڪري پونديون آهن. اهڙي قسم جو سچ يا واهِ واهِ اگرا لڳندا آهن. جيتوڻيڪ، سچ سان وقتي ڏکيائي ايندي آ، آخر فائدو رسندو آ. تنهن هوندي بہ هر ڪو، سچ چوڻ ڪان پيو ڪيٻائيندو آ.

مطلب: ١. سچ مڙني کي برو لڳندو آ.

٢. پيٽيو: سچ کوڑا ہوتا آ.

٤١٩ . سچ کوڑا ہوتا آ۔ (کہاوت)

سچ، اندر ۾ ڪؤڙو آ ۽ مٿس مناس جو روغن چڙهندو ئي ناهي. وقت گذرڻ ڪان پوءِ ان جا فائدا ضرور ظاهر ٿيندا آهن. وقتي، ڏاڍو ڏکيو ۽ برداشت ڪان چڙهيل هوندو آ.

مطلب: ١. سچ، ڪؤڙو آ.

٢. الحق مر، ولو ڪان در. (عربي)

٣. سچ ڪؤڙو آ، پلي موتي هجي.

٤. سچ: وات کي مِنو، ڪنن کي ڪؤڙو لڳي.

٤٢٠ . سچی گلے ر پھائی والی ترٹنی، ط پئی ترٹے۔ (کہاوت)

پھائی والی: پائيواري. ترٹنی: ٽٽي، ڇڃي.

سچ، ان ڪري نہ وٽندو آ، جو پت وائڪي ٿيڻ سبب، نقصان جو انديشو هوندو آ. ڪُوڙ يا لِڪُ، وقتي فائدو ڏيندڙ آ، پر پڇاڙي بڇڙي اٿس. ڪوڙ جي سهاري سان، وقتي فائدا ونڻ ڪان، سچ جو پاسو ونجي. پوءِ پلي پائيواريون ڦٽي/ ٽٽي وڃن. ليڪو ڪبو تہ ان ۾ ايڏو حرج ناهي.

مطلب: ١. سچ چوندي پائيواري ٽٽي تہ پئي ٽٽي.

٢. ڏندڻ ڏيندي ڏند گسي، تہ گسڻ ڏينس،

ڦٽي ڏيندي وار ڪُسي، تہ ڪُسڻ ڏينس،

دال روٽي کاڏي ڏن ڪُٽي، تہ ڪُٽڻ ڏينس،

حق سچ چوندي يار رُسي، تہ رُسڻ ڏينس.

٤٢١ . سخے ناں ہر کوئی یار۔ (کہاوت)

سکيو، پنهنجي پيرن تي بيٺل هوندو آ. ٻين کان، اوڌر پاڌر نہ گهرندو آ. اگر گهرندو تہ سنت، کنهن ٿوري سان، موٽائڻ جي ڪندو. اميد جي آسري، هر ڪو مٽس ٿورو ڪرڻ ۽ تعلق رکڻ جي ڪوشش پيو ڪندو آ.
مطلب: ١. سکيي جو هر ڪو يار.
٢. سڃي کان هر ڪو پيو ڪترائيندو آ.
٣. سکيي منجهان، سؤ سک.

۴۲۲ . سخیے کولا شوم چنگا، جهڑا ترت دے جواو- (کہاوت)
ترت جواب ڏيڻ سان، اڳلي جو آسرو ٽٽو ۽ ويهي وقت وڃائڻ کان بچي ويندو ۽ وڃي ڪو ٻيو ٻلو ڪندو. سخي، جو آسرا ڏئي وقت وڃائي، تنهن کان اهو ڪنجوس بهتر، جو ترت جواب ڏئي، وقت نہ وڃائي.
مطلب: ١. سخيءَ کان شوم ڀلو، جو ترت ڏئي جواب.

۴۲۳ . سدا کوئی نا جیناں- (کہاوت)
دنيا ۾ هر ڪو مسافر آ. مقرر ڪيل، عرصي لاءِ آيو آ ۽ پنهنجو وارو وڃائي، مداءَ تي هليو ويندو. دنيا، عارضي آ. وقت، هتان مان کسڪندڙ واريءَ وانگر، زوريءَ وهندو ٿو وڃي ۽ خبر بہ نہ ٿي پوي. اوچتو هليو وڃبو.
مطلب: ١. سدائين لاءِ ڪير بہ جيئرو نہ رهندو.
٢. موت هر ساهدار تي اچڻو آ.

۴۲۴ . سدھیاں انگلیاں نال کہئے نا نکلناں- (کہاوت)
سٽيپون شيون ۽ فائدي وارا ڏنڌا، سولائپ سان هٿ نہ ايندا آهن. ڏک ڏاڪڙا ڏسڻ کان علاوه، دنياداري بہ ڪرڻي پوندي آ. سڌو هلڻ سان، تاڪائو ڪائي ويندا. پنهنجو وجود برقرار رکڻ لاءِ، ٽيڏي سان ٽيڏو ٽيڙو پوندو آ.
مطلب: ١. سڌيءَ آڱر سان، گيهہ نہ نڪرندو آ.
٢. گيهہ، ٽيڏي آڱر سان نڪرندو آ.

۴۲۵ . سر آئی قضا، تی ٹلنی- (کہاوت)

تڪليف، جا قسمت ۾ لکيل آ، سا ڀوڳڻي پوندي. اها اصل نہ ٽرندي آ. دنيا جون سختيون، پڃائڻ، تاهڻ، نستو ۽ ياڙي ڪرڻ لاءِ نہ هونديون آهن، بلڪ پڪو پختو ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ هونديون آهن. منهن ڏيڻ ۾ عافيت آهي.
مطلب: ١. سر تي آيل قضا، مور نہ ٽرندي آ.
٢. سر آئی، سہنی پینی۔ (کہاوت)
٣. سر آئي، سهڻي پوندي.
۴. سر پئی، پوتنی پینی۔ (کہاوت)
۵. سر تي آيل، ڀوڳڻي پوندي آ.

٤٢٦ . سر بڑے سرداراں نے، پیر بڑے گنواریں نے۔ (کہاوت)
سردارن کي قوم لاءِ سوچڻو ويچارڻو آ، تنهنڪري قدرت وارو سندن دماغ، وڏا ڪري ٿو. ڳنوارن ۽ مال چاريندڙن کي مال پويان پيچ ڊڪ ڪرڻي آ، جنهن لاءِ ڪين دماغ نہ پر پير وڏا ڪپن. تن جا پير وڏا ٿين ٿا.
مطلب: ١. سر وڏا سردارن جا، پير وڏا ڳنوارن جا.
٢. سر وڏو سپوت جو، پير وڏو ڪپوت جو. (تر)
٣. پیلیو؛ پیر بڑے لہاراں نیں، ط سر بڑے سرداراں نیں۔ (کہاوت)

٤٢٧ . سر پینی فر پتا چلناں، کتنے وئیاں ناں سو آ۔ (کہاوت)
ٻاهران ٻيهي، مصيبت بابت ڳالهيون ڪرڻ سوليون آهن. مصيبت جي اندر ويهي، حوصلي ۽ مت کي قائم رکڻ، اهنجو/اوکو آ. اصل ۽ ٻي اصل جي پرک، اتي ٿيندي آ.
مطلب: ١. سر تي اچڻ کان پوءِ پتو پوندو آ تہ: گهڻين ويهين سؤ آ.
٢. ڪم پئي تي، ڪل پوي.

٤٢٨ . سر سلامت، جتیاں بہوں۔ (کہاوت)
سر/ جان جي قيمت، هر شيءِ کان وڌ آ. تڪليف اچي، اتان پهرين جان جي خلاصائيءَ جا اپاءَ وٺجن. ٻيون شيون وري بہ ٿي پونديون. شيءِ خاطر، جان نہ وڃائجي، چوندا آهن: ”مال صدقو، جان جو ۽ جان صدقو شانَ/مانَ جو.“
مطلب: ١. سر سلامت، جتيون ڪوڙ.

٢. يار سلامت، صحبت باقي.
٣. سر بخت ڏي خير هجي، باقي معاملا پيا نبرندا.

۴۲۹ . سراں نال سرداریاں- (کہاوت)
عزت ۽ شان، وجاهت ۽ دٻدٻي جو مزو آ، صحت ۽ سرير سان. لاغر جسم وارو پنهنجي بت مان ئي بيزار هوندو. سرداري يا وڏيرپ مٿي جو سور آ. سر سلامت هوندو تہ سرداريءَ لائق ٿي پئبو ۽ پراوا معاملا پنهنجي مغز ۾ کڻي سگهبا.
مطلب: ١. سرن سان، سرداريون.
٢. جان آ تہ سرداري بہ قائم آ.
٣. جان آ تہ جَهان آ.

۴۳۰ . سر ہویں تہ ٹوپیئں نے کہاٹے- (کہاوت)
سر؛ سر، مٿو. ہویں؛ هجن. ٹوپیئں؛ ٽوپي، تاج. کہاٹے؛ گهاٽو، کوٽي. ٹپیاں؛ ٽوپيون. کال؛ کال، کوٽي.
ٽوپي، مٿي تي پائبي آ. مٿو ئي نہ هوندو تہ ٽوپيءَ جو کهڙو ڪم؟ مال ملڪيت ڪني ڪبي آ اولاد ۽ جان جي سک لاءِ. جيڪڏهن نہ اولاد رهي ۽ نہ ڄمار وڏي، تہ ڪني ڪيل ملڪيت ڪهڙي ڪم جي؟
مطلب: ١. سر/ مٿو هجي تہ ٽوپين جو ڪهڙو ڪال.
٢. ضرورت واري شيءِ جو گراهڪ هوندو آ.
٣. اهليت ۽ صلاحيت هجي، ڪم لاءِ موقعو (چانس) ملي ويندو آ.
۴. سر ہون طہ ٹپیاں نیں کال نئے- (کہاوت)
۵. مٿو هجي تہ ٽوپيءَ جو ڪال ناهي.

۴۳۱ . سرے ناں پہار، پیراں ناں اشناں- (کہاوت)
سرے؛ سر، مٿي تي. ناں؛ جو، تي رکيل. پہار؛ پار، بار، وزن. پیراں؛ پيرن. اشناں؛ اڇٽو آ.

پاٽان وڏي کي تڪليف ۾ وجهڻ خاطر، اگر ننديا ويهي ڪڏا ڪم ڪندا تہ انهن جو نتيجو وڏن سنئين ڪين بہ ڀوڳڻو پوندو. جيڪا پري، مٽي تي ڪٽجي ٿي، تنهن جو وزن، جسم ۽ پيرن ذريعي، زمين تي پهچي ٿو.

مطلب: ١. مٽي تي رڪيل بار، وري بہ پيرن تي اچڻو آ.

٢. وڏن تي آيل آزمائش جو مزو، ننڍن کي بہ چکڻو ئي پوندو.

۴۳۲ . سس ناں ننان، بنی پھرے پردھان۔ (کہاوت)

پردهان؛ وڏو، سردار.

سس جو نونهہ سان، نڻان جو ڀاڄائيءَ سان، ڏيرياڻيءَ جو جيٺياڻيءَ سان، پهاڄ جو پهاڄ سان، ويرپو هوندو آ. زور، زور کي جهلي بيهي، جنهن سبب، مرد جي زندگي سکي گذرندي. جڏهن تہ نونهہ چاهيندي آ: سس موراڳو هجي ئي نہ. ڀاڄائي، نڻان کي ڏائڻ ۽ ڏيرياڻي، ڏيرياڻيءَ کي ويرياڻي پئي سمجهندي آ. پهاڄ، مکڻ جي بہ گهوري. جيڪا انهن رشتن کان آجي آ، سا پاڻ کي سڀاڳي پئي سمجهندي آ.

مطلب: ١. سس نہ نڻان، گهمي ڦري پرڏان.

٢. نہ سس، نہ نڻان: ويني موجان ماڻ.

۴۳۳ . سستا روئے وار وار، مینغا روئے ہکے وار۔ (کہاوت)

سستي شيءِ، اگهہ ۾ گهٽ، جوڙڻ ماڻ ۾ اڻ-جهالائو هوندي آ. جلد ڀڄندي، نهڻ تي ورجائي خرچ/ خفو ڪرڻو پوندو ۽ بيزار ٿي پئبو. پائدار شيءِ مهانگي هوندي آ پر پهرئين خرچ ڪرڻ پڄاڻان، دلجاءِ هوندي آ.

مطلب: ١. سستو روئي وار وار، مهانگو روئي هڪ وار.

٢. مہنگا/ مینغا روئے ہک/ ہکے بار، سستا روئے بار بار۔ (کہاوت)

٣. مهانگو روئي هڪ وار، سستو روئي وار وار.

۴۳۴ . سکھن، سودا طہ کچھی،

سوچی سمجھی طہ کریں تاں ڑے ہار نہ اچھی۔ (کہاوت)

سکهن؛ سخن، وچن، رشتو ڪرڻ. سودا؛ سودو، واپار. کچهی؛ ورو، منهن/ ڪوئي جي چت ۾ وڏل ڪام، ڏکهي ڪاني. هار نہ اچهی؛ نقصان نہ پوي.
رشتو هڪ دفعو پر سڄي عمر لاءِ ڪجي ٿو. سودو بيني ڪبو آ پر پئسي ڏني کان پوءِ قربو ناهي. منهه اندر ڪاٺ جو ورو اهڙو وجهجي جيڪو وزن ڪٽي سگهي. اگر ٽٽو تہ چت وئي. ٿئي ڪم، اڳوات سوچي سمجهي، تڪي توري، پوءِ ڪجن.
مطلب: ١. مائٽي، سودو ۽ ورو: سوچي ڪجن، جيئن نقصان کان بچجي.
٢. ٽڪي جي دانگي ونجي تہ بہ وڃائجي ونجي.

٤٣٥ . سکی نال، سنی وی بلنی/ سڑی گشنی۔ (کہاوت)
سائو ڪاٺ/ٻارڻ، آلو هئڻ سبب، ٻرڻ جي صلاحيت گهٽ رکندو آ. سُڪي منجهہ صلاحيت هوندي آ. آلو جڏهن، ٻرندڙ سڪي جي صحبت ۾ هوندو تہ جلد خشڪ ٿيندو ۽ ٻرڻ جي صلاحيت وڌائڻ شروع ڪندو.
مطلب: ١. سڪي سان گڏ ساوا بہ ٻرن/ سڙي وڃن.
٢. چورن سان چاهہ پئي، جي من ميڙ ڪيائين،
پوندو تہ ڪاٺ، نہ تہ ڪونائبو تہ سهي.
٣. چڱن سان چاهہ پئي، جي من ميڙ ڪيائين،
رڱجي تہ لال ٿيندو، نہ تہ ڪڪوربو تہ سهي.
٤. صحبت جو اثر جلد ٿئي ٿو.

٤٣٦ . سمندرے نی ما تریہی ہوئی۔ (کہاوت)
تریہی: ترسايل، اڃايل، اساٽيل.
سمنڊ جو پاڻي، اگر منو هجي تہ بيني بيني ڏپ ڪري وڃي. کارو هئڻ سبب، هيئت برقرار رکيو اچي ٿو. جڏهن تہ کاري پاڻيءَ ۾ اڃ لاهڻ جي صلاحيت نہ هوندي آ. پي پي پيٽ ڦوڪجي وڃي، تاس نہ مرندي.
مطلب: ١. سمنڊ جي ماءُ اڃياري هوندي.
٢. هوندي مال، برا حال.
٣. گهٽي کي، ٻک بہ گهٽي.

۴. گهٽا اوچڻ، گهٽو سيءُ.
۵. گهٽي ملڪيت وارن کي، ملڪيت مان ڏؤ نہ ٿيندو آ.

۴۳۷ . سنڈیاں ناں پیڑھ، جنڈاں نی خراوی۔ (کہاوت)
سنڈیاں؛ سانَ. پیڑھ؛ ويڙهہ جهيڙ. جنڈاں؛ جهُنڊ، ٻوٽا. خراوی؛ خرابي.
سانَ، طاقت وارا آهن. پاڻ ۾ وڙهندا تہ هڪٻئي سان پڇي ڪائيندا. جتي وڙهندا، اتي ڌوڙ اڏائي ڇڏيندا، وڻ ٻيجي ڇڏيندا، ٻوڙا پٽي ناڙ ڪري ڇڏيندا. سندن ويڙهاند، ٻر وارن ڪمزور ٻوڙن تي شامت ٿي ايندي آ.
مطلب: ١. سانن جي ويڙهہ جهنڊ/ ٻوڙن جي خرابي.
۲. سنڈیاں نی لڑائی، جنڈیں نی خرابی۔ (کہاوت)
۳. سانن وڙهندي، ٻوڙن جوکو.
۴. سنڈیاں نی لڑائی، طہ بوٹیاں ناں ناس۔ (کہاوت)
۵. وڙهيا سان، پٽيا ٻوٽا.

۴۳۸ . سنگیاں نال، سنگت۔ (کہاوت)
زندگي، اڪيلي رهڻ لاءِ ناهي، بلڪ ماڻهن سان گڏجي رهڻ لاءِ آ. ست ۾ رهڻ ئي زندگي آ ۽ ان ۾ ئي زندگيءَ جو مزو آ. ٻي صورت ۾ جانورن واري زندگي آ، جيڪا بي مقصد ۽ اجائي هلي وڃي ٿي.
مطلب: ١. سنگتين سان، سنگت.
۲. سنگت سان مزا آهن.
۳. سنگت آهي تہ مزا بہ آهن.
۴. اٺڻ ويهڻ جا مزا، سنگت ساٿ جي هئڻ سان آهن.

۴۳۹ . سنگئے نی سنگت کی دھیکھو، اسنے عیباں کی ناں دھیکھو۔ (کہاوت)
جنهن سان سنگت رکجي، تنهن جا عيب صواب نہ جاچجن. ڪيس عيبن صوابن سميت اکين تي رکجي. دوستي، تڏهن نيجي سگهندي. اگر موٽ ۾ اڳلي بہ عيب صواب ڏوندڻ شروع ڪيا تہ سنگت نہ رهندي.
مطلب: ١. يار جي ياريءَ کي ڏسو، يار جي عيبن کي نہ ڏسو.

۲. سنگیّے نی سنگت نال کم، اسنے عیباں نال کتہ کم ۔ (کہاوت)
۳. يار جي ياريءَ سان ڪم، خواريءَ سان ڪهڙو ڪم.
۴. یار نی یاری نال غرض، اس نے عیباں نال کتہ غرض۔ (کہاوت)
۵. يار جي ياريءَ سان غرض، خواريءَ سان نہ.
٦. یار نی یاری نال مطلو رکھناں۔ (کہاوت)
۷. يار جي ياريءَ سان ڪم رکجي.

۴۴۰ . سنو ساریاں نی، کرو اپنی مرضی۔ (کہاوت)
ڪنهن بہ معاملي ۾ هٿ وجهڻ کان اڳ، صلاح صواب گهڻن سان ڪجي. جڏهن معاملي جا هڙ پاسا اکلي ۽ هيٺ-مٿانهيون نروار ٿي پون تہ پنهنجي منهن ويهي، اندر سان آچار ويچار ڪجي، تهان پوءِ جيڪي من ۾ ويهي، تنهن تي وت ۽ وس، ضرورت ۽ ڪيسي آهر عمل ڪجي.
مطلب: ۱. ٻڌو هر هڪ جي، ڪيو پنهنجي مرضيءَ جي.
۲. کرو اپنی، سنو ساریاں نی۔ (کہاوت)
۳. ڪيو پنهنجي، ٻڌو سيني جي.

۴۴۱ . سو تہڑے چور نیں، ہک تہڑا شاد ناں۔ (کہاوت)
چور، لِڪي لڪي پرائو مال چورائي ٿو. ڏٽي/ شيءِ جو مالڪ، وس آهر پنهنجي مال جي سنڀال ڪري ٿو. جيستائين ڪيس سڌ پوي يا چور پڪڙڻ جا رستا ذهن ۾ اچن، تيستائين چور پيو جاوا ڪندو آ. نيٺ ساڌ ڪي بہ وارو ملندو آ، ۽ چور جا اڳيان پويان ليکا پورا ٿي ويندا آهن.
مطلب: ۱. سؤ ڏينهن چور جا، هڪ ڏينهن ساڌ جو.
۲. اوٺتيهہ راتيون چور جون، هڪ رات ساڌ جي بہ آ.
۳. اوٺويهہ راتيون چور جون، ويهين ساڌ جي بہ آ.

۴۴۲ . سو داندے والا وی ہک داندے والے کول گینا۔ (کہاوت)
سو؛ سؤ، ۱۰۰. داندے والا؛ ڏاندن وارو. کول؛ وٹ. گینا؛ ويندو آ.

هر هڪ سان معاملا آهن ئي آهن. هڪ ڏاند واري سان بہ آهن تہ سؤ ڏاند واري سان بہ آهن. سڄو توڙي سڪيو، ٻين جي مدد کان آجو ناهي. ٻين سان ربط ۽ واسطي کان سواءِ زندگي گذارڻ آسان ناهي.

مطلب: ١. سؤ ڏاند-وارو بہ هڪ ڏاند-واري وٽ اچي.

٢. هڪ-رڃي، ست-رڃيءَ وٽ اچي تہ ست-رڃي هڪ-رڃيءَ وٽ اچي.

٣. غريب جو امير منجهہ ۽ امير جو غريب منجهہ، ڪم پيو پوندو آ.

۴۴۳ . سو سنیارے نی، ہیک لہارے نی۔ (کہاوت)

سوناري ڪي ذري سونَ منجهان زيور ناهڻو آ. ننڍڙا ٽڪڙا هٽي ناهي سگهندو. لوهر ڪي، وڏي لوھ-ٽڪر مان اوزار ناهڻو آ. وڏاڻ سان سنداڻ تي رکيل لوھ مٿان، وڏا ۽ تڪڙا ڌڪ هڻندو تہ واهہ، نہ تہ هڙ ويس.

مطلب: ١. سؤ سونار جا، هڪ لوهار جو.

٢. سؤ ڌڪ سوناري جا، هڪ ڌڪ لوهر جو.

۴۴۴ . سوٹے ماریاں پانی نیئں بِچھڑنا۔ (کہاوت)

پاڻيءَ جا ڦڙا پنهنجي لطافت سبب هڪبئي سان چنبڙيل هوندا آهن. لڱل لٺ، پنهنجي وچان پار ٽيڻ ڏيندا، هم آهنگي/ رفاقت ختم نہ ڪندا. بہ يائر جدا گهرن ۾ رهندي بہ يائر ئي سڏائيندا، دشمن نہ سڏائيندا.

مطلب: ١. لٺ هنئي، پاڻي نہ ڇجي.

٢. سٹے ماریاں، پانی جدا نا ہوناں۔ (کہاوت)

٣. سوٽو هڻڻ سان، پاڻي جدا نہ ٿيندو آ.

۴. پانئے چ سٹے ماریاں دوئے ہونے۔ (کہاوت)

۵. پاڻيءَ ۾ لٺ هنئي، ڪجهہ نہ ٿئي.

٦. نهن تان ماس نہ ڇڳو آ.

٧. رت جا رشتا، حالتون ڦرڻ سان بہ، نہ ٽٽندا آهن.

۴۴۵ . سوچیں پیا، بند اگا۔ (کہاوت)

هر ڪم سوچي سمجهي شروع ڪجي. شروع کان مڪمل ٿيڻ تائين، وچ ۾ بيا خيال دل ۾ نه آڻجن. ڌيان هيڏانهن هوڏانهن ٿيو ته رٿيل ڪم اڌپورو رهجي ويندو ۽ ڪيل محنت رائگان هلي ويندي.

مطلب: ١. سوچن ۾ پيو، بند اڳيان آيس.

٢. وهمن ۾ پيو، رڪاوٽ ۾ اٽڪيو.

۴۴٦ . سورے ٹاکو کہ کرسی۔ (کہاوت)

سورے: سوئر، خنزير، ساهدار. ٹاکو: بيماريءَ جو قسم. کہ کرسی: ڇا ڪندي.

سوئر خود بيماري آ، جنهن سبب ڪيس نجس، پليد ۽ حرام ڪيو ويو آ. ان کي ٻيون بيماريون لڳي/ چنبڙي، ڇا ڪنديون!

مطلب: ١. سوئر کي ٽاڪو جي بيماري ڇا ڪندي؟

۴۴۷ . سورے نے یار باہرے۔ (کہاوت)

پليد جا يار به پليد. هر ڪنهن جي سڃاڻپ، ياريءَ ۽ سنگت مان پوندي آ. سوئرن جا ساٿي به سوئر. پنهنجا پاڻ ۾ هڪڙو غول ناهي پيا هلندا. ڪو جهلڻ پلڻ وارو نه هوندو اٿن.

مطلب: ١. سوئر جا يار، ٻاهر وارا.

٢. سوئر جا يار به سوئر.

۴۴۸ . سویلے نیں پھلیا سناں کہر مڑی اچھے، اس کی پھلیاواتے آخنے۔ (کہاوت)

خطا/ ڀل چڪ، انساني فطرت اندر رکيل آ. نه ڪو ماءُ-پيٽان سکي آيو آ ۽ نه وڏي دماغ سان ڄائو آ جو هر معاملو، انت کان اڳ، سمجهي وڃي. ڀلئي کي سمڪ اچي ۽ موٽ ڪائي ته ڀليل نه چئبس. جو سندس نيت ۾ خلل ناهي. اگر خطا تي ڳت ڏئي ٻيهي ته ڀليل چئبس.

مطلب: ١. ساجهر جو ڀليو، سنجهي جو گهر موٽي اچي ته ڀليل نه چئبس.

٢. فزریں ناں پھلیاوا سناں مڑی اچھے، اس کی پھلیاواتے آخنیں۔ (کہاوت)

٣. صبح جو ڀُليو، سانجهيءَ جو موٽي اچي، تنهن کي به ڀليو نه چئبو.

۴۴۹ . سئے کھوتی، کلے کمہار۔ (کہاوت)
سئے؛ سوئا ٿئي، ويامي، ڦر ڏئي. کھوتی؛ کوتي، مادي گڏهه. کلے؛ تڪليف برداشت ڪري، سور-ڦيٿون کائي. کمہار؛ ڪنيار، ڪنير.
ڪنير، ڪچا پڪا ٿانءَ، گڏهه تي ڍوئيندو آ. گڏر سفر لاءِ گڏهه جي ضرورت ڏيهاڙي پوندي اٿس. گڏهه ويامندي تہ ڏينهن اڌ، بار ڍوئي نہ سگهندي، جنهن سان ڪنير پريشان ٿيندو. گڏهه جي ويم جا سور، ڇڻ ڪيس ئي پوڳڻا آهن.
مطلب: ١. ويامي گڏهہ، سور سهي ڪنير.
٢. بار گڏهه تي، ٽٽ چڏي ڪودي.
٣. سور ساٿيءَ کي، ڏنيجي گڏهه.

۴۵۰ . سیانا کاغ، گوئیں اپر ہنا۔ (کہاوت)
ڪانءُ، سياڻو ٿيندو آ. جان بہ بچائيندو آ، ٻارن جي هٿان لولا بہ ڦريندو آ. ڊڄڻو، ٺهڻو ۽ چرڪڻو بہ حد جو آ. اولڙي يا ڪمان ڪان ونءُ پيو ويندو. وجي گونهہ تي ويهندو، ماڻهن جي ويجهو نہ ايندو.
مطلب: ١. سياڻو ڪانءُ، گونهہ تي ويهي.
٢. سياڻو ڪانءُ، بہ-ٽنگو ڦاسي.

۴۵۱ . سیرے کی سوا سیر وی ملی گشناں۔ (کہاوت)
دنياوي شين اندر، طاقت جو ڇيهه ڪنهن تي بہ ناهي. اور ڪان اور شيءِ پئي آ. حسن هجي يا دولت، علم هجي يا عقل. مڙني کي، ٿورو گهڻو منجهانئن پاڱو مليو وجي. انهن جي حد، ڪنهن تي بہ ناهي.
مطلب: ١. سير کي سوا سير، مليو وجي.
٢. ڏاڍي کي اجا ڏاڍو گڏجيو وجي.
٣. سير مٿان سوا سير رکيو آ.

۴۵۲ . سيغا لبئی کرو، جئی او، تہ جئی او۔ (کہاوت)

هڪجهڙا جڏهن پاڻ ۾ ملن تہ ڏاڍا خوش ٿين. امير پاڻ ۾ ملي، سُجن جي گلا ڪري، گڏ گڏ ٿين. سچا ۽ سهڻا پاڻ ۾ مليا تہ سچائيءَ/ حسن تي ناز ڪندي، پيا پاڻ پڏائيندا. ڪوجها پاڻ ۾ ملن تہ حسينن جون گلائون ٿين.
مطلب: ١. ڳوهہ ڪي ملي ڳوهہ: جهڙي هوءَ، تهڙي هوءَ.
٢. جيسي ڪي مليو تيسو.
٣. پيٽيو: ڄي روح اووهي ڄي فرشتي۔ (ڪهاوت)

٤٥٣ . سيک اتهی ڙيے لگناں آ، جتهيں اگ لگی وے۔ (ڪهاوت)
باهہ جي ويجهڙائي، ساڙي. ڪانئس ڏور هجبو تہ سيڪ جو تصور بہ ڪري نہ سگهبو. لهس، جيستائين نہ آئي آ، تيستائين تڪليف جو احساس نہ جاڳندو. جن ڪي چپيٽ آئي آ، سور سببئون سيٺ، تن ڪان نڪتي هوندي.
مطلب: ١. سيڪ اتي اچي، جتي باهہ لڳي.
٢. جاءِ اها جلي، جت باهہ ٻلي.

٤٥٤ . سيو سنگی چهوڙنا۔ (ڪهاوت)
سيو؛ شير، شينهن. سنگی؛ سنگهي، نوسي. چهوڙنا؛ ڇڏي ڏئي.
شينهن، نہ مئل ڪي ماريندو آ، نہ پرائي ماري ڪائيندو آ. مئل يا زخميءَ کي سنگهڻ بعد، شينهن ڇڏي هليو ويندو آ. زخميل/ شڪار ٿيل ڪي، وڏيڪ زخمي ڪرڻ، سندس فطرت ۾ ناهي.
مطلب: ١. شينهن (زخميءَ ڪي) سنگهي، ڇڏي ڏئي.

[ ش ]

٤٥٥ . شريک مٹی ناں وی پهيڙا۔ (ڪهاوت)
شراڪت/ ڀائيواري، نيٺ خواري. منڍئون ونءُ وججي تہ بهتر. ڀائيچارو ڳنڍڻ لاءِ تہ سڀ ڪو ڳنڍي پر نڀائڻ آ ڪنهن ڪنهن ۾. وڏو، سمجهدار ۽ نباهڻ وارو آ تہ سندس پونئير، ڦيتهڙي جو سبب بڻبو. شڪ ۽ غلط فهمين جي ور چڙهي، معاملا گنجرجي ويندا ۽ فيصلا اڪلائڻ اوکا ٿي ويندا.
مطلب: ١. ڀائيواري، مٽيءَ جي بہ چڱي ناهي.

٢. پهاچ، مٽيءَ جي ٻہ گهوري.

٤٥٦ . شريڪاں چ ٻسناں سان نا۔ (ڪہاوت)
ويجها مِٽ مائٽ، وچونءَ وانگر پيا پٽيندا ۽ ڏنگيندا آهن. اٺندي ويهندي چڻ پڻ جي تاهوت لڳي ايندي اٿن. ان ڪري ڪائنن جهڳو جدا ناهي رهجي تہ چڱو.
مطلب: ١. شريڪن/ رشتيدارن جي وچ ۾ رهڻ، آسان ناهي.
٢. الاقارب، ڪالعقارب۔ (عربي)
٣. ويجها، جهڙا وڇون.
٤. رت ڪي ٽاندو.

٤٥٧ . شکارے نے ٹیم کتیا باہرے نی حاجت۔ (ڪہاوت)
شڪاري ڪتي ڏارڻ جو مقصد آ تہ شڪار ڳولي لهي ۽ رومڙ ڪري چڙهي وڃيس. اگر ڳولي نہ لهي تہ پوءِ ڏيڪارڻ سان مٿس حملو ڪري. شڪار ڏيڪارڻ بعد، بجاءِ مٿس حملو ڪرڻ جي، لڪي وڃي يا ويهي ٽورو ڪري تہ نڪمو ۽ ٽوٽي چئبو. مٿس لڳايل وقت، خرچ ۽ خفو، رائگان هليا ويا.
مطلب: ١. شڪار جي ٽيم تي ڪتيءَ ڪي ٻاهر جي حاجت لڳي.
٢. شڪار نڪتو، ڪتيءَ ڪي هنگڻ/ جهنگ جو خيال آيو.
٣. گهور مهل، نياڳي مگٽهار ڪي ٽورو اچي.

٤٥٨ . شیراں ناں ماریا، گدڑ کھانیں۔ (ڪہاوت)
شينهن، پنهنجو ڪيل شڪار، ٺمائي رکي، ڪِني ٽيڻ بعد کائي. گدڙ ۽ لومڙيون پاڻ شڪار ڪري نہ سگهن. گوشت جي طلب ۾، شينهن جي ڪيل شڪار مان نرم عضوا/ آنڊا/ وڪا چورائين يا شينهن جي اوبر کائين.
مطلب: ١. شينهن جي ماري، گدڙ کائيندا آهن.
٢. شينهن، پرائي ماري نہ کائيندو آ.

٤٥٩ . شیراں نیں مون، تھوتے ہونیں۔ (ڪہاوت)

شينهن، جنگل جو بادشاھ آ. ڏيهاڙي گوشت کائي. ويلي تي ڪاڏو ڪائڻ، هٿ ڏوئڻ يا ٻين جي وچ ۾ ويهڻ لاءِ، منهن ڌوئڻ جي متس نوبت نہ ايندي آ. جيڪوو جيءُ ۾ اچيس سو ڪندو آ ۽ ڪير بہ ڪانئس پڇڻ وارو ناهي.

مطلب: ١. شينهن جا منهن ڏوتا پيا آهن.

٢. شينهن ۽ موالين جا هٿ، ڌوتا پيا آهن.

٣. شينهن کي ڪير چوندو: ”تنهنجي وات ۾ ڏپ آ!“

٤٦٠ . شیرے ناں منہ کنی تہرتا۔ (کہاوت)

تہرتا؛ ڌوئي ٿو.

شينهن، ڏاڍو جانور آ. ڪنهن جي وٽ يا جهل جو ناهي. سندس ويجهو وڃڻ ۾ جگر گردو ڪپي. سندس منهن ڌوئڻ لاءِ، سندس ويجهو وڃڻ معنيٰ موت کي هٿ وٺي سڏڻ. ان ڪري ڪيس وهنجارڻ جهڙو عمل ناممڪن آ.

مطلب: ١. شينهن جا منهن، ڪير ٿو ڌوئي.

٢. ڏاڍي سان ڪير ٿو هٿ پائي ڪائي؟!

٣. ناممڪن ڪم، ٿيٽا ناهن.

٤٦١ . شیں جنگلے ناں بادشاہ۔ (کہاوت)

شينهن مڙني جانورن ڪان طاقت ۾ ڏاڍو آ. جنهن سببان سڄو جهنگ، سندس مطيع هوندو آ. سڀ ڪو سندس خوشنوديءَ واسطي، سلامي هوندو آ. جنهن کي هر ڪو سلامي هجي، سو بادشاھ مثل آ.

مطلب: ١. شينهن جهنگل جو بادشاھ آ.

[ ص ]

٤٦٢ . صبر ناں پھل مٹھا ہوناں۔ (کہاوت)

صبر واري سان رب ريڌل ۽ ساڻُ آ. جڏهن تہ تڪڙي ۽ ابهري جي ياري شيطان سان هوندي آ، جيڪو ابهرائپ جو ڏڳ وٺائي، ڪيس اوجهڙ ۾ وجي وجهندو آ. صبر واري کي تڪليف ايندي آ پر انتُ، خوش آئند هوندو اٿس.

مطلب: ١. صبر جو ڦل، مٺو هوندو آ.

٢ صبر جا سورنهن، تکڙ جا تيرنهن.
٣. صبر جنين جو سير، اڻ-گس تنين جو تير.

٤٦٣ . صبر ناں صلہ اللہ کول آ۔ (کہاوت)
الله صبر واري سان گڏ آ. جن عملن سبب، رب جي ويجهڙائي نصيب ٿئي ٿي، سي جڻ الله طرفان نعمت آهن. ان نعمت جو بدلو، ڏاڍي سڀورو خود آ. پوءِ جنهن جو رب، تنهن جو سڀ.
مطلب: ١. صبر جو صلو، الله وٽ آ.
٢. صبر جو بدلو، رب ڏيندو آ.

٤٦٤ . صرفہ کری ستی، آٹا کھا گئی کتی۔ (کہاوت)
کنجوسائپ بہ حد اندر نهندي آ. گهٽي پڪائي، نهيل ڪم بہ بگاڙي ڇڏيندي آ. اگر پڪائي ڪري پئسا پاڇي ڪجن تہ انهن کي ڪتب بہ آڻجي. بي-مالڪيو ڇڏي، سمهي نہ پئجي، جو مال ئي ملهالا تڳائي وڃن.
مطلب: ١. صرفو ڪري ستي، اٽو کائي ويس ڪتي.
٢. صرفو ڪجي تہ سجاڳي بہ ڪجي.
٣. پڪائي ڪجي تہ اک بہ پٽجي.
٤. کنجوسائپ کان پوءِ ڳڻ ڳوت بہ ڪجي.

[ ظ ]

٤٦٥ . ظالم تائیں رسی ڈہلی۔ (کہاوت)
دنيا آزمائش جو جهان آ. ڪيل عملن تي آخرت ۾ تہ جزا سزا ملندي پر هن دنيا ۾ بہ ان جو اجورو ملڻ شروع ٿي ويندو آ، ابهرو يا تڪڙو نہ. ڏاڍيءَ جي ديڳ چيڙ آ، تپندي دير سان آ تہ ٺرندي بہ دير سان آ. ظالم جو رسو، ڍلو هوندو آ. جڏهن سوڙهو ٿيڻ لڳندس تہ پوءِ ڇڏائڻ وارو ڪير نہ هوندس.
مطلب: ١. ظالم جو رسو، ڍلو.
٢. ظلم قائم آ، ظالم قائم ناهي.

[ ع ]

### ٤٦٦ . عادت، دمے نال۔ (کہاوت)

عادت، جڏهن جسم اندر پوندي آ تہ جسم جو حصو ٿي ويندي آ ۽ نڪرڻ جو نالو ئي نہ وٺندي آ. اگر ڪا عادت اپنائڻي ئي آ تہ ڪنهن چڱي عمل جي اپنائجي، بري جي نہ. بري ڪم جي علت، سواءِ بدناموسيءَ جي ٻيو ڪجھ نہ ڏيندي، جڏهن تہ چڱي ڪم جي عادت مان گهڻا فائدا آهن.

مطلب: ١. عادت، ساهہ سان.

٢. عادت تيستائين، سريءَ ۾ ساهہ جيستائين.

٣. عادت عضوو آ، مرڻ تائين ساڻ هلي ٿي.

### ٤٦٧ . عزت کرسو، عزت کراسو۔ (کہاوت)

ڏي-وٺ جو جهان آ. عزت ڏبي، عزت ملندي. ٻين لاءِ پريشانيون ڪڙيون ڪبيون، پاڻ آڏو بہ اينديون ۽ پوڳڻيون پونديون. هتي ئي ڪجي ٿو، هتي ئي لوڙجي ٿو. ٻين سان ائين هلجي جهڙي جي پاڻ لاءِ توقع رکجي.

مطلب: ١. عزت ڪندؤ، عزت ڪرائيندؤ.

### ٤٦٨ . عزت، پیسے نال۔ (کہاوت)

پئسو، دنيا جو رائج الوقت، سِڪو آ. ان سان هر شيءِ خريد ڪندي نظر اچي ٿي. جنهن سببان ڪيس عزت ڪمائڻ جو سر-چشمو تصور ڪيو ويندو آ. سڄي جي پيٽ ۾، پئسي واري ڪي هر ڪو عزت جي نگاهہ سان ڏسندو آ.

مطلب: ١. عزت، پئسي سان آ.

### ٤٦٩ . عقل بڑی کیں منج۔ (کہاوت)

عقل ڪي جسماني صورت ناهي، جنهن سبب نظر نہ ايندو آ، پر آهي وڏي ڪارائتي وٿ. انسان ڪي انسانُ، عقل ڪري. هاٿي، اُٺ ۽ مينهن، عاقل انسان جي پيٽ ۾ ڪجھ بہ ناهن. بيوقوف ڪي، مينهن وڏي نظر ايندي آ.

مطلب: ١. عقل وڏو ڪن مينهن.

٢. عقل وڏو ڪن پاڏو.

۴۷۰ . عیزاں طہ شبراتاں آئیاں، ملاں تہڈھ ودھائے۔ (کہاوت)
ملي کي، عيد تي مفت جي ماني ججهي، باقي سال بک. پيٽ پنيءَ سان وجي لڳندس. عيد تي آيل ججهي ۽ چڱي چوکي مال مان سال جي کسر ڪيندو. هيچ سان، پيٽ ڪوڙي جنبندس، پوءِ پاڻُ ڪٽڻ ۾ آذرت هوندو آ.
مطلب: ١. عيدون ۽ شب-براتون اچن، ته ملن جا پيٽ وڌن.

[ غ ]

۴۷۱ . غریباں روزے رکھے، تہڑے بڑے ہوئی غے۔ (کہاوت)
روزي ۾، ينيرڪي ڪان سانجهيءَ تائين، ڪاٽو پيٽو نه هوندو آ. سحريءَ ۾ ڍءُ ڪري ڪائڻ واري کي سانجهيءَ تائين ٻالنگھ هوندو. غريب کي ڪائڻ لاءِ تورو ملي، سو وينو سج کي تڪيندو ته ڪيڏي مهل تو لهي. ڪيس، اهو ڏينهن وڏو ۽ ڊگهو پيو معلوم ٿيندو.
مطلب: ١. غريبن رکيا روزا، ڏيهاڙا به ٿيا وڏا.

۴۷۲ . غیب نیاں خدا ژے جانے۔ (کہاوت)
غيب يا ڳجھ جون سموريون ڳالهيون، سواءِ خلقٽهار جي، ڪير به نه ٿو ڄاڻي. جيڪو خلقيو اٿائين، تنهن مان ٿورڙو، انساني اک آڏو ظاهر ڪيو اٿائين، باقي سمورو ان کان اوجهل رکيو اٿائين.
مطلب: ١. غيب جون خبرون، خدا ئي ڄاڻي.
٢. غيب جي گدو چوي: خبر خاوند کي.

[ ف ]

۴۷۳ . فاتحہ ناں درود، مری غے مردود۔ (کہاوت)
مردود، بي درد ۽ ٻين جي درد جو احساس نه رکندڙ هوندو آ، جنهنکري ٻين کي پڻ سندس لاءِ احساس نه هوندو آ. مٿس آيل تڪليف تي ڪنهن کي به جهبو نه ايندو آ. مئي کان پوءِ ڪو فاتحه ۽ درود نه پڙهندو اٿس.

مطلب: ١. نہ فاتحہ، نہ درود؛ مري ويو مردود.
٢. مری ۓ مردود؛ ناں ختم، ناں درود۔
٣. مري ويو مردود؛ نہ ختمو، نہ درود.

۴٧۴ . فرزیں؛ ناں، سارا تہاڑا؛ ناں۔ (کہاوت)
فرزیں؛ ساجهر، صبح جو، سويري. ناں؛ نه، نهڪر. سارا تہاڑا؛ سارو ڏيهاڙو، سجو ڏينهن.
ڪن ماڻهن جو عقيدو آ: جنهن ڪم لاءِ صبح جو سوير نه ٿي، ان لاءِ سارو ڏيهاڙو نه ٿي پڄڻي پوندي. اهو وهم پڻ اٿن تہ جيڪو ڪم صبح سان ڪندي ڪريو، سو سارو ڏيهاڙو نہ ڪجي جو اهو نيٺ ڪرندو ئي ڪرندو.
مطلب: ١. صبحڙي؛ نه، سڄو ڏينهن؛ نه.
٢. صبح سان نه ٿي، سڄو ڏينهن نه پڄڻي پوندي.

[ ق ]

۴٧۵ . قدر پھلاں ناں، بلبل جاتی۔ (کہاوت)
هر ڪنهن کي پنهنجي گهرج، مقدم هوندي آ. ان جو قدر بہ ڪندو آ ۽ مٿس خرچ ڪرڻ سان گڏ سنڀال بہ ڪندو آ. بلبل جو گذارو، گل جي خوشبوءِ تي آ. ان مان پيٽ پرجيس ٿو. ان جو قدر، وٽس آ.
مطلب: ١. گل جو قدر، بلبل ڄاڻي.

۴٧٦ . قسمت نیاں ولیا؛ چاہڑی اے دال، بنی گیا دلیا۔ (کہاوت)
قسمت ۾ جو لکيل آ، سو ٿي ئي رهندو. نہ چاهڻ تي آ، نہ ئي ڏيک تي آ. سهڻي صورت مان نقصان ۽ ڪوجهيءَ مان فائدا بہ پهچندا آهن. ان ڪري ڪنهن بہ معاملي جي ظاهري شڪل تي نہ وڃجي.
مطلب: ١. قسمت چاڙهيو ولو؛ چاڙهي دال، ٿي پيو دليو.
٢. ياڳ ڏنو پيڙو، دال مان سيرو.
٣. ياڳ ڏني دب، سيري مان رب.

۴۷۷ . قسمتی ناں لخیاوا کن مٹائی سکناں۔ (کہاوت)

نفعو نقصان، صحت بيماري، تنگي فراخي، حالات واقعات، هڪڙي لکيل ۽ سوچيل سمجهيل سٽاءَ تحت سامهون اچن ٿا. انسان کي عقل به ان سارو وديعت ٿيا آ. بيوس هئڻ سبب، رب جي رضا تي راضي رهڻ گهرجيس.

مطلب: ١. قسمت جو لکيو، ڪير مٽائي سگهندو؟

٢. مقدرے نال لخیا، پورا ہوئی طہ رہناں۔ (کہاوت)

٣. مقدر جو لکيو، پورو ٿي ئي رهندو.

۴. لخیاں نے لیخ، کن مٹائی سکنا۔ (کہاوت)

۵. لکيي جو ليک، ڪو نہ مٽائي سگهبو.

۴۷۸ . قطرہ قطرہ ملی دریاہ بنناں۔ (کہاوت)

دنيا اندر جيڪا بہ شيءِ ناهجي ٿي سا ذرو ذرو ڪري ڳنڍڻ بعد جڙي ٿي. هڪدم ڪنهن بہ شيءِ کي جوڙي ناهي نہ ٿو سگهجي. ڦڙو ڦڙو ٿي ڪري، ڍنڍون ڍورا ۽ نيون نارا، آخر ۾ نديون ۽ درياهہ ٿي وهن ٿا.

مطلب: ١. ڦڙو ڦڙو ملي، درياهہ نهي ٿو.

٢. ڦڙيءَ ڦڙيءَ، تلاءُ.

٣. روم، هڪ ڏينهن ۾ نہ جڙيو هيو.

۴۷۹ . قورے چ سارے ہکے جئے ہوئیں۔ (کہاوت)

قبر، مٽيءَ جي کڏ آ، منجهس ڪا بہ آسائش ناهي. نہ در اٿس، نہ دري. نہ رنگ روشنيون اٿس. محض اونداهي ڪوٺي آ، جيڪا امير ۽ غريب لاءِ هڪجهڙي آ. سڀ، منجهس ساڳي حالت ۾ سمهن ٿا.

مطلب: ١. قبر منجهہ سيئي هڪجهڙا هوندا.

۴۸۰ . قول قرار تھیں پھرناں، جواناں ناں کم نا۔ (کہاوت)

زبان ٿئي پڄاڻان، نقصان ۽ نفعا ڳڻبا تہ پير تي بيهڻ ڏکيو ٿي پوندو. پير تي پختو بيهڻ لاءِ، نفعا نقصان نہ ڳڻجن، ڇو جو پير تان هٽي وڃڻ ۾ نامردانگي آ. مرد يا مڙس جو اهو وڙ ناهي جو ڪيل اقرار تان ڦري وڃي.

مطلب: ١. قول اقرار ٽيڻ کان پوءِ ڦرڻ، جوانن جو ڪم ناهي.
٢. ڦرٽي گهرٽي نامردان دي، مردان دي اڪ اي. (سانجهه)
٣. ڦرٽي گهرٽي مڙسان دي، گاندو دي اڪ اي. (ضد)

[ ڪ ]

٤٨١ . کاٹھے نی کٹوی، روز روز نئی چڑھنی۔ (کہاوت)
ڪاٺُ ٻارڻ جي طور تي ڪم ايندو آ. باھ ڏيڪارڻ سان خود تہ سڙندو آ پر ساٿ واري شيءِ کي بہ رڌ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آ. اگر رڌڻ جو ٿانءُ ڪري استعمال ڪبس تہ ڪاٺو، رجھڻ رجھڻ جي ماڳ، سڙي ڪوئلا ٿي ويندو.
مطلب: ١. ڪاٺ جي ڪني، ڏيهاڙي ڏيهاڙي نہ چڙهندي.

٤٨٢ . کاسوی در بند کیتیا ہوئیں تہ روڑی مرے۔ (کہاوت)
کاسوی؛ نڪمو ماڻهو. روڑی؛ روڙڻ، سيءَ منجهہ ڏڪڻ.
سياري جي موسم اندر، رات ڏاري در دروازا بند ڪري، سيءَ کان بچاءُ نہ ڪبو تہ رلي يا سوڙ بہ بچاءُ نہ ڪري سگهندي. سوڙ ۾ ستل جو ننڊ ۾ پاسو ورائيندي پلو لٿو تہ سنجي ويندو. درن بند ڪرڻ ۾ سستي نہ ڪجي.
مطلب: ١. نڪمو، در بند ڪري ها تہ سيءَ ۾ روڙي مري ها؟!

٤٨٣ . کاغ ہنساں نی بولی بولنیاں اپنی وی پہلی غا۔ (کہاوت)
هر ساهدار کي جسم جي نرالي ساخت سان گڏ پنهنجي ٻولي ۽ چال عطا ڪئي وئي آ. ٻئي جي رنگ ڍنگ تي موهت ٿي، اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ هر ڪو حقارت سان ڏسندس. ٻين جون عادتون اپنائڻ بجاءِ، پنهنجي اندر وديعت ٿيل خاصيتن کي اجارجي ۽ نکارجي.
مطلب: ١. ڪانءُ هليو هنس جي ٻولي سکڻ، پنهنجي بہ وسري ويس.
٢. ڪانءُ هليو مور جي ٽور، پنهنجي چال بہ وڃايائين.

٤٨٤ . کاغیں نی بولی کاغ سمجھیں۔ (کہاوت)

جنس، جنس جي ٻولي سمجهندي آ. ڌاري جنس، ٻولي سمجهڻ ۾ قاصر هوندي آ. هڪ جنس جي آوازن جا اپار/چاڙهه ۽ لاهه ٻي جنس جي آواز جي اپارن کان مختلف هوندا آهن. ٻي جنس وارا، اهي سمجهي نه سگهندا آهن.
مطلب؛ ۱. ڪانوَن جي ٻولي، ڪانءَ سمجهن.

۴۸۵ . کال گزری گشناں، کالغ رئی گشنی۔ (کہاوت)
کال؛ مصيبت. گزری؛ گذري، ٽري. گشناں؛ ويندو. کالغ؛ برائي، ٽڪو. رئی؛ هرگز نه. گشنی؛ ٽري.
مصيبتون، جهان جي وايومنڊل ۾، طوفانن وانگر گهلنديون رهنديون آهن. ڪٿي به رڪجي بيهن نه ٿيون. حالات واقعات ڏيهاڙيءَ جي حساب سان نت نوان هوندا آهن. برائي وقت تي ٿي، گذري ويندي، پنهنجا پيرا ڇڏي ويندي.
مطلب؛ ۱. مصيبت ٽري ويندي، برائي ڪين ٽرندي.
۲. رٽا ڇٽي وڃن، وٽا ڪين وسرن.

۴۸۶ . کبھے کی لت لگی، اس ناں کبھ لکوی غا۔ (کہاوت)
ڪُٻو، جنهن جي پنيءَ ۾، چيلهه کان ڪنڌ تائين ڪُٻ نڪتل هجي. ڪٻ سبب، قد ماريل هوندس. ڪٻ واري لت لڳڻ سان، ڌڪ جو سور ٿيندس. امڪان آ ته؛ ڪٻ سڌي ٿيڻ جو فائدو پويس.
مطلب؛ ۱. ڪٻڙي کي لت لڳي، ويتر چيلهه سڌي ٿي ويس.
۲.کبھے نی لت، کم اچھی غی۔ (کہاوت)
۳. ڪٻي کي لڳل لت به ڪم اچي وڃي.
۴. کوبے لت پرے اینی۔ (کہاوت)
۵. ڪٻي کي لت، فائدو ڏئي.

۴۸۷ . کتا کتے ناں، بیری ہونا۔ (کہاوت)
ڪتي کي ڪم ايندڙ شيون؛ ڪائڻ وارو هڏو، ڏونڊو، گند جو ڍير، ماڻهن ۽ حلال جانورن کي ڪم نه اچن. وري به ڪانون ۽ ڪتن جي ڪم اچن. ساڳي شيءِ جا طالبو، هڻ-وٺ ۾ هوندا آهن ته جيڪر اڳلو نه هجي ۽ مال مان تڳايان. منجهن وير، اٽڪر آ.

مطلب: ١. ڪتو، ڪتي جو ويري.
٢. کتے ناں کتا ویری۔ (کہاوت)
٣. ڪتي جو، ڪتو دشمن.
۴. فقير، فقير کي نہ سهي.

۴٨٨ . کتا مالکے پچھانتا۔ (کہاوت)

ڪتي ڪان جيڪو، ٽُڪر ڦري، سو سندس دشمن آ. جيڪو ڪيس ٽڪر وجهي، تنهن آڏو پڇ لوڏيندو ۽ ڪيس همدرد سمجهندو. جنهن ڏٽيءَ جي هٿان ٽڪر کائي ٿو، تنهن کي چتو ٿيڻ پڇاڻان بہ سڃاڻي ٿو.
مطلب: ١. ڪتو، ڏٽي سڃاڻي.
٢. چتو ڪتو، ڏٽيءَ کي نہ کائيندو آ.

۴٨٩ . کتا وی دمڑی نال جاہ صاف کری بیناں۔ (کہاوت)

جتي ويهجي تتي ٿيل گندگي صاف ڪجي تہ جيئن صاف سٿرو رهجي ۽ بيمارين کان بچجي. ڪتو، ڊونڊ پسند ڪندڙ آ، پر جاتي ويهندو آ تاتي پڇ لوڏي ويهندو آ. انسان کي، ڪتي جي ان وصف مان، سبق پرائڻ گهرجي.
مطلب: ١. ڪتو بہ پڇ سان، جاءِ صاف ڪري ويهندو آ.

۴٩٠ . کتا وے، بھوکے ناں۔ (کہاوت)

ڀؤنڪڻ، ڪتي جي فطرت آ. رات جو چور يا اوپري ماڻهوءَ سان وڙهي نہ ٿو سگهي تہ مٿس ڀؤنڪڻ ضرور ڪپيس. اگر چورن ڏٺي، ڀؤنڪ بہ نہ ٿي نڪريس تہ پوءِ اهڙو ڪتو ڌارڻ مان، ڪو فائدو ناهي.
مطلب: ١. ڪتو هجي ۽ ڀونڪي نہ!
٢. ڪتي جو ڪم آ، ڀؤنڪڻ.

۴٩١ . کتے ای کیہہ نا پچنا۔ (کہاوت)

گيهہ، مکڻ جي پيٽ ۾ زود هضم آ. مکڻ هضم نہ ٿيڻ واري جي اٽيي آندي ڪي، سٽيو ڪرڻ واسطي، گيهہ جو ڊُڪ پرائبو آ. ڪتي جا ڏند، هڏن چٻڻ تي ۽ آندا هڏن هضم ڪرڻ تي هريل آهن، سي گيهہ مان ڇا ڄاڻن؟!

مطلب: ١. ڪتي کي گيهه هضم نه ٿئي.
٢. کتے کیھو نئیں پچنا۔ (کہاوت)
٣. ڪتو، گيهه نه پچائي سگهي.
۴. کتے کی کہئے نا پچناں۔ (کہاوت)
۵. ڪتي کي گيهه نه جِوري.

۴۹٢ . کتے پھوکنے رہنیں۔ (کہاوت)

ڪتي جي فطرت آ: ڀؤنڪڻ، سو ڀؤنڪندو ضرور. ڀؤنڪ جي ڀؤ کان، پنهنجا ڪم روڪڻ نه گهرجن. جيڪو گارين ڏيڻ جو عادي آ، تنهن تي ڪن ڏيڻ بجاءِ، پنهنجي ڌن ۾ مگن رهجي. جواب ڏيڻ ۾، فائدو ناهي.
مطلب: ١. ڪتا ڀونڪندا رهندا آهن.
٢. فقير پنندو رهي، ڪتو ڀؤنڪندو رهي.
٣. ڪتي جي ڀؤنڪڻ تي، چنڊ چمڪڻ نه ڇڏيندو آ. (عربي)

۴۹٣ . کتے کی پیار کرو، موئیں واخ چھٹ کرنا۔ (کہاوت)

لڪڻ يا چٽڻ، پير هجي يا منهن، ڪتي جي فطرت آ. ڪيڏو به قرب ڏبس، ڪندو اهو جو سندس فطرت ۾ آ. نانگ/ وڇونءَ جو ڪم آ ڏنگ هڻڻ، پلي کير پيارجين پر هڻندا ضرور. ڪتو به، لڪڻ واري فطرت کان، مجبور آ.
مطلب: ١. ڪتي کي قرب ڏي ته اچي منهن لڪي.

۴۹۴ . کتے نی دمڑی کی باراں سال نالی چ بائی رکھو، کڈسو ڈنگی نی ڈنگی۔ (کہاوت)

ڪتي جو پڇ، وريل ئي ڪم جو آ. سڌو ٿيو ته ان جي ڪم جو ناهي. قدرتي طور، ان کي ٽيڏو رکيو ويو آ. فطرت طرفان جوڙيل شيءِ کي موڙڻ يا سڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته ڪري نه سگهبو.
مطلب: ١. ڪتي جي پڇ کي ٻارهن سال نڙ ۾ وجهه، ڪڍ ته ڏنگي جو ڏنگو.
٢. کتے نی دمڑی آر، کدے وی سدھا، نا ہوئی سکناں۔ (کہاوت)
٣. ڪتي جي پڇ جو وڪڙ، ڪڏهن به سڌو ٿي ئي نه سگهندو.
۴. ڪتي جو پڇ ٻارهن مهينا نڙ ۾ وجهي، ڪڍيائون ته ڏنگي جو ڏنگو.

۵. ڪتي جو پڇ وڏائون پائيپ ۾، سڌو نہ ٿيو پر پائيپ بہ ڏوڙو.

۴۹۵ . کتیا تواڑا موں، ڑاں تواڑے خصماں ناں موں۔ (کہاوت)

ڪتو، هر آئي وئي تي گِرندو آ. ڪيس ڏت ڪرڻ ڏٽين جو ڪم آ. آيل مهمان تي پؤنڪيو تہ مالڪ هڪل ڏيندس. هڪل تي نہ رڪيو تہ پري ڪان پُوندو ڏيندس. اجا بي شناسو ٿيو تہ لٺ ڪٽي ڊڪائيندس. ڏٽيءَ نہ روڪيس تہ مهڙ ڏٽيءَ ڏانهن ٿيندي، ڪتي ڏانهن نہ، جو هو فطرت ڪان مجبور آ.

مطلب: ١. ڪتا تو نہ منهن، تنهن جي ڏٽين منهن.

۴۹۶ . کٹویا چٹ نے بیاہ، ر بدل ہونا۔ (کہاوت)

کٹویا چٹ: ڪُنا-چِٽُو، ڪُنو چٽيندڙ. نے: جي. بیاہ: وهانءَ، پرڻي. ر: تي. بدل: بادل، جهڙ، مينهن، برسات. ہونا: پوندي.

ڪنا چٽڻ بہ هڪڙن جي عادت تي پوندي آ. نہ چٽين تہ ڍؤ ئي نہ ٿئين. جنهن سببان، اويلو آيل مهمان لاءِ، گهر ۾ ٽڪر نہ بچندو آ. ان سببان ڪنا-چٽوءَ کي اهو چئي ٽوڪبو آ: ”ڪنا-چٽوءَ جي شاديءَ ۾ مينهن وسندو آ.“ تہ جيئن ڪنن چٽڻ جي عادت ڇڏي وڃي.

مطلب: ١. ڪُنو چٽيندڙ جي وهانءَ ۾ مينهن ضرور پوي.

۴۹۷ . کٹیا ناں لیٹھانا تہ نہوں نا کھادا کدھر گیسی۔ (کہاوت)

کٹیا: وڇ، پاڏي. ناں: جو. لیٹھانا: ڪير ڏائڻ. نہوں: نونهہ، پٽ جي زال. نا: جو. کھادا: ڪاڏو، ڪائڻ پيئڻ. کدھر گیسی: ڪاڏي ويندو.

پاڏي جي پيٽ ۾ وڇ جو ڪير ڏائڻ وڏيڪ ڪارائتو ٿيندو جو مال ۾ واڌاري جو سبب مادي هوندي آ. نونهہ، ڪائيندي پيئندي تہ اولاد ڄڻڻ قابل ٿيندي، جنهن سان خاندان جون پيڙهيون اڳتي وڌنديون.

مطلب: ١. وڇ جو ڏاتو، نونهہ جا ڪاڏو: ڪاڏي نہ ويندو.

۴۹۸ . کچے کہڑے نئے ترنیں۔ (کہاوت)

ٿانءَ ۾، نرالي ساخت سبب، پاڻيءَ تي ترڻ جي خاصيت هوندي آ. شرط اهو آهي ته ڪنن ڪان اوتجي، سوسريءَ مان وهي، يا پيلي هئڻ سبب سمي، پاڻي اندر نه پويس. ان سان وزن وڌي وڃڻ سبب، ترڻ بجاءِ، ٻڏي ويندو.

مطلب: ١. ڪچا دلا، نه ترن.

٢. پيلو گهڙو، ٻوڙي.

٤٩٩ . کدے تھکے نال وی، منڈے پکے۔ (کہاوت)

ٿُڪ، وات مان نڪتل لعاب، وات جي نه ضرورت آ. اڃلئي پچاڻان ڪم جي ناهي. ڪاڌي رڌڻ لاءِ صاف سترو ۽ جالارو پاڻي ڪپي. ٿڪ يا ٿڪ جيتري مقدار جي پاڻيءَ سان ڪاڌا تيار نه ٿي سگهندا آهن.

مطلب: ١. ڪڏهن ٿڪ سان به ڪاڌو رڌو آ.

٢. تھکے نال، منڈے نئے پکنے۔ (کہاوت)

٣. ٿُڪن سان ڪاڌا تيار نه ٿيندا آهن.

٥٠٠ . کدے قسمتی نیں لخیے مٹنیں؟۔ (کہاوت)

دنيا نهڻ ڪان اڳ، تقدير واري، روزي رزق، موت حياتي، عزت ذلت، سڀ لکي ڇڏيون آهن. ان لکئي تحت، سارو جهان هلي ٿو. لکڻ وارا قلم خشڪ ٿي چڪا آهن. هاڻي نه اهو ميسارجي سگهندو، نه مٽائي ٻيو ٿي سگهندو.

مطلب: ١ . قسمت جا لِکيا ڪڏهن نه مٽيا آهن.

٢ . لکيو: پٿر، نا ٽري.

٥٠١ . کدے گنگے گیاں، ہڈیاں وی مڑیاں؟۔ (کہاوت)

گنگا، هندستان اندر ندي، جنهن جي جَل جي پوڄا، هِندو ڪندا آهن. پنهنجي وڇڙيلن جون هڏڙيون ۽ گل، اگني سنسڪار بعد، منجهس پرواهه ڪندا آهن. پرواهه ڪيل گل ۽ هڏڙيون، ڪڏهن اتان موٽيا ئي ناهن.

مطلب: ١. ڪڏهن گنگا ويل هڏيون به موٽيون آهن؟

٢. مرے، نئے مڑے۔ (کہاوت)

٣. مئا، ناهن موٽيا.

٤. مئا به ڪڏهن مساڻن مان موٽيا آهن؟

۵. قبر اندر دفن ٿيل مردو، ڪڏهن موٽيو ناهي.

۵۰۲ . کڈھے تھو کی، سنائے نوآں کی۔ (کہاوت)

نونهن، پرائي جائي هئڻ سبب، چيو نہ سهي سگهندي. پنهنجي ڌيءُ سهي ويندي. غلطيءَ تي اگر چينپ ڪڍڻي هجي تہ ڌيءُ کي چينبجي، تہ نونهن بہ ڪَن ڪندي. سڌو نونهن کي چئبو تہ معاملو گنجرجي ويندو.

مطلب: ۱. اوهر ڪيجي ڌيءُ تي، لاهڻي لاهجي نونهن تي.

۲. ڌڪ هڻجي ڌيءُ کي تہ سکي نونهن.

۵۰۳ . کر مزوری طہ کھا چوری۔ (کہاوت)

محنت مزوري ڪرڻ سان پئسو ملي ٿو ۽ پئسي سان کائڻ جون شيون وٺي سگهجن ٿيون. بنا پئسي جي چڙهون ملن ٿيون، کاڌي جي شيءِ نہ. چوريون/ ڪٽيون کائڻيون آهن تہ مزوري ڪجي. پئسا ڪمائي، سٽيا کاڌا کائجن.

مطلب: ۱. ڪر مزوري، کاءُ چوري.

۵۰۴ . کرسن، پھرسن۔ (کہاوت)

هر ڪيل ڪم جو بدلو، دنيا اندر ملي ٿو. مزوريءَ جو معاوضو پئسن جي صورت ۾. چڱي ڪم جو بدلو، چڱائيءَ جي نتيجي ۾ ملي ٿو. بري ڪم جو بدلو، برائيءَ جي صورت ۾ ملي ٿو. ڪرڻي، پرڻي آ.

مطلب: ۱. ڪندا، پريندا.

۲. کیتی اپنے آگیں اشنی۔ (کہاوت)

۳. ڪيتو اڳيان اچڻو آ.

۴. کرنی ناں پھل، ضرور ملناں۔ (کہاوت)

۵. ڪرڻيءَ جو ڦل، پڪ ملي.

۵۰۵ . کرنی مزوری، نخرہ کنہ۔ (کہاوت)

مزوري يا نوڪري ڪرڻ واري ڪي نخرا نہ ڪرڻ گهرجن. مزوري ڪرائڻ وارو پئسا ڏئي مزوري ڪرائي ٿو. اهو پئسن پرڻ ڪان پوءِ نخرا يا ٽِڻ مڻ برداشت نہ ڪندو. پاڻ تہ چڙبون ڏيندو، پر ٻين وٽ بہ گلا ڪندو.
مطلب: ١. ڪري مزوري ۽ ڪري نخرا.
٢. نوڪريءَ ۾ نخرا ڪهڙا؟

٥٠٦ . کرنی نیکی طہ کتہ پچھناں۔ (کہاوت)
نيڪي ڪرڻي هجي تہ ڪري ڇڏجي. هر هر پڇڻ سان اڳلي کي بيزار ڪري وجهبو. بيزاريءَ مان اڳلو، پيو لهرائيندو. ڪيس چڱائي بہ چگهائي پئي نظر ايندي. مهمان کي چانهہ پيارڻي هجي يا ماني کارائڻي هجي تہ بنا پڇا پيش ڪجيس. پڇي پڇي، اجايو لڄي نہ ڪجيس.
مطلب: ١. ڪجي نيڪي سا بہ پڇي پڇي!
٢. نيڪي ۽ پُڇ پڇ! (هندي)

٥٠٧ . کرو طہ سو راہ، ناں کرو طہ ہیک وی ناں۔ (کہاوت)
ڪرو ۽ سچو ماڻهو، دل ٻڌي ڪم ڪندو آ. سندس آڏو سوين راهون کلي پونديون آهن. جتان آسان لڳندو اٿس، اتان نڪري ويندو آ. نڪمي ۽ ڪوڙي آڏو رنڊڪون ئي رنڊڪون اينديون آهن. هڪ بہ راهہ نہ کلندي اٿس جو توڙ تائين وڃي پڄي. ڪم نہ ڪرڻ لاءِ، هزارين بهانا نهي پوندا اٿس.
مطلب: ١. ڪيو تہ سؤ راهون، نہ ڪيو تہ هڪ بہ نہ.

٥٠٨ . کرے کوئی، طہ بھرے کوئی۔ (کہاوت)
وڏڙا ڪمائي، ملڪيتون جوڙيندا آهن. ڪائي اوبارڻ بعد بہ ايتري ڇڏي ويندا آهن، جو پونير بہ پيا عياشيون ڪندا آهن. وڏڙن اگر بڇڙا ڪم ڪيا هوندا تہ پاڻ تہ لوڙيو هونداڻون، پر سندن پونير بہ، پيا لوڙ لوڙيندا آهن.
مطلب: ١. ڪري ڪير، پري ڪير.
٢. پيٽيو: کمائے کوئی، کھائے کوئی۔ (کہاوت)

۵۰۹ . کڑکیا بوٹیا ناں شوربہ وی کڑکا ہونا ـ (کہاوت)

کڑکیا؛ ڪوڙين، ڪسارين. بوٹیا؛ ٻوٽين، ٻوٽا، ساڳ. شوربہ؛ شوررو، رهو، رس.

جهنگ مان آندل ڏٺ، ڪاڏي طور استعمال ٿئي ٿو. سرنهه، چٽي ۽ پالڪ جا پن ته ساڳ/ پلي ڪري ڪائجن ٿا. ڄانيي، موريءَ ۽ گوگڙن جا پن، ڪسارپ سبب رڌي نه ٿا ڪائجن، نه ئي انهن جي رس، ڳنڍڻ طور ڪو به ڪائيندو آ.

مطلب: ١. ڪوڙي ٻوٽيءَ جو رهو به ڪوڙو ئي ٿيندو.

٢. جهڙا وڏا هوندا، اولاد به اهڙو ئي ٿيندو.

۵۱۰ . کڑیاں نی ذات بے وفا ہونی۔ (کہاوت)

عورت، مرد جي پيٽ ۾، جسماني طور ڪمزور ٿيندي آ. منهن سامهون وڙهي نه سگهندي آ. اڙ وني وڙهندي يا ٻچ ڪري مارائيندي، جنهنڪري بي وفا سڏي وئي آ.

مطلب: ١. عورت جي ذات، بيوفا.

۵۱۱ . کڑیاں نی مت کھری چ ہونی۔ (کہاوت)

عورت، ٻاهرين شين کي ويجهڙائيءَ کان نه ڏسندي آ، جنهن سبب مرد جي پيٽ ۾ عقل گهٽ رکندي آ. زور ڏئي عقل جو نماءُ ڪندي ته ڪٽي نه ڪٽي ڪم عقليءَ جا نشان ڇڏي ويندي. سندس عقل، ڪڙيءَ هينان آ.

مطلب: ١. عورت کي عقل، ڪڙيءَ ۾.

۵۱۲ . کڑیا نیئں چج، کرنی اج پچ۔ (کہاوت)

کڑیا؛ ڇوڪريءَ. نیئں؛ کي نه. چج؛ سليقو، سانجهڻ جو ڏانءُ. کرنی؛ ڪندي. اج پچ؛ اُون آن، آئين بائين، ڪسر قسر.

سليقي ۽ شعور واري عورت، ڪم ۾ هٿ وڌو، جهٽ پورو ٿيو. بي سليقه، هٿ وجهڻ کان ئي پئي لهرائيندي. سياري جي صبح جو، ٿڌي پاڻيءَ ۾ وهنجڻ کان جيئن ٿوٽي لهرائيندا آهن، تيئن ڪلچٽي/ ڦوهڙ به پئي ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان لنوائيندي آ.

مطلب: ١. بي سليقه عورت، ويني اُون آن ڪندي.

٢. ڪم نہ ڄاڻندڙ، وينو بهانا ڳوليندو آ.
٣. پيٽيو: جس داخا ہتھ نہ پچے تھو ڪڙکی.

٥١٣ . ڪسے آخے، کهڻے ڄ ڪنڑ ڇهال مارنا- (ڪہاوت)
ڪسے آخے؛ ڪنهن جي چئي، ڪنهن جي ورغلائڻ تي. کهڻے ڄ؛ ڪوهہ منجهہ. ڪنڑ؛ کوهڻ، کير. ڇهال مارنا؛ ٽپو ڏيڻ، خودڪشي ڪرڻ.
پاءُ اتي جو ڪائڻ واري ڪي، حياتي گذارڻ ۽ روزگار ڪرڻ لاءِ، عقل ذرو بہ مليل آ. ڀلي ڏلي جي ڪيس ڄاڻ آ. ڪم ڪرڻ وقت، صلاح تہ هر ڪنهن ڪان وٺي پر ڪري پنهنجي مت آهر. ٻين جي چوڻ تي باهہ ۾ ڪو بہ نہ گهڙي.
مطلب؛ ١. ٻئي جي چئي، ڪوهہ ۾ ڪير تو ٽپو ڏئي؟!

٥١٤ . ڪسے ناں ہتھ چلناں، ڪسے نی زبان چلنی- (ڪہاوت)
گذر سفر لاءِ، پئسو خرچ ڪرڻو پوي تو. جڏهن تہ ڪي ڪم اهڙا آهن جن جي ڪرڻ لاءِ هٿ پير هٽڻو پوندو آ. هڪڙا ڪم اهڙا آهن، جن لاءِ زبان سان ڳالهائڻو پوندو آ. ڪن ڪمن جي ٿيڻ لاءِ هڏ هلائڻو پوندو آ.
مطلب؛ ١. ڪنهن جا هٿ هلندا آهن، ڪنهن جي زبان.

٥١٥ . ڪسے نی گلے ايسو، طہ پچهتاسو- (ڪہاوت)
ٻين جي ڳالهين ۾ اهو ايندو آ، جيڪو عقل هلائڻ بجاءِ، سولائيءَ جو رستو اختيار ڪرڻ چاهيندو آ. هر سولائيءَ/ آسانيءَ جي پڇاڙي/ انتها، ڏکيائيءَ ڏانهن هوندي آ، جتي پڇتاءَ ڪان سواءِ ڪي بہ حاصل نہ ٿيندو آ.
مطلب؛ ١. ڪنهن جي ڳالهين ۾ اچبو تہ پڇتائڻو پوندو.

٥١٦ . ڪسے نياں شالا ہتھ نہ بہائيے تہ ڪوئی تسيں نے پهورے کياں ہتھ بہائے- (ڪہاوت)
ڪسے نياں؛ ڪنهن جي. شالا؛ شال ۾، رومال ۾. بہائيے؛ وجهجي. پهورے؛ پراڻو رئو.
هر ڪنهن کي پنهنجي شيءِ پياري آ. اهو ان جي تعريف ٻڌڻ پسند ڪندو آ. گلا ٻڌڻ پسند نہ ڪندو آ. ٻين سان جهڙو ورتاءُ هلبو، اهي بہ اهڙو هلندا. ٻين جي خسيس شيءِ جي گلا ڪبي، موٽ ۾ اهي چڱي شيءِ جي گلا ڪندا.

مطلب: ١. ٻئي جي رومال ۾ هٿ نه وجهندين ته ٻيو تنهنجي پراٽي رئي ۾ چو هٿ وجهندو.
٢. نه پرائي ڪتي کي هٿ لائجي، نه پنهنجو پَٽُ پُٽائجي.

٥١٧ . ککڑ بانغ ناں دے، طہ سویل نئی ہوسی۔ (کہاوت)
ڪڪڙ، عادتًا ۽ فطرتًا، اسر ڏاري ٻانگن جو دس هڻندا آهن. الله جا ٻانها، اهي ٻڌي، الله کي ياد ڪري، وڃي ڌنڌي سان لڳندا آهن. اگر ڪڪڙ ٻانگ نه ڏني ته به باک ڦٽندي، سج ابرندو، هر ڪو وڃي ڌنڌي کي لڳندو.
مطلب: ١. ڪڪڙ ٻانگ نه ڏيندو ته صبح نه ٿيندو ڇا؟
٢. پيٽيو: جتھیں ککڑ نیئں اوتھیں وی لوہوئی اینی۔

٥١٨ . ککڑی بانغ دے طہ کوئی چھوڑوس۔ (کہاوت)
ٻانگ، نر ڪڪڙ ڏيندو آ، مادي نه. آنا، مادي لاهيندي آ، نر نه. اگر مادي ڪڪڙ، ٻانگ ڏئي ته سندس جسماني ساخت تي شڪ ٿيندو، ڇو جو ڪيس آنا لاهي ٻچا ڏيٺا آهن، نه نر تي ٻانگون ڏيڻيون آهن. اهڙي نڪمي ۽ ناڪاره کي ڪهي ڇڏڻ ئي فائديمند آ.
مطلب: ١. ڪڪڙِ ٻانگ ڏئي ته ڪهي ڇڏيوس.
٢. جنهن مان فطرتي ڪارج سر نه ٿئي، تنهن مان سنجهي ئي هٿ پٽجن.
٣. ڪڏهن مادي ڪڪڙ به ٻانگ ڏني؟
٤. ڪڏهن مادي ڪڪڙ به ميل وڙهي؟

٥١٩ . ککڑی حرامزادی نہ وے تہ دووہے نے کہر انڈا دینی اے نیئں۔ (کہاوت)
ککڑی؛ مرغي. دووہے نے؛ پراون. کہر؛ گهرن. انڈا؛ انڊا، آنا، بيدا.
پنهنجي گهر ۾ نر ڪڪڙ نه هوندو آ ته پر-گهر جي ڪڪڙ سان ڦرائڻ جي ارادي مادي اتي ڇڏبي آ ته جيئن ڦرجي. ڦرجڻ بعد، آنو به اتي لاهي ۽ آرو به اتي ڪري ته ان ۾ اڳلن جو کهڙو ڏوهه.
مطلب: ١. مرغي حرامزادي نه هجي ته پراون گهرن ۾ آنا ڇو لاهي!
٢. پنهنجو ڪُتو ياڙي نه ٿئي ته گدڙ کي ساهه آ جو ول وجائي.

٣. لالچي، پنهنجن سان بہ ويساهہ گهاتي ڪري.

**٥٢٠ . کل کس ڈھٹھی۔ (کہاوت)**

سياڻي ٽيڻ جو ڪو بہ يقين ناهي، تنهنڪري اڄ جو ڪم، سياڻي تي نہ رکجي. سياڻي واري اپريل سج ڪي هر ڪو اڄ جو سج پيو چوندو. ڪير بہ سياڻي نہ چوندس، تنهنڪري نہ سياڻي ٽيڻي آ، نہ سياڻي جو ڪم ٽيڻو آ.

مطلب: ١. سياڻي ڪنهن ڏٺي آ؟!

**٥٢١ . کل نی گل کل نال ڈھٹھی غیسی۔ (کہاوت)**

ڪنهن ماڻهوءَ کي، ڪو ڪم چئجي ۽ اهو ان جي ڪرڻ لاءِ سياڻي چوي، ان جڻ دلاسو ڏئي جان ڇڏائي. يا چئجي: ڪم نہ ڪيائين. ان جي سياڻي واري واعدي کي، اڻ-ٽيڻي يا ٽارڻ ۾ ڳڻيو ويندو.

مطلب: ١. سياڻي جي ڳالهہ، سياڻي سان ڏٺي ويندي.

٢. جڏوڪا مينهن، تڏوڪا پاڻي.

**٥٢٢ . کلالاں نیں کہر پہچ پہانڈے۔ (کہاوت)**

کلالاں: ڪِلالن، ڳلالن، ڪنيرن. کہر: گهر. پہچ: پڳل. پہانڈے: پاندا، ٿانءَ.

ڪاسبي، محنت سان جوڙيل هر ڪسي پڪي شيءِ، ڪارج ۾ آڻيندو آ. چڱي شيءِ ملهہ تي نيڪال ڪري ڇڏيندو آ، ايستائين جو گهر جي ڪارج لاءِ بہ پنهنجي ناهيل چڱي شيءِ نہ رکندو آ. جيڪا شيءِ، ڪنهن بہ نہ ورتي هوندس، تنهن مان پيو ٽائيم ٽپائيندو آ.

مطلب: ١. ڪنير جي گهر، ڀُتو دلو.

٢. لوهر جي گهر، پڳل/ڇبي ٺڦٽي.

٣. ڊکڻ جي گهر، ڪُتل ڏوئي.

٤. موچیاں نے ترپڑ پھٹے ہونے۔ (کہاوت)

٥. موچيءَ جي گهر، ڇِڳل پادر.

**٥٢٣ . کم لئے جہڑا آپے کرو۔ (کہاوت)**

جيڪو مزو/ طراوت، پنهنجي هٿ سان ڪمايل پئسي خرچ ڪرڻ اندر آ، سو سڪون پرائي/مفت جي مال ۾ ناهي. پنهنجي هٿن سان ڪيل ڪم ئي وڻندو آ. ٻين جي هٿان ٿيل ڪم ۾: نه مزو، نه سڪون.

مطلب: ١. ڪم اهو، جيڪو پاڻ ڪجي.

٢. آپٽي گهوٽ ته نشا هووي.

٥٢٤ . کمائے کوئی، کھائے کوئی- (کہاوت)

ڪمائيءَ جو ڦل، هن دنيا ۾، ڪرڻ واري کي ملي ٿو. ان جو ونڊ پنهنجا به ورتين ٿا. وڏا ڪمائين ٿا، اجل جو سڏ اچين ته اهو نصيب نه ٿئين. سندن پونير اهو کائين. ڪن حالتن ۾ ته، مال ملهالا کائي وڃن.

مطلب: ١. ڪمائي ڪير، کائي ڪير.

٢. پيٽيو: کرے کوئی، طہ بھرے کوئی- (کہاوت)

٥٢٥ . کن پرائی اگی چ پیناں- (کہاوت)

ڪن: ڪون، ڪير. اگی: آگ، باهه. پیناں: پوندو آهي.

ڪي ماڻهو، فائدي واري معاملي ۾ ڪاهي پوندا آهن. پوءِ اهي معاملا، پنهنجا هجن يا پراوا. جڏهن ته نقصان واري معاملي ۾ ڪير به ٽپي نه پوندو آ. پراون جهيڙن جهٽن ۾، ڪير به اچي ڌر نه ٿيندو آ.

مطلب: ١. ڪير پرائي باهه ۾ پوندو؟!

٢. پرائي آئيءَ ۾ ڪير به نه ايندو آ.

٥٢٦ . کن تہوخا کھائی سکنیں، پر اکھیں نیاں تہوخا کھانیاں- (کہاوت)

ڏنل ۽ ٻڌل ڳالهه ۾ فرق آ. ڪنين ٻڌل ڳالهه، ڪٽي به ڪٽي سگهي ٿي. اکين ڏٺي ڳالهه، چٽي ۽ اڻ-مٽ هوندي آ. غلطيءَ جي گنجائش، ٻڌل جي ڀيٽ ۾، ڏٺل ۾ گهٽ رهي ٿي. سياڻن جو چوڻ آ: ”ڏٺي مان به ڏسجي.“ يعني ڏٺل ڳالهه تي به ويچارجي، اکيون پوري اعتبار نه ڪجي.

مطلب: ١. ڪن دوکو کائي سگهن، پر اکين سان دوکو نه کائجي.

٢. ٻڌيءَ ڳالهه جي ڀيٽ ۾، ڏٺي ڳالهه تي ويساهه وڌيڪ ڪجي.

۵۲۷ . کندھاں نیں وی کن ہونیں۔ (کہاوت)

کندھاں؛ ڪنڌي، ڀت. کن؛ ڪن، ٻڌڻ جو لڳ.

ڀت، جماداتي عنصر، ڏسڻ ۾ ٻڌڻ جهڙن حواسن کان وانجهيل آ. ٻُڌي ٻُڌائي نہ سگهي. مگر ڀت جي هڪ پاسي کان ڪيل ڳالھ، ڀلي سرٻاٽ/ سرگوشيءَ ۾ ٿئي، ٻئي پاسي کان ڪَن ڏيندڙ ٻڌي سگهن ٿا.

مطلب: ١. ڪنڌيءَ کي بہ ڪن آهن.

٢. ڀتين کي بہ ڪَن آهن.

٣. ڳلا نہ ڪجي، جو مالڪ تائين ان جي پڄڻ جا گهڻا رستا آهن.

۴. ڀت جي اوٽ ۾ ڳالهائڻ بدران، ميدان ۾ يا وڻ هيٺان ڳالهائڻ بهتر آ.

۵۲۸ . کنڈا نکا، منہ تریکھا۔ (کہاوت)

کنڈا؛ ڪنڊو. نکا؛ ننڍو. منہ؛ چنھنب. تریکھا؛ تکي.

هر شيءِ، ننڍي هجي يا وڏي، اجائي جوڙيل ناهي. ڪو نہ ڪو ڪارج وديعت ٿيل اٿس. ڪنڊي کي بہ، معمولي سمجهي، لتاڙڻ نہ گهرجي. پاڻ تہ ننڍو آ پر چهنب تکي ۽ جسم سنهو اٿس، ماس ۾ ٽنبجندي دير نہ ڪندو.

مطلب: ١. ڪنڊو ننڍو، چهنب تکي.

٢. ننڍڙي شيءِ کي، بي ضرر نہ سمجهجي.

۵۲۹ . کنڈے، پچھو ہکے ہونا۔ (کہاوت)

کنڈے؛ ڪنڊو. پچھو؛ منڍ کان. ہکے ہونا؛ هڪ هئڻ.

بدمعاشي ڪرڻ وارن جا ٽولا هوندا آهن. مگر منڍ جاچبو تہ پاٽاريدار مڙني جو هڪ هوندو. اگر ان قسم جي برائيءَ کي روڪڻو آ تہ بجاءِ هڪ هڪ کي جهلڻ ۽ جيلن ۾ واڙڻ جي، ڏٽيءَ جي پاٽاريدار ۾ وجي هٿ وجهجن.

مطلب: ١. ڪنڊي کي هڪ ئي پاڙ هوندي آ.

٢. ڪنڊي کي چهنبون گهڻيون پر پاڙ هڪ.

٣. بدمعاش گهڻا، مک سردار هڪ.

۵۳۰ . کنڈھی پچھیں لوک بادشاہ کی وی گالیں دینے۔ (کہاوت)

سوچڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ، هر ڪنهن کي، پنهنجو ذهن ۽ وات آ. ڪنهن جي اکين تي اکياڙا ۽ وات تي ٻوتاڙا نہ تا ٻڌي سگهجن. لوڪ آ ٻوڪ، پيو ڳالهيون واڙيندو ۽ گلائون ڪندو. گرو گنجو تہ چا، چڱا ڀلا بہ پيا لوڙبا.

مطلب: ١. پر پٺ بادشاهن کي بہ پيون گاريون ملن.

۵۳۱ . کنے اپر کند گینی۔ (کہاوت)

کنے؛ پيڙھ جو پٿر. کند؛ ڪنڌي، پٽ. گینی؛ ٻيهندي، اڏبي.

پيڙھ جو پٿر سڌو، سنئون ۽ مضبوط ڪوڙيل آ، تہ مٿس اڏيل ديوار بہ جيترو مٿي ويندي، شاهل ٿِي هوندي ۽ لڙڻ بجاءِ ٽُڪ سڌي ويندي. الڙڻ ۽ ڊهڻ جو امڪان گهٽ رهندو. جيڪڏهن اهو ٽيڏو آ تہ پٽ آهلجي ڊهي پوندي.

مطلب: ١. پٽ، آڙي تي ڪڄندي آ.

۵۳۲ . کہٹی ناں کیں داروں نا۔ (کہاوت)

دوا دارو، اگهائيءَ لاءِ آ، موت لاءِ ناهي. موت جڏهن ايندو تہ ڪيس نہ لوهاوان ڪوٽ روڪي سگهندا، نہ حڪيم موٽائي سگهندا. اجل، بي رحم آ. ٽاٽو پرجي اچڻ تي، بادشاهن مان بہ نہ ٽرندو آ.

مطلب: ١. ڪٽيءَ جو ڪو دارون ناهي.

٢. موت جو علاج، حڪيم اجمل وٽ نہ هيو.

٣. اجل کي اجمل، وجهي نہ جهل.

۴. اجل کي، اجمل چا ڪندو!

۵۳۳ . کہٹے پہانڈے وی کھڑکی گشنیں۔ (کہاوت)

گڏ رهندڙ ساهدار تہ چا بي ساهيون شيون بہ پيون ٺهڪنديون آهن. ٽڪرجڻ، فطري عمل آ، جنهن ۾ حڪمت عملي رکيل آ. ان کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ انهن شين منجهان، مقرر ڪارج سر نہ ٿي سگهندو.

مطلب: ١. بہ نڪر ساڻ هوندا تہ پيا ٺهڪندا.

٢. پہانڈے وی آپس وچ کھڑکی گشنیں۔ (کہاوت)

٣. نڪر به پيا پاڻ ۾ ٺهڪندا آهن.

۵٣۴ . کهر آ پهکے ٹرو، طہ اگیں وی پهکے ڈیے رہسو۔ (کہاوت)

کهر آ؛ گهران، گهرئون. پهکے؛ بکيو. ٹرو؛ هلبو.

سفر تي نڪرڻ وقت، گهران نيرن پاڻي ڪري نڪرجي. واٽ جي آسري تي رهڻ وارو، آسري ۾ ئي رهي ٿو ۽ اجيو بکيو موٽي ٿو. پرائي آسري تي گهران تڪڙو ۽ بک تي نه نڪرجي. ان ۾ توڪل، شامل نه ٿي رهي.

مطلب: ١. گهرئون بکيو هلبو ته اڳيان به بکيو ئي موٽبو.

٢. صبح جو گهران نڪرجي ته نيرن پاڻي ڪري نڪرجي.

۵٣۵ . کہر آیا، مو جویا۔ (کہاوت)

مو؛ ماءُ. جایا؛ ڄايو، ماءُ-ڄايو، ڀاءُ، عزت لائق.

آيل سوالي، پلي گهوڙي تي ۽ پلا وڳا پائي اچي، ڪيس هٿين خالي موٽائڻ، چڱو ناهي. بلڪ ان جي تعظيم ايتري ڪرڻي آ، جيتري پنهنجي ماءُ جي ڪجي ٿي. اهو رب طرفان مهمان آ. ان جو سوال سڻجي ۽ ورنائجي.

مطلب: ١. گهر آيو: ماءُ-ڄايو.

٢. جيڪو لڙي اچي ٿو، سو ڀاءُ جي آچار آ.

٣. کہر آئے کتے کی وی، در نیڑا آکهنیا۔ (کہاوت)

۴. گهر آئي ڪتي کي به ڌٿ نه ڪجي.

۵٣٦ . کہر، کہر آلی نال۔ (کہاوت)

ڇڙو ڇانڊ، جنهن جاءِ ۾ رهي، سا اوطاق ته ڇئي سگهجي، گهر نه. گهر اهو آ، جتي عورت ۽ ٻار ٻچو رهي. گهر واري، ٻار ٻچي سان گڏ، ٽپڙ-ٽاڙيءَ، ڏڙ-ڏوءَ ۽ رڌ-پچاءَ جو خيال ڪندي آ. ڪٽن جا پاوا به پيا ڪلندا آهن.

مطلب: ١. گهر، گهر-واريءَ سان.

۵٣٧ . کہرے کول پیلا وی شیر ہونا۔ (کہاوت)

پنهنجو گهر/ ڏر، اهڙو وٿاڻ آ، جتي پهتي کان پوءِ، هر ساهدار جي دل وڌي ٿي ويندي آ. جان، گهر ۽ وطن جي دفاع ۾ شينهن ته ڇا ٻلي ۽ ڪتو به دلير ٿي پوندا آهن. هر ساهدار، گهر ۽ وطن ڪي، جان تي ترجيح ڏيندو آ.

مطلب: ١. گهر وٽ، ٻلي به شينهن هوندي آ.

٢. ڏر تي گدڙ به شينهن آ.

٣. کتا وی اپنے گھر شیر ہونا۔ (کہاوت)

٤. ڪتو به پنهنجي گهر شينهن هوندو آ.

۵. اپنے گھر، کتا وی شیر ہوناں۔ (کہاوت)

٦. پنهنجي گهر، ڪتو به شينهن.

۵٣٨ . کھرے ناں پیر ہولا/ لوکا ہونا۔ (کہاوت)

پري واري شيءِ، وڏندڙ ۾ سحر انگيز هوندي آ. ويجهڙائپ، سحر گم ڪري ڇڏيندي آ. پري کان وڄندڙ ڍهل وڻندو، ويجهي وارو ڪن ڪائيندو. پير فقير به پر-پرو ته ڪرامتي، ويجهو ته جهڙو ماڻهو. فوقيت نه رهندس.

مطلب: ١. گهر جو پير، چلهه جو مارنگ.

٢. گهر جي شيءِ جو قدر نه هوندو آ.

۵٣٩ . کھرے ناں مال طہ دلے نی گھل، کسے کی وی نئی دسنی چائی نی۔ (کہاوت)

مال ۽ دلين جي راز جا تاڪائو تمام گهٽا آهن. ٻاٻور پوندي، ڪاٺ هٽڻ ۾ دير نه ڪندا. گهر-واريءَ ۾ اندر جي ڳالهه، ڪنهن کي به نه ٻڌائجي. مجاڻ ڪو نقب زني ڪري وجهي.

مطلب: ١. گهر جو مال ۽ دل جي ڳالهه، ڪنهن کي ڏسڻ نه گهرجن.

٢. سِرُ ڏجي، سُرُ نه ڏجي.

٣. پيٽيو: کہرے نی ککڑ/ ککڑی، دال بروور۔ (کہاوت)

۵۴٠ . کھرے نی ادھی، باہر نی پوری کولا چنگی۔ (کہاوت)

ڳوٺ/ ديس اندر روزگار نه لڳي ته هر ڪو ڪشادي روزگار واريءَ شهر/ ديس ڏانهن هٿ پير هٽي. حياتي ٿوري آ ۽ ڳچ ته اچ-وڃ جي سفر ۾ گذريو

وجي. ڪمايل مال جو چڱو حصو، راهن ۾ خرچ ٿيو وڃي. آخر ۾ وطن ۾ پرديس جي ڪمائيءَ جو ليکو به ساڳيو وڃي بيهي. جڏهن ته پرديس ۾ رهڻ سبب، پوئتي رشتا ناتا پر-پرا ٿيو وڃن.
مطلب: ۱. گهر جو اڌ، ٻاهر جي سڄيءَ کان چڱو.

۵۴۱ . کهرے نی ککڑ/ ککڑی، دال بروور- (کہاوت)
گهر جي شيءِ، ويجهي ۾ پهچ اندر هئڻ سبب، وقار ڪيرائي وجهندي آ. دسترس کان پري هجي ته دال به وڏي وٽ ٿي پوندي آ. هٿ وس هئڻ واري مرغي ته پري، ڇيلي جي گوشت جو به قدر گهٽجي ويندو آ.
مطلب: ۱. گهر جي مرغي، دال برابر.
۲. ولايت جي ڪبر، ديس جي مينا.
۳. پيٽيو: کہرے ناں پیر ہولا/ لوکا ہونا- (کہاوت)

۵۴۲ . کہلا بندہ؛ ناں ہسناں چنگا، ناں روناں چنگا- (کہاوت)
حياتي، گڏجي رهڻ سان آسان. ڇڙو رهڻ، جنجال. اڪيلو، نه ڪارنامو ڪري، نه شابس مليس. ڪڏ ڪوهه ۾ ڪري ته ڪڍڻ وارو ڪير به نه. ڪلي ته ڪوڪلو لڳي، روئي ته ڪنهن کي ڪٿر نه اچي.
مطلب: ۱. اڪيلو ڄڻو: نه کلندي سونهي، نه روئندي سونهي.
۲. ڇڙن جو جهان ئي ڪونهي.

۵۴۳ . کہلا کہر، جناں پہتاں ناں ڈیرا- (کہاوت)
گهر ناهبو آ، رهڻ لاءِ. نه رهبس ته ڪوليون ۾ ماڪوڙا، سُرو ۾ اڏوهي، ڪانءَ ۾ ڪبريون، اچي واسو ڪندس. خود-رو ٻوٽا ڦٽندا ۾ تانيئڙا ڄارا هٽي ويندس. آخر جن ڀوت اچي ديرو دمائيندس. رهڻ کان ڳوڙو ٿي ويندو.
مطلب: ۱. هيڪلو گهر، جنن ڀوتن جو ديرو.

۵۴۴ . کہنناں پہلے، ناں دیناں پہلے- (کہاوت)

ڏيڻ-وٺڻ جهڙا فعل، ٻين سان وابستگيءَ سبب ٽين تا. اهي شيون وسرڻ جون نہ هونديون آهن. جنهن کان ونـي ڪاڏو، يا جو ونـي ڪائي ويو، ٻئي دل تي پيا ترندا. لڪائڻ جي باوجود، ٻئي ڳائبا رهندا آهن.

مطلب: ١. نہ وٺڻ وسري، نہ ڏيڻ وسري.

٢. نہ ئي گهرڻ وارو وسري، نہ ئي ڏيڻ وارو وسري.

۵۴۵ . کهوڙے دکهی کهوڈاں اینا اوٹهی۔ (کہاوت)

کهوڙے؛ گهوڙو. دکهی؛ ڏسي. کهوڈاں؛ منڊڪائڻ. اينا اوٹهی؛ اڇي ويندو آ.

گهوڙو، اڄ بہ سواريءَ لائق آ. جتي لئنڊ-ڪروزر گاڏيون نہ ٿيون پهچن، اتي پهچي ٿو. آسائش ۽ سهوليت هٿ ايندي آ تہ پنڌ کان پاسو ڪبو آ. جاجين/ ماجين متان فوقيت رکڻ واسطي، گهوڙي تي چڙهڻ کي گهوٽ/ گهوٽيا وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن.

مطلب: ١. گهوڙو ڏسي، گوڏا منڊڪائڻ لڳندا آهن.

٢. سواري ڏسي، پير سور ڪرڻ شروع ڪندا آهن.

٣. سهوليت ڏسي، سستي چڙهي ويندي آ.

۴. پنڌ کان، ڪتي جي وات ۾ ڪجي وڃڻ، چڱو لڳندو آ.

۵۴٦ . کوڑ طہ سچ، دسی رہنا۔ (کہاوت)

ڪوڙ، ڪيترو بہ ڍَڪي ڳالهائجي، نيٺ ڦاٽُ ڦاٽي. سچ تي، مخالف پلي ڪيترو بہ پردو رکن، هڪ ڏينهن هلي ميدان تي بيهي نچندو. لڪٽي، ڪا شيءِ ناهي. اڄ وائکي نہ ٿي تہ سڀان ضرور کُلي.

مطلب: ١. ڪوڙ ۽ سچ، ظاهر ٿيڻا آهن.

۵۴۷ . کوڑ نیں ہتھ پیرنئے ہوئیں۔ (کہاوت)

حق جي مخالفت، اڄڻ کان اڳ ۽ ڪوڙ سان جهيڙو، اڄڻ کان پوءِ ٿئي ٿو. حق چٽو ٿيو، مقابلو ختم. ڪوڙ نروار ٿيو، جهيڙو شروع. ڪوڙ، پاڙي ۽ بيوس آ، هٿ پير نہ اٿس. نہ وڙهي سگهي، نہ ڀڄي سگهي.

مطلب: ١. ڪوڙ کي هٿ پير ڪو نہ ٿيندا آ.

٢. کوڑے نیں پیرنۓ ہونۓ۔ (کہاوت)
٣. ڪوڙي کي پير هوندا ئي ناهن.

٥٤٨ . کوڑے ناں، موں کالا۔ (کہاوت)
ڇهرو ئي آ، جيڪو هر هڪ آڏو اڇي ٿو ۽ سچائپ جي نشانيءَ سان گڏ، سونهن سوڀيا جو آئينه دار آ. اگر ڪارو آ ته پيو لوڪ کان لڪائبو. ڪوڙو پڻ منهن ڏيکارڻ جي قابل نه رهي. ان سببان، بمشابه ڪار-منهين جي آ.
مطلب: ١. ڪوڙي جو منهن ڪارو.

٥٤٩ . کوڑھے نیں پترے کی کوڑھ ناں وے، دھدھر ہوسی۔ (کہاوت)
ڪوڙھ جي بيماريءَ ۾، چمڙيءَ جو مٿيون ته اکڙي پوندو آ ۽ ماس جي ڳاڙهاڻ ظاهر ٿي پوندي آ. موروثي هلندڙ بيماري پڻ آ. ماءُ يا پيءُ ۾ هوندي ته اولاد ۾ به هلي ايندي. گهٽي نه هوندي ته به اثر ضرور ڇڏيندي.
مطلب: ١. ڪوڙهيءَ جي پٽ کي ڪوڙھ نه ٿيو ته لسڻ ضرور ٿيندس.

٥٥٠ . کوئی مرے یا جیئے، ستھرا کہول پتاسے پیئے۔ (کہاوت)
شتريا: فقيرن جو فرقو، جي رمتا جوڳي سڏجن ٿا. هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪو نه هوندو اٿن. هلندا رهندا آهن. نه ڪنهن جي مرڻ تي ڏک، نه ڪنهن جي خوشيءَ ۾ سرهائي ٿئين. ڪين پيٽ لاءِ ڪپي، جيڪو پري پنهنجي راهه ونن.
مطلب: ١. ڪوئي مري يا جيئي: شتريا گهول پتاشا پيئي.
٢. ڪوئي مري، ڪوئي جيوي: شتريا پتاشا گهول پيوي.

٥٥١ . کوئی ہتھ دے، اس نی بانھ نیڑا کپنیا۔ (کہاوت)
تڪليف ۾ همدرديءَ واسطي هٿ هر ڪو وڌائيندو آ پر سر ڪير نه ڏيندو آ. همدرد جو هٿ، ايترو جهلجي جو ڪم نڪري. ايترو نه جو اڳلي کي به مصيبت ۾ وجهجي. وٺڻ جي صورت ۾، هٿ ڪپي به نه ونجي.
مطلب: ١. ڪو هٿ ڏئي ته ٻانهن نه ڪپجيس.
٢. هٿ ڏيڻ واري جي ٻانهن کي سَٽ نه ڏجي.
٣. سڄڻ ڏئي سڄي ٻانهن ته سڄي نه ڳهجيس.

۵۵۲ . ڪوئيليان نی دلالی، ہتھ موں کالا۔ (کہاوت)

ڪوئلا، سيڪيل ۽ سڪل هئڻ سبب، باهه ٻارڻ طور تي ڪم اچن. بنا محنت جي جلد ٻرن. ڪاني ۽ ڇيٽي جي پيٽ ۾ سنو تؤ ڪن. پر سڙيل هئڻ سبب، ڪارنهن پئي ڇٽندي اٿن. چور پور تي، هٿ ۽ لٽا پيا ڪارا ٿيندا آهن.

مطلب: ١. ڪوئلن جي دلاليءَ ۾، هٿ منهن ڪارا.

٢. اگرن جي واپار ۾: هٿ به ڪارا، منهن به ڪارو.

٣. بڇڙي جي صحبت، بڇڙو ڪندي آ.

۵۵۳ . کٹہ پدی طہ کٹہ پدی ناں شوروا۔ (کہاوت)

پدي: جهرڪيءَ ڪان ننڍڙو پکي. منجهس گوشت پوست تمام ٿورو هوندو آ. رڌل ٻوڙ جي اندر رهو، ٻوٽين آهر ٿيندو آ. ٿلهي پاٽيءَ تي، ٻوڙ نه نهندو آ. پديءَ جي ٻوڙ مان، رس جي طلب ۽ اميد نه رکڻ گهرجي.

مطلب: ١. ڇا پدي، ڇا پديءَ جو شوروو.

٢. ڇا ڪول، ڇا ڪول جو وزن.

[ کھ ]

۵۵۴ . کھادا پیتا کوئی نا دھیکھیناں، لایا ہر کوئی دھیکھیناں۔ (کہاوت)

هر ماڻهوءَ جي نگاهه، آند-نيند تي هوندي آ، کاڌ-پيت تي نه هوندي آ. ڪير ڇا ٿو کائي، ڇا ٿو پيئي، اهو ڪير نه ڏسندو آ. البته اٽا-ويني، لٽو-ڪپڙو، چوڙ-ماڻ، پئسي جي آمد پيو ڏسندو آ. ڪائڻ تي زور ڏيڻ بجاءِ اهي سڌارجن.

مطلب: ١. ڪائڻ پيئڻ ڪير نه ڏسندو آ، هر ڪو آمد ڏسندو آ.

۵۵۵ . کھادے پیتے چ، کٹہ شرم۔ (کہاوت)

کاڌو ڪائڻ، هر ساهدار جي ضرورت ۽ حق آ. ان ۾ شرم/ عار محسوس ڪبو نه بک مربو. ضرورت آهر، فضيلت سان، ننڍا ننڍا گرهه ڪٽي، پوريءَ طرح چٻاڙي، پنهنجو پيٽ قوت ڪجي ۽ لڄ نه ڪجي.

مطلب: ١. ڪائڻ پيئڻ ۾، ڪهڙو شرم.

٢. اهاري، وهنواري، گهوٽ مهاري: لڄا ڪري ته هاري.

٥٥٦ . کھانا من پسند، باناں جگ پسند۔ (کہاوت)

کاڌو، اهو کائجي جيڪو دل طلبي، جان ڪٽي، گرهه ڪٽندي هٿ ڇيو ڪري، چٻاڙيندي ڏند نه ڪرڪن. وات ۾ لووڙيندي، زبان بيزار نه ٿئي، نڙيءَ مان لهندي اٽڪي نه پوي، آنڊن ۾ پهچي ته اهي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار هجنس. لٽو ڪپڙو اهو پائجي، جيڪو ٻيا ڏسن ته ٻُڇان نه اچين.

مطلب: ١. کائجي من پسند، پائجي لوڪ پسند.

٢. لوڪ پسند پائجي، دل پسند کائجي.

٥٥٧ . کھاناں سان، پچانا مشکل ہونا۔ (کہاوت)

پچانا: پچائڻ. سنڌيءَ ۾ پچائڻ جون ٻه معنائون آهن: ١. رڌڻ، ٢. هضم ڪرڻ، ڦٻائڻ.

کاڌو اهڙو رڌجي، جو نه ڪچو هجي نه سڙيل، سوادي ۽ لذيذ هجڻ سان گڏ زود هضم ۽ قوة بخش هجي. کائيندي، بنيادي گهرجون پوريون ٿين. اهڙو کاڌو رڌڻ، هر هڪ کي هانءُ نه ايندو آ. جڏهن ته کائي هر ڪو ڄاڻندو آ.

٢. پرائو مال، کائڻ وقت ته کائي وجبو آ، پر هضم ڪري وڃڻ يا ڦٻائي وڃڻ ايترو آسان ناهي. ان کان ڏهوڻ تي ۽ عذابن سان، اوڳاڇڻو پوندو آ.

مطلب: ١. کائڻ آسان، پچائڻ/ رڌڻ مشڪل.

٢. کائڻ سهنجو، ڦٻائڻ/ هضم ڪرڻ اهنجو.

٥٥٨ . کھاناں موں، شرمانی آکھ۔ (کہاوت)

اڌارو وٺي کائيندو ته وات آ، جڏهن ته منهن ڏئي ڳالهائڻ وقت زبان ۽ اک استعمال ٿيندي آ. زبان ٻه ڪوڙ ڳالهائي وجي پر اک پئي لڄائيندي. اگر پرائو وٺي ٻه کائجي ته ڳائجي ۽ موٽائجي. ٻي صورت ۾ شرمساري آ.

مطلب: ١. کائي وات، لڄائي اک.

٢. موں کھائے، طہ آکھ شرمائے۔ (کہاوت)

٣. وات کائي ته اک لڄائي.

٥٥٩ . کهاؤ دال، جهڙی نبھے نال۔ (کہاوت)
اُچا کاڌا کائي، پيٽ کي خراب ڪرڻ کان بهتر آ، سادا کاڌا کائي وقت ٽپائجي ۽ پيٽ کي سُرهي ڪجي. اُچن کاڌن تي هريل زبان ۽ جسم، وقت بدلجڻ سان سادگيءَ ڏانهن اچڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن ۽ بيزار ڪري وجهندا آهن.
مطلب: ١. کائو دال، جيڪا نِڀي اچي.
٢. دال ئي کائو، جنهن سان نباهي سگهو.

٥٦٠ . کهائی بے گانے ماں طہ کرنا ایں ناں۔ (کہاوت)
ٻين کان وٺي کائبو ته پوءِ انهن جي ها ۾ ها ملائڻي پوندي. کائڻ کان پوءِ اک ڏيکارڻ يا اک ملائي ڳالهائڻ ڏکيا آهن. اگر ڪو بيحيائي ڪري، اڳلي تي ڏاڍ ڪري يا ڏيکر ڪري ته پوءِ ساڻس ساڳي جُٽ ٿي سگهي ٿي.
مطلب: ١. کائي پرائي-ماءُ، ڪري ٿي "نه".
٢. کائي ٿي کير-پڙا، ڪوني ٿي: "ادا پريا!"

٥٦١ . کهٹیاں نے کھولے؛ ہیتھ ترپڑ، اپر پولے۔ (کہاوت)
کھٹیاں؛ ڪنجوس، مکي-چوس. نے؛ جا. کھولے؛ کولي، گهر. ہیتھ؛ هيٺ. ترپڑ؛ ٽپڙ، ٽاٽ. اپر؛ مٿي. پولے؛ جوتا.
ڪنجوس، بچت جي چڪر ۾، شيءِ جو قدر، قيمت آهر ڪندا آهن. مهانگي ورتل ڪني شيءِ، ساهه سان پيا سانديندا آهن ۽ سستي ورتل چڱي شيءِ، بيگاني ڪري ڦٽي ڪندا آهن.
مطلب: ١. ڪنجوسن جا گهر: مٿي جوتا، هيٺ ٽپڙ.

٥٦٢ . کھرڈیا لے نیئں کھرڈیا نے پچھولے دکھنا پینا۔ (کہاوت)
کھرڈیا؛ مندو. لے؛ کي. نیئں؛ نه. نے؛ جي. پچھولے؛ پوين کي، وڏن کي. دکھنا؛ ڏسڻو. پینا؛ پوندو آهي.
مندي جي هڪ رڳ واڏو هوندي آ، جنهنڪري مڙني کي پيو تنگ ڪندو آ. منجهانئس هر ڪو بيزارگي پيو ڏيکاريندو آ. ڪاروهنوار کي هلائڻ لاءِ، مندي جي وڏن ڏي نظر ڪندي، مندي جا مند به پيا برداشت ڪبا آهن.

مطلب: ١. مندي کي نہ پر مندي جي وڏن کي ڏسڻو پوندو آ.
٢. ٻٽيھ منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاڻو، گنجو ساماڻو، مڙني ماٺ ڪئي.

٥٦٣ . کھسریاں نیں کہر نکے نئے جمنیں۔ (کہاوت)

ڪسرو/ ڪدڙو، شادي ڪندو ئي ناهي. اگر مالڪن، بنا ڄاڻ جي، زوريءَ شادي ڪرايس تہ بہ ڪيس گھر منجھ آسرو اميد نہ هوندو آ. بلڪ کو دعا ڏئيس، سا بہ دل سان نہ لڳندي اٿس.

مطلب: ١. ڪدڙن جي گھر، پٽ نہ ڄمندا آهن.
٢. ڪدڙي کي دعا ملي: "پٽ ڄمندئي!" چي: "اها دعا دل سان ئي نہ لڳي."

٥٦٤ . کھسم واجا ساون وچ تہریاں۔ (کہاوت)

کھسم واجا: مڙس کان بغير. ساون وچ: سانوڻ جي مهيني ۾. تہرياں: اجايو، تاس-وتل.

سانوڻ جي منڊ ۾، برساتيون پون. اجايل ٻنين کي پاڻيءَ جا انجر چنچر ٿي وڃن. اساٽ ختم ٿي وڃين. ونيءَ جي اڄ، وني جي محبت سان لهي. سانوڻ جي پوري منڊ مينهن وسي، پر وني جي هڪ رات جي محبت برابر نہ ٿئي.

مطلب: ١. مڙس کان بغير، سانوڻ بہ اجيو.
٢. عورت جو سانوڻ، مڙس سان.

٥٦٥ . کھوپڑیں نے کہر گچھا؛
کھائی وی اچھا، ہنی وی اچھا۔ (کہاوت)

کھوپڑیں: بيوقوفن. گچھا: وڃجي. اچھا: اڇجي. ہنی: هٽي، ڪٽي.

بي مغزي ڪوپڙي، بيوقوف هجڻ جي علامت. بيوقوف مان، چٽ ڏئي ڪم بہ ڪيبو آ تہ سندس مال بہ تڳائي وڃبو آ. آخر تائين، دھو ئي نہ پوندو اٿس.

مطلب: ١. بيوقوفن جي گھر پهچو: ڪائي بہ اچو، ڪٽي بہ اچو.
٢. انڌن جي خيرات: ڪائي بہ اچو، ڪسڪائي بہ اچو.

٥٦٦ . کھوتاں نیں کھوت طہ پہوتاں نیں پہوت۔ (کہاوت)

جنس منجهان جنس ڇاپي. ڪٽڪ منجهان ڪٽڪ، جوَن منجهان جوَ، اڪن مان اڪ ته جوئر منجهان جوئر ڦٽي. گڏھ مان گڏھ، گهوڙي مان گهوڙو، ڏاچيءَ مان اٺ ڄمي.
مطلب: ١. ڪوتي جو ڄٽيو ڪوتو، پوت جو ڄٽيو پوت.

٥٦٧ . کھوتی شہرا ہوئی آئی، ہن کھوتیاں چ تی رلنی- (کہاوت)
اڻ-سڌريل، سڌريلن سان ملن ته منجهن فوقيت اچي وڃي. ڦوندڙ خاطر، پنهنجي همجنس کي به پاڻ جهڙو نه سمجهن. جنهن سببان ڪيڏانهن جا به نه رهن. بيوقوف ۽ ڪوتو، پنهنجن جي سڃاڻپ نه رکندا آهن.
مطلب: ١. ڪوتي شهر گهمي آئي ته گڏهن سان رهڻ ڇڏي ڏنائين.

٥٦٨ . کھوتے کی گلقند تی پچنی- (کہاوت)
گلقند، شڪر ۽ گلن مان جڙندو آ. ڪاڏي ڪان پوءِ، هاضمي طور واپرائبو آ. گڏھ جيڪو ڪائي ئي سڪل ڪرڦتي، اهو گونهه کي گلقند تي ترجيح ڏيندو. سندس هاضمو، ان سان درست ٿيندو. گلقند ڪائڻ لاءِ، چپ ئي نه ڇُرندس.
مطلب: ١. گڏھ کي گلقند، نه جِورندو آ.

٥٦٩ . کھوئے نی مٹی کھوئے چ- (کہاوت)
کوھ کوٽڻ مهل، جيڪا مٽي نڪرندي آ، سا کوھ جي پٻ وٽ ڍير نه ڪبي آ. مٽان کوھ اندر ڪري پوي يا سندس وزن تي کوھ پڪ ڏئي. کوھ جي چوڌاري پٽاربي وڃبي آ. کوھ ڪڇي تيار ٿيڻ تائين اتي ڄمي ويندي آ.
مطلب: ١. کوھ جي مٽي، کوھ کي لڳي.
٢. گمب جي مٽي، گمب کي لڳي.

[ گ ]

۵۷۰ . گجر نا کہیہ عذر۔ (کہاوت)

گجر، پنجاب جي هڪ ذات، طبعًا ضدي، ننر ۽ ويڙهاڪ قوم. ڪشمير تي سندن راڄ آ. ٻئي ڪنهن سان وڙهڻ ۽ هٿ پائي ڪاٺڻ لاءِ ڪين ڪنهن عذر جي ضرورت نہ هوندي آ. ويني ويني چڙي پوَن ۽ وڙهي پون.

مطلب: ١. گجر کي ڪهڙو عذر.

٢. گجر کي جهيڙي لاءِ، ڪو بہ بهانو نہ گهرجي.

۵۷۱ . گشناں اپنے بس، اشناں پرائے بس۔ (کہاوت)

مهمان ٽي اچڻ تہ مهمان جي وس ۽ مرضيءَ جي اختيار آ. واپس موٽڻ ميزبان جي مرضيءَ ۽ اجازت سان ٿيندو. نڪرڻ ۾ اگر مهمان مرضي هلائيندو تہ خرابي ۽ شڪ پيدا ڪندو.

مطلب: ١. وڃڻ پنهنجي وس، اچڻ پرائي وس.

٢. پر-گهر وڃڻ مهمان جي مرضي، موٽڻ ميزبان جي مرضي.

۵۷۲ . گل پیا ٹھول، بجاناں پیناں۔ (کہاوت)

دهل کي متي جهلبو تہ متس ڏونڪا هڻڻ آسان ٿيندا. دهلاري، ٻک ڪئون، ڳچيءَ ۾ هار طور وجهي، وڄائيندا آهن. عام ماڻهو، وڄائي نہ سگهندو. ٻک جي پوَ ڪان دهل ڳچيءَ پئجي وڃي تہ وڄائي جان ڇڏائڻي پوندي آ.

مطلب: ١. ڳچيءَ پيل دهل، وڄائڻو ئي پوندو آ.

٢. تڪليف، ڳچيءَ پوي تہ ڳلي جو هار سمجهي پائجي.

٣. سر تي آيل تڪليف سان مڙس ٿي منهن ڏجي.

۵۷۳ . گل موئیں چا نکلی، بغانی ہوئی۔ (کہاوت)

گفتو، خيالن جي ڏي وٺ جو ذريعو آ. واتان ڪڍجي، تہ سوچي سمجهي ڪڍجي. واتان نڪتي ڪان پوءِ موٽي ماڳ نہ ايندو. مگر اثر رکندو. جيئن بندوق مان نڪتل گولي، يا ٽٽن مان نڪتل ڪير واپس ساڳئي ماڳ نہ ٿا

موٽن تيئن گفتو ٻه موٽي نه ٿو. اڻ سوچي ڳالهايل گفتي جو، ٻڌندڙ کھڙو مطلب ٿو وٺي ۽ موٽ ۾ کھڙو ٿو ورتاءُ ڪري، سو سندس راض.

مطلب: ١. واتان نڪتل ڳالھ، پرائي ٿيو وڃي.

٢. موئيں چا نکلی گل، تی مڑنی۔ (کہاوت)

٣. واتان نڪتل گفتو، موٽي نه اچي ماڳ.

۴. موئیں ر آئی گل، تی رہنی۔ (کہاوت)

۵. واتان نڪتل ڳالھ، هڪ هنڌ بيهي نه ٿي.

٦. واتان نڪتل گفتو ۽ ڏڏل ڪير، موٽي ماڳ نه اچي چٽل تير.

۵٧۴ . گلیار راٹھ ناں، سندھوار کاٹھ ناں۔ (کہاوت)

گليار؛ هڪ ذات جو نالو. راٹھ؛ سنو، چڱو. ناں؛ نه ناهي. سندھوار؛ اڪ وانگر هڪڙو جهنگلي ٻوٽو. کاٹھ؛ ڪاٺ.

چوٽيءَ ڏانهن ويندڙ پير-چارن ڪان علاوھ وچٽرا رستا ٻه هوندا آهن، جن تي وهٽن ذريعي چڙهبو آ، تن کي گلي سڏين ٿا. انهن گلين تي آباد گهرن وارن کي گليار سڏين ٿا. ڏکي زندگي گذارڻ سبب، ٻين جو آدرياءُ نه ڪري سگهندا آهن. جنهن ڪري ڪين چڱو نه چيو ويندو آ. سنڌوار جو ٻوٽو ٻه ٻرڻ ۾، اڏاوت طور ۽ فرنيچر منجهه ڪم نه اچي، جنهنڪري سنڌوار، ڪاٺ ۾ شمار نه ٿئي. اهڙيءَ طرح سرنهه ۽ کهو ٻه ڪاٺ ۾ شمار نه ٿين.

مطلب: ١. گليار راٺ ناهي، سنڌوار ڪاٺ ناهي.

٢. سرنھ کوئی کاٹھ نئیں، سھو کوئی راٹھ نئیں- (رچناوی)

٣. سرنهه ڪاٺ ناهي، سهو راٺ ناهي.

۴. کاہو کوئی کاٹھ نہی، گجر کوئی راٹھ نہی۔ (رچناوی)

۵. کهو ڪاٺ ناهي، گجر راٺ ناهي.

۵٧۵ . گنجی نہاسی کہہ تہ چنوڑسی کہہ۔ (کہاوت)

نہاسی؛ نهائيندي، وهنجندي. چنوڑسی؛ نچوڙسي، نچوڙيندي، نپوڙيندي.

متي جو وار، ڏوءَ ڏيوءَ ۾ سينگار سان آ. ور نہ تہ ڄوون، جونئون، ٻڦو پيو پوندن. کنهنديءَ پيا کارس کندا. گنجي جو مسئلو ئي حل آ. وارن نہ هئڻ سبب، نہ هر هر وهنجي، نہ هر هر لٽو نپوڙي. خفي کاٻار کان بچيل آ.

مطلب: ١. گنجي وهنجندي چا، نپوڙيندي چا.

٢. گنجی تہوسی کنہ طہ نچوڑسی کنہ۔ (کہاوت)

٣. گنجي: ڌوئندي چا، نچوڙيندي چا؟

٥٧٦ . گنگے نیں اشارے، گنگے نی ماء جاتی۔ (کہاوت)

ٻولي، زبان يا اشارن جي، سکڻ کان سواءِ نہ ايندي. مادري زبان/ ٻولي نندي هوندي وڏن-واتان ٻڌي سکجي ٿي. گونگو، مجبور آ. اشارن جي ٻولي ڳالهائڻي پويس ٿي. جيڪا ويجها عزيز/ گونگا، سمجهي وڃنس ٿا.

مطلب: ١. گونگي جا اشارا، گونگي جي ماءُ ڄاڻندي.

٢. گنگے نیں شارے، گنگا جانتا۔ (کہاوت)

٣. گونگي جا اشارا، گونگو سمجهي.

۴. گنگے نیاں رمزاں، گنگا جانے۔ (کہاوت)

۵. گونگن جون رمزون، گونگا ڄاڻن.

٦. اشارے سمجھے کلھے نی ما۔ (کہاوت)

٧. اشارا، سمجهي گونگي-ماءُ.

٨. گونگن جا اشارا، مائٽ سمجهن.

٩. گونگن جون آجون: يا گونگا ڄاڻن، يا مائٽ ڄاڻن.

٥٧٧ . گوئیٹیاں نال، سائے نئے مرنیں۔ (کہاوت)

گوئیٹیاں؛ ڇيٽا. سائے؛ سها، سهڙ.

گهريلو سهي يا سيهڙ جا دنيا اندر ٣٠۵ نسل موجود آهن. ڏاڍو ڪمزور ۽ ڊڄڻو ساهدار آ. ايترو بہ نہ جو ڪيس ڇيٽي جي جنب سان ماري سگهجي.

مطلب: ١. ڇيٽن سان، سها نہ مرندا آهن.

٢. ڇيٽن هنئي، سها شڪار ٿيا آهن چا؟

۵۷۸ . گيئی عزت، ہتھ نئی اشنی۔ (کہاوت)

عزت، وڏا جهد پٽڻ ۽ ڪشٽ ڪاٽڻ کان پوءِ پلئہ پوندي آ. وڃڻ ۾ ويرم نہ ڪندي آ ۽ اهڙو ڪمزور ڪري ويندي آ جو نہ چيلھ سڌي ٿئي، نہ ڳاٽو ايو ٿئي. موٽي هٿ بہ نہ ايندي آ. سر تي سهي بہ عزت سلامت رکڻ گهرجي.

مطلب: ۱. وئي عزت، هٿ نہ ايندي.

[ گھ ]

۵۷۹ . گھلی کس نی، طہ گہنڑاں کس ناں۔ (کہاوت)

گهٽو: ڳهٽو يا ڳهہ، سونو زيور، عورتن جو مرڪ آ. عورت، آزاد يا ٻانهي، زيور سندس ڏاج آ. ڪنن ۾ والي، نڪ ۾ ڪوڪو، ٻانهن ۾ چوڙي يا آڱر ۾ منڊي، ضرور پاتل هوندس. ٻانهپ ۾ آيل سان زيور بہ ٻانهپ ۾ ايندو.

مطلب: ۱. جنهن جي ٻانهي، ڳهہ بہ ان جو.

۲. عزت وڃي تہ چيلھ ڀڃي ۽ مٽڪو ٽوڙي رکي.

[ ل ]

۵۸۰ . لاتیے لات نی گینی۔ (کہاوت)

عادت: پڪي هير، عضوي يا جان تي پاتل لٽي وانگر آ. لٽو نہ وٽي تہ لاهي ڦٽو ڪبو. ڪني آڱر تنگ ڪري تہ وڍي ڦٽي ڪبي. جڏهن تہ پيل هير، ڪڍي ڇڏڻ يا ڇڏي ڏيڻ، ڏاڍي ڏکي آ.

مطلب: ۱. عادتيءَ جي عادت نہ وڃي.

۲. لت نہ گچھے لاتئے، توڑے منڈا منڈی کاٹئے۔ (کہاوت)

۳. علت نہ وڃي علتيءَ جي، ٽوڙي منڊي مروڙي ڪٽجيس.

۵۸۱ . لچا، اچا۔ (کہاوت)

لُچ ڪي: نہ هينين وات پؤ، نہ مٿين وات پؤ. بي حيا ٿي، پيو نچندو ۽ نينگ ڏيندو آ. پنهنجي هر ڳالھ کي چڱو ۽ ٻين جي هر ڳالھ کي برو پيو سمجهندو آ. پاڻ کي اوچو ثابت ڪرڻ لاءِ، پيو ٻين جا پٽڪا لاهيندو آ.

مطلب: ١. لچو، اچو.
٢. لچائي، بادشاهي.
٣. بيحيائي: باشاهي.

٥٨٢ . لدے داندے ناں کھر اپنا تہ پتہ چلنا۔ (کہاوت)
لدے: لڏيل، وزن رکيل. داندے ناں: ڏاند جو. کھر: ڪُرُ. اپنا: اچي.
ڍڳو، وزنائتو جانور آ. بار ڍوئڻ يا وزن چڪڻ لاءِ وڏي طاقت اٿس. ڳاهه ڳاهيندي، سندس ڪُرُ ول تي اچي تہ داٽا الڳ تي وجن. لڏيل ڏاند جو وزن اجا وڏي وجي ٿو. اگر ان جو ڪر ڪنهن تي اچي تہ رڙيون ڪڍائي ڇڏيس.
مطلب: ١. بار سٽيل ڏاند جو ڪر، مٿان آيو تہ خبر پئجي ويندي.
٢. لدھے دانڑے ناں پہار پیناں، فر پتا لگناں۔ (کہاوت)
٣. وزن لڏيل ڏاند جو بار مٿان پوندو تہ پوءِ خبر پوندي.
٤. مصيبت سر تي اچي تہ پوءِ اکيون کلن.

٥٨٣ . لسے جنے نی رن، ہر کسے نی پہاوی۔ (کہاوت)
ڪمزور، جسماني هيٺاين سبب، ڪنهن سان وڙهڻ يا مهاڏو اٽڪائڻ جي قابل نہ هوندو آ. مصلحت ڪري وقت ٽپائيندو آ. نتيجي طور، لوسي لنبوچي بہ پيو سندس گهرواري يا ڌيءُ سان ادي ادي ڪري واسطا وڏائيندو آ.
مطلب: ١. ڪمزور جي جوءِ، سڀ جي ڀاڄائي.
٢. ماڑے جنے نی کڑی، ہر کسے نی پہاوی۔ (کہاوت)
٣. هيٺي جي ڌيءُ، هر ڪنهن جي ڀاڄائي.
٤. غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڄائي.

٥٨٤ . لعل گودھڑیاں وچ وی دسی رہنے۔ (کہاوت)
لعل/ قيمتي پٿر منجهہ چمڪ، ٻين پٿرن جي ڀيٽ ۾ نرالي هوندي آ. جوهري ئي پرکي سگهندو آ. ڀلي ڪيترن ٻي قيمت پٿرن جي وچ ۾ پيو هجي، نرالو ۽ نروار پيو نظر ايندو. ماحول جو اثر، قدر نہ ٿو وڃائي سگهيس.
مطلب: ١. لعل، گودڙيءَ ۾ بہ ڪين لِڪي.

٢. لال، لڏ ۾ ڪين لڪي.

**٥٨٥ . لکھے نی وی چوری، ککھے نی وی چوری۔ (کہاوت)**

چوري، ننڍي يا وڏي، بچڙي ۽ شرمسار ڪندڙ آ. ڪا بہ شيءِ بي قيمت ناهي. ڪک بہ وقت تي قيمتي ٿيو پوي. بدنامي، چوريءَ جي بچڙي فعل جي آ. ڪرڻ وارو ڪير آ، چوري ٿيل مال ڪيترو آ، اها ڳالھ ڳٽي نہ ويندي آ.

مطلب: ١. لک جي بہ چوري، ڪک جي بہ چوري.

٢. ککھ ناں/نی وی چوری، طہ لکھ ناں/نی وی چوری۔(کہاوت)

٣. ڪک جي بہ چوري تہ لک جي بہ چوري.

**٥٨٦ . لگھی روزی نی چھوڑنی چائی نی۔ (کہاوت)**

ملندڙ روزيءَ کي ٿوري سمجھي، منجھانئس هٿ نہ ڪڍجن. جتان ۽ جيترو ملي ٿو، غنيمت سمجھجي. ملندڙ روزيءَ مان جنھن عيب ڪڍيو يا حقير سمجھي پاسو مٽيو، بخت جي ديوي مٽانئس پاچو هٽائي وجي ٿي.

مطلب: ١. نَکي نُکي روزي، نہ ڇڏڻ گھرجي.

٢. هلندڙ ڪاروبار، نہ ڇڏڻ گھرجي.

**٥٨٧ . لے نی مت، گٹیاں چ ہونی۔ (کہاوت)**

جسماني ساخت تحت علم، عقل، دولت ۽ طاقت مليل ناهن. آزمودي سان ڏٺو ويو آ تہ قد يا ڇھري جو اثر مٽن رهي ٿو. سهٽو، سهٽي سيرت بہ رکندو آ، ڊگھو مت موڙهل هوندو آ، بندرو شيطان وانگر تيز ۽ تکڙو هوندو آ.

مطلب: ١. ڊگھي کي مت، ٽٽين منجھ.

٢. ڊگھو: بيوقوف.

**٥٨٨ . لہار نی سنی کدے اگی چ طہ کدے پانئے چ۔ (کہاوت)**

سنی: جنبور، لوهي پکڙ.

لوھر، تپڻ ۽ زنگ لاهڻ لاءِ باھ ۾ لوھ تپائي، سنداڻ تي رکي تپيندو آ. تپيل لوھ کي ٺارڻ لاءِ سٽت پاڻيءَ جي ڪونڊيءَ ۾ وجھندو آ. باھ ۾ تپائڻ ڪان

پاڻيءَ ۾ نارڻ تائين، ڪيس لوهه جو جنبور استعمال ڪرڻو پوندو آ، جيڪو ڪڏهن لوهه تپائڻ لاءِ باهه ۾ ته ڪڏهن لوهه نارڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ پيو پوندو آ.
مطلب: ١. لوهارڪو جنبور: ڪڏهن باهه ۾، ڪڏهن پاڻيءَ ۾.
٢. موچڪي رنبي: ڪڏهن حلال ۾، ڪڏهن حرام ۾.
٣. درزڪي سُئي: ڪڏهن سُٿَ ۾، ڪڏهن پَٽَ ۾.

٥٨٩ . لوائی سٹی/ شوری لوئی ط کٹہ کرسی کوئی۔ (کہاوت)
لوئي پائڻ، عزت سجو اهجاڻ آ. اهجاڻ مٽائڻ، عزت جو وقار مجروح ڪرڻ برابر آ. جنهن عزت جا مقرر معيار لتاڙي ڇڏيا، تنهن کي عزت جا واسطا ڏيڻ، وقت وڃائڻ برابر آ. نه کو ننڍو اٿس، نه وڏو: جو کيس ڏت ڪري.
مطلب: ١. لاهي ڇڏيائين لوئي، ڇا ڪندس ڪوئي.
٢. سرا اولتھی لوئی، کٹہ کرسی کوئی۔ (کہاوت)
٣. متي تان لٿي لوئي، ڇا ڪندو ڪو ئي.
٤. لنگهي لاٿي لوئي، ڪيا ڪريگا ڪوئي.

٥٩٠ . لوڑو ط خدا بھی لبھی رہناں۔ (کہاوت)
مطلوب شيءِ ڳولڻي پوندي آ. بنا ڳولڻ جي، ڪا به شيءِ نه ٿي ملي. ڳولا سان، ڏکي ملندڙ شيءِ به ملندي پوندي. نه ڳولبي ته گهر ۾ رکيل شيءِ به گم ٿي ويندي. مسلسل ڳولا سان خدا به ملي ويندو آ.
مطلب: ١. ڳولڻ سان ته خدا به ملي ٿو وڃي.

٥٩١ . لوکاں ناں کن ڑ پوڑے۔ (کہاوت)
کم اهي ڪجن، جيڪي ٻين کي وڻن يا ٻيا سهي سگهن، نه ته گلائون پيا ڪندا. دل نريل هوندن ته ڳالهه چڱي ڪندا. اندر رذل هوندن ته قوڪ جوڪائٽي ڏيندا. جنهن کي روڪڻ، بادشاهن جي وس ۾ به ناهي.
مطلب: ١. ماڻهن جا وات ڪير بند ڪري؟
٢. ماڻهن ۽ کوهن جا وات، ڪنهن بند ڪيا آهن؟
٣. درياهن جا لنگهه بند ڪرڻ آسان ناهن.

۴. پيٽيو: موئين ر ہتھ نا رکھيا گشناں۔ (کہاوت)

۵۹۲ . لوگا موہڑا تہ موچی مقدم۔ (کہاوت)

لاوارث ملڪيت جا دعويدار گهڻا تي پوندا آهن. هر ڪو پيو هٿ-ڪس ڪندو. طاقت نہ هوندس تہ زباني دعويٰ پيو ڪندو. اهو نہ پڄس تہ وينو سڏون ڪندو ۽ ساهہ ڇڏيندو.

مطلب: ۱. بي وارثي ملڪيت، موچي بہ دعويدار.

۲. نڌڻڪا گهوڙا، غيباڻا هسوار.

۳. بي مالڪي جاءِ ۾، جن پوت واسو ڪن.

۵۹۳ . لولے لنگڑے نی ہیک ریغ ودھ ہونی۔ (کہاوت)

جن ڪي جسم اندر هڪ عضوو ڪٽل هوندو آ، تن جي اها ڪسر وري عقل-ذري سبيل ڏئي پوري ڪيل هوندي آ. لولو، منڊو، ڪاڻو ۽ انڌو، ذهين ۽ حرڪتي ٿيندا آهن، پنهنجين حرڪتن سان، ٻين ڪي بيزار ڪري ڇڏيندا آهن.

مطلب: ۱. لولي ۽ لنگڙي جي هڪ رڳ وڌيڪ هوندي آ.

۲.کانے نی ہیک ریغ وادھو ہونی۔ (کہاوت)

۳. ڪاڻي ڪي هڪ رڳ واڌو ٿئي.

۴. ٻنيھ منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاڻو، گنجو ساماڻو، مڙني مات ڪئي.

۵. شيرو ٻلو شاهہ جو، ڇا ساهہ آ گنجي جي ماءُ جو.

٦. پيٽيو: انھے طہ کانے نی، ہیک رغ وادھو ہونی۔ (کہاوت)

۵۹۴ . لوہا، لہاراں نیں گھل۔ (کہاوت)

جيڪي جنهن ذات جي ڪرت مان ڪمائين ٿا، سي سا ذات پنهنجي هٿن ۽ ڪلهن تي چاڳ سان چائين ٿا. موچي، ڏيپارو چمڙو شوق سان ڪلهي تي ڪڻي ٿو. ينگي، روزگار خاطر، گونهہ جي ٽوڪري مٿي تي کڻي ٿو.

مطلب: ۱. لوهہ لوهرن جي ڳچيءَ ۾ آ.

۲. روزگار/ ڏنڌي ۾ ڪو عيب ناهي.

۵۹۵ . لوہار جانے طہ آنغار جانے۔ (کہاوت)
جنهن جو جنهن سان واسطو آ سو تنهن سان هيٺ-مٿانهين ڪري ٿو ته پيو ڪري، وچ-واري جو ان ۾ ڪجهه نه وڃي. غير واسطيدار اگر ٽياڪڙي ڪندو ته نقصان ۾ پوندو. هر ڪنهن کي پنهنجي وهَ تي چڙهي ڏجي.
مطلب: ١. لوهر ڄاڻي ته اگر ڄاڻن.
٢. قاضي ڄاڻي، قيام ڄاڻي.
٣. گائينچو ڄاڻي، مَرَ ڄاڻي.

۵۹٦ . لوہے کی لوہڑے کپناں۔ (کہاوت)
لوهه طاقت واري ذات آ، جا هر ٻي ذات کي ڪٽي ٿي. جڏهن ته ڪيس ڪٽڻ ڏاڍو ڏکيو آ. ڪمزور ذات سان ڪاٽي ته نه سگهبس، البته ڪيس ڪاٽڻ لاءِ وري به لوهه ئي استعمال ڪرڻو پوندو، يا باهه سان ڳاري چني سگهبس.
مطلب: ١. لوهه کي لوهه ڪپي.
٢. لوہے کی لوآ ڑے کپنتا۔ (کہاوت)
٣. لوهه کي لوهه ڪپي.

۵۹۷ . ليخا لہئے جہڑا جيوے وچ۔ (کہاوت)
ليخا: ليکو، ڏن. جيوے: جيب، کيسي ۾.
ڏن دولت، موقعي تي هڪيو حاضر هجي، ته ڪم اچي ٿو. ٻئي وٽ رکيل يا اوڌر تي ڏنل، وقت-پئي شل ڪم اچي. گهر ۾ رکيل لاءِ به هٿ پير هڻڻو پوندو. کيسي منجهه رکيل پئسو، خرچ ڪرڻ لاءِ رڳو هٿ وجهڻ جي دير آ.
مطلب: ١. ڏن سو، جو کيسي ۾ آ.
٢. ناڻو سو، جو جان سان آ.

۵۹۸ . ليخا ما نو طہ تيهو ناں وی ہونا۔ (کہاوت)

ليکي سان، دل نريل رهي ٿي. حساب ڪتاب نہ رکبو تہ وسوسا ۽ شڪ گهڻا پيدا ٿيندا. جن سان مونجهارو پيدا ٿيندو، جيڪو اوجهڙ ۾ اڇلي ڇڏيندو. اگر ليکو سڌو ٿيل هوندو تہ اجايو گمان نہ رهندو ۽ سک جو ساهہ پيو کڻبو.

مطلب: ١. ليکو، ماءُ ۽ ڌيءُ سان بہ ڪجي.

٢. پيءُ پٽ: ليکو.

٣. بہ يائر: ٿيون ليکو.

۴. پيٽيو: بخشش سو نی، ليکا تهلے ناں۔ (ڪهاوت)

[ م ]

۵۹۹ . ماخيں کهان سوخا پر اوخا ڈنگ مخياری ناں۔ (ڪهاوت)

دنيا جي هر نعمت، تڪليف جي ڏک سان، محفوظ ڪيل آ. تڪليف جو ڏک لٿو، نعمت ضايع ٿي. گل چنڻ لاءِ، ڪنڊي جو ڏک اورانگهڻو پوندو. ماکيءَ تائين پهچڻ لاءِ، ماکيءَ جي ڏنگ کان، پاڻ بچائڻو پوندو.

مطلب: ١. ماکي کائڻ سوکي، ڏنگ سهڻ اوکو.

٢. سور سهڻ بعد، سک ماڻجي ٿو.

٦٠٠ . مارنے والے کولا، بچانے آلا ڈاہڈھا۔ (ڪهاوت)

مارڻ ۽ جيئارڻ وارو، ساڳيو ئي الله آ. ٻنهي صورتن ۾ ويجهو آ. هتي ويجهڙائيءَ مان مراد: سندس رحم، سندس غضب تي غالب آ. موت مان بچائڻ لاءِ، سندس رحمت جلد پهچيو وڃي.

مطلب: ١. مارڻ واري کان، بچائڻ وارو ڏاڍو آ.

٦٠١ . مارے کولا دهبکانا چنگا۔ (ڪهاوت)

جهيڙو ڳچيءَ پوي تہ اُن مان جان ڇڏائڻ جي ڪجي. ابهر ڪري، ڏک ٻاٿو نہ وهائجي. پڇاڙيءَ ۾ پڇتائڻ کان سواءِ ڪي حاصل ڪو نہ ٿيندو.

مطلب: ١. ماريي کان ڏمڪايو چڱو.

٢. ماريي کان پڏايو ڀلو. (ساهتي)

٣. ڏڌو ڪجي، ڏيکر ڪجي، تلوار ڪٽي، تر تر بہ ڪجي،

تنهن هوندي بہ اڳلو نہ پڇي تہ پاڻ ئي پڇجي.
۴. ها ها ڪجي، هوئڙ ڪجي، ترار ڪٽي تر تر ڪجي،
نڙ ڪجي، نڪاءُ ڪجي، اڳلو نہ پڇي تہ پاڻ پڇي وڃجي.

٦٠٢ . ماری کولا ہر کوئی ڈرناں۔ (کہاوت)

پئسي جي سَٽ برداشت ڪرڻ ڏکي آ. جسماني مار برداشت ڪرڻ، ان کان بہ ڏکي آ. ننر کي مار موچڙي جو پئو ڏجي، چو جو مار برداشت ڪرڻ، هر هڪ جي وس جي بات ناهي. اڳلي کي سڌو ڪرڻ ۾ جلد اثر ڏيکاري ٿي.
مطلب؛ ١. مار کان هر ڪو ڊڄي.
٢. مار، جن پوت بہ پڄائو چڏي.

٦٠٣ . مال مالکان، کھیئہ دلالاں۔ (کہاوت)

مال مٿان هسواري، ان جي هوندي آ، جنهن مٿس لاڳت ڪئي آ. وڪڻڻ ۽ اگھ مقرر ڪرڻ جو وٽس اختيار آ. دلال، ڪميشن خاطر، ڳالهائڻ جو مجاز هوندو آ، جڏهن تہ اگھ پاڳھ ۾ لاهي گاهي جو مختيار، وري بہ مالڪ ئي آ.
مطلب؛ ١. مال مالڪن جو، ڏوڙ دلالن کي.

٦٠٤ . ماء راضی طہ رب راضی۔ (کہاوت)

رب جو راضپو، ابي ۽ امڙ جي راض سان مشروط آ. اهي راضي تہ رب راضي، اهي ناراض تہ رب بہ ناراض. پيءُ ماءُ جو راض، رب جي راض جي ڪسوٽي آ. رب جو راضپو ڏسڻو آ تہ والدين جو راضپو ڏسجي.
مطلب؛ ١. امڙ راضي، رب راضي.
٢. اب راضي، رب راضي.

٦٠٥ . ماء ماتریئی، پے قصائی۔ (کہاوت)

ويڳي ماءُ، پيءُ جي زال آ، ماسي سڌبس، پر سڀ ماءُ جهڙي آسيس منجهانئس نہ ايندي. ويتر ماٽيلائپ وارو رويو اختيار ڪيائين تہ ابو بہ سندس چوڻ آکڻ ۾ اچي، ڪاسائپ وارو رويو رکندو.

مطلب: ١. ماءُ ماٽيلي، پيءُ ڪاسائي.
٢. ماسي نہ ٿئي ماءُ، توڙي ڪيي ڏئي ساھ.

٦٠٦ . ماؤ نال نانکے، پیؤ نال دادھکے۔ (کہاوت)
هر ڪو پنهنجي وڏن کي پڏائي، پيو سرهو ٿيندو آ. پيءُ آڏو ڏاڏاڻا، ماءُ آڏو ناناڻا پڏائبا، تڏهن ٻئي راضي هوندا. اگر پيءُ آڏو ناناڻا ۽ ماءُ آڏو ڏاڏاڻا پڏائبا تہ ٻئي رسي ويندا.
مطلب: ١. ماءُ سان ناناڻا، پيءُ سان ڏاڏاڻا.
٢. جيڪو، جنهن ۾ راضي ٿئي، تنهن کي تنهن سان راضي ڪجي.

٦٠٧ . ماؤ نے ٹھڈے چا کوئی نا سکھی اشنان۔ (کہاوت)
دنيا جو ڪاروهنوار، حالتن سارو، سکڻو پوي ٿو. جهڙا جهڙا حالات سامهون اچن ٿا، اهڙو اهڙو عقل، انسان جي مغز ۾ ڦڙو ڦڙو ٿي پرجندو وڃي ٿو. ماءُ-پيتان، ڪو بہ علم عقل ڪنيو نہ ٿو اچي.
مطلب: ١. ماءُ جي پيٽان ڪير سکي نہ آيو آ.
٢. زمانو، استاد آ.
٣. زمانو آ ڍڪڻ، جو ڪپي ڪوري ۽ سيڪاري ٿو.

٦٠٨ . ما آگے تہی کہہ ننھیال پچھانسی۔ (کہاوت)
ناناڻن جي ڄاڻ جيتري ماءُ وٽ هوندي، اوتري ڌيءُ کي نہ هوندي. ماءُ، ڌيءُ کان اڳي پيڪن ۾ ڄاول ۽ پليل آ. ڌيءُ پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهر ۾ رهي ۽ پلي آ، تنهن کي وري انهن جي خبر هوندي، ناناڻن جي نہ هوندي.
مطلب: ١. ماءُ آڏو ڌيءُ، ڪهڙو ناناڻا سڃاڻندي؟
٢. نانڪ کي ڌيءُ کان وڌيڪ، ماءُ سڃاڻندي آ.

٦٠٩ . ما مارسی تہ مارنے نہ دیسی۔ (کہاوت)
اولاد کي غلطيءَ تي، ماءُ نصيحت سان سمجهائيندي آ. ان سان نہ سمجهيو تہ ڪيس لڪڻ سان سمجهائيندي آ. ٻين هٿارئون نہ مارائيندي آ.

مطلب: ١. ماءُ ماريندي، مارائيندي نہ.
٢. ڪُهين تہ آپ ڪُهہ، آڇ مَر چوهيڙيان.
٣. امڙ پاڻ سرزنش ڪندي، ميڇ ڏئي ٻين هٿان نہ مارائيندي.

٦١٠ . مآئو پيو نی کھٹ، بیغانیا نی لت- (کہاوت)
ابي امڙ جي گهر، کٽ تي سمهڻ ۾ آرام هوندو آ. ڌارين وٽ تڪليف ۾ سهمن جو گذر هوندو آ. اتي، لتون ئي لڳنديون. وس ويندي، ابي اما کان پري نہ ٿجي. وٿائڻ مليل سک، ٻئي هنڌ نہ ٿو ملي.
مطلب: ١. ماءُ پيءُ جي کٽ، پراون جي لت.

٦١١ . مآئو کولا تہی سیانی، ردھے پکے بھائے پانی- (کہاوت)
اڄڪلهہ جيڪو ٿو آني مان ڦٽي، سو عقل ۾ پُر لڳو پيو آ. اڳي سوشل ميڊيا نہ هئڻ سبب، ٻارن ۾ عقل گهٽ هوندو هيو ۽ هر ڪم والدين کان پڇي پڇي ڪندا هيا. هاڻ وڏڙا ٿا، ڪائڻ پڇي پڇي هلن.
مطلب: ١. ماءُ کان ڌيءُ سياڻي، وجهي رڌي پڪي ۾ پاڻي.

٦١٢ . مآئیا کولا دائیا پیارا- (کہاوت)
ماءُ، ڏهہ مهينا پيٽ ۾ ٻار کي سانڍي، ڦيتون ڪائي، ڄڻي ٿي. ڄمڻ پڄاڻان ٻار، نيپاڄ واريءَ جي همدردي ڏسي ٿو. ڪيس ان لاءِ محبت ٿئي ٿي. ڄڻڻ واريءَ جا سور اکين سان نہ ٿو ڏسي، ڪيس ان لاءِ همدردي نہ ٿي ٿئي.
مطلب: ١. ماءُ کان وڌيڪ، دائيءَ سان پيار ٿيندو آ.
٢. ڄڻڻ واريءَ کان وڌيڪ، جهبو نپائڻ واريءَ لاءِ ايندو آ.
٣. ڄڻ کان نيپاڄ وڏو.

٦١٣ . مٹی ککڑی، نکا اٹا دینی- (کہاوت)
ڪڪڙ جي آني جي ساخت ۽ سائيز، فطري طور تي هڪ-ڪري ٿيندي آ. ڪڪڙ جو قد ٻلي ننڍو هجي يا وڏو. ٿلهي ڪڪڙ جو ڪاڌو پنهنجي جسم

تي ئي لڳي، جنهن سبب بيضي کي کاڌ خوراڪ جي کمي رهي، تنهنکري سندس لاٽل آنو، ٻين ڪڪڙين جي لاٽل آنن جي پيٽ ۾، ننڍو ٿئي.
مطلب: ١. ٿلهي ڪڪڙ، ننڍيا آنا ڏئي.

٦١۴ . مٹی ناں پہانڈا کھنکھنائی دھکھنیا۔ (کہاوت)

نڪر جي نهيل شيءِ به ونڻ کان اڳ، کڙڪائي ڏسجي، پوءِ ونجي. اڪيون پوري، نه ونجي. ٻاڙو وجي ته پڳل ۽ سير-پيل هوندس، جيڪو ڪنهن ڪم جو نه هوندو. مٿس خرچ ڪيل پئسا، اجايا ويندا.
مطلب: ١. نڪر جو ٿانءُ، وڄائي ڏسجي.
٢. نڪر جي دانگي به وڄائي ونجي.

٦١۵ . مرن جین، اللہ نیں ہتھ آ۔ (کہاوت)

دنيا اندر، انسان نه پنهنجي منشا سان آيو آ، نه مرضيءَ سارو حياتي گذاري ٿو ۽ نه وري خواهش خوشيءَ سان موٽي وڃي ٿو. اهو سڀ، رب جي حڪم تحت ٿئي ٿو. انسان جو مرڻ جيئڻ، رب جي اختيار آ.
مطلب: ١. موت ۽ حياتي، رب جي هٿ آ.

٦١٦ . مرنا، حق ناں راہ۔ (کہاوت)

هيءَ دنيا، دارالبقا نه بلڪ دارالفنا آ. جيڪو منجهس آيو آ سو هڪ ڏينهن هتان هليو ويندو، رهندو فقط نالو الله جو. موت کان ڇوٽ، ڪنهن کي به مليل ناهي. هر هڪ کي ان جو ذائقو چکڻو آ.
مطلب: ١. مرڻ، حق جي راهه آ.
٢. موت، بر حق آ.
٣. موت، اڻ ٽر آ.

٦١٧ . مرناں جیناں، بندے نال آ۔ (کہاوت)

دنيا جي زندگي، اڪيلي سر ڪٽڻ اوکي، ميلي جهميلي اندر ڪٽڻ سهنجي. اڪيلي مرڻ سان ساهه تہ هليو وڃي ٿو، پر ماڻهن منجهہ مرڻ سان پڇاڙي سرهي ٿيو وڃي. ڪفن دفن ۽ مذهبي رسمون پڻ پوريون ٿيو وڃن.

مطلب: ١. مرڻ جيئڻ، ماڻهن سان آ.

٢. گهڻن سين موت، شاديءَ سمان.

٦١٨ . مرنے مرنے جٹ، پهیں منجیں چھ سٹ۔ (کہاوت)

جٽ، بظاهر جاهل ۽ نڪما نظر ايندا آهن. جڏهن تہ سندن ڪمائي، سندن مئي پڇاڻان ظاهر ٿيندي آ. مرندي مرندي بہ چڱي ملڪيتڙي ڇڏي ويندا آهن. وئِيءَ ۾ وئِي بہ، پنج ست مينهون ورثي ۾ ضرور ڇڏي مرندا آهن.

مطلب: ١. مرندي مرندي جٽ، ورثي ۾ ڇڏي مينهون ڇهہ ست.

٦١٩ . مرنیاں نال، کوئی نا مرنا۔ (کہاوت)

ساهه سڀ کي پيارو آ. مرڻ ڏاڍو ڏکيو آ. پٽ، پيءُ بدران، ڌيءُ، ماءُ پاران مرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا. مٽ مائٽ، ان گهڙيءَ ۾ ڇڏي ڀڄي ويندو آ.

مطلب: ١. مرندڙن سان، ڪير نہ مرندو آ.

٢. مئن لاءِ، ڪير نہ مئو آ.

٦٢٠ . مریاں نی بعد وچ قدر اشنی۔ (کہاوت)

حياتيءَ اندر، هر هڪ جو قدر ان ڪري نہ ٿو رهي جو ساڻ هئڻ واري هر شيءِ جو قدر نہ ٿيندو آ. هر نعمت جو قدر، ڪسجڻ پڇاڻان ئي ٿيندو آ. هٿان نڪري ويل شيءِ لاءِ، هر ڪو پار ڪدي پيو روئندو آ. وڏڙن جو قدر بہ انهن جي هن جهان ڇڏڻ پڇاڻان ئي ٿيندو آ.

مطلب: ١. مرڻ پڇاڻان، قدر ٿئي ٿو.

٢. انسان ناں پتا مرے تھیں بعد لگناں۔ (کہاوت)

٣. انسان جي خبر، مرڻ پڇاڻان لڳندي آ.

٦٢١ . مڑدا نیں بولے، جے بولے کھپن پھاڑی طہ بولے۔ (کہاوت)

مردو، زنده نہ ٿيڻو آ. جي اُتي پيو تہ پوَ ۾ گهڻن جا ساهه هليا ويندا. جيئري کي مردو سمجهي، پوربو تہ قبر ۾ لهڻ کان اڳ ضرور ڦڏڪندو. اهڙو ڦڏڪندو ۽ ڦڙڪندو جو گهڻن جا ساهه سڪائي ڇڏيندو.

مطلب: ١. مردو نہ ڳالهائي، جي ڳالهائي تہ ڪفن ڦاڙي ڳالهائي.

٦٢٢ . مسلو کہسلو ات کرے، جت کوئی منے،
ات نہ کرے، جت کوئی بوتھا پھنے۔ (کہاوت)

جنهن ڪم مان فائدو ٿيڻ جي اميد هجي، ان ۾ هٿ وجهجي. جنهن مان ڪجھ ورڻ جي اميد نہ هجي، يا نقصان پوڻ جو انديشو هجي، تنهن ۾ هٿ وجهڻ بدران، هر ڪو پؤ ڪندو آ.

مطلب: ١. ڏکو ڏيکر ات ڪجي، جت ڪو مڃي،
ات نہ ڪجي، جت ڪو ٻوٿ پڇي.

٢. ڏکو ڪجي، ڏيکر ڪجي، اڳلو نہ پڇي تہ پاڻ پڇجي.

٦٢٣ . مطلووا پورا، کھوتی سٹیا پھورا۔ (کہاوت)

هر ڪم ۾ مطلب سارو هٿ وجهبو آ. جتي ۽ جڏهن ان مان ڪارج سر ٿي ويو، اتي ۽ ان مهل منجهانئس هٿ ڪڍبو آ. هر وٿ جو قدر، ڪارج جي نڪرڻ تائين آ. ڪارج نڪتو، شيءِ اجلي.

مطلب: ١. مطلب پورو: گڏھ اجليو ٻورو.

٢. مطلووا پورا؛ توں کن طہ میں کن۔ (کہاوت)

٣. غرض پوري، هاڻ تون ڪير تہ مان ڪير؟

٤. ندي پار ٿيڻ کان پوءِ: تون ڪير، مان ڪير؟

٥. ڪم نڪتو، ڪاڳر ڦاٽو.

٦. سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي.

٦٢٤ . مطلووے تے لوک گدھے کی وی باوا آخنے۔ (کہاوت)

غرض يا گتيءَ خاطر، حالتن سان ناھ ڪرڻو پوندو آ. غرض پئي، گڏھ-مهانديِ سان بہ واسطو رکبو آ ۽ ساڻس بي حجاب ٿي ڳالهائڻو پوندو آ. هينانهين وني، منجهانئس ڪم بہ ڪڍبو آ.

مطلب: ١. مطلب خاطر ماڻهو، گڏھ کي بہ بابو چوندو آ.
٢. پنهنجي گتيءَ، گڏھ کي بہ بابو ڪونجي.

٦٢٥ . مفت نی شراو قاضی اوڙ وی نئے چھڑنے۔ (کہاوت)

مفت جو مال، هر هڪ کي پيارو لڳندو آ. ملندي ئي، پنهي هٿن سان ٻڪ وجهندو اٿس. قاضي، انصاف ڪندڙ سان گڏ انساني گهرجن سان وڪوڙيل آ. شراب جهڙي حرام شيءِ بہ مفت ۾ ملندس تہ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو.

مطلب: ١. مفت جو شراب، قاضيءَ بہ نہ ڇڏيو آ.

٦٢٦ . مکے گیاں کھوتا، حاجی نا بنی گشناں۔ (کہاوت)

اڳي سفر گڏهن تي ٿيندا هئا. حاجي، احرام پائي، گڏهن تي چڙهي، حج جي ڏينهن، عرفات جي ميدان ۾ بيهندا هيا. موٽي مزدلفو ۽ منيٰ بہ گڏهن تي ڪندا هيا. اهي ارڪان بجا آڻڻ سان، مالڪ تہ حاجي ٿيندو پر گڏھ نہ.

مطلب: ١. مڪي ويل گڏھ، حاجي نہ ٿي ايندو.

٦٢٧ . ملا نی دوڑ، مسیتی توڑی۔ (کہاوت)

چاڪيءَ جي ڏاند وانگر، هر ماڻهوءَ جي اڏام جي بہ هڪ حد آ، جيڪا اورانگهي نہ ٿو سگهي. اگر اورانگهڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ مرندو. حدن اندر رهڻ لاءِ، هر ڪو محض مجبور آ.

مطلب: ١. ملان جي ڊوڙ، مسيت تائين.
٢. مولہاں نی دوڑ مسیتی تک۔ (کہاوت)
٣. ملن جي ڊڪ، مسيت توڻي.

٦٢٨ . مندرے نی چچری کوئی نیئں بجنا۔ (کہاوت)

مندرے؛ بندرو، ڪوتاھ قد. نی؛ جي. چچری؛ فرياد، دانهن. بجنا؛ ٻڌڻ.

گوڙ گهمسان اندر، بندرو پلي ڪڙين تي بيهي قد وڌائي، تہ بہ سندس آواز ٻڌڻ ۾ نہ ايندو آ. قد جي ڪميءَ سبب، مٿس ڪنهن جي نہ نگاھ ويندي آ، نہ ڪير ڪَن ڏريندو آ.

مطلب: ١. بندري جي دانهن، ڪير نہ ٻڌي.

٢. جسماني ڪميءَ سبب، آوز به ڏبجي ويندا آهن.

٦٢٩ . منگی کھادے کولا، پھکھ چنگی۔ (کہاوت)

پني ڪائڻ سان پيٽ ڪي ته ڀالنگهه ٿيندو، البته عزت النفس مجروح ٿئي ٿي، جيڪو وڏو نقصان آ. بکئي پيٽ، جسم مري. عزت وئي، روحاني مري. جسم سان جيئرو رهڻ کان، روح سان زنده رهڻ چڱو.

مطلب: ١. پني ڪائڻ کان، بکيو رهڻ چڱو.

٢. منگے کولا مرن چنگا۔ (کہاوت)

٣. پنڻ کان، مرڻ چڱو.

٦٣٠ . منگی موت وی نئی اشنی۔ (کہاوت)

بيزار ٿي اگر موت گهربو ته اهو به لکيل هوندو ته ملندو، نه ته نه ملندو. موتين جهڙيون قيمتي وٿون، بنا گهرڻ ۽ بنا محنت جي ملڻ ڪيئن ممڪن آهن؟! جڏهن موت جهڙي آسان شيءِ به گهرڻ سان نه ٿي ملي.

مطلب: ١. گهريي موت به نه ٿو ملي.

٢. بن مانگي ملي موتي، مانگيي ملي نه موت.

٦٣١ . منی؛ مرسی ٹبرے ہنی۔ (کہاوت)

منی؛ بيني نڪ واري. مرسی؛ مرندي. ٹبرے؛ ڪهول، آکهه. ہنی؛ هٽي، وڃائي.

جسماني عيب به ڪنهن کي نه ٿو وڻي. اخلاقي عيب، ڪيئن وڻندو؟ جسماني عيبدار ڏانهن ڪير نه نهاري ته پنهنجي ضرورت خاطر، عزت به وڃائي، ساهرن ۽ پيڪن جو ناموس به چٽ ڪرائي.

مطلب: ١. بيني، مرندي ته به آکهه جو ناس پٽو ٻوڙي مرندي.

٢. مني، ڪوپ ڪني. (سنڌ، چوٽي)

٦٣٢ . مھندو ناں کم برف سٹنا؛

یا کوٹھے سٹے، یا ڈوغ سٹے۔ (کہاوت)

ڪم جو هيراڪ، پنهنجي ذمي لڳل ڪم، وقت سر پورو ڪري وجي ٿو. ڪيتريون ٻه رڪاوٽون اچنس، پار پئجيو، فرضن ڪان آجو ٿيو وجي.

مطلب: ١. مهندوءَ جو ڪم آ برف اچلڻ؛

يا ڪوني تي اچلي، يا ٻني تي اچلي.

٢. پيل عادت ڪان، رڪاوٽ اچڻ بعد ٻه، ڪير نه ٿو مڙي.

٦٣٣ . مہیڑا مہیڑے ٹھیلے، دوہے کھوے وچ۔ (کہاوت)

مهيڙا؛ ڪمزور، ڏٻرو. مهيڙے؛ ڏٻري ڪي. ٺهيلے؛ ٺيلهي، ڌڪي. دوهے؛ ٻئي. کھوے وچ؛ **وجي** کوه ۾ ڪرن.

ڏٻرو، ڏٻري ڪي ڪيرڻ جي ڪوشش ڪندو ته، ڪمزوريءَ سبب، ٻئي وجي ڪڏ/ کوه ۾ ڪرندا. ڪمزور ڪاوڙبو ته اڳلي ڪي نقصان پڄائڻ بجاءِ پاڻ ڪي پڄائيندو. ڪاوڙ جو انت، هاٿاپائي آ، جيڪا نه ڪرڻ گهرجي.

مطلب: ١. هيٺو، هيٺي ڪي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪندو ته ٻئي ڪڏ ۾ ڪرندا.

٦٣٤ . موت طہ گاہک ناں، کوئی ویلا نا۔ (کہاوت)

گراهڪ، دڪان تي اتان ايندو آ، جتان گمان ٻه نه هوندو آ. موت ٻه سبب ڄاڻائڻ ڪان بغير، اوچتو اچي ڪڙڪندو آ. ٻنهي جي اچڻ جي وقت ۽ ويلي جي ڪا ڄاڻ نه هوندي آ.

مطلب: ١. موت ۽ گراهڪ جو، ڪو ٻه وقت ناهي.

٢. موت ۽ ملاقات: اوچتا.

٣. پيٺيو: حیلے ناں روزی، طہ بہانے نال موت۔ (کہاوت)

٦٣٥ . موترے چ بٹا مارسو، چھٹکاں اپنے اپر پیسن۔ (کہاوت)

بٹا: وٽُ (جنهن پتر سان وٽ پڄائجي)، وٽُ (جنهن سان تور ڪجي.)

پاٽيٺ تي وٽ اچلڻ سان، ڦٽنگن جو اٿڻ فطري عمل آ. وٽ صاف شفاف پاٽيءَ تي لڳي يا موٽانگي تي، منجهانئس ڦٽنگون اٿنديون.

مطلب: ١. مُٽَ ۾ وَٽُ هٽندين، ڦٽگون پاڻ تي پوندئي.

٢. غلاظت سان، هٽ-ڪينس نه ڪجي.

٦٣٦ . موترے ناں کہہ نگیار۔ (کہاوت)
موترے؛ مٽ، پيشاب. ناں؛ جي. کہہ؛ کهڙي، ڇا. نگيار؛ گرمي، تپش.
پيشاب نڪرڻ وقت ڪوسو محسوس ٿئي، جڏهن تہ جسم اندر ڪوساڻ محسوس نہ ٿيندي آ. اندر واري شيءِ جو احساس، ٻاهر نڪرڻ وقت ٿئي.
مطلب: ١. مٽ جي کهڙي گرمي.
٢. پنهنجي لڱن جو وزن، محسوس نہ ٿيندو آ.

٦٣٧ . موتو کہر دھیکھی کہندا۔ (کہاوت)
موت وٽ، پول سول ناهي. نہ هنڌ پلجي، نہ وقت وسريس ۽ نہ موقعو هٽان وڃيس. برحق ۽ اٽڪر آ. ڪائنس ڪو بہ ساهدار، بچڻو ناهي. مقرر وقت ۽ جاءِ تي، پاڻ مرادو پهچي ويندو.
مطلب: ١. موت، گهر ڏسي ڇڏيو آ.

٦٣٨ . موچیاں نے لارے ٹبر بھکھے مارے۔ (کہاوت)
موچي، مئل ڍور جي تاڙ ۾ هوندا آهن. مري تہ چمڙو لاهي گذر ڪن. ڍور، روز ڪو نہ ٿا مرن، جو هنن جو گذر ٿئي. سندن آسري تي، گهر ۾ وينل سندن ٻچا ئي بک مرندا.
مطلب: ١. موچين جي آسري، ٻچا بک مرن.

٦٣٩ . مولے کولا بیاج پیارا۔ (کہاوت)
مور/ موڙي، اهو پئسو آ، جيڪو ڌنڌي ۾ گهران لڳائجي ٿو. وياج-خور، جيڪي پئسا وياج تي ڏئي ٿو، تن کي مُور سڏيندو آ. ڪوشش هوندي اٿس، تہ سود جا پئسا هر مهيني موٽن، باقي مور سيڙيل ئي رهي.
مطلب: ١. مور کان وياج پيارو.
٢. پيٽ-ڄڻيي اولاد جي پيٽ ۾، پوٽاڻ ڏوهٽاڻ لاءِ سِڪ، وڌيڪ ٿئي.

٦٤٠ . موں پہڑا وے، گل چنگی کرنی چاہی نی وی۔ (کہاوت)

بين آڏو، منهن ئي نروار ڪجي ٿو. ڪا سهڻي صورت آ تہ ڪا سادي. صورت سهڻي نہ هجي، پوءِ بُوت چِبو ۽ بچڙو ڪري، اُگرائپ سان ڳالهائبو تہ ڏاريا تہ ڪَن نہ ڏريندا، پر پنهنجا بہ ڪو نہ ورنائيندا.

مطلب: ١. بوٿ بچڙو هجي تہ ڳالھ چڱي ڪجي.

٢. شڪل چڱي نہ هجي تہ ڳالهائڻ مهل بوٿ چبو نہ ڪجي.

٣. پناڻ ڪان پڇيائون: ”لالا! روتا ڪيون هي.“ ويتر منهن ۾ گهنڊ وجهي چيائين: ”روتا ڪهان هي، شڪل ايسا هي.“

٦٤١ . موئیاں نال کئہ گلہ۔ (کہاوت)

ليکي واري سان ليکو ڪبو آ. مئو، بين جي وس آ. نہ ٻڌي، نہ ورنائي، تنهن سان ڪهڙا ليکا؟ هن جَهان جون ڳالهيون، ٻڌي ئي نہ ٿو. معزول (لٿل) بہ مُئي جي آچار آ. ساڻس ڪهڙا ليکا؟ ڪهڙا ڏوراپا؟ ڪهڙا طعنا؟

مطلب: ١. مُئن سان ڪهڙا ليکا.

٢. چرين ڪهڙا چِت، مُئن ڪهڙا مامرا.

٣. مئي کي مارڻ، سورهيہ جو ڪم ناهي.

٦٤٢ . موئیں ر ہتھ نا رکھیا گشناں۔ (کہاوت)

وهندڙ کي سرچشمي وٽان، زور ۽ طاقت هوندي آ. اتي دٻائبس تہ دٻجي. دل مان اٿيل اڌمو، وات تي پهچڻ ڪان اڳ روڪبو تہ رڪندو، نہ تہ جهل جو نہ هوندو آ. بند کي پيبل گهارو، رستي ۾ بند نہ ٿئي پر منڍ وٽ بند ٿئي.

مطلب: ١. ڳالهائيندڙ جي وات تي هٿ رکي نہ سگهبو.

٢. ماڻهن جا وات ڪنهن نہ بند ڪيا آهن.

٣. پيٺيو: لوکاں ناں کن ڑ پوڑے۔ (کہاوت)

٦٤٣ . میاں بیوی راضی، کئہ کرسی قاضی۔ (کہاوت)

ٻن دلين جي رضامندي کي، ونگ وجهي، ميٽي نہ ٿو سگهجي. قاضي بہ نياءُ ڪندو، ڏاهہ ڏوهہ نہ ڪندو. پنهنجي غرض يا مفاد ۾ اهو بہ هيٺ-مٿانهين نہ ٿو ڪري سگهي.

مطلب: ١. ميان بيوي راضي، ڪوهہ ڪندو قاضي.

٦٤٤ . ميسنی کهائے، موں ناں ہلائے۔ (کہاوت)

ميسڻو، ڳالهائڻ نہ ڄاڻندو آ. پنهنجي اندر جي ڳالهہ، زبان تي اچڻ سان آواز ئي ٻوساٽجي ويندو اٿس. کائڻ جي شيءِ بہ کائي تہ چٻڪو نہ ڏئي سگهي. ڏندن ۾ ڪرٽي، چپ نہ چوري.

مطلب: ١. ميسٽي کائي، چپ بہ نہ چوري.

٢. گونگو ڳڙ کائي: نہ کنگهي، نہ ڪُڙڪي.

٦٤٥ . مينج نی پہن مينج اے ہوسی۔ (کہاوت)

رشتو ناتو، جنس جو جنس سان ٿئي، ٻي جنس سان نہ ٿئي. هر جنس پنهنجي ماحول ۽ وايومنڊل منجهہ، کهول سان رهي تہ ساڳائي. وايومنڊل/ ماحول مٽجندي، لهڪارڻ شروع ڪندي. ڪن حالتن اندر تہ ناپيد ٿي ويندي.

مطلب: ١. مينهن جي ڀيڻ، مينهن ئي هوندي.

٢. مينهون، مينهن جون ڀيڻون.

٣. اٺان ۽ ميهان دا ڪيها ميلا: او چرن ڏيپ، او چرن ٻيلا.

[ ن ]

٦٤٦ . ناں ليقيں نے بستے ہميشہ پہارے۔ (کہاوت)

ناں ليقيں؛ نالائقن. بستے؛ ٿيلها، بوجهہ. ہميشہ؛ سدائين. پہارے؛ ڀاري، ڳؤرا.

نالائق، پنهنجي نالائقي، شين جي گهٽائيءَ ۾ لڪائيندو آ. ٻين تي اثر ۽ رعب وجهڻ لاءِ، اجايون شيون گڏ ڪندو وتندو. زوريءَ اتي ويهڻ جي ڪوشش ڪندو، جنهن جي لائق نہ هوندو.

مطلب: ١. نالائقن جا ٿيلها، سدائين ڳؤرا.

٢. ڪم نہ ڪندڙ ٺوٺين کي لڏ پلاڻ وقت، وڏا بار ڏوئڻا پوندا آهن.

٦٤٧ . ناں نیا خاغا پتلی لسی۔ (کہاوت)

ناں؛ نهڪر. نیا؛ ڪان. خاغا؛ بجاءِ. پتلی لسی؛ ڇٽي لسي، جهارو، ڇٽو ڏڌ.

ربط ڪان سواءِ زندگي ناهي. هڪ-رڃيءَ جو ست-رڃيءَ ۾ ته ست-رڃيءَ جو هڪ-رڃيءَ ۾ ڪم پيو پوي. ٻين جو وڏو ڪم نه ڪجي ته ننڍو ئي ڪجي. اگر اهو به نه ڪجي ته ڪلي ئي ڪيڪارجي.

مطلب: ١. نهڪر ڪان، جهارو چڱو.

٢. سواليءَ ڪي، هٿين خالي نه موٽائجي.

٦٤٨ . ناں ہیک دیو، ناں سات سنو۔ (کہاوت)

واتان نڪتل گار: نه موٽي وات ۾ پوي، نه پنهنجو وجود هوا ۾ وڃائي. موت ۾ ساڳي ڪَنن کي ٻڌڻي پوي ۽ نفس کي سهڻي پوي. پاڻ تي احسان ڪرڻو آ ته زبان کي ڇيڪ ڇڏڻ بجاءِ، روڪَ ۾ رکجي.

مطلب: ١. نه هڪ ڏيو، نه ست ٻڌو.

٢. ناں ہیک آخو، ناں دس سنو۔ (کہاوت)

٣. نه هڪ چئو، نه ڏهه ٻڌو.

٦٤٩ . نانی کھسم کرے، دوترے کہہ چٹی۔ (کہاوت)

نانی؛ ناني. کھسم کرے؛ دشمنائو پرائي، ٻين سان ڦٽائي. دوترے؛ ڏوهٽا. کہہ چٹی؛ ڪهڙو قصور، ڪهڙو ڏوهه.

هر ڪو پنهنجو ڪيتو، پاڻ لوڙيندو. جيڪڏهن ڏوهه نانيءَ ڪيو آ ته ناني لوڙيندي، ڏوهٽا ڪو نه لوڙيندا. اگر ڏوهٽن ڪيو آ ته سزا ناني نه ڀوڳيندي، وري به ڏوهٽا ڪيتو ڏيندا.

مطلب: ١. ناني جهيڙو ڪري، ڏوهٽن ڪهڙو ڏوهه؟

٢. هر ڪا ٻڪري، پنهنجي پائي ٽنگبي.

٣. ڪو ڪنهن جي آئيءَ ڪو نه ڦاسندو آ.

٤. ہر کوئی اپنی آئی مرنا۔ (کہاوت)

٥. هر ڪو پنهنجي آئيءَ مرندو.

٦٥٠ . ناوی لیلی لوغا لغنی- (کہاوت)
ناوی؛ نئين نويل. ليلی؛ ليلي، ڇيلي، رڍ جو ٻچو. لوغا لغنی؛ خوراڪ جو زيان.
سيڪڙات، جيڪو ڪم ڪري، تنهن ۾ ڪارج ڪان وڌيڪ زيان ڪري. اهو فطري آ، ان ۾ پيؤ نہ ڪجي، بلڪ سڪڻ ۾ ڳڻجيس. سيڪڙات جي زيان تي چڙجي نہ بلڪ پيار سان سمجهائجيس تہ سڌرندو ويندو ۽ فائديمند ٿيندو.
مطلب: ١. نئين رڍ، گاهہ جو زيان.
٢. نئين ڪدڙي، طبلي جو زيان.
٣. نئون ملان، ڏاڍيان ٻانگ ڏئي.

٦٥١ . نائیاں نی جنجے چ سارے راج- (کہاوت)
نائي ڪاسبي آ، ۽ ڪسبت ٿيندي آ آهت تي. ڳوٺن جا چڱا مڙس، ڪين سال وهائي، فصل ڦاڙيءَ تي لاپو ڏين. مختلف راڄن سان، سندن وهنوار ٿئي. جڏهن شادي مرادي ٿئين تہ سمورا راڄ اچي پيير پرين.
مطلب: ١. حجمن جي جڃ ۾، سيئي راڄ.
٢. ڪاسبين جي ڪاڄَ ۾، ڪل راڄَ.

٦٥٢ . نائيں بجيا، گرائيں بجيا- (کہاوت)
حجم جي زبان، سندس قئنچيءَ ڪان وڌيڪ تيز هلندي آ. ڪا بہ ڳالهہ، پيٽ ۾ ٽڪندي ناهيس. جيڪا ڳالهہ ٻڌندو، سا تير پتير آهتيءَ سان ڪري ڇڏيندو. نتيجي طور اها ڳالهہ، سڄي ڳوٺ ۾ وائرجي ويندي.
مطلب: ١. حجم ٻڌو، ڳوٺ ٻڌو.
٢. نائیاں سنیا، سارے گرائیاں سنیا- (کہاوت)
٣. حجمن سُئو، سڄي ڳوٺ سُئو.

٦٥٣ . نت نت نے ساڑے کولا مرنا چنگا- (کہاوت)
تڪليف، بيزار ڪندڙ ۽ جان تان ارواح ڪٽائيندڙ هوندي آ. گهٽي تڪليف تہ برداشت ڪان ٻاهر هوندي آ. پر هلڪي تڪليف، جيڪا آئي ڪان پوءِ جهور ٻڌي بيهي، سا سهپ/ برداشت ڪان ٻاهر هوندي آ.

مطلب: ١. هر هر جي سڙڻ کان، مرڻ ڀلو.

٦٥٤ . نحوست پچھی طہ نئی اشنی- (کہاوت)
نياڳ ۽ سياڳ، تقدير ۾ لکيل آ. تقدير جو لکيو، وقت سر رونما ٿئي ٿو، جنهن جي سڌ، اڳواٽ ڪنهن کي به نه هوندي آ. ڪو به ڪم، ڪم سمجهي ڪبو آ، ان ۾ نقصان پوندو يا نفعو، تنهن جي خبر خدا کي ئي هوندي آ.
مطلب: ١. نياڳ، پڇي نه ايندو آ.
٢. قضا، پڇي نه ايندي آ.

٦٥٥ . نسئے پچھے، کن نسے- (کہاوت)
جيڪو، ڪنهن ڪم مان بيزار ٿي ڀڄندو آ، تنهن لاءِ پنهنجون مجبوريون آهن. ان کي ڏسي ٻيا نه ڀڄندا آهن. هر ڪنهن جون پنهنجون ضرورتون هونديون آهن، جيڪي کين ڏکيا ڪم ڪرڻ تي پختو بيهاريندي‌ون آهن.
مطلب: ١. ڀڄندڙن پويان، ڪير ڀڳو آ؟
٢. مرندن پويان، ڪير نه مئو آ.

٦٥٦ . نظر پتھر پھاڑی شوڑنی- (کہاوت)
هر عمل، وجود سان گڏ اثر به رکي ٿو. دعا اثر آ ته گار کي پڻ. نگاهه ۽ اشاري کي به آ. ڪاڏو پيٽ پري ٿو ته آهه به پولار پري ٿي. نظر/ نگهه به نڪتي ناهي، لڳي ناهي. پٽ پاراتي کان بچڻ جي، هر حال ۾ ڪوشش ڪجي.
مطلب: ١. نظر: پٿر ٽوڙي.
٢. بد نظر: يا ماري، يا ڪاري.
٣. پيٽيو: سپے ناں کھادا بچی گشناں، پر نظری ناں کھادا ناں بچناں- (کہاوت)

٦٥٧ . نکا گل کرے، سياناں قياس کرے- (کہاوت)
ننڍڙو ٻار، ان لائق نه هوندو آ جو هر ڳالهه، پيرائتي ڪري سگهي. ڳالهه ۾، اڻ ڄاڻائيءَ سبب، خال/ جهول ڇڏي ويندو. سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آ، ڳالهه جو ڳرهه پروڙي، خال پري، معاملي کي سمجهي ۽ سلجهائي.
مطلب: ١. ننڍو ڳالهه ڪري، سياڻو قياس ڪري.

٢. نادان ڳالهه ڪري، سياڻو ويچائي.

٦٥٨ . نکمیاں کولا شطان وی ڈرناں/ پناہ منگناں۔ (کہاوت)

واندي ۽ نڪمي جو ذهن، مشغول ماڻهوءَ کان وڌيڪ تيز هلندو آ. شيطاني حرڪتون، پيون مغز ۾ ڦرندس. اڳ پٺ ڏٺي بغير، متن عمل ڪري، پاڻ کي بہ جنجل تہ وجهي پر ٻين کي ٻهڏچي ۾ وجهي ڇڏي.

مطلب: ١. نڪمن کان شيطان بہ ڊڄي/ پناهہ گهري.

٢. واندو ماڻهو، شيطان جو گهر.

٦٥٩ . نکیاں نال، نکا ہوئی رہنا۔ (کہاوت)

ننڍن سان ننڍيو ٿي ڳالهائبو ۽ اٿبو ويهبو تہ سندن تربيت ٿي سگهندي. وڏن وانگر ورتاءُ ڪبن تہ ٿهي پچي ويندا. بجاءِ سکڻ/سڌرڻ جي، پنهنجي ذهن تي پيا هلندا. ڊڄ ۽ پوَ ۾ زندگي گذاريندا.

مطلب: ١. ننڍن سان، ننڍيو ٿي هلجي.

٢. نکیاں نال، نکا ناں بن۔ (کہاوت)

٣. ننڍن سان، ننڍيو نہ ٿجي.

٤. ننڍن سان، ڇڇورپڻو نہ ڪجي.

٦٦٠ . نہ اوخیاں چڑھو، ناں منتاں منو۔ (کہاوت)

اوخیاں: اوکائي، ڏکيائي. منتاں: منت، باس.

هڪڙو همراهہ شوق مان ڪجيءَ تي چڙهي ويو. لهڻ مهل مغز ڦرڻ لڳس. اتان باسون باسڻ شروع ڪيائين. پهرين ڊيگي، پوءِ چيلو، وري ڪڪڙ. جڏهن زمين جي ويجهو ٿيو تہ ٽپ ڏئي چوڻ لڳو: ”خيراتون سي ڪن، جي ڪجين تي چڙهن. اسان نہ چڙهون، نہ خيراتون ڪيون.“

مطلب: ١. نہ اوکائيءَ تي چڙهجي، نہ باسون باسڻيون پون.

٢. ناں سخرے چڑھساں، ناں منتاں منساں۔ (کہاوت)

٣. نہ اوکاين تي چڙهندس، نہ باسون باسيندس.

٦٦١ . نہوں ننگی تہ سورے بھٹی نیاں۔ (کہاوت)

نہوں؛ نونهن، پٽ جي زال. ننگی؛ اگهاڙي. سورے؛ سهرو. بھٹی نیاں؛ انڌو آ.
نونهن، ڏيءَ برابر آ، جنهن جي اُگهڙ، سهري کي ڏسڻ نہ گهرجي. ان کي بہ سهري آڏو، مٿي تي لٽو رکي اچڻ گهرجي. سهرو، ابي وانگر تہ آهي پر انڌو ناهي. کيس ڏسڻ لاءِ اکيون آهن.
مطلب: ١. جي نونهن اگهاڙي آ تہ پوءِ ڀلا سهرو انڌو آ ڇا؟

٦٦٢ . نوکری کرنی، طہ نخرا کئہ۔ (کہاوت)

نوڪر ٿيڻ کان پوءِ، آڏ-وڏائي/ نخرو نہ ڪرڻ گهرجن. جنهن پئسا ڀري نوڪر رکيو آ، سو نخرا سهي نہ سگهندو. ان آڏو، نخرا ڪبا تہ نوڪريءَ تان، اتان تہ هٽ ڪٽڻو پوندو پر هر جاءِ جواب پيو ملندو.
مطلب: ١. نوڪري ڪرڻي، تہ پوءِ نخرو ڇا جو؟

٦٦٣ . نیتاں نیاں مراداں۔ (کہاوت)

ڪو ڪم ڪبو آ، مراد ماڻڻ لاءِ. جهڙي نيت رکي ڪم ڪبو، تهڙي مراد ملندي. نيت بڇڙي رکي ڪم ۾ هٿ وجهبو، انت سزا ملندي. چڱي نيت رکي، ڪم ۾ هٿ وجهبو، انت ڀلائي ڏسبي.
مطلب: ١. نيتن تي مرادون.
٢. نيتن تي ٻهرا.
٣. جهڙي نيت، تهڙي مراد.
۴. نیت صاف طہ کم راس۔ (کہاوت)
۵. نيت صاف، ڪم راس.

٦٦۴ . نیک تیہاں پیناں، جس کہریچ ڈولی بہئی گشنیاں،
اتھاں تھیں انھاں ناں جنازہ نکلناں۔ (کہاوت)

چڱن گهرن جون ڌيئر/ ڀينر، جڏهن پرڻجي ساهري گهر اچن تہ ان وقت فقط سندن ڏولي اچي. مرندي مري وڃن، ان گهر کان سواءِ ٻئي گهر نہ وڃن. مرڻ پڄاڻان، ساهري گهران، سندن جنازي جو ڪٽولو ئي نڪري.

مطلب: ١. نيڪ ڏيئن پيئرن جي، جنهن گهر ۾ ڏولي ايندي آ،
اتان ئي سندن جنازي جي ڪٽولي نڪرندي آ.
٢. نيڪ نياڻين جي ڏولي اچي، ڪٽولي نڪري.

٦٦٥ . نیم حکیم خطرہ جان، نیم ملاں خطرہ ایمان۔ (کہاوت)

نيم حڪيم، مرض جي تشخيص ڪان بغير، ڏکي تي دوا ڏيندو آ، جنهن سان مريض جي مرڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن. جاهل ملو به ڏاڙهي، لٽو ڪپڙو ۽ ڳالهائڻ عالمن وارو ڪري، وينو اڻ پڙهين جو ايمان وڃائيندو ۽ عاقبت خراب ڪندو.

مطلب: ١. نيم حڪيم خطره جان، نيم ملان خطره ايمان.
٢. اڻ-ڄاڻ طبيب، جان ڪان وڃائي، اڻ-ڄاڻ ملو، ايمان ڪان وڃائي.

٦٦٦ . نیندر پھانسی نیں پھندے اپر وی اچھی رہنی۔ (کہاوت)

ننڊ جسم جي اهم گهرج آ. ڪاڏي پيتي ڪان سواءِ زنده رهڻ ناممڪن آ. تيئن ننڊ ڪان سواءِ جيئرو رهڻ پڻ مشڪل آ. ننڊ، سوليءَ جهڙي سخت هنڌ تي به اچي ويندي آ. آرامده بسترن جي ڪيس ضرورت نه هوندي آ.

مطلب: ١. ننڊ ڦاسيءَ جي ڦنڌي تي به اچي وڃي.

[ و ]

٦٦٧ . وقت سارا کیں کرائی شوڑاناں۔ (کہاوت)

ماءُ جي پيٽان ڪير به سکي نه آيو آ. وقت ۽ تجربي سان، هر ڪو سکي ٿو. ذهن ۾ علم ۽ ڄاڻ، ڦڙو ڦڙو تي پويس تي ۽ وڌندو وڃي ٿو.

مطلب: ١. وقت سڀ ڪجهه ڪرائي ڇڏيندو آ.
٢. وقت آ استاد، جيڪو سڀ ڪجهه سيکاري ڇڏي.

٦٦٨ . وہم ناں لاج، لقمان حکیم کول وی نا ۔ (کہاوت)

وهم، ذهن جي اها بيماري آ، جنهن جو دوا درمل ڪونهي. حڪيم لقمان، حڪمت ۽ ڏاهپ جو استعارو آ، تنهن وٽ به وهم جو علاج نه هيو.

مطلب: ١. وهم جو علاج، لقمان حڪيم وٽ بہ ڪونهي.

٦٦٩ . ويلا وقت پچھانيئے، جے کوئی مارے لت ہسی کری جانیئے۔ (کہاوت)
وقت وقت ۾ غرض ڪي ڏسجي. جتي ڪٽي آڏ-وڏائي نہ ڪجي. اڳلو ڏاڍو آ تہ هٿ پائي نہ ڪائجيس، بلڪ ڪلي ڳالھ ٽاري وڃجي. جان پيار ي آ، ان ڪي جوڪي ۾ نہ وجهجي. هينانهين مٿانهينءَ سان، وقت ٽپائجي.
مطلب: ١. ويلو وقت سڃاڻجي، هٽي لت اگر ڪو، تہ ڪلي ٽارجي.

٦٧٠ . ویلے ر جهڑا کم نا آیا، اس نال کئہ یاری۔ (کہاوت)
دوست اهو، جو مشڪل گھڙيءَ ۾ ڪم اچي. جيڪو ڏکئي وقت ڪنڌ ڪڍائي ڀڄي وڃي، تنهن سان ياري رکڻ، وقت جو زيان آ.
مطلب: ١. وقت تي جو ڪم نہ آيو، تنهن سان ڪهڙي ياري؟
٢. ویلے سر جهڑا کم اچھے، اوئ چنگا۔ (کہاوت)
٣. وقت سر جيڪو ڪم اچي، سو ئي چڱو.

٦٧١ . ویلے نیاں نمازاں، کویلے نیاں ٹکراں۔ (کہاوت)
مقرر وقت تي نماز پڙهبي تہ دلي سرور ۾ سُڪون سان ادا ڪري سگھبي. بي وقتي نماز، بي دلي پڙهبي. ڪڪڙ وارا ٺونگا هڻي، سجدا رڪوع پورا ڪبا. جنهن ۾ نماز جو روح نہ هوندو.
مطلب: ١. وقت جي نماز، بي وقتيءَ جا ٽڪر.
٢. هر ڪم، وقت تي ڪجي.

٦٧٢ . ویلے ویلے نی گل ای۔ (کہاوت)
وقت ڪي حيثيت آ. ان جي رنگت ڪي ڏسي، حياتي گذاربي تہ سودمند، نہ تہ بي وقت جي راڳڻي، مٽي جو سُور. وقت جو قدر ڪجي.
مطلب: ١. وقت وقت جي ڳالھ آ.
٢. وقت وقت جي ٻلهاري آ.

[ ھ ]

٦٧٣ . ہار جت، اللہ نے ہتھ۔ (کہاوت)

دنيا جي حياتي، جوا جي بازيءَ مثل آ. جتان هڪڙا کٽي نڪرن ٿا تہ ٻيا هارائي. هارائڻ ۽ کٽڻ، نصيب سارو آ. جيڪو نصيب ۾ هوندو، سو ٿي ئي رهندو. هتان، ڪير هارائي نڪتو يا کٽي ستو، سڀ رب جي اختيار آ.

مطلب: ١. هارَ جيتَ، رب جي هٿ.

٢. کٽڻ هارائڻ، قسمت طرفان آ.

٦٧٤ . ہتھا اودھار دئی، دشمنی مل کہنناں۔ (کہاوت)

اوڌر، ضرورتمند ۽ چاڙهو سچاڻوءَ کي، موٽڻ جي آسري، همدرديءَ ۾ ڏبي آ. موٽائڻ مهل، اڳلي جي حالت سڌريل هوندي تہ گهرڻ شرط موٽائيندو، نہ تہ پيو ٽٽائيندو. وقت سارو نہ موٽائڻ سان، دشمني پيدا ٿيڻ جو امڪان آ.

مطلب: ١. هٿ سان اوڌر ڏئي، دشمني مله ڳنهٽي آ.

٢. اوڌر، محبت جي قئنچي آ.

٦٧٥ . ہتھا نکليا پکھيرو، فر نا مڑنا۔ (کہاوت)

ساهہ پکين کي بہ پيارو آ. ٿنهن هوندي بہ بک ۽ لوڀ، کين شڪاريءَ جي دام تائين وٺي ايندا آهن. ڦاسڻ کان پوءِ پيا ڦٿڪندا آهن. موقعو ملين ۽ هٿان نڪري ويا تہ پوءِ لوڀ ۽ لالچ بہ کين ساڳيي دام تي وٺي نہ ايندا.

مطلب: ١. هٿان ڇڏايل پکي، مور نہ موٽي.

٦٧٦ . ہتھاں ناں دتا، کم اشناں/ اچھی غا۔ (کہاوت)

هٿ سان جيڪو ڏجي ٿو، سو خير آ. ڏهہ دنيا، ستر آخرت آ. ٻين سان چڱائي ڪبي تہ پاڻ تي مشڪل وقت نہ ايندو. ڪوشش ڪري، پنهنجي هٿن سان خير ڪدي وڃجي.

مطلب: ١. هٿ جو ڏنو، ڪم ايندو/ اچٿو آ.

٢. ڏِنو، ٻَنو آ.

٦٧٧ . ہتھے کی ہتھ سیاناں۔ (کہاوت)
ٻين کي تڪليف جي وقت، جنهن هٿ سان ڏجي ٿو، ان ئي هٿ کي سڃاڻندي، اهي ٻہ مشڪل وقت ۾ مدد ڪن ٿا. جنهن ڪان وني ڪائجي ٿو، تنهن کي وقت تي سڃاڻجي ٿو، ۽ ساڻس مدد پڻ ڪجي ٿي.
مطلب: ١. هٿ کي، هٿ سڃاڻي.
٢. هٿ سڃاڻي، هٿ کي.
٣. هٿ، هٿ کي سڃاڻي.

٦٧٨ . ہتھے نی تلی چ کھائی وے، پیئسا اشناں۔ (کہاوت)
هڪڙن ماڻهن جو گمان آ تہ: هٿ جي خالي ترڻيءَ تي ٽيل خارش، پئسن اچڻ جو اهڃاڻ آ. نڪما، ٽوٽي ۽ پئسن جا پوڄاري، ان قسم جون گهڙتون پيا گهڙيندا آهن.
مطلب: ١. هٿ جي ترڻيءَ تي خارش ٿئي، تہ پئسو ايندو.

٦٧٩ . ہتھیار لئے، جہڑا اویلے سر کم اچھے۔ (کہاوت)
جان ۽ مال جي حفاظت خاطر، هٿيار ڌارجي ٿو ۽ مٿس خرچ ڪجي ٿو. سانڍجي ٿو ۽ وقت سان سار سنڀار لهجيس ٿي. دشمن جي اوچتي حملي وقت اهو هٿيار هلي ئي نہ، تہ ڪم جو نہ ٿيو.
مطلب: ١. هٿيار اهو، جيڪو اويلي ڪم اچي.

٦٨٠ . ہتھیں ناں کیتی نیاں دندیں کنے پٹنیاں پینیاں۔ (کہاوت)
اڳٽ کي هٿن سان ڏنل ڳنڍ، جڏهن ڇيپڙجي ويندي آ تہ پوءِ ڇپٽين بجاءِ چَڪ سان ڇُڙندي آ. هٿ سان مونجهاري وارو ڪم نہ ڪجي، جو جڏهن منجهي تہ چڪ سان سلجهائڻو پوي.
مطلب: ١. هٿن سان ڪيل کي، ڏندن سان پٽڻو پوندو آ.

٦٨١ . ہر چیز اپنی جائی چ چنگی لگنی۔ (کہاوت)

سونهن، شيءِ جي اندر آ. ظاهر تڏهن ٿيندي، جڏهن زيبائتي ڍنگ سان سجائبس. بدزيبا پاسا لڪائي، سونهن وارا پاسا نروار ڪبس. مناسب جاءِ تي رکڻ سان بہ ڪنهن شيءِ جي سونهن ۾ نکار اچي ويندو آ.

مطلب: ١. هر شيءِ، پنهنجي جاءِ تي سهڻي لڳي.

٢. پٿر بہ پنهنجي جاءِ تي هوندو تہ وزنائتو هوندو.

٦٨٢ . ہر کے ناں اپناں ٹیم ہونا۔ (کہاوت)

هر ڪم، وقت ۽ مند سان سونهين ٿو. ڪُمَهلو ڪم: نہ نبري، نہ دل نري. مزو ڪم جو تڏهن آ، جڏهن ڪندي دل کي وڻي ۽ منجهانئس مناسب فائدو بہ پوي. اهو تڏهن ممڪن آ جڏهن پوري وقت تي ڪجي.

مطلب: ١. هر ڪم جو، پنهنجو وقت آ.

٦٨٣ . ہر کوئی اپنی اپنی قوورچ گیسی۔ (کہاوت)

مُئي کان پوءِ، هر مردي کي نجي قبر ڪپي. نہ اڳي پوريل مردي جي قبر کوٽي ان ۾ پوري سگهبو، نہ ئي وري ڪڏهن ٻيو آٽي ساڻس گڏ دفنائبو. هر ڪو پنهنجي قبر پريندو، ٻيو ڪير ڪنهن جي قبر ۾ نہ پوندو.

مطلب: ١. هر ڪو پنهنجي پنهنجي قبر ۾ پوندو.

٢. کوئی کسے نی قوورچ نا گشناں۔ (کہاوت)

٣. ڪير ڪنهن جي قبر ۾ نہ ويندو.

۴. سڀ ڪو پنهنجي قبر، پاڻ پريندو.

٦٨۴ . ہر کوئی اپنے حال وچ مست آ۔ (کہاوت)

سمورا انسان، دنيا اندر پهرين هڪ جاءِ تي اچي، پوءِ ٽڙي پکڙي نہ تا وڃن. بلڪ هر ڪو مختلف جاءِ، ماحول ۽ کهول ۾ اچي ٿو. اتي پرورش وني، هري مري وڃي ٿو. ان حال ۾ مست ٿي وڃي ٿو ۽ اتان چڏي نہ ٿو.

مطلب: ١. هر ڪو پنهنجي حال ۾ مست آ.

٢. هر ڪو پنهنجي ڌن ۾ محو آ.

٦٨٥ . ہر کوئی اپنی رادھی کپنا۔ (کہاوت)
دستور آ: جا پوکبي، سا لڻبي. پاڻ پوکبي، پاڻ لڻبي. نہ ٻئي جي پوکي کير لڻي ٿو، نہ ٻئي کي لڻڻ ڏئي ٿو. هيءُ جهان آهي ئي: پاڻ پوکڻ، پاڻ لڻڻ، پاڻ پيھڻ، پاڻ پچائڻ ۽ پاڻ کائڻ جو.
مطلب: ١. هر ڪو پنهنجي راهيل/ پوکيل، لڻندو.

٦٨٦ . ہر کوئی اپنے کہر وچ سیاناں ہونا۔ (کہاوت)
سياڻپ، مشاهدي ۽ محنت سان اچي ٿي. گھر تي محنت ڪجي ٿي، گھر جي خبر پوي ٿي. ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ، اها سياڻپ، اتي ڪم نہ اچي. گھران نڪرڻ کان پوءِ، ڄڻ اڻ-ڄاڻ ۽ ٻوگھلو ٿي پئجي ٿو.
مطلب: ١. هر ڪو پنهنجي گھر ۾ سياڻو آ.

٦٨٧ . ہر کوئی پیار ناں بھکھا ہونا آ۔ (کہاوت)
هر ڪو مادي شين کان وڌيڪ، عزت ۽ پيار جو بکيو آ. قرب ۽ راض، دل کي طراوت ڏيندڙ آهن. جتان ملڻ جو امڪان هوندو، هر ڪو اتي هلي ويندو. جتان نہ ملن، اتي ڪير نہ ويندو.
مطلب: ١. هر ڪو پيار جو بکيو هوندو آ.
٢. ايندي نہ چوني: آءُ، ويندي نہ چوني: ويھ،
ٻيو ڪتو ٿي ڏيھ، جو اڱڻ وڃين انهن جي.

٦٨٨ . ہر کوئی چڑھی ناں یار ہونا۔ (کہاوت)
وڏي منسب تي وينل مان، ڪي ڪم ٿيڻ جا امڪان هوندا آهن. هر ڪو چاهيندو آ تہ ان جي ويجهو ٿيان ۽ ڀيل ڪم سولائيءَ سان ڪيان.
مطلب: ١. هر ڪو چڙهئي جو يار هوندو آ.
٢. ہر کوئی کھرسی کی سلام کرنا۔ (کہاوت)
٣. هر ڪو ڪرسيءَ کي سلام ڪندو آ.

٦٨٩ . ہر کوئی، اپنی جانی ر ٹکنا آ۔ (کہاوت)

جيترو پنھنجي هڏ هلائڻ سان ڪم ڪري سگھجن ٿا، اوترو ٻين جي مدد سان نہ. ٻيا ڪيتري بہ همدردي رکن، نيٺ بيزار ٿي ويندا. وقت پئي جواب بہ ڏئي ويندا. ٻين تي ڀاڙڻ کان هڏ هلائجي تہ چڱو.
مطلب: ١. هر ڪنهن کي، پنھنجي جان تي ڀاڙڻ گھرجي.
٢. پنھنجي ٻارجي، پنھنجي چاڙهجي.

٦٩٠ . ہر ویلے نی من ڑ من ڑ، چنگی نئی ہونی۔ (کہاوت)
ٽڻ مِڻ، ڪنهن کي بہ نہ وڻندي آ. هر هر جي ڪشٽ تہ صفا بيزار ڪري وجهندي آ. نوڪر، هر ڪم، وقت تي پاٽمرادو ڪندو تہ وڻندو. نہ ڪندو تہ ستت ڏبس جواب.
مطلب: ١. هر هر جي مڻ مڻ چڱي نہ هوندي آ.
٢. گره گره تي ڪچري، نہ ڪرائجي.
٣. ڪر ڪر، چڱي شيءِ ناهي.
٤. گره گره تي واه گرو چوائڻ، چڱو ناهي.

٦٩١ . ہک کلا، دو یاراں۔ (کہاوت)
هڪڙو ڄڻو، ڪو بہ هڪ ڪم اڪيلي سر ڪندو تہ ورچي بيزار ٿي پوندو. ٻين جي هٿ وندائڻ سان، گھٽا ءِ ڏکيا ڪم بہ وقت سر اڪلائي ويندو.
مطلب: ١. هڪ هيڪلو، ٻہ يارهن.
٢. ٻہ تہ ٻارهن.
٣. ٻڌيءَ ۾ ٻل/ طاقت/ برڪت.
٤. ہک ہک دو یاراں۔ (کہاوت)
٥. هڪ: هڪڙو، ٻہ: يارهن.
٦. ہکے کولا، دو چنگے۔ (کہاوت)
٧. هڪ کان ٻہ چڱا.

٦٩٢ . ہک مچھی پورا تلاء گندا کری شوڑنی۔ (کہاوت)

چڱي شيءِ جي پيٽ ۾ گندي شيءِ، سڄي ماحول تي جلد حاوي ٿي ويندي آ. پيشاب جو قطرو، شربت جي پيريل بالٽيءَ کي پليد ڪري ڇڏي. هڪ خراب صوف، پوري ٽوڪري خراب ڪري ڇڏي.
مطلب: ١. هڪ مڇي، سڄو تلاءُ گندو ڪري ڇڏي.

٦٩٣ . ہک ناں، سو سکھ۔ (کہاوت)
ڪڏهن ٻين جي مدد ڪرڻ ڏکي لڳندي آ. ها ڪرڻ تي دل نه چوندي آ. حضور شرميءَ ڪان نهه به ڏکي لڳندي آ. ان ٻڌتر مان نه نڪري سگهبو آ. جڏهن ته نڪ پڪو ڪري نهڪر ڪرڻ سان، هنيانءَ تان ٻوجھ ئي هٽي ويندو آ.
مطلب: ١. هڪ نهه، سو سک.
٢. ہيک ناں، سو سکھ۔ (کہاوت)
٣. هڪ نهه، سوين سک.

٦٩٤ . ہیل ٹھلے، اگے ای سٹ،
پھال ٹھلے، اگے ای سٹ۔ (کہاوت)
اگے: اوغ، هر جي ڪلهي ۾ هرنهه کي ڳنڍيندڙ ڪلي. پھال: ڦار، ڪلهو.
هَرُ، ٻن ڪاٺين مان جڙندو آ. هڪ هرنهه ۽ ٻيو ڪلهو/ ڦار. ڪلهي جي پاڪي ۾ هرنهه جي ڇهنب پوندي آ. پار ٽيل هرنهه جي ڇهنب ۾ سوراخ ڪيدي، ڪِلي ٺوڪبي آ ته جيئن ڇهنب سُک هجي. ڏاندن جي زور تي، هَرُ الڙي پوندو آ. هرنهه جي ڇهنب واري ڪليءَ کي ٺوڪي، وري مضبوط ڪبو آ. لچڪ ڪلهي ۾ هجي يا هرنهه ۾، پر نوڪ وارو ڏک، ڪليءَ کي لڳندو آ.
مطلب: ١. هرنهه ڍري ٿئي ته به نوڪَ ڪليءَ کي،
ڪلهو ڍرو ٿيو ته به نوڪَ ڪليءَ کي.
٢. ہل ٹھلے اوغ سٹ، اوغ ٹھلے اوغ سٹ۔
٣. هر ڍرو ته به نوڪ ڪليءَ کي، ڪلي ڍري ته به نوڪ ڪليءَ کي.

٦٩٥ . ہمسائے، پیئو جائے۔ (کہاوت)

پاڙي جو وڏو، پيءُ برابر. جيئن پنهنجي وڏن جي عزت ڪجي ٿي، تيئن پاڙيسريءَ جي ڪجي. جيترو پوڙهي پيءُ ماءُ جو حق آ، اوترو پاڙيسريءَ جو پڻ آ. پاڙيسريءَ جو، پيءُ ماءُ وارو احترام ۽ ادب ڪجي.

مطلب: ١. پاڙو: ابي جي جاءِ.

٢. پاڙو: ابو-اما.

٦٩٦ . ہنے نی گل، ہنے نال- (ڪهاوت)

اٽيل/اسريل معاملو، هاٽي نہ نبيريو تہ پوءِ نبيرڻ ڏکيو ٿي ويندو. جيئن جيئن وقت پوندو ويندو، تيئن تيئن سُٽ موڙهندو ويندو، تنهنڪري هاٽي جي معاملي کي، هاٽي نبيري ڇڏجي.

مطلب: ١. هاٽيءَ جي ڳالهہ، هاٽيءَ سان.

٢. اڄ جون ڳالهيون، اڄ سان.

٣. رات گئي، بات گئي.

٦٩٧ . ہولی لالاں، دینی چھلاں- (ڪهاوت)

ہولی: هلڪي. لالاں: ليلي، رڍ. دينی: ڏئي. چھلاں: ڇلانگ، ٽينگ ٽپا.

مينهن ڳؤري آ، آهستي آهستي هلندي. رڍ، هلڪي آ، پئي ٽينگ ٽپا ڏيندي. ٽپا ڏئي، ٽڪڙي نڪتي پئي ويندي. ماڻهو ڳؤرو آ، آهستي هلندو. پولڙو، هلڪو ڦلڪو آ، گيلاٽيون ۽ قلابازيون ڏئي اڳ ڪڍي ويندو.

مطلب: ١. هلڪي رڍ، ٽينگ ڏئي.

٢. مينهن هوريان هلي، رڍ ٽينگ ٽپا ڏئي.

٦٩٨ . ہونیں نی، ساری گل ای- (ڪهاوت)

پئسي وغيره جو هئڻ، وڏي اهم شيءِ آ. وسائل جي هئڻ سان خيال ۽ سوچ ۾ ڦيرو اچي ٿو. رٿائون ذهن ۾ جاڳن ٿيون. رستا ۽ راهون، نڪري نروار ٿين ٿا. منزل تي پهچڻ، آسان پيو نظر ايندو.

مطلب: ١. هوند جي، سڄي ڳالهہ آ.

٢. هوند تي هونگر آ.

٣. پئسي سان، پر لڳيو وڃن.

٦٩٩ . ہیک تھکے چ، دو تلواراں نئیاں سمائی سکنیاں۔ (کہاوت)
تھکے؛ مياڻ.
مياڻ، تکي تلوار کي، بي ضرر ڪرڻ ۽ هٿيڪو رکڻ لاءِ هوندي آ. مياڻ نهندي، تلوار جي ساخت سارو آ. ان ۾ بي ساخت جي تلوار يا هڪجهڙي ساخت جون ٻه تلوارون رکي نه سگهبيون.
مطلب: ١. هڪ مياڻ ۾، ٻه تلوارون نه ماپن.
٢. دو تلواراں، ہیک تھکے چ نیاں میٹنی سکنیاں۔ (کہاوت)
٣. ٻه تلوارون، هڪ مياڻ ۾ ڪين مائين.
۴. هڪ عورت جا، هڪ ئي وقت، ٻه مڙس نه ٿا ٿي سگهن.

٧٠٠ . ہیک چپ، طہ سو سخ۔ (کہاوت)
زبان سان مدعا پيش ڪجي ٿي. ٻاڙا لفظ ٻه ان مان نڪرن، جيڪي معاملا بگاڙين. چڱا ٻه ان مان نڪرن، جيڪي دليون ٺارين. سيني کي سٺا لفظ ڪڍڻ جو فن نه ايندو آ. ان صورت ۾، صبر ۽ چپ ۾ ئي سوين سک آهن.
مطلب: ١. هڪ چپ، سؤ سک.

٧٠١ . ہیک در بند، سو کھلے۔ (کہاوت)
گذر سفر جا، سوين رستا ۽ راهون آهن. جن تي هلي، زندگي گهارجي ٿي. منجهانئن اگر هڪ اڌ در بند ٿئي ٿو ته ٿڌي تي سوين ڪليو وڃن.
